لوڪ ادب جي سلسلي جو پنجٽيهون ڪتاب

## مشهور سنڌي قصا-8

# عشقيه داستان: ڍول مارو

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لوڪ ادب سلسلي جو پنجٽيهون ڪتاب

# مشهور سنڌي قصا _ 8

# عشقيه داستان: ڍول مارو

مرتب


**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

صدر شعبه تعليم سنڌ يونيورسٽي

ڊئريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

2020ع

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو پهريون سال 1969ع تعداد 1000

ڇاپو ٻيو فيبروري 2020ع تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ روپيا

[Price, Rs: 400_00]

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهڻي ڇپيو ۽ سڪندر علي شاهه، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي ”لوڪ ادب“ جي اشاعت سنڌي ادبي بورڊ جي بنيادي ۽ اهم رٿائن مان هڪ آهي ۽ اِهو اهم ڪم سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي سونپيو ويو، جنهن پنهنجي ڪارآمد راءِ ۽ گرانقدر رهبريءَ هيٺ جنهن عرق ريزيءَ سان ”لوڪ ادب“ تي محنت ڪري هيءُ اهم ڪم سرانجام ڏنو آهي، سو ته پڙهندڙ پاڻ ئي ملاحظہ ڪري سگهن ٿا.

سنڌ جي عشقيہ داستانن مان ڏول مارو جو داستان لوڪ ادب سلسلي جو پنجٽيهون ڪتاب آهي؛ جنهن تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب تحقيقي مقدمو لکيو آهي ۽ ڪتاب ۾ پاڻ سڄي سنڌ جا اٽانگا سفر ڪرڻ دوران بُڌل روايتون ۽ سنڌ جي سُگهڙ شاعرن جا بيت سهيڙي سنڌ جي اَملهہ خزاني کي منظرعام تي آندو آهي.

هِن ڪتاب جو پهريون ڇاپو آگسٽ 1967ع ۾ شايع ڪيو ويو. ڪتاب جي گهرج کي مدنظر رکندي، هاڻي اُن جو ٻيو ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ صاحب جي خصوصي هدايتن تحت شايع ڪري پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي ته، اسان جي هيءَ ڪاوش ادبي حلقن سان گڏوگڏ مانائتن سُگهڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

23- جمادي الثاني 1441هه
18- فيبروري 2020ع

سيد سڪندر علي شاهه
سيڪريٽري

فهرست

## ڀاڱو پهريون


روايت [1] شاهه جو رسالو: سُر ڍول مارو........................ 16
روايت [2]........................................................ 20
رسالو خليفي صاحب جو: سُر ڍول مارو................ 21
روايت [3] وچولي ۽ لاڙ جي ڳالهه................................ 25
روايت [4] اُپرندين ٿر جي ڳالهه..................................... 38
روايت [5] تعلقي ساماري جي ڳالهه................................ 73
روايت [6] تعلقي کپري جي ڳالهه................................... 86
روايت [7] تعلقي سنجهوري جي ڳالهه.............................. 108
روايت [8] تعلقي عمر ڪوٽ جي ڳالهه.............................. 115
روايت [9] ٿرپارڪر جي ڳالهه....................................... 124


## ڀاڱو ٻيو


ڍول مارو جو ٻاهريون قصو......................................... 129
روايت [1] پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي جي لکيل ڳالهه.............. 130
روايت [2] گجراتي ڪتاب تان ورتل ڳالهه.......................... 221

# مهاڳ

سنڌ جي ’لوڪ ادب‘ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز سن 1955ع ۾ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي سامهون رکي وئي، جا 1956ع جي آخري ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته جيئن ڏنل هدايتن موجب، ڀڙ ڀاڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾ (سنڌي لغت آفيس) سان گڏ ( لوڪ ادب) جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي، ورهائي، پيٽي صاف ڪري ڇپائڻ لائق بڻائين.

پهريان ٻه سال، 1957ع ۽ 1958ع، لوڪ ادب جو مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اتاريو ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڳي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڳي بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال 1959ع کان شروع ڪيو ويو.

هٽ ٻه ڳالهيون واضع ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن. مثلاً مداحون، مولود، ٿيہ اکريون، ڪافيون وغيره، پر جيئن تہ اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي يعني 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگي جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهو ئي آهي، جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حدِ فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو تہ هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نہ ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو 'سڄو' ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ، 'جڻ' اٿاهہ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو جو ناممڪن آهي. البتہ جو ڪجهہ مواد گڏ ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد تہ آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، پر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن.

اول تہ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي سن 1956ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي پاڻهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهريون ڪرڻ ۾ پنهنجي طرفان هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طرح سان هي ڪتاب لوڪ ادب سلسلي جو پنجٽيهون ڪتاب آهي، ان جو بنيادي مواد جولاءِ 1958ع تائين گڏ ٿيو سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيتي، ترتيب ڏئي جون 1965ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو. مسودي جي آخرين تصحيح سان صاف ڪاپي، جا هن وقت (جولاءِ 1968ع) ڏاري پريس ۾ موڪلجي ٿي، سا هن کان گهڻو اڳ ڇپجي وڃي ها. مگر بدقسمتيءَ سان لوڪ ادب تجويز کي پورو ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پئجي ويئي ۽ هن ڪتاب جي اشاعت پڻ روڪجي ويئي. 25- اپريل 1968ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ (تمغہ پاڪستان) جي سفارش تي،سنڌي ادبي بورڊ وري لوڪ ادب تجويز کي پايہء تڪميل تي پهچائڻ جوفيصلوڪيو ۽ اها ذميواري بنده کي سونپي. باوجود انهن تڪليفن جي، جيڪي هڪ مخلص ڪارڪن کي پهچن ٿيون ۽ جيڪي راقم کي پڻ 'لوڪ ادب' جي خدمت ڪندي سهڻيون پيون، بنده هي ڳرو بار ٻيهر پنهنجن ضعيف ڪلهن تي کنيو انهيءَ لاءِ تہ سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي جيترو ٿي سگهي، اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب تجويز"کي مڪمل ڪيو وڃي.

'ڍول - مارو' ڳالهه بابت معلومات گڏ ڪرڻ ۾ جن سگهڙن ۽ (سڄڻن) ڀهرو ورتو، تن ۾ پروفيسر جهمٽ مل کوبچند ڀاوناڻي جو نالو ذڪر قابل آهي. هن صاحب سن 1956ع ۾ هن ڳالهه جي هڪ روايت ممبئي مان شايع ڪئي ۽ پوءِ جڏهن کيس خبر پئي ته بورڊ جي 'لوڪ ادب تجويز' هيٺ ڳالهه بابت وڌيڪ مواد گڏ ٿي رهيو آهي ته مهرباني ڪري پنهنجي ڇپايل ڪتاب واري متن کي وڌيڪ درست ڪري ۽ پڙ ڪي بيا نوان دوها هٿ ڪري موڪليائين، جن جي بنياد تي هن ڪتاب جي 'پاڱي ٻئي' هيٺ ڀهرين روايت کي مرتب ڪيو ويو آهي.

بورڊ جي نئين اعزازي سيڪريٽري، ڊاڪٽر اسد الله شاهه حسينيءَ، 'لوڪ ادب تجويز' کي نئين سر جيارڻ ۽ هن ڪتاب کي جلدي ڇپائي شايع ڪرڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي، جنهن لاءِ آءٌ سندس ٿورائتو آهيان. مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا ۽ محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اُتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو ۽ محترم محمد اسماعيل شيخ ان 'سڄي' ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪتاب جي مسودي کي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاء، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

خادم العلم
**نبي بخش**

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
1 - مئي 1968ع

# مقدمو

’ڍول- مارو‘ جو مذڪور سنڌ ۾ مشهور آهي، مگر سنڌ جي ٿرپارڪر ۽ لاڙ وارن پاڱن ۾ عام مروج ۽ مقبول آهي. ازانسواءِ هن قصي جو ٻڙ هڪ طرف جوڌپور ۽ جيسلمير طرف تہ ٻئي طرف مارواڙ ۽ ڪڇ تائين پکڙيل آهي، ۽ ان جو پڙاڏو اجا بہ اڳتي راجپوتانا ۽ پنجاب وارن خِطن تائين پهتو ۽ ’ڍولا‘ لوڪ گيتن جو سرچشمو بڻيو.

هن قصي ۾ ’ڳالهہ‘ توڙي ’ڪهاڻي‘* وارا ٽاڻا موجود آهن. ڍولو ۽ مارو هن ڳالهہ جا مرڪزي ڪردار آهن، جن جا ماڳ مڪان بيان ٿيل آهن، پر انهن انساني ڪردارن کانسواءِ هن قصي ۾ ’ڪهاڻي‘ جا اهڃاڻ پڻ سمايل آهن، جو جانور ’اٺ‘ ۽ پکي ’ڪونجون، هنجهہ‘ پڻ ڳالهائين ٿا. هن ڳالهہ جي ايرنديين ٽر واري روايت [4] تي خاص طور ڏند ڪٿا ۽ ڪهاڻيءَ جو رنگ چڙهيل آهي. ’ڪهاڻي‘ ۽ ’ڳالهہ‘ جي انهن گڏيل ٽاڻن مان گمان نڪري ٿو تہ ٻين ڳالهين جي پيٽ ۾ هيءَ ڳالهہ نسبتا آڳاٽي دور ۾ اُسري.

سنڌ ۾ هيءَ ڳالهہ ’اڄ‘ کان اڍائي سو ورهيہ اڳ عام مقبول هئي، ڇاڪاڻ تہ ’شاهہ جي رسالي‘ ۾ ’سر ڍول- مارو‘ جي عنوان سان هن ڳالهہ جي ڳاهن وارا بيت قلمبند ٿيل آهن، جي غالبا ڀٽائي صاحب ٻڌا ۽ بعد ۾ پنهنجن ڪچهرين ۾ پاڻ پڙهيا، ۽ فقيرن پوءِ لکي رسالي ۾شامل ڪيا. گذريل صدي ۾ خليفي نبي بخش صاحب هن داستان کي ڳايو ۽ ’اڄ‘ تائين هيءَ ڳالهہ سنڌ جي سانگهڙ، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ سگهڙن وٽ هلندڙ آهي. هن ڪتاب جي مواد کي سهيڙڻ وقت، ’شاهہ جي رسالي‘ ۽ ’خليفي جي رسالي‘ کانسواءِ پڻ هن ڳالهہ جون ست ٻيون روايتون اٿن

---

* ’ڪهاڻي‘ ۽ ’ڳالهہ‘ جي فرق لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جي 25 ڪتاب جو مقدمو.

ضلعن مان مليون، جي هن ڪتاب جي شروع ۾ 'پهرين ياڱي' هيٺ ڏنيون ويون آهن.

سنڌ کان ٻاهر وارين روايتن مان هڪ پروفيسر جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي(بمبئي) جي گڏ ڪيل ۽ ٻي مسٽر منگهارام اوجها (ننگرپارڪر) جي گجراتي ڪتابڙي تان ترجمو ڪيل، ڪتاب جي 'ٻئي ياڱي' هيٺ ڏنيون ويون آهن.

مختلف روايتن ۾ ڳالهه جي سٽاء بابت جيتوڻيڪ ٿورا گهڻا اختلا ف آهن، پر ڳالهه جو 'ٺُرُ' ساڳيو آهي: يعني، ته ٻه خاندان قسمت سان اچي گڏجن ٿا، جن مان هڪ جي گهر ۾ پٽ ۽ ٻئي جي گهر ۾ ڌيءَ 'ڄمي' ٿي، جن جو ٻال جتيءَ ۾ مڱڻو يا پرڻو ڪيو وڃي ٿو ان بعد اهي خاندان هميشہ لاءِ هڪٻئي کان جدا ٿي وڃن ٿا، تان جو ڇوڪرو ۽ ڇوڪري جوان ٿين ٿا، ڇوڪري کي هڪ ٻي ڇوڪري پنهنجي دام ۾ ڦاسائي ٿي ۽ ڪيس پنهنجي اصل ڪنوار وسري وڃي ٿي، پر وني پنهنجي 'وَرُ' کي نئين وساري ۽ ڏانهنس پنهنجي حسن ۽ جواني جي اهڃاڻن وارا پيار ڀريا پيغام موڪلي ٿي، ۽ بالآخر ور کي پنهنجي ونيءَ جي محبت ۽ صداقت جو احساس ٿئي ٿو ۽ هو اچي ساڻس ملي ٿو.

روايتن جي اختلافن جا هيٺيان پهلو البت اهميت رکن ٿا:

(1) 'ڍولي' جو نالو قدري اختلاف سان ڍول، ڍولو ڍوليو يا ڍولا اچي ٿو پر يارهن مان ستن روايتن ۾ اهو نالو 'ڍولو' ملي ٿو جنهن جي ٻي صورت 'ڍولا' آهي. مارو جو نالو مختلف روايتن ۾ (مارو، مارئي، ماروئل، مارل ۽ ماروڻي) اچي ٿو جن مان مارو فقط چئن روايتن ۾ ملي ٿو ۽ ان جي برعڪس چئن روايتن ۾ 'مارئي' ۽ چئن ۾ 'ماروئل' ملي ٿو. يعني ته 'مارئي' يا 'ماروئل' نالو وڌيڪ روايتن ۾ ملي ٿو.

(2) ڍولي جي ماڳ ملڪ بابت روايتن ۾ اختلاف آهي. پنجن روايتن موجب ڍولي جو پيءُ 'نروورديس' يا 'نرور گڏ'، مارواڙ جو هو. ٻن روايتن موجب هو ڪڇ ملڪ جو هو. مگر ڪپري ۽ عمر ڪوٽ تعلقن مان مليل ٻن روايتن موجب ڍولي جو پيءُ 'ڍٽ' (سنڌ جو ڀاڱو) جو والي هو. شاهہ جي رسالي ۾ قلمبند ٿيل بيتن مان پڻ هڪ اهڙو اشارو ملي ٿو ته ڍولو 'ڍٽ' جو هو. چاڪاڻ ته مارو هڪ ڍاڍي (ڍٽ جي رهاڪو) قاصد کي چوي ٿي ته: اي ڍاڍي! جي توکي ڍولو ملي ته کيس هي نياپو ڏج ( ڍاڍي جي ڍول ملي - الخ.)

(3) اهڙيءَ طرح 'مارو' (مارئي يا ماروئل) جي وطن بابت پڻ روايتن ۾ اختلاف آهي. ڇئن روايتن موجب مارو جو پيءُ پونگل ديس يا پونگل گڏ (مارواڙ) جو هو پر پنجن روايتن موجب ته هو ٿر يا ڍٽ جو هو. خليفي نبي بخش صاحب جهڙي جهان ديده درويش پنهنجي بيت ۾ صاف چيو آهي ته: "ڍولو نرور سيرين، مارو پاس ٿرين". يعني ته مارو ٿر ۾ آهي. 'وچولي لاڙ جي روايت' موجب ته مارئي ٿر جي والي، 'پڳر پهنوار' جي ڌيءَ هئي. تعلقي عمرڪوٽ مان مليل روايت موجب مارل جو پيءُ ڍٽ جو هو. 'شاهہ جي رسالي' ۾ قلمبند ٿيل بيتن مان پڻ هڪڙي ۾ 'مارو' ڍولي کي 'رڻمل سوڍي' سان تشبيهہ ڏني ٿي. ٻاهران مليل ٻن روايتن مان جيڪا 'گجراتي' مان ترجمو ڪيل آهي، تنهن ۾ پڻ ماروئل جي پيءُ کي جاڙيجو(سمو) سڏيو ويو آهي ۽ سندس شهر 'پنگل گڏ' کي ٿر ملڪ جو ڪري ليکيو ويو آهي. مٿين اختلافي ڳالهين ۽ اهڃاڻن کي سامهون رکندي گمان نڪري ٿو ته شايد هيءَ ڳالهہ سنڌ جي ٿرپارڪر واري ڀاڱي ۾، پريان مارواڙ واري ملڪ جي گڏيل ايراضين ۾ اُسري، جو انهن ٻنهي ايراضين جا ڳاٽا ۽ اهڃاڻ هن ڳالهہ ۾ نسبتا وڌيڪ سمايل آهن.

اڳ بيان ٿي چڪو آهي ته هن ڳالهہ جي مليل روايتن ۾ (مارو) کان وڌيڪ 'مارئي يا ماروئل' جو نالو اچي ٿو. ٻيو ته ٿر ۽ ڍٽ جا اهڃاڻ پڻ هن

ڳالھ ۾ موجود آھن، تنھن ھوندي بہ ڪم از ڪم چئن روايتن ۾ ھن ڳالھ جي پڇاڙيءَ ۾ ھيءُ مذڪور اچي ٿو تہ مارو يا مارئي کي ٻيو ھڪ شخص کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جنھن جو نالو سنڌ کان ٻاھران مليل ٻن روايتن ۾ "اومرا رايا" (ص 224) يا "امرو سومرو" (ص 254) آھي ۽ سنڌ مان مليل ٻن روايتن ۾ 'عمر سومرو' (ص ص 24 ۽ 66) ڪري ڄاڻايل آھي. اھي ٽاڻا ھن ڳالھ توڙي 'عمر- مارئي' واري سنڌ جي مشھور ڳالھ ۾ مشترڪ آھن. جيڪڏھن 'ڍول- مارو' جي ڳالھ وڌيڪ آڳاٽي آھي تہ ائين وسھڻ لاءِ سبب ٿيندو تہ ان ڪھاڻيءَ جو عڪس پوءِ 'عمر- مارئي' جي ڳالھ تي پڙ پيو.

ن- ب

# ڏول-مارو جو سنڌي قصو

[هن قصي جون جملي نَو(9) روايتون هيٺ ڏنيون ويون آهن، جن مان پهريون ٻه روايتون "شاهه جي رسالي" ۽ "خليفي نبي بخش جي رسالي" تان ورتل بيتن تي مشمل آهن ۽ باقي ست روايتون نثر ۾آهن، جي مختلف سگهڙن جي زباني قلمبند ڪيون ويون آهن.

هن قصي جي مجموعي طور سٽاءُ هن ريت آهي:

"ڏوليي" جي ملڪ ۾ ڏڪار پوڻ ڪري، ڏوليي جو پيءُ پنهنجي بادشاهي ڇڏي، عيال ۽ رعيت سميت ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ لڏي ويو اتي جي راجا کي "مارئي" نالي ڌيءَ هئي. ڏولي ۽ مارئيءَ جي ننڍي هوندي ئي شادي ٿي، ڏولو جلد ئي پنهنجي ملڪ موٽي آيو وڏو ٿيو ته ٻيءَ هڪ چالاڪ عورت مٿس موهت ٿي، ڪيس پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو ۽ اهڙو بندوبست رکيائين، جيئن مارئيءَ جي ملڪ جو ڪوبه ماڻهو ڏولي سان ملي نه سگهي. مارئيءَ کي جڏهن ڏولي سان پرڻيل هجڻ جي خبر پئي، تڏهن هڪڙو مڱڻهار قاصد ڪري موڪليائين، جنهن چالاڪيءَ سان ڏولي کي مارئيءَ جي حقيقت کان واقف ڪري سنڌس پيغام پهچايو. ڏولي اٺ تي سوار ٿي، مڱڻهار سان گڏ، مارئيءَ جي ملڪ ڏانهن ڪاهيو ۽ وڃي مارئيءَ سان مليو.

شامل روايتن ۾، قصي جي انهيءَ بنيادي سٽاءَ کانسواءِ ڪردارن جي نالن توڙي واقعن ۾ قدري اختلاف آهن، ۽ جيئن ته اهي روايتون مقامي طور جدا جدا هنڌن تي عام رائج آهن، تنهن ڪري اهي سربستيون هتي قائم رکيون ويون آهن.]

## روايت [ 1 ]

# شاهہ جو رسالو: "سر ڏول- مارو" جا بيت*

رسالي ۾ ڏنل ( سر ڏول- مارو) قصي جي بيتن مان هن قصي جا هيٺيان اهڃاڻ ملن ٿا: ڏولو 'نَروَرَ' شهر جو ويٺل هو. مارئيءَ ۽ ڏولي جو ٻالڪپڻ جو نينهن هيو پر ڏولي، مارئي کي وساري ڇڏيو هو. جڏهن مارئي جوان ٿي، تڏهن خواب ۾ ڏولي کي آيل ڏسي ڇرڪ پري اٿي تہ پلنگ جي اِيس پڇي پئي. تڏهن ڪونجن جي قطار کي ڏولي ڏانهن نياپو ڏيڻ لڳي. آخرڪار قاصد هٿان ڏولي ڏانهن چوائي موڪليائين تہ اي ڏولا! تو جيڪا مارئي ننڍڙي ڏٺي هئي، سا هينئر جوان ٿي آهي، سندس سونهن تي پکي بہ حيران آهن. هاڻي وڌيڪ تنهنجي جدائي سهي نٿي سگهي، تون اڄ ۽ پنهنجي مارئيءَ کي اچي مل!

شاهہ جي رسالي ۾ سر ڏول- مارو واري ڳالهہ جا اهڃاڻ.

1- اتر واءُ ڪِرَنديءِ پِهلي موسم مينه
ٻالاپڻ جو نينه، ڏولا! ڇِم وسارِيين.

[(جڏهن اتر واءُ گهليو هو ۽ مينهن جي پهرين موسم هئي!
اي ڏولا، ننڍپڻ وهيءَ وارو نينهن مٿان وسارين.]

2- اُتر ديسان آڻٽيان، ڏکڻ ساوٽيان
ڏولو نَرورَ سيريين، ڏَڻ پيڪر ڪڙيان[(1)]،
پُڇو ڪُونجڙيان، ڪونَ هِياري سڄڻين.

[اتر طرفان ( ڪنوٽيون گوڙيون) اچن ٿيون ۽ ڏکڻ ڏس تي ساوڻ ڪن ٿيون. (انهيءَ منڌ) ڏولو (نرور) شهر جي گهٽين ۾ پيو گهمي تہ سندس ناري

---

* "رسالو شاهہ پتائي جو" بمبئي ڇاپو. مطبع صفدري بمبئي، سن 1306هہ

(1) اصل. ڏڻ پڪر.

جي ٻنهي هٿن ۾ ڪڙيون آهن: ڪونجڙين ڪان تہ پڇو تہ ڪهڙي (سڄڻ) جي سڪايل آهي.]

3ـ ڪُونجان رات ڪريڙوَ تولين تولين تِيس[1]
سُتي ڍولَ سَنيروُ اُرلي پاڳي اِيسِ.

[رات ڪونجن ڪرڪيو تولي تولي ۾ ٽيهہ هيون. تڏهن ننڊ ۾ ڍول جي ياد آئي، ۽ اُرهہ جي زور سان ڪٽ جي اِيس پڄي پئي.]

4ـ ڍاڻي! ڍولُ مِلي تہ ڍولاڻين ڪهيج
ڪرسڻ پڪو ڪڻ چِٽي، لاٿو آپ ڪريج.[2]

[اي ڍاڻي قاصد! جي ڍول گڏجئي تہ ان ڍولي کي چئجان تہ ڪرسڻ گاهہ پڪو آهي ۽ داڻا تو چاٽي، تون پاڻ اچي لاباروڪج.]

5ـ ڍاڻِي! جي ڍول مِلي، تہ ڪِهڙِي سيڻان لج[3]
اَکيان ڪاجَلَ موهِيان، تِلڪ ڪِسِي پَر پَيج[4]
پُهَپ بَند پهوڙيين، اوسَٽ اج.[5]

[ڍاڻي! جي ڍولو ملئي تہ سڄڻ ڪان ڪهڙي (لج) آهي، (حال چئي ٻڌائجان تہ) اکيون ڪجل موهيون آهن ۽ هڪ تر بہ توکان پري رهيو نٿو ٿئي. تنهنجي محبت ۾ بند ٽيل مکڙي اج کُلي تہ کِلي.]

6ـ ڏينيوُ لَکَ مَنَا ٿَسڪَرَ جيسي ٿڪ[6]
سَروسَ سَنيهَڙو مــارُو پِهہ سين لـــڳہ[7]

[لکين ڏينيو مونکي چور وانگر تڪيو بيٺا آهن. پر منهنجو تن من ۽ ڌن (سروسو) محبت سان (سنيهرو) پنهنجي ڍول راجا سان آهي.]

7ـ اُرهِہ سَٽگا، نَين سُرَنگا، ڏند تہ ٻتيهہ ٻاڻ[8]
ڍول ٿُماري مارئِي جَيسِي هَنج گت جاڻ.[9]

---

[1] اصل. بيس (2) اصل. ڪڻ چٽيو (3) اصل. سئن لج (4) اصل. پربگ (5) اصل. پہ پہ بند...لڳہ
(6) اصل. سرو سسو نيسرو مارو پاسي،لڳ (7) اصل. لک مناڙ (8) اصل. ارهہ سٽگا، نينهن سپون
(9) اصل جيين سا هنج ٽيان

[اُرهه اُپريل، اڪيون سهڻي رنگ، ڏند سنها سهڻا ڇڻ ٻنيهه نيزا آهن. اي ڍوليا! تون پنهنجي مارئي هنجهه مثل ڇاڻ]

8- آمان پڪا آمِيان، وَڻَ پڪا وَڻيان
گوري گات سَڀ پڪا، رَس وَهي نيڻان [1]

[انب آما پڪا ۽ سڀ وڻ پچي تيار ٿيا آهن. گوريءَ جي بدن جا سڀ ڦل پڪا آهن ۽ نيڻ مد پريا آهن.]

9- اُرههُ سُرَنگا، نينه سِپيا، نَينَ تہ ونگٽ ونگ [2]
ڍولَ ٿماري مارئي، هٽي ٻاڻ نهنگ
ماري مُندّ نسنگ، چاڙهي سِيگ مَلڪ جين.

[اُرهه سهڻي رنگ، نينهن سرجيو آهي ۽ نين ڏنگا ونگا آهن. اي ڍوليا! تنهنجي مارئي ڪي مجاز تير پيو هٽي. بادشاهن جان ڪمان ڪشي پيو نروار منڌ ماري]

10- اُرهه سُرَنگا، نينهه سِپيا، نين تہ منجهو منجهه [3]
ڍول ٿماري مارئي، هٽي ڪرندا هنجهه

[اُرهه سهڻي رنگ، نينهن سرجيو ۽ اڪيون اڪين ۾ آهن. اي ڍوليا! تنهنجي مارئي ٻوليندڙ هنجهه پئي ماري]

11- سيٿَ پٽائي پاتِلِي ، ڏوٻو ڏاڄ نہ ڪاءِ
ڪنوَر جَيسِي ڪامڻي، هاٿ لڳي مَرجاءِ [4]

[رَسي مثل سنهي ۽ ورور ۽ (ايترو نازڪ جو) لَپ آن (جيترو ڪاڌو) بہ نہ ڪائي. ڪنول جي گل جهڙي نازڪ، جو هٿ لڳي تہ ڪومائجي.]

12- رَمُون نانہِ نِسنگ، رَم اُرأر سين لاءِ [5]
ڦُلان پَري تارڙي، پنوران پَڳِي نَہ جاءِ [6]

[آءِ اڪيلي سر نہ کيڏنديس، پر ڇاتي ڇاتي سان لائي کيڏنديس. گلن پري تارڙي، پوُنرن جي ويهڻ سان ڪانہ (پڇندي).]

---

[1] اصل. گرجن سڀ پڪا (2) اصل. اُرهہ سُونگا انهن نہ سپيان (3) آرهہ اُرسنگا نينهن سپيان. (4) اصل. ڪر پر جيسي (5) اصل. اُڙ اُڙسين (6) اصل. پورا پڳي الخ

13 ـ ڍولا ! مارئي اَيسِي پاتِلي، جَيسِي ريڻ کجُور [(1)]
مُونـه مِينِي، گُڻَ گهَٽي، توکِين چَڍِي دُور.

[اي ڍوليا! تنهنجي مارئي اهڙي تہ نازڪ سنهڙي آهي، جهڙي ( راٽي جي ميوي) جي وڻ (ريڻ) جي شاخ. پڻ جا ڳالهائڻ جي مني ۽ گهڻن گُڻَن واري آهي، سا توکيئن ڏور چڙي آهي!]

14ـ اُيي سُورج سامُٺِهي، مَتُو پَري ميٺ
تاسِ پُنبٽين پيٺَ، هيم — ورني مارئي. [(2)]

[ميٺ پريل متي سان سج سامهون بيٺي آهي. سندس ( تاس پيٺ ڪپهہ جي پُوٽي مثل هلڪو نرم ۽ نازڪ آهي ۽ مارئي (پاڻ سڄي) سون ورني آهي.]

15ـ ساجِي تِيان سيگُڙيه رِٺمَلُ هاٿ ڪَري
وُڙهندي سِرُ ويريين، ڪوڏِ ڪَسيسَان ڏي [(3)]

[مارئي ٿي چوي تہ ) آءُ سهڻي سينگاريل ڪماڻ ٿيان جيئن منهنجو پهلوان سوڍو مون کي هٿ ۾ کڻي ۽ ويرين ساڻ وڙهندي ڪوڏ سان ڇڪون ڏئي.]

---

(1) اصل. ريڻ کجرو (2) اصل طاس پنبٽين (3) سرِ سرِ ويرسين

## روايت [ 2 ]

خليفي صاحب جي بيتن مان هن قصي جا هينيان اُهڃاڻ ملن ٿا:
ڍولو "نرور" جو ۽ مارُو "ٿر" جي ڇوڪري هئي. ننڍپڻ جو نينهن هئن. ننڍي هوندي ئي جدا ٿيا. ڍولي کيس بلڪل وساري ڇڏيو هو پر مارو سندس واٽ ڏسندي خط ۾ لکي، ڪانگ جي هٿان ته پنهنجي حسن ۽ بيقراريءَ جو بيان خط ۾ لکي، ڪانگ جي هٿان، ڍولي ڏانهن موڪليائين. ماروءَ جو خط پڙهي، ڍولي کي ماروءَ جي اهڙي ته سڪ ٿي جو اُٺ تي چڙهي ماروءَ ڏانهن هليو. اُٺ کي پيرن ۾ ڪڪرا پيل هئا ۽ مهار به ڇڪيل هئي، تنهنڪري تِکو نٿي هلي سگهيو. اصل ۾ هڪ مالهڻ، ڍلولي کي پنهنجي دام ۾ گرفتار ڪيو هو اُن کي اها به خبر هئي ته ڍولو ماروءَ سان پرڻيل آهي، سو جڏهن ڍولي کي ماروءَ جو قاصي مليو ۽ حقيقت معلوم ٿيس، تڏهن ماروءَ ڏي وڃڻ لاءِ سنيريو. مالهڻ کيس گهڻوئي روڪيو پر ڍولو نه رهيو. تڏهن هن اُٺ جي پيرن ۾ ڪليون هڻي ڇڏيون، انهيءَ لاءِ ته اُٺ مَندو ٿي پيو ۽ ڍولي کي ماروءَ تائين نه رسائي سگهي. ڍولي جڏهن اُٺ جي مهار ڇڪي، تڏهن اُٺ چيس ته: منهنجي پيرن مان ڪِليو ڪڍ ۽ پوءِ مهار ڍري ڇڏي ڏي ته آءٌ توکي پل ۾ هلي ٿو ماروءَ تائين رسايان. ڍولي ائين ڪيو ۽ پوءِ اُٺ جا پير، هوا سان همقدم ٿي ويا ۽ تمام جلدي پنجاسي ڪوهه ڳتي اچي ماروءَ جي اڳڻ تي پهتو.

ماروءَ کي جڏهن ڍول جي اچڻ جي سُڌ پئي، تڏهن ڏاڍي خوش ٿي ۽ خوشيءَ خوشيءَ پنهنجي مڙس لاءِ سيج وڇايائين ۽ چؤطرف خوشيون ٿي ويون.

--

## رسالو خليفو نبي بخش صاحب، سر ڍول- مارو*:

1ـ ڍولو نَروف سيريين، مارُو پاس ٿرين،
قاسم ٿر ٻاٻڙا، آڙهر پياس مَرين،
گوري جوئي ٻانڙِي، تون ڍولا آو گهَرين.

[ڍولو نرور شهر جي گهٽين ۾ واٽن ۾ پيو گهمي ۽ مارو ٿر جي پاسي آهي. ٿر ٻاٻيها آرهڙ جي لُک ۾ جهولي ۾ اُڃ وگهي پيا مرن. ڳوري (مارو) واٽون پئي نهاري تہ ڍولا! گهر ڏي اَچ.]

2ـ ڍولو نَروَ سيريين، مارُو ٿر رَمڪ،
گورِي جُوئي ٻانڙِي، اُوپِي ماٿي لَڪ.

[ڍولو نور شهر جي گهٽين ۾ واٽن ۾ پيو گهمي ۽ مارو ٿر ۾ پئي هلي. ڳوري(مارو)، لڪ جي مٿان بيٺي (ڍولي جي( واٽ نهاري).]

3ـ مارُو ماٿي ميندِيون، ڍولي مُنهن ۾ موڇ،
قاسم ڪيم بسارتان، ڍولا سون سَريکا سوچ.

[مارو جي مٿي تي ميندييون ڳتل آهن ۽ ڍولي جي منهن ۾ مڇ، ڍولي کي ڪيئن وساريان، جنهن جي ڇاتي سون جي رنگ جهڙي آهي.]

4ـ مارو ماٿي مينڊِيُون، ڍولي ماٿي مول،
ڍولا ٿارِي ماروئي، قول سَريکي تول.

[مارو جي مٿي تي ميندييون آهن، ۽ ڍولي جي مٿي تي مولهيو ڍولا تنهنجي مارو جي تور گل جيتري آهي.]

5ـ مارُو هاٿي مينڊڙِي، ڍولي هَٿ ڪمان،
ڍولو ماري مِرگڙا، مارُو لال جوان.

---

* "رسالو شاهہ ڀٽائي جو" (بمبئي ڇاپو). مطبع صفدري بمبئي، سن 1306هہ

[مارو جا هٿ مينديءَ رتا آهن، ۽ ڍولي جي هٿ ۾ تير ڪمان. ڍولو هرڻ تو ماري ۽ مارو سهڻا جوان ٿي ماري.]

6- مارُو هاٿي مينڌِڙي، ڍولي هاٿِ ترار،
ڍولو ماري ايڪ دو، مارُو لاک هزار.

[مارو جا هٿ مينديءَ رتا آهن. ۽ ڍولي جي هٿ ۾ ترار آهي، ڍولو هڪ- ٻه ماري، پر مارو هزارين لکين (پنهنجي حسن سان) ماريو ڇڏي]

7- مارُو مُونـه ۾ پيڙلو پان سوپاري کاءِ،
ڍولو نَروَر سيريين، اُڙ ڪانگا لي آءِ.

[مارو جي وات ۾ پان آهي ۽ سوپاريون پئي چٻي، ڍولو نرور شهر جي گهٽين ۽ واٽن ۾ پيو گهمي، اُڏام ڪانگا! (تنهن کي) وٺي آءُ.]

8- کوڏ، پُرَنٽ، باجِري، مونگ، جوارِي کاءِ،
قاسم ڪَنوَل ڪامِني، چوڏس چند "لَجاءِ".
کوڏ پرٽ، باجهري، مگ ۽ جوار کاءِ

[ڪنول جهڙي سهڻي 'مارو' چوڏهينءَ جي چنڊ کي "لجائي" ٿي.]

9- پانا جيسي پاتِلِي، قاسم ڪَنوَل رنگ،
اُوپِي آنگڻ تَڙقَري، جيم جُوئي نانگ پَوَنگ

[مارو پن جهڙي سنهي آهي، ڪنول جهڙو "اڇو" رنگ اٿس، اڱڻ تي بيٺي ڪر موڙي ۽ انتظار ڪري، "جڻ" تہ ڪاريهر نانگ "ڪارا وار" ڦڻ ڪڍيو پيو نهاري]

10- گم گم پائي گُونگهرا، جان التيو گيَند،
راهـ آنگڻ مارُو چَلِيَ، "جيم" پِيني بادَر چَند.

[ڇيريون ٻڌيو "پئي تلي"، "جڻ" تہ هاٿي پيو هلي، اڱڻ ۾ مارو ائين پئي هلي، جيئن پِڱل" وسندڙ" ڪڪر مان چنڊ چمڪي.]

11- مارُو اوتا اُوتري، ڪَڙيين لاوي ڪيَس،
ڇَتَر پَتيو راجيو جيم مارن چليو ديس.

[مارو اگھڻ تان لتي آهي، ۽ وار 'ڍگها' چيلهہ تي پيا لڳنس، راجا چِتر پتي 'چڻ' تہ ڪوملڪ فتح ڪرڻ لاءِ سنيَريو هجي.]

12ـ ڍولو آوي تو هَنس مِلُون، پائون پڙون مَين توءِ،
تُجهہ مِليگِي آبُرو پاڳ همارو هوءِ

[ڍولو اچي تہ ڪيس ڪلي ملان، ۽ توکي پيرين پوان
توکي عزت آبرو ملندي، ۽ پاڳ اسان جو ورندو.]

13ـ اُڙ ڪانگا لي جا تون، ڪاڳد ميرو آج،
قاسم ڪيم بسارتان، ڍولا لاک سَريکِي لاج.

[ڪانگا! اُڏامي وڃ ۽ "اج" منهنجو خط "ڪاغذ" کڻي وڃ،
ڍولي پنهنجي لکن جهڙي "لج" ڪيئن وساري آهي.]

14ـ ڍولي ڪاڳد وانچتي، "قاسم" لاگو باڻ،
ڪاڳد پڙهتي پڙگئي، مَن ۾ تاٽو تاڻ.

[ڍولي کي (مارو جو) خط پڙهندي "چڻ" نينهن لڳي ويو ڪاغذ پڙهڻ سان سندس منءِ ۾ تاٽو تاڻ مچي وئي.]

15ـ يک هووي تو اُڙ مِلُون، گڙتي مانجَم رات،
مارو سي باتان ڪرانَ، قاسم ياتو يانتہ

[جيڪڏهن ( مون کي) پر هجن تہ اُڏامي گذرندي پوئين رات (مارو سان) ملان، (۽) مارو سان قسم قسم جون ڳالهيون وچي ڪريان.]

16ـ اُڪنڊِئا تنگ تاڻِئا، مارُو چِت چڙي،
آڌي رات اوتار سان، سُوتي سيج پڙي

[سڪايل ڍولي (اُٺ جا) تنگ ڪشيا، جو مارو من تي چڙهي وئي هيس، آڌ رات جو وچي اتيو ۽ سيج سُتل چِڏيائين.]

17ـ "قاسم" ڪاڳر ڪاڍلي، ڏي مهارين ڍِيل
ڍول هماري پگ ۾ ڪِين سوڪ لڳايا ڪِيل.

[ڍولا! پيرن مان ڪکر ڪڍ ۽ مهارون ڍريون جهل. ڍول! اسان جي پير ۾ ڪنهن ڪشي ڪليون هنيون آهن.]

18- پاڳين ڪاڍي ڪاڪري، ڪَرهي لاڳي ڪام
گُڙتي مانجَم راتڙي، نَجرين ڪِيڏو گام.
[پيرن مان ڪَڪِريون ڪڍيون ۽ اُٺ کي ڪام لڳي. گذري پوئين رات وچي مارو جي ڳوٺ کي نظر ۾ ڪيائين.]
19- پاڳين ڪاڍي ڪاڪري، ڏيڏي ٽڻ مَهار
پَگ پَوَنَ سي مِل گئي، جا اُيو آنگڻ پار.
[پيرن مان ڪڪريون ڪڍيون، ۽ مهار کي (ڍولي) ڇڪي ڏني. (ڪرهي جا) پير هوا سان همقدم ٿي ويا ۽ وڃي (مارو جي) اڱڻ تي بيٺو]
20- ڪَرهي باڍي ڪوسڙي، پَل ۾ ساٺ پَچيس
ڪُٽڪ سُٽتي ماروئي، اُڙي پاڳي اِيس.
[ڪرهي پل ۾ پنڌ جا پنجاسي ڪوھ ڪٽيا. ننڍاڪڙي ماروئي جيئن کٽ تان ٽپ ڏيئي اٿي تہ ايس 'پڇي' پئي.]
21- رُوم رُوم سيتَل پَئي، اُتر گئي سَپ پاپ
ووهِي ڍولو گهر آئيو جو اَمني ڏيڌو ٻاپ.
[رڳ رڳ ٺري پئي ۽ سمورا پاپ لهي ويا. منهنجي گهر اهوئي ڍولو آيو آهي، جيڪو مون کي پيءُ "مڙس طور" ڏنو هيو.]
22- مارُو ڍاڙتو ڍولئو ساسو ڍاڙي سيج
آج ڍولو گهر آئيو ماندي مِلئو ويج.
[مارو کٽ وڇائي، ۽ سس سيج سينگاري، 'اڄ' ڍولو گهر آيو آهي ۽ سڪايل کي ور مليو آهي.]
23- سوئي ڍولو گهر آئيو جِن ڪي جوئي باٽ
مين ڍولي سي هَنس مِلي، ڪلن لاڳي ڪاٽ.
[اُهوئي ڍولي گهر آئيو آهي، جنهن جون (مون) واٽون نهاريون هيون. آءٌ ڍولو سان کلي مليس تہ سيج بہ کلڻ لڳي.]

## روايت [3*]

# ’وچولي ۽ لاڙ‘ جي ڳالهه

. ڪنهن زماني ۾ ”ڪيچ“ ملڪ تي ”انور بادشاهه“ نالي هڪڙو حاڪم هو. هو پنهنجي رعيت جي ڏک سک جو ڏاڍو خيال رکندو هو. هڪڙي پيري قدرت سان سندس ملڪ ۾ ڏڪار اچي پيو. بادشاهه پنهنجي خزاني مان اناج گهرائي، لنگر کٽي کوليا، جتان ”سڀ“ رعيت پئي کائيندي هئي. تان جو خزانو مال ۽ ملڪيت سڀ کپي ويا. نيٺ جڏهن ڏٺائين ته هاڻي ملڪ ڇڏڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي، تڏهن راڻيءَ سان صلاح ڪري، پنهنجي لشڪر ۽ رعيت سميت اتان لڏي، ٺر ملڪ ڏانهن رخ ڪيائين. ٿوري گهڻي ڏينهن انهيءَ ملڪ ٻاهران هڪڙي درياء جي ڪپ تي طنبو طولان هڻي ويهي رهيو[1].

”ٺر“ ملڪ جو بادشاهه ”ٻگر پنهوار“ هو[2]. سندس هڪڙو وزير روزانو صبح جو انهيءَ درياء ۾ وهنجڻ لاءِ ايندو هيو. دستور موجب هڪڙي ڏينهن صبح جو اتي آيو تڏهن هڪڙي ڌارئي بادشاهه کي لشڪر سميت ڏسي مٿيون پيڙهي وٺي ٻڳو ۽ اچي ٻگر پنهوار کي چيائين ته سائين جن جو خير ڪونهي، جو هڪڙو نئون بادشاهه پنهنجي ملڪ ۾ آيو آهي. پر خبر ناهي ته ڪهڙي مطلب سان آيو آهي! وزير جي ها ڳالهه ٻڌي، بادشاهه کلي چيو ته وزيرا مڙيوئي خير آهي، بادشاهه آهي ته ٻلي ڪري آيو. ائين چئي سڀي دربار کي سنيرائي، امير اُمرا وٺي، بادشاهه کي ڪيڪارڻ لاءِ آيو.

---

* هن متن جو مدار ٽن روايتن تي آهي: پهرين روايت وچولي جي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان ملي. ٻي لاڙ (تعلقي ٽٽي) عبد الله گندري کان، ٽين لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان مائي زيب النساء کان ملي. ٽنهي روايتن جا اختلاف [ب]، [ع] ۽ [ز] جي نشانين سان نروار ڪيا ويا آهن

(1) [ز] انور بادشاه ٻي اولاد هيو فقير چيس ته اولاد ٿيندئي پر ملڪ ڇڏڻ قبول ڪر

(2) [ب] دلوري بادشاه

ٻنهي بادشاهن هڪٻئي کي حال احوال ڏنا. پر پنهوار انور بادشاهه کي چيو ته ادا! ڀلي آئين.جيءَ آئين. سڀ داڻي پاڻي جي اختيار آهي. جيستائين تنهنجو نصيب هتي آهي، تيستائين هلي منهنجي محلات ۾ رهه هيءَ به ملڪ تنهنجو آهي. انور بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڳر پنهوار جي دعوت قبول ڪري، وٽس وڃي رهيو. انور بادشاهه ۽ پڳر پنهوار جون راڻيون اميد سان هيون. هڪڙي ڏينهن ڪچهري ڪندي پڳر پنهوار انور بادشاهه کي چيو ته ادا! تون به اولاد جو سڪايل آهين، ته آئون به خدا کان رات ڏينهن اولاد لاءِ سوال پيو گهران. مونکي به ڪالهه گهر ۾ اميدواري جي مبارڪ ملي آهي، سو هاڻي ’جڙ‘ ته پاڻ ٻئي سڳا ڀائر آهيون. هاڻي تون مهرباني ڪري منهنجي محلات ۾ هلي رهه. جيڪڏهن مونکي ’ڄائي‘ ڌيءَ ۽ توکي ڄائو پٽ ته تون ننهن جو ڏٽي، پر جيڪڏهن توکي ڄائي ڌيءَ ۽ مونکي ڄائو پٽ ته آءٌ ننهن جو ڏٽي. اها ڳالهه انور بادشاهه کي به ڏاڍي وڻي، سو ڳالهه قبول ڪيائين.

خير خدا جي حڪم سان، پهرن پٺيان ڏينهن، ڏينهن پٺيان مهينا گذرندا ويا. آخر ڪار انور بادشاهه کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو رکيائين (ڏول) ۽ ٻئي بادشاهه کي ڄائي ڌيءَ جنهن جو نالو رکيائون (مارئي). انجام موجب ڏول ۽ مارئي کي مڱائي ڇڏيائون ۽ فيصلو ڪيائون ته شادي تڏهن ڪنداسين، جڏهن ٻئي ڄڻا وڏا ٿيندا. قدرت سان ٿورن گهڻن ڏينهن بعد مارئيءَ جو پيءُ بيمار ٿي پيو ويڄ طبيب گهرايا ويا، پر بادشاهه آخر هن ڪوڙي دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. هاڻي انور بادشاهه ان ملڪ جو بادشاهه بڻجي ويٺو.

مڱڻي کانپوءِ مارئيءَ ۽ ڏول کي مڪتب ۾ ويهاريو ويو. هو اتي هر روز گڏجي ويندا هئا ۽ گڏجي ايندا هئا. جيڪڏهن هڪ کي دير ٿيندي هئي ته ٻيو ان جي لاءِ ترسي ويهندو هو. هڪڙي ڏينهن سندن استاد کي ڪجهه ڪم ٿي پيو سو مڪتب مارئيءَ جي حوالي ڪري ويو ڇاڪاڻ ته هوءَ سيني ۾ هوشيار هئي. استاد جي اچڻ تي، مارئي کيس ٻڌايو ته فلاڻن فلاڻن

شاگردن گوڙ ڪيو آهي، انهن ۾ ڍول بہ هيو تنهن ڪري استاد مارئي کي حڪم ڪيو تہ انهن کي هڪڙو هڪڙو لڪڻ هڻندي وڃ. مارئي ويچاري گهڻوئي ٽنايو پر نيٺ استاد جي چوڻ تي لڪڻ کڻي ٻين کي هڻي ويئي، پر ڍول کي نہ هنيائين. تنهن تي ٻين ٻارن هُل ڪيو تہ مارئي ٻيائي ٿي ڪري، جو ڍول کي رهائي وٺي آهي. تنهن تي وري استاد حڪم ڏنس تہ ڍول کي بہ لڪڻ هڻ. ويچاري مارئي لاچار ٿي، ڍول کي تمام آهستي هڪڙو لڪڻ هڻي ڪڍيو اتي ٻار ڍول کي ٽوڪڻ لڳا تہ ڪنوار پيئي ماريس[1]! ڍول ويچارو شرم ۾ ڏک کان اڇي روئڻ لڳو آخر موڪل ملي. مارئي ٻاهر اچي ڍول جو انتظار ڪرڻ لڳي، پر هو اتي ئي ويٺو رهيو جڏهن گهڻي دير گذري، ڍول دستور موجب نہ آيو تڏهن مارئي وڃي ڏسي تہ ڍول ڪنڌ ۾ منهن ڪيو ويٺو روئي، مارئيءَ کي تمام گهڻو ڏک ٿيو پوءِ تہ ڪيس پرچائڻ لاءِ ڏاڍا حيلا ڪيائين، پر ڍول ساڻس نہ ڳالهايو تنهن تي مارئيءَ چيو تہ:

لڳڙي ڪامَ ڪِري جو پٽڙين، مرد نہ سڏبين ڍول،
مُنِي تيڏي ٻيڙي، جا آندي تنهنجي ٻول[2]

---

[1] "ب" ڍول سنگتين سان گس تي راند پئي ڪئي تہ مارئي ساهيڙين سميت اُتي آئي ۽ ڍول کي چيائون تہ گس ڏي مارئي لنگهي وڃي. ڍول گس نہ ڏنو مارئي ڪاوڙجي ڍول کي لڪڻ هنيو تہ هو ڪري پيو ۽ روئڻ لڳو.

[2]
ڪام لڳئي ڪري جو پيئڙين، مرد نہ سڏبين ڍول
پٽڻي پيئي جا تنهنجي پناري، سي ڪيئن پاري قول
"ز" لڳڙي ڪام مارو ڪري جو پيئڙين، مرد نہ سڏبين ڍول
مُني تہ تنهنجي مارئي ويندي ڪهڙي قول
هر هڪ ڳالهہ کان پوءِ وراڻي ڏني ويندي آهي، "ب" ۽ "ز" راويتن جون وراڻيون هن ريت آهن:
"ب" سنيهڙو مارو ڍولا رات ، آسر وندڙي آهيان رات
ايءَ گُن وندڙي ڍولا رات، ڍوليا ڙي ڍول سنيهڙو
مارو هلي ڏي دلبر ڍوليا رات
"ز" آسر وندي آهيان مارو ڍول ڍوليا ڙي
مارو ٻول سنيهڙي، وري آءُ دلبر وري آءُ

تڏهن ٻه ڊول ڪوبه جواب ڪونه ڏنو لاچار مارئي ٻه ڏک مان روئندي محلات ۾ موٽي آئي. انور بادشاهه جڏهن ڏٺو ته ڊول اڄ اچڻ ۾ دير ڪئي آهي، تڏهن خبرچار لهڻ لاءِ نوڪر موڪليائين، جن اچي ٻڌايس ته ڊول مڪتب ۾ ويٺو روئي. بادشاهه يڪدم اٿيو ۽ مڪتب ۾ آيو سمجهيائين ته ڊول کي ڪنهن ماريو آهي[1] سو ڪاوڙمان چيائين ته:

ڪنهن ته بابل! توکي ماريو ڪنهن ته ڏنا توکي ويڻ،
سو ڏَس مون کي ماڻهو ته ڪريانس سمونڊ حوال[2].

ڊول دل ۾ خيال ڪيو ته ڳالهه ڳري ٿي پئي، ڪيئن پنهنجي مڱيندي مارو جو نالو وٺان. سو ڳالهه لڪائي، پنهنجي ملڪ جي سڪ ظاهر ڪيائين ته:

ڪنهن نه بابل! مون کي ماريو ڪنهن نه ڏنا مون کي ويڻ،
ساري اڄ وطن کي، منهنجا نمڻ لڳا آهن نيڻ[3]

پٽ جا اهي گفتا ٻڌي انور بادشاهه جي دل پرجي آئي. خيال ڪيائين ته ڊولو ڄائو نپنو هتي، ته به پنهنجي اباڻي وطن جي ڇڪ اٿس. پر آءُ وطن وساري ويهي رهيو آهيان. پوءِ ڊول کي چيائين ته ڳالهه ٻه ايتري! تون اٿي هلي ماني کاءُ. ڊول، پيءُ سان گڏجي محلات ۾ آيو مارئي ٻه آئي ۽ ٽنهي ڄڻن گڏجي ماني کاڌي.

انور بادشاهه ان مهل ئي پنهنجي وزير کي حڪم ڏنو ته ملڪ جي خبر چار لهي اچ. وزير حڪم موجب پنهنجي ملڪ ۾ آيو. ڏسي ته برساتن سبب ملڪ آباد ٿي ويو آهي، پر ماڻهو ڪوبه ڪونهي. گهمندي ڦرندي هڪڙي هنڌ اهو گڏهه ڏسڻ ۾ آيس، جيڪو ايرو هجڻ ڪري ٻکن ۾ ڇڏي ويا هئا. گڏهه وس جا گاهه کائي مڇي پيو هو گڏهه جڏهن وزير کي ڏٺو تڏهن چيائين ته:

---

(1) "ب" مارئي ڊول کي پرچائي محلات ۾ وٺي آئي

(2) "ز"، "سچي" ڪر پي سان ڳالهڙي ته ڪريان سمونڊ حوال

(3) "ز" "مارو ته مونکي ياد جي پئيڙا، نمڻ لڳا اٿم نيڻ" "ع"، "سانگي ساريو ساٿيهه جا نميوپون ٿا نيڻ"

يلي آئين وزيرڙا، ڏي انور شاهہ جي خبر،
پنهنجي ملڪ تي مينهڙا وٺا، ڏاڍا ٿيا سُڪر.

وزير گڏهہ کي جواب ڏنو تہ:

پيٺا هي خوش انور شاهہ هُڻ ويڄڻ دي وائي ولائي هي،
جلدي آسون ملڪ آپڻي، ڏور ٿئي ڏولاوي.

وزير ملڪ جو واءُ سواءُ لهي اچي انور بادشاهہ کي سموري حقيقت ٻڌائي، جو ملڪ جي آبادي جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حڪم ڏنائين تہ مسافريءَ جو سامان تيار ڪيو وڃي. نوڪرن ۾ تاڪوڙو پئجي ويو. يڪدم اچي ۽ ٻاڙهي جا خچر پرجي ويا. مسافريءَ جو سمورو سامان، تنبوطولان، نوڪر چاڪر تيار ڪري بادشاهہ کي اطلاع ڪيائون. بادشاهہ ان مهل ئي پنهنجي وزير سان گڏ ڍولو پنهنجي وطن ڏانهن روانو ڪيو[1]. منزلون ڪندا ڪندا، آخر هڪڙي ڏينهن پنهنجي وطن ۾ بادشاهي باغ جي پرسان اچي لٿا. ڍولي کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ هي ملڪ ڪنهن جو آهي، سو جيستائين ماني تڪر تيار ٿئي، تيستائين ڍولو هڪڙو نوڪر ساڻ ڪري باغ گهمڻ ويو. باغ ۾ ڏسي تہ هڪڙي تمام سهڻي ڇوڪري ساڳ پئي چني، تنهن کان ڍولي پڇيو تہ:

ڪيس ريون آهن ماڙيون،ڪيس رو آهي باغ،
ڪيس ري آهين ڏيڪري، ڪيس رو چني تي ساڳ[2]؟

ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ:

انور بادشاهہ جون آهن ماڙيون، انور بادشاهہ جو باغ،
هِيري جي آءُ ڏِيڪري، سُرهو چنان تي ساڳ[3].

---

[1] "ع" : ڍولي اڪيلو پنهنجي ملڪ ۾ موٽي آيو
[2] "ع" اوهين ماٺهو ڪنهن جا جي سُرهو چنو ساڳ
[3] "ع" اسين ماٺهو انور بادشاه جا، تڏهن سرهو چنو ساڳ

اُها ڇوڪري، انور بادشاهہ جي مالهي ’هيري‘ جي ڌيءَ هئي. هوءَ تمام سهڻي هئي، سڄي ملڪ ۾ سندس مَٽ ڪاب نہ هئي. ڍولو ۽ مالهڻ هڪبئي تي موهت ٿي پيا. ڍولي سان گڏ جيڪو نوڪر هيو تنهن چيو تہ ڍولا! هاڻي هن ملڪ جو تون ئي حاڪم آهين، هلي پنهنجو راڄ ڀاڳ سنڀال. ڇوڪري اها گفتگو ٻڌي، يڪدم شهر ۾ ويئي ۽ وڃي اعلان ڪيائين تہ انور بادشاهہ جي تخت جو وارث اچي لٿو آهي. رعيت ڍولي جو اچڻ جو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي. بادشاهہ ڪانسواءِ سڀ ڇڙواڳ هئا. سي يڪدم ڍولي وٽ آيا ۽ کيس وٺي وڃي تخت تي ويهاريائون[1]. ڍول بادشاهہ جو باغائڻ سان اهڙو نينهن ٿي ويو جو ان ڪانسواءِ هڪ گهڙي بہ آرام نہ ايندو هئس. سڄو ڏينهن مالهڻ وٽ ويٺو هوندو هيو. وزير ڍول کي گهڻوئي سمجهايو تہ بادشاهہ ٿي ڪري تون هڪڙي خسيس عورت جي پٺيان، بادشاهي ڪم ڪاريون ڇڏيو ويهي رهيو آهين، هلي پنهنجي بادشاهي سنڀال ۽ مالهڻ کي ڇڏ. پر ڍول جواب ڏنو تہ مون بادشاهي ڇڏي، اها تون وڃي سنڀال، آءٌ مالهڻ کي ڪنهن بہ حيلي نہ ڇڏيندس. لاچار ٿي وزير حڪومت هلائڻ لڳو ۽ ڍولو باغائڻ جي عشق ۾ ويهي رهيو.

باغائڻ ڍولي کي وٺي وڃي ماڙيءَ ۾ ويهاريو. خيال ڪيائين تہ ڍولو بادشاهہ آهي ۽ آءٌ سندس رعيت. اسان جي پريت سڄي عمر هلي يا ٿورا ڏينهن، اها هُرڪُر لاهڻ لاءِ، هڪڙي ڏينهن هيرن جو ٿالهہ ڀري، نجوميءَ وٽ کڻي ويئي ۽ نجومي کي چيائين تہ:

ٿالهہ ڀري ڏيئين هيري جو وٺو ڀري ڏيئين گيهہ
مون ۽ ڍولي جو نينهن هلي ڪي ڏينهن؟

نجومي ڍارو هڻي، حساب ڪري جواب ڏنو تہ:

ٿالهہ ڀري ڏئين هيري جو وٺو ڀري ڏئين جي گيهہ
تہ بہ تو ۽ ڍولي جو نينهن هلي اڍائي ڏينهن.

[1] ”ز“: انور بادشاه جو وزير بادشاهي هلائيندو هو تنهن ڍول کي بادشاهي تخت تي ويهاريو

باغائڻ دل ۾ چيو تہ قرب ۾ جيترو وقت گذري سو چڱو اداڻي ڏينهن بہ چڱا. سو مانڙي ڪري ڍولي سان قرب محبت ۾گذارڻ لڳي. تان جو سندن اهڙو قرب تي ويو جو هڪٻئي کان پلڪ بہ پري نہ ٿيندا هئا. پر باغائڻ کي هر وقت اهو کٽڪو لڳو پيو هوندو هيو تہ مارئيءَ جي جنهن وقت بہ ڍولي کي سارو ٿي تي، تنهن مهل مون وٽان هليو ويندو. تنهن ڪري اهڙي اٽڪل ڪريان، جيئن ڪوبہ ڏاريو ماڻهو ڍولي سان ملي نہ سگهي. ان ڪانسواءِ مارئيءَ جي ملڪ واري رستي جا سپ کوهہ ۽ تلاءَ بہ لٽرائي ڇڏيائين، جيئن اتان جو ڪوبہ واٽهڙو وات تي ئي مري کپي وڃي ۽ هتي صحيح سلامت نہ پهچي. اهڙي طرح نڪو اتان ڪو ماڻهو ايندو نڪي ڍولي کي مارئيءَ جي يادگيري پوندي.

هوڏانهن مارئي بہ اچي جوان ٿي، پر ڍولي جي انتظار ۾ سڪ ۾ سڪي ڪنڊا ٿي ويئي هئي، اٿئي ويٺي آرام ئي ڪونہ اچيس. آخر هڪ رات خواب ۾ ڍول کي ڏٺائين. يڪدم سجاڳ ٿي، پر جڏهن ڍول کي نہ ڏٺائين، تہ ڏک کان روئي روئي ڪنجرو پچائي ڇڏيائين. صبح جو سندس ماءُ ڪنجرو پنل ڏسي پڇيو تہ:

ڪا جا ڪڪري اُپ ۾، ڪا جا بوند پئي،
ڪِ لاڪيڻو ڪنجرو، تو رات پسايو روئي؟

تڏهن مارئي جواب ڏنو:

نڪا ڪڪري اُپ ۾، نڪا بوند پئي،
سئو ڪوهہ تان ڍولو آيو، تڏهن ڪنجرو پسايم روئي.

مارئيءَ جو حال معلوم ڪري، سندس ماءُ کي دل ۾ خيال ٿيو تہ ڍولو جيئن ويو آهي، تيئن وري هن طرف نہ ڪو ماڻهو موڪليواٽس ۽ نہ پاڻ ئي خبر چار لهڻ آيو آهي. تنهن ڇا ڪيو جو اعلان ڪيائين تہ جيڪو بہ ماڻهو مارئيءَ جون ٻڪريون ٻارنهن مهينا چاريندو ان کي مارئيءَ جو سڱ ڏينديس. پر شرط انهيءَ سان تہ اهي ٻارنهن ئي مهينا ڪيس روزانو ڦوڳ جي ماني ۾...

جو ٻوڙ ڪاٽڻو پوندو. ڪئين ماڻهو مارئيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ آيا، پر ڦوڳ جي مانيءَ ۽ واهي جي ٻوڙ کان پڇي ويا. مارئيءَ جي ماءُ وٽ جيڪو ڏراڙهو سو مال چارڻ ۾ سستي ڪندو هيو. ڪانئس ڪم وٺڻ لاءِ مارئيءَ جي ماءُ چيو ته: مال کي ٻارنهن مهينا چڱيءَ طرح چار ته توکي مارئيءَ جو سڱ ڏيان. ڏراڙاهو ٻڌي خوشيءَ ۾ نه ماپيو سو شرط قبول ڪري مال کي ڏاڍي چاهه سان چارڻ لڳو. ڦوڳ جي ماني کائڻ ڪري هن تي 'ڦوڳيو' نالو پئجي ويو.

مارئيءَ جي ماءُ جو اهو خيال هو ته ڍول جڏهن اها ڳالهه ٻڌندو ته تڏهن غيرت سببان يڪدم هليو ايندو ۽ مارئيءَ سان شادي ڪندو. پلا جيڪڏهن ڍول نه آيو ته هيءُ ڏراڙ ڦوڳ جي مانيءَ ۽ واهيءَ جو ٻوڙ کائي کائي، پنجن ڇهن مهينن اندر پاڻهي مري ويندو. پر ڦوڳيو هو سياڻو سو چا ڪندو هو جو ڦوڳ جي مانيءَ ۽ واهي جو ٻوڙ کائي، جهنگ ۾ اچي ٻاڪري ڪير جا گوها هٽندو هو جنهن ڪري هو ڏهاڙي مچندو ويندو هو.

اهڙيءَ طرح ڇهه مهينا گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ مارئيءَ جي ماءُ گهڻيئي قاصد موڪليا، پر ڪوبه صحيح سلامت موٽي نه آيو ڇو ته باغائڻ، ڪوهه ۽ تلاءُ بند ڪرائي ڇڏيا هئا. سو جيڪو انهيءَ گس تان ويندو هيو سو واٽ تي ئي اُڃ وگهي مري ختم ٿي ويندو هيو پر جي قضا سان ڪو وڃي پهچندو هو ته باغائڻ جا ماڻهو ان کي ماري ڇڏيندا هئا. اتي مارئي جي ماءُ پيو ڪو وسيلو نه ڏسي ڍاڍي فقير گهرايا، انهن کي سڄي حقيقت ٻڌائي ڍول ڏانهن روانو ڪيو.

ڍاڍي فقير سرندا کڻي روانا ٿيا، ۽ هلندي هلندي هڪڙي ڏينهن اچي ڍول جي شهر پهتا. رات جو هڪڙي سراءِ ۾ رهي پيا. قدرت خدا جي اها سراءِ، ڍول جي مارئيءَ جي ويجهو هئي. اسر مهل ڍاڍيءَ ساز سرود کڻي، ويهي ڳائڻ وڄائڻ لڳا. ڍول جي ننڊ هنن جي ڏکاري آواز ڦٽائي ڇڏي، ۽ هو ڪَنُ ڏئي راڳ ٻڌڻ لڳو. ڍاڍين مان هڪڙي، مارئيءَ کان ملبل نياپو ڏنو ته:

ڏاڏي ڏولڻ جي ملي، اوهين ڏولڻ کي ڪهَجو
ڪٽڪ پڪي آهي ڪيسرو، تون بيگو بيگو آءَ.

( ڏاڏيا جيڪڏهن ڏول مليوَان کي چئجو تہ مارئي هاڻي جوان ٿي وئي آهي، تون جلدي اچ.)

ڏول جي ڪنن تي جنهن وقت اهو پڙلاءُ پيو تنهن وقت يڪدم ڏاڏين وٽ آيو ۽ ڪانئن خبر چار ورتائين. هنن ساڻس سچي حقيقت ڪئي، اها ڳالهہ ٻڌي ڏول سنبرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر باغائڻ حرفت ڪري، هن کي رهائي ڇڏيو.

هوڏانهن ٻارنهن مهينا بہ پورا ٿيڻ تي هئا. مارئيءَ جي ماءُ جڏهن ڏٺو تہ اجا ڦوڳيو جيئرو آهي، ۽ ڪيس مارئيءَ جو سڱ ڏيڻو پوندو. سو خيال ڪيائين تہ ڪنهن نموني سان ڦوڳيي کي ڪيڏان. آخر هڪڙي ڏينهن ڦوڳيي ڪان مارئي ڪير وٺڻ وئي تہ هن ڄاڻي واڻي ڪير ڏيڻ ۾ دير ڪئي. مارئيءَ هن کي جلد ڪير ڏيڻ لاءِ چيو. تنهن تي ڦوڳيي هن کي چڙٻ ڏئي ڪيڏي مارئيءَ ڪاوڙجي اچي ماءُ سان حقيقت ڪئي. ماڻهس تہ اهڙا ڏينهن پئي ڳوليا، تنهن ڦوڳيي کي لوڏي ڪيڏي ڇڏيو. ڦوڳيي چيو تہ: مون ڇهہ مهينا ڪمايو آهي، مون کي مارئيءَ جو اڌ ڏيو. مارئي جي ماءُ هن کي تڙيون ڏئي ڪيڏي ڇڏيو. ڦوڳيي کي بہ لڳي چڙ، سو سڌو آيو عمر سومري وٽ ۽ ان جي اڳيان مارئيءَ جي سونهن جي اهڙي تہ ساراهہ ڪيائين، جو مارئيءَ کي ڪٽي اچڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو. عمر باشاهہ ڦوڳيي ڪان پڇيو تہ مارئيءَ جي ڪٽي اچڻ جو ڪهڙو رستو سولو آهي؟ ڦوڳيي چيس تہ مارئي سٽر سهيلين سان گڏ کوهہ تان پاڻي ڀرڻ ايندي آهي، اتان ڪيس اُٺ تي ڪٽي اچڻ سولو آهي، ٻيءَ حالت ۾ مارئيءَ جا مائٽ پاڻ کي جيئرو نہ ڇڏيندا. ڦوڳيي جي چوڻ موجب عمر بادشاهہ ، هڪڙو ڀلو اُٺ ڪاهي کوهہ تي پهتو ۽ ڏٺائين تہ مارئي ساهيڙين سان گڏ پئي اچي. جنهن وقت مارئيءَ دلو ڀريو تنهن وقت عمر سومرو بہ رڙهي ويجهو ٿيو ۽ مارئيءَ کان پاڻي گهريائين.

مارئيءَ جيئن ئي پاڻيءَ جو ونوپري هن کي ڏنو تيئن ئي هن کيس ٻانهن کان ونئي ڪٺي اَٺ تي ويهاريو ۽ اُٺ کي هڪلي روانو ٿيو. ڳچ پنڌ ڪرڻ کانپوءِ مارئيءَ ڏٺو ته سچ ۾ لهڻ وارو ٿيو آهي، سو سچ کي چيائين ته:

متان لهين تون سجڙا، متان پوي رڻ ۾ رات،
بگهڙ ٻڪري پاڻ ۾، سک نه وهامي رات!

تڏهن عمر سومري ۾ مارئيءَ جي دل جو شڪ پروڙي سج کي چيو ته:

لهي وڃ تون سجڙا، پل پوي رڻ ۾ رات،
جيڪا مارئيءَ من ۾، سان نه منهنجي وات،
جيسين نه مارئي پاڻ چوي، تيسين پايان ڪندن پيڻ[1].

رات وچ ۾ عمر بادشاهه مارئيءَ کي آڻي پنهنجي ڪوٽ ۾ بند ڪيو.

هوڏانهن ڍول هڪڙي ڏينهن چاچي سان ڍاري راند پئي ڪئي، ۽ چاچي کان چار- پنج رانديون لاڳيتيون کٽيائين. انهيءَ تي چاچس مهڻو ڏنس ته راند ۾ ته هوشيار آهين، پر پنهنجي مڱيندي مارئيءَ جي به سار لڌي اٿئي، جنهن کي عمر سومرو زوريءَ کڻي ويو آهي؟ انهيءَ مهڻي ملڻ شرط هو اٿي کڙو ٿيو ۽ عمر ڪوٽ وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. شام جي وقت هو اُتن جي وڳ ۾ آيو ۽ انهن کي چوڻ لڳو ته:

ڪنهن جي ڳچيءَ ٻڌان ڳانيون، ڪنهن تي رکان لَڄ،
سوَن ڪوهن جا پنڌڙا، هڪ پهر ۾ پهچائي؟

ٻين اُتن ڪونه ڪُڇيو فقط هڪڙي گوڏري چيس ته:

منهنجي ڳچيءَ ٻڌ ڳانيون، مالڪ تي رک لَڄ،
سوَن ڪوهن جا پنڌڙا، هڪ پهر ۾ پهچايان[2].

---

[1] ڪُندن عمر سومري جي پيڻ جو نالو

[2] "ع": مون تي ٻڌ ڳانيون مالڪ تي رک لڄ
آءٌ اُلور شهر جا توکي ڏيا ٻارڻ نه ڏيان

گڏنري جو اهو جواب ٻڌي ڏول دل ۾ خيال ڪيو تہ هي اجا گڏنرو آهي، تنهن کان ايڏي منزل ڪيئن پٽي ٿيندي، جتي ٻيا بہ گهٽيئي گهوڙا اُٺ بيٺا آهن. اهي چونہ ڪُچيا! سو هن کي دڙڪو ڏئي چيائين:

ٻين ڪرهن ڪين ڪُچيو، تو ڪيئن ڪچيو توڏ؟
اڳيان مِرون مانگر تا سُجهن، سي تہ پٽيندءِ اوجهہ

ائين چئي توڏ جي ڳچيءَ ۾ ڳانيون ٻڌي، پنهنجي ماڙيءَ ۾ تيار ٿيڻ لاءِ ويو. باغائڻ کي بہ خبر پئجي وئي تہ ڏول مارئيءَ ڏانهن ٿو وڃي، تنهن چا ڪيو جو توڏ جي پيرن ۾ ڪِير هٽائي ڇڏيا تہ اڏ پنڌ تي توڏ هلڻ کان جواب ڏيئي ڇڏي ۽ ڏول موٽي اچي. ڏول سنيري اچي توڏ تي چڙهيو. اڌ پنڌ تي توڏ هلڻ کان جواب ڏيئي بيهي رهيو. توڏ کي بيهندو ڏسي ڏول چيو تہ:

ڊوها! مون سان ڊوهہ ڪيئي، اُتي نہ ڳالهايئي؟
ڪڍان خنجر گوڏ مان، سِري ڏيئين ٻوڙي وات[1].

تڏهن توڏ جواب ڏنو تہ:

ڪڍ تون ڪڪرا پير مان، ڍلي جهل مهار،
اِجهو عمر ڪوٽڙو، آءُ ڏِيو نہ بارڻ ڏيان.

ڏول لهي ڏسي تہ مار توڏ جي پيرن ۾ ڪير لڳا پيا آهن. ۽ هو سمجهي ويو تہ اهو ڪم باغائڻ جو آهي. هن هڪدم اُٺ جي پيرن مان ڪِير ڪڍيا ۽ وري سوار ٿيو. اجا ڏِٺي تي وٺ ٿي نہ لڳي هئي تہ عمر ڪوٽ پهچي ويو.

عمر ڪوٽ ۾ پهچڻ سان ڏول توڏ جي مهار ڪڍي، چيائينس تہ هيءُ سڄو ملڪ تنهنجو آهي، هاڻي گهمُ ڦر ۽ موجون پيو ماڻ. پوءِ سڄي شهر ۾ گهمي پاڻ کي سوداگر سڏائي، هن هڪڙي ڏوتي تيار ڪئي ۽ ان کي چيائين تہ آءُ تو ٿيان فقير تون وڃي اها ڳالهہ مشهور ڪر تہ شهر ۾ هڪڙو اهڙو فقير

[1] "ع": ڊوهل مون سان ڊوهہ جو ڪيڙئي
ڪڍي ڪات ڪمر مان سيءُ ڏيئين وات

آيو آهي، جيڪو اهڙا ٽوٽا ڦيٽا ڄاڻي ٿوجو رنل بہ پرچايو ڇڏي. پوءِ پاڻ هڪڙي هنڌ تي دونهين دکائي فقير بڻجي ويهي رهيو. ڏوتيءَ سچي شهر ۾ اها ڳالهہ هُلائي ڇڏي ڪئين ماڻهو ڍول وٽ ٽوٽي ڦيٽي لاءِ اچڻ لڳا. تان جو آهستي آهستي اها ڳالهہ عمر بادشاهہ جي بہ ڪن تي وڃي پيئي. تنهن فقير کي پاڻ وٽ گهرائي چيو تہ منهنجي مگ آهي، جا مون سان شادي نٿي ڪري، هاڻي اهڙو ڪو بلو ڪر، جيئن هوءَ راضي ٿئي. ڍول چيس تہ چار پهر اجازت ملندي تہ اهو ڪم سولائيءَ سان ڪري سگهندس. بادشاهہ فقير کي چئن پهرن جي اجازت ڏيئي، کيس مارئيءَ وٽ ڇڏي پاڻ هليو ويو.

مارئيءَ جو فقير کي ڏٺو سو يڪدم سڃاتائين تہ هيءَ فقير نہ پر منهنجو مڱيندو ڍول آهي. پوءِ تہ خوش ٿي پاڻ ۾ مليا ۽ حال احوال ڏنائون ورتائون. ڍول، مارئيءَ کي چيو تہ هاڻي هيئن ڪر جو تون عمر سان راضي ٿي ڳالهاءِ ٻولهاءِ ۽ دلاسو ڏينس. پوءِ هو جنهن وقت مون کي انعام ڏيڻ جي ڪندو تنهن وقت آءٌ هن کان سندس سواريءَ جو يلو اُٺ گهرندس، ۽ پوءِ رات ڏيئي نڪري هلنداسين. مارئيءَ چيس تہ عمر بادشاهہ وٽ يلا بہ اُٺ آهن، هڪڙو ’وايو‘ ۽ ٻيو ’تجلو‘. تون وايو اُٺ گهرجئين. اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ صلاح ڪري، شام جو عمر بادشاهہ کي خوشخبري ڏنائين، جو يڪدم مارئيءَ وٽ آيو ۽ هن بہ خوش ٿي ساڻس ڳالهايو ٻولهايو. عمر بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڍول کي فقير ڄاڻي چيائين تہ گهر جيڪي گهرڻو هجيئي. ڍول ڄاڻي واڻي تجلي اُٺ جي گهُر ڪئي، جو عمر بادشاهہ خوشيءَ سان هن جي حوالي ڪيو. رات جو ڍول، اُهو اُٺ ڪاهي، مارئيءَ جي محلات جي هيٺان اچي بيٺو. مارئي بہ اڳيئي سندس انتظار ۾ بيٺي هئي، سا ماڙيءَ تان لهي آئي ۽ ڍول هن کي اُٺ تي چاڙهي اُٺي هليو[1].

---

[1] "ع" مارئي بادشاه سان شادي ڪرڻ جي لاءِ بہ شرط رکيا: هڪڙو تہ فقير کي اُٺ ملي، ٻيو تہ مارئيءَ کي درويش جي زيارت جي اجازت ملي. بادشاه ٻئي شرط قبول ڪيا. ڏوتي هنن کي روانو ڪري بادشاه جي اطلاع ڪيو

مارئيءَ جي وڃڻ جي خبر رات وچ ۾ عمر کي پئجي ويئي ۽ هن کي پڪ ٿي ته اهو فقير نه هو پر لاشڪ ڏول هو جو مارئيءَ کي کڻي ويو آهي. هن يڪدم واڳي اُٺ تي سنج ڪيا، ۽ اڌ پنڌ تي اچي ڪيس رسيو. مارئيءَ پويان ڏسي ڏول کي چيو ته، تو تجلو اُٺ گهريو هاڻي واڳي اُٺ اچي عمر کي رسايو آهي. پر ڏول ڪوبه خيال نه ڪيو. نيٺ عمر اچي ڪين رسيو ۽ مارئيءَ کي جهڙپ ڏيئي لاهڻ جي ٿي ڪيائين ته اتفاق سان مارئيءَ جي منهن تان چادر جو پلاند کڄي ويو. عمر اُن وقت تائين مارئيءَ جو منهن به ڪونه ڏٺو هو. سو هن جي حُسن جو تجلو ڏسي بيهوش ٿي اُٺ تان ڪري پيو. ان وقت مارئيءَ ڏول کي چيو ته هاڻي عمر کي ختم ڪري واڳي اُٺ تي چڙهي هليا هلون. پر ڏول ڇا ڪيو جو جيڪا ڳُٿي مارئيءَ پاڻ سان کنئي هئي، سا اتي رکي هڪڙي چٺي لکيائين ته اي عمر! مارئي منهنجي مڱ آهي، تنهنجي لاءِ ائين آهي جيئن تنهنجي سڳي ڀيڻ ڳُنڌن. اها چٺي اتي رکي پاڻ وري اڳتي روانا ٿيا[1].

ٿوري دير کانپوءِ عمر بادشاهه سجاڳ ٿيو. ڳُٿي جو وٺڻ ۽ چٺي ڏٺائين: اها پڙهي خيال ڪيائين ته ڏول جي چاهي ها ته مون کي ماري واڳي اُٺ تي چڙهي هليو وڃي ها. جيڪو تجلي کان به پلو آهي، پر هن ائين نه ڪيو. مارئي مڱ به سنديس آهي، تنهن ڪري مارئيءَ جو خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. اهو خيال ڪري واڳي اُٺ تي سوار ٿي ڏول جي ملڪ ۾ اچي هنن کي رسيو ۽ کانئن معافي ورتي، مارئيءَ کي پنهنجي ڀيڻ سمجهي، ڏول سان شادي ڪرائي پنهنجي ملڪ موٽي آيو.

---

(1) "ع": عمر هنن کي اچي پهتو تڏهن ڏول مارئيءَ کان پڇيو ته: "تون ڪنهن جي؟ مارئي جواب ڏنو ته: "اوهان مان جيڪو ڏاڍو آهي ان جي."

## روايت [4] *

# اُيرندي ٽر جي ڳالھ

"ڏاٽي"[1] جي شهر ۾ هڪ سُونھڙ ۽ سُونھڙي، زال مڙس رهندا هئا. ملڪ ۾ اهڙو ڏڪار اچي پيو جيڪو پنج – ست سال هليو. ٻي سموري خلق ٻين ملڪن ڏانهن ڀڄي وئي، پر سُونھڙ ۽ سُونھڙيءَ اُتان نہ لڏيو. ڇو تہ سونھڙي تمام حسين هئي. سونھڙ دل ۾ خيال ڪيو تہ آءٌ لڏي ٻئي ملڪ ۾ ويجان، متان مون کان ڪو زال کسي وڃي، سو اتي ئي ويٺو رهيو. هڪڙي ڏينهن زال چيس تہ: بکن ۾ مري ويا آهيون. ٻي سڀ خلق هلي وئي آهي، ڇو نہ پاڻ بہ هلي وٺيءَ جي ڪنڌيءَ تي ويهون، ۽ ڪو گذر سفر ڪريون. جڏهن الله راضي ٿيندو، پنهنجي ملڪ ۾ برساتون ٿينديون، تڏهن وري موٽي ايندا سون. مڙس چيس تہ: ڳالھ ٻڌ : هڪڙو تہ آءٌ ڪو وڏو ڪاريگر ڪونہ آهيان، ٻيو تہ مسڪين، توکي وٺي هلان، ڪو مون کان زبردستي ڪري توکي کسي وڃي، تنهن ڪري رُکو سُکو کايو هتي ئي ويٺا آهيون. زال چيس تہ: ٻيو خيال نہ ڪر، الله تي ڀروسو رکي، مون کي وٺي هل، تہ هلي ڪو پيٽ ڀريون:

رَن بَن ۾ رُونکڙو ڪُوڻ ڪري رکوال،
ڪاتاري ڪُل آپ رو، ڪاتاري ڪلتار.

---

* هيءَ روايت جان محمد عرف جوهڙ وپٽ محڪم الدين ميراسي، پاڙو ڏگا، عمر پنجاھہ سال، اصل وينل شهر جيسلمير، حال جمال شاھ جو پڙ حيدر آباد. جي زباني 16 سيپٽمبر 1965ع تي حيدر آباد ۾ قلمبند ڪئي وئي جان محمد اها ڳالھ پنهنجي اُستاد ۽ چاچي فتح محمد ميراسي کان سکي.

[1] جيسلمير کان ڏهن ميلن مفاصلي تي، اصل نالو لُدرا پاٽڻ

(جهنگ ۾ رڻ ۾ بيٺل ٻوٽي جي رکوالي ڪير ٿو ڪري؟ اسين زالون انهيءَ مثال آهيون. ڪا عورت پنهنجي ڳُل کي اُجاري، ته ڪنهن کي خدا پناهه ۾ رکي.)

سُونهن زال جي چوڻ تي يقين ڪري اُٺي هليو. منزلون ڪندا ڪندا اُجين نگريءَ ۾ آيا. شهر جي ٻاهران پهتا ته هن زال کي قاتل ڪپڙا پارائي، لٺ هٿ ۾ ڏئي، چيو ته: پوڙهين وانگر لُڏندي لُڏندي هل. شهر ۾ گهڙيا ۽ گهٽيون گهمندا گهمندا هڪڙي سيٺ جي نُهري (بنگلي) اڳيان اچي اُڪريا. سيٺ ڏٺو ته هي ڪي نوان ماڻهو ٿا ڏسجن. سو سڏ ڪري پڇيائين ته: اسان جي ملڪ جا ڪونه ٿا ڏسجو ڪير آهيو ۽ ڪٿي جا آهيو؟ سونهڙ جواب ڏنو ته: لُڊاڻي جا سونهڙ آهيون. ڏڪار جي سبب کان ٻک جا ماريل آهيون. هن شهر ۾ آيا آهيون. سائينجن مهرباني ڪري رهڻ جي ڪا جاءِ ڏين. سيٺ پنهنجي نُهري ۾ هڪڙي ڪوٺي کين ڏني. سونهڙيءَ کي مٿي تي هٿ رکي پنهنجي نياڻي ڪيائين ۽ چيائين ته: جيترا ڏينهن داڻي پاڻيءَ جا هجن، بلاشڪ هتي رهو. سونهڙ ۽ سونهڙيءَ کي جيڪا ڪوٺي رهڻ لاءِ ملي هئي، سا رستي جي ڪپ تي هئي. سونهڙ زال کي چيو ته : آءٌ توکي گهر ويٺي سڀ پورت ڪري ڏيندس. پاڻي بہ ڀري ڏئي، پوءِ ڪم ڪار سان شهر ۾ ويندس. تنهنجو ڪم ناهي گهر کان ٻاهر نڪرڻ.

سال ـ ڏيڍ اتي رهندي ٿي وين. هڪڙي ڏينهن سونهڙ کي دير ٿي وئي. سج لهي ويو پر گهر نہ موٽيو. سونهڙيءَ خيال ڪيو ته منهنجو مڙس ٿڪو ٽٽو ايندو. گهر ۾ پاڻي آهي ڪونہ. وري پاڻي ڀرڻ ويندو. تنهن کان چونہ آءٌ گهاگهر کڻي پاڻي ڀري اچان. سج لهي ويو آهي، ٻاهر مون کي ڪوبہ ڪونہ ڏسندو. اهو خيال ڪري گهاگهر کڻي رواني ٿي:

سُندر چَلِي ڌَرن پر، جل پَر تيريو جَهاج.
وارُون چال مرار ڪِي، سيت پات گجراج.

( عورت زمين تي ائين هلي، جيئن پاڻيءَ تي جهاز هلي. هنجھ ۾ هاٿيءَ جي چال سندس هلڻ تان گهوري ڇڏيان.)

پَٽاڌَر چوُنِي پِنجري، سُونڪل توڙي سار،
سِينهڻ نِڪلي سِيل نان، لَپسَٽ سَنا ڪَر نار.

( شينهڻ پِڃرو ڀڃي، شيل شڪار لاءِ نڪتي. عورت گهر مان ائين نڪتي آهي.)

سوٺهڙي هلندي وئي ته گهر کان وٺي تلاءَ تائين سندس پيرن جا نشان، ڪِينڪُو رنگ[1] سان ٿيندا ويا. پاڻي ڀري واپس آئي، ڇلهه ۾ باهه دکايائين، دونهون ٿيو ته ٻاريءَ (دريءَ) مان دونهون نڪرڻ لڳو. اُن وقت اُجين شهر جي راجا جو نائي به اتان اچي لنگهيو. تنهن خيال ڪيو ته اڳي هن جاءِ ۾ وسئون ڪانه هئي، هينئر ڪي ماڻهو رهن ٿا ڇا؟ سو ٻاريءَ ۾ منهن وجهي ڏسڻ لڳو ته ان وقت سوٺهڙي پئي ڇلهه ۾ ڦوڪون ڏنيون. باهه ڀڙڪو ڏئي ٻري ته هن ڪنڌ مٿي ڪنيو. نظر نائيءَ تي پيس. نائيءَ ۾ هن جون اکيون مليون ته نائي بيهوش ٿي ڪِري پيو. نائي جڏهن هوش ۾ آيو ته چيائين:

هي هَتيارِي پاپڻِي، ڏَيا نه آوي توءِ
مين تو ڪَڇُون نه بگاڙيو تين مُونٽ چلائِي موءِ

( اي هڇاري! توکي ديا نه آئي. مون ته تنهنجو ڪجهه به نه بگاڙيو، پر تون مون کي ويرمُٽ هنئي.)

ائين چئي نائي وٺي ڀڳو. تلاءَ جي طرف راجا شڪار تي نڪتو هيو. هيءُ به هليو تلاءَ ڏانهن، ڏسي ته راجا تلاءَ تي بيٺو آهي. پيا سوار به بيٺا آهن. راجا پيو تعريف ڪري ته: واهه واهه! اسان جو هي تلاءُ اهڙو سياڳو آهي، جو هتي ديوتائون به راند رهڻ ٿا اچن، جن جي پيرن جا نشان ڪينڪُو رنگ جا آهن. نائيءَ راجا کان پڇيو ته: سائين! ڇاجي تعريف پيا ڪريو؟ راجا چيو ته: بيوقوف! ڏسين ڪونه ٿو ته اسان تي ڏٽيءَ جو ايڏو رحم آهي، جو هن تلاءَ

[1] ڪينڪُو رنگ = ڪُنگور رنگ، ڳاڙها

تي ديوتائون راند رهڻ تا اچن. جن جي پيرن جا هي نشان آهن. نائيءَ راجا کي چيو تہ: سائين! جن کي ديوتا ۽ ديويون تا سمجهو سي پنهنجي شهر ۾ تا رهن. آءٌ کين ڏسيو پيو اچان. راجا چيو تہ: ڪير اهي؟ مرد آهي يا ضائفان آهي؟ چيائين تہ: ضائفان آهي. باقي ڪير آهي، سا مون کي خبر ڪانهي. نئين نُهري ۾ رهن ٿا. راجا پنهنجي هڪڙي ماڻهوءَ کي چيو: جيڪڏهن ائين آهي تہ نائيءَ کي پاڻ سان وٺي وڃ، ڏس تہ اهو پير برابر نُهري ۾ وڃي ٿو يا نائي ڪوڙ ٿو ڳالهائي! اهو ماڻهو نائيءَ سان گڏجي اتي آيو ۽ پيرواچي نُهري جي دروازي تي مُڪايائين. آسپاس مان پڇا ڪيائين تہ هي ماڻهو ڪير آهن، ڪٿان آيا آهن ۽ ڪهڙو ڪم ٿا ڪن؟ سيٺ جي ماڻهن ٻڌايس تہ: لُڊاڻي جا سوٽهڙ آهن، پاڻ ۾ زال مڙس آهن. ماڻهوءَ اچي راجا کي احوال ڏنو تہ: سائين! لڊاڻي جا آهن، جتي سوٽهڙ جي زال آهي، پير برابر اُتي وڃي مُڪا آهن.

رات خير جي گذري، ٻئي ڏينهن راجا، سوٽهڙ کي پاڻ وٽ گهرايو. ڏاڍي عزت آبرو ڏني، مانَ شانَ سان ويهاري، چيائينس تہ: ادا! مون کي راجا ڪيو آهي تہ "الله" ڪيو آهي، آءٌ بہ سوٽهڙ آهيان، تنهنجو ڀاءُ آهيان. تووٽ هڪڙي شيءِ آهي، جا مون ڀاءُ کي ڏي هن چيو تہ: سائين! مون وٽ اوزار ماڳهين چار آهن، جن سان پنهنجو ڪم ڪار ڪندو آهيان، انهن مان جيڪو چئو سو سائينجن کي ڏيان؟ راجا چيو تہ: اوزار مون کي ڪين کپن، چئين تہ اهي پاڻ توکي سون جا نُهرائي ڏيان. سوٽهڙ چيو تہ: سائين! پوءِ الاجي ڇا ٿا گهرو؟ راجا چيس تہ: ادا! تنهنجي زال مون کي ڏي، ان جي عيوض توکي بہ زالون پرڻائيندس. هڪڙي ڪاري ٻي پُوري. سوٽهڙ چيو تہ: راجا! تون وقت جو بادشاھ آهين، ماري ڇڏين تہ ماري ڇڏ، پر آءٌ زال ڪونہ ڏيندس. راجا چيس تہ: اڄوڪي ڏينهن جي موڪل اٿئي، سوچي، ويچاري، صلاح ڪري صبح جو مون کي جواب ڏجئين، ۽ اهو فيصلو ڪيو اڄجائين تہ زال مون کي ڏين ٿو يا نہ.

سونهڙ موٽي گهر آيو زال کي چيائين ته: توکي منع ڪئي هيم ته گهر کان ٻاهر نه نڪرجَئين، پر تون پاڻي ڀرڻ هلي وئينءَ. راجا توکي ڏٺو آهي، هاڻي تنهنجي ٻانهن ٿو گهري، نه ته ماري ڇڏيندو تو منهنجو چورڻ نه ڪيو تنهنجي چورڻ تي لڳي هتي آيس. انهيءَ ڪري ته مون پنهنجو ملڪ نه ٿي ڇڏيو. زال چيس ته: مرد جي صورت آهين. زال ڏيڻ وات سان اصل قبول نه ڪجئين. پر جڏهن ڏسين ته ترار سِر تي آهي، سِر ٿو وڃي، تڏهن چئجئين ته: راجا . هڪڙي ڳالهه آهي، اها مڃين ته زال ڏيائينءِ. اها هيءَ ته چنڊ گرهڻ ۾ جهليل هجي، تون ڪوري ڪپڙي ۾ ويڙهيل هجين. ۽ ڪوٽ تان لهي، گرهڻ جو دان، گرهڻ جو دان چوندو منهنجي در تي اچين ته پوءِ آءٌ توکي زال ڏيندس. راجا اها ڳالهه قبول نه ڪندو ڇو ته راجا، گرهڻ جو دان نه وٺندو.

سڄ اُڀريو ڏينهن ٿيو. سپاهي هن کي وٺي، راجا وٽ ويا. راجا کيس عزت آبرو سان ويهاري چيو ته ادا! ڪهڙو فيصلو ڪري آيو آهين؟ هن چيو ته: سائين! فيصلو اهو ئي ڪيو اٿم ته سِر وڃي ته ڀلي وڃي، زال پنهنجي ڪونه ڏيندس. راجا هن کي هيٺ مٿي جون گهڻيئي ڳالهيون ڪيون پر هن هائو نه ڪئي. آخر ڪار راجا نوڪرن کي حڪم ڪيو ته: هن جو مٿو لاهي ڇڏيو. سونهڙ چيو ته: سائين! مار نه. هڪڙي ڳالهه منهنجي بہ قبول ته زال ڏيندس. اها هيءَ ته چنڊ گرهڻ ٿئي ته ڪورو ڪپڙو پنهنجي بدن کي ويڙهي، ڪوٽ کان منهنجي در تائين، "گرهڻ جو دانُ گرهڻ جو دان" چوندو اچين ته زال توکي ڏيندس. نه ته ماري ڇڏينءِ ته ماري ڇڏ. راجا چيو ته: قبول آهي. آءٌ گرهڻ جو دان اچي وٺندس. ائين چئي سونهڙ کي موڪل ڏنائين.

راجا، پنڊت جوتشي گهرايو پڇيو ته: گرهڻ ڪڏهن آهي؟ هنن پنهنجا پُستڪ ٽپڻا کولي، ڏسي ٻڌايس ته: راجا! فلاڻي تاريخ چنڊ جهلبو. راجا هاڻي انهيءَ تاريخ جي انتظار ۾ رهيو. سونهڙ پنهنجي زال سان اچي حقيقت ڪئي. زال چيس ته: جيڪي ڪري آيو آهين، سو ٺيڪ آهي. پر هاڻي تون بہ گرهڻ جي تاريخ پڇي ڇڏ. هن تاريخ پڇي هٿ ڪئي، آخر چنڊ گرهڻ

جو ڏينهن آيو. سونهڙي پنهنجي اڱڻ کي ليپو ڏئي، وهنجي سهنجي، جيڪي غريباڻا ڪپڙا لٽا هئس، اهي پائي، پاڻيءَ جو لوٽو پري، گرهڻ جي ٽاپنا ڪري، انهيءَ چونڪ ۾ ويهي رهي. گرهڻ جو دان پيل وٺندا آهن. پيا ڪونہ وٺن. پيلن جو گرهڻ ڏنو سي دان وٺڻ لاءِ گهرن مان نڪري پيا ۽ " گرهڻ جو دان، گرهڻ جو دان" چوندا، شهر مان دان وٺڻ لڳا. اهو آواز جڏهن راجا جي ڪن تي پيو، تڏهن تپ ڏئي اٿيو چيائين تہ گرهڻ جو دان مون کي بہ وٺڻو آهي، سو وهنجي سهنجي، ڪورو ڪپڙو بدن کي ويڙهي، گهٽين ۾ گهمڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ: "گرهڻ جو دان، گنگا جو سنان، راجا چڏيو ايمان". گهٽين ۾ اهو هوڪو ڏيندو ڏيندو،سونهڙ جي در تي آيو ۽ چيائين تہ: ادا! هاڻي پنهنجو وعدو پورو ڪر، دان ڏي! سونهڙ، سونهڙيءَ کان پڇيو تہ: هاڻي ڇا ڪريان؟ سونهڙيءَ چيس تہ: راجا جو هٿ ۽ منهنجو هٿ گڏي ٽاپنا وارو پاڻي هٿن تي وجهي، چئو تہ " شِري ڪرشنا جو پُن". سونهڙ ائين ڪري، سندن هٿن تي پاڻي وجهي، اجا هٿيوئي ڪين تہ راجا جو مٿو اُڏاڻو ۽ وڃي پري پيو. وري نظر ڪيائين تہ سونهڙيءَ جو بہ سِر اُڏامي وڃي پري پيو. حيران ٿي وڃي سونهڙيءَ جي مٿان بيٺو تہ سندس سِر بہ اڏامي وڃي پري پيو. راجا جي نوڪرن چاڪرن ريت رسم موجب راجا کي وڃي مساڻ ۾ ساڙيو ۽ هنن غريبن کي اتي ئي چڏي ڏنو.

مانسرور جنهن تي هنجهہ ويهندا آهن. اتي لکين هنج وينا هوندا هئا. مانسرور انسان جي روپ ۾ ٿي، روز هنن کان اچي پڇندو هو تہ: آءٌ نہ هجان تہ اوهان کي ڪير سچا موتي کاڻڻ لاءِ ڏئي؟ خوشامد جي ڪري سڀ هنجهہ چوندا هئا تہ: مانسرور! تون نہ هجين ها تہ اسان کي ڏاڍي تڪليف ٿئي ها. هڪڙي هنجهہ ٻين هنجهن کي چيو تہ: اوهين روزانو ڪوڙ ٿا ڳالهايو اڄ جيڪڏهن مانسرور پڇڻ آيو تہ آءٌ سچو جواب ڏيندس. هنن چيو تہ: ادا! هتي سکيا وينا آهيون، اجايو وجهندين پاڻڙن ۾ پنج سيري. هن چيو تہ: ڪجهہ بہ ٿئي، آءٌ ضرور ڳالهہ ڪندس. ايتري ۾ مانسرور بہ آيو ۽ چيائين تہ:

هنجها ٻڌايو ته آءُ نه هجان ها ته ڪير اوهان کي سچا موتي ڪاڻڻ لاءِ ڏئي ها؟ انهيءَ تي هن هنجهه ڳالهايو ته مانسرور! خبر ٻڌ: جنهن هي سنسار پيدا ڪيو آهي، اهو ئي سيني ساهه وارن کي کاڌو به ڏئي ٿو. اسان کي به اهو ئي پالڻهار روزي ڏئي ٿو تو ۾ ڪهڙي طاقت آهي، جو اسان کي روز رسائين! اهو ٻڌي مانسرور چيُن ته: هاڻي اڏامي هليا وڃو. اوهان کي جيڪو گذران ڏيندو هئس، سو هاڻي بند اٿو. ٻيا سڀ هنجهه اهو اکر ٻڌي اڏامي ويا. پر هڪڙو ڪنين ڪُٺل هنج هو سو اتي رهي پيو. ان کي به مانسرور گذر نه پيو ڏئي. هو ويچارو جهونا پراڻا، ٽُڪر تانيا، ٻچت سچت موتي، جيڪي ٻاهر پيا هئا، سي ڪائي گذران ڪرڻ لڳو. هڪڙو انسان اتان لنگهيو سو ڪيس چوڻ لڳو:

سَر سُوڪو، هَنسو چُڳي، اُڏاي نهين مَت هيڻ،
ڪاتو سرور گُڻ آڳڙو يا هَنسو هئي سُڪليڻ.

( تلاءُ سڪندو وڃي پر هنجهه نٿو اڏامي. يا ته مانسرور جا هنجهه سان ايڏا گُن ڪيل آهن، يا هنس اصيل آهي، جو چئي ٿو ته سُڪ ۾ به اِتي ڪٽياسون ته ڏک ۾ به اِتي ئي ڪٽينداسون.)

انسان جا اهي اکر ٻڌي، هنجهه ورندي ڏنيس ته:

تَڙ گُڏڙو اُوپر اَڇو لِيو ساهِر ڪو منجهه،
پانک سُهاري پِهه ڪران، اگ اُوڏڻ وارو هنجهه.

( هيءُ مانسرور مٿي اڇو آهي، اندر جو ميرو آهي، هن جوانت وٺي ڇڏيو اٿم. آءُ سَرين ڀَرين تيار ٿي اُڏامڻ وارو آهيان.)

تڏهن اهو ماڻهو وري هنجهه کي چوڻ لڳو:

هُنسا! سرورنه ڇَڏيئي، جي جَل ڪَوَڙو هوءِ،
ڇيلَر ڇيلَر ڀَٽ- ڪتان، ڀلا نه ڪهسي ڪوءِ.

( هنجها سرور کي نه ڇڏ. ننڍن ننڍن ۽ ڍنڍن تي رلندي توکي ڪو به چڱو ڪونه چوندو.)

هنجهه ورندي ٿو ڏئيس:

هَسلو هِيٺي ذات، ڪاتو ڪڻ رو نہ سَهان،
ٻٽڪيا پيني رات، موڙا يا موتي چُگان.

( اسين هنجھہ ڪنهن جي گلا ڪين ٻڌون، مري بہ موتي چڳون، پيو چارو ڪونہ کائون.)

هنجھہ جو اهو جواب ٻڌي، ان ماڻهوءَ وري مانسرور کي چيو تہ:

سَرور! هنس مَنايلئي، نيڙان ٺَڪان ٻَهوڙ
جِڪان بيٺان رَڙياوَٽو جان سي تاڻ نہ توڙ.

( سرور: هنجهن کي پرچائي وٺي آءُ اهي ويٺا آهن تہ سهٽو تو لڳين، انهن سان ٺي توکي مانسرور تا چون، اهي نہ هوندا تہ ڍنڍ چوندءِ.)

تڏهن مانسرور ورندي ڏني تہ:

اُوڏي تو برجو نهين، بيسي تو ٻَهوڙ
هنسان نان سرورُ گهڻا، تو سرور هنس ڪروڙ.

( اڏامي وڃن تہ جهليان ڪونہ. ويهن تہ ويٺا هجن. هنجهن کي جيڪڏهن مانسرور ملي ويندا تہ مون کي بہ هنجھہ ڪروڙ ملي ويندا.)

اِتي هنجھہ انسان کي چيو تہ: ادا! چڌ اسان جي پچر،

پانک سُنهاري پهہ ڪران، ڏاڙا رتگ پري،
اُوڏڻ وارو هنجهڙو بَڻ بَڻ ڏُهان ڪري.

( کنڀ تيار ڪيا اٿم، اڏامڻ وارو آهيان. هتي جا وڻ ياد ڪندو هليو ويندس.)

اٿين چئي هنجهڙو اڏاٽو اڏامندو اڏامندو هڪڙي هنڌ آيو بک لڳي هيس، هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين، هڪڙي ٿوهر ۾ چيڙن جي ول نظر آيس، جنهن ۾ چيڙ پئي لٽڪيا، هنجھہ بک کان اهي کٽي کاڌا. وري ڏسي تہ مينهن جو ڪُر، زمين ۾ پاڻيءَ سان پريو پيو آهي، ان ۾ ڏيڏر ويٺو هو هنجھہ اچي لٿو. ڏيڏر پڇيس تہ: ادا! ڪٿي ويٺو آهين؟ چيائين تہ: مانسرور ۾. ڏيڏر پڇيس تہ: ادا! تنهنجو مانسرور ڪيڏو وڏو آهي؟ هن چيو تہ: ادا! تمام وڏو آهي. ڏيڏر

پسند اچي ۽ تنهنجي شادي ڪرائي ڇڏيان تہ پسند ڪندين؟ ڪنيا چيو تہ: مهراج! جيڪي توکي پسند آهي، سو مون کي بہ پسند آهي.

هنجهہ وري بہ هن کان پڇا ڳاڇا ڪري، پڪ ڪري اڏاڻو ۽ اڏامندو اڏامندو "نرمرگڍ" ۾ راجا نل جي باغ ۾ اچي لٿو. مالهيءَ جي نظر پيس. تنهن ڊوڙي راجا کي خبر ڏني تہ: راجا! پنهنجي باغ ۾ هڪڙو اهڙو پکي آيو آهي، جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي. راجا، مالهيءَ سان گڏجي باغ ۾ آيو. ڏسي تہ هنجهہ ويٺو آهي. راجا کيس چيو تہ: هنجهہ راجا! مهرباني ڪري هيٺ لهي اچ. هنجهہ لهي آيو. راجا کيس وٺي پنهنجي محلات ۾ آيو. پوءِ راجا هن سان رات ڏينهن رهاڻيون ۽ محفلون ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

راجا کي بہ- ٽي مهينا ٿي ويا. جو راڻيءَ وٽ محلات ۾ نہ ويو هو. رڳو هنجهہ جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هوندو هو. راڻيءَ خيال ڪيو تہ هي هنجهہ نہ پر ڪو جادوگر آهي، جو رات جو ظائفان ٿيو وڃي، ۽ ڏينهن جو هنجهہ ٿيو ويٺو آهي. موقعو ملي تہ هن کي ماري ڇڏيان. هڪڙي ڏينهن راجا هنجهہ کي چيو تہ: تون ويٺو هج تہ آءٌ ڪلاڪ ڪن گهوڙي جو سئر ڪري اچان. راجا گهوڙي تي چڙهي هوا خوري لاءِ هليو ويو. راڻيءَ ڏٺو تہ اج موقعو آهي، هنجهہ اڪيلو ويٺو آهي، ڇو نہ ماري ڇڏيانس، جو راجا تي جادو ڪيو ويٺو آهي. راڻي ڇهبڪ هٿ ۾ کڻي انهيءَ محلات ۾آئي، جتي هنجهہ ويٺو هو. پڇيائينس تہ: اڙي ڪير آهين؟ هنجهہ چيس تہ: ديوي! آءٌ هَنس آهيان. راڻيءَ چيس تہ: ڳنس آهين؟ چيائين تہ: ڳنس نہ آءٌ هَنس آهيان. راڻيءَ چيو تہ: رات جو ظائفان ٿيو وڃي ۽ ڏينهن جو هنس ٿيو ويٺو آهين! ائين چئي ڇهبڪ واهيائينس ۽ اڳتي وڌي تہ هنجهہ کي جهلي سندس ڳچي پٽي ڇڏيان، هنجهہ اڏامي وڃي باغ ۾ ويٺو ۽ انتظار ڪرڻ لڳو تہ راجا اچي تہ ان کان موڪلائي هليو وڃان.

راجا کي اوچتو دل ۾ خيال آيو تہ راڻي متان هنس کي ماري نہ وجهي، سو جلد ئي وريو پوئتي. محلات ۾ اچي ڏسي تہ ڪنبي ٽُٽا پيا آهن، هنس آهي ئي ڪونہ. راجا کي سورنهن آنا خاطري ٿي تہ راڻيءَ هنجهہ کي ماري ڇڏيو. ايتري ۾ مالهيءَ اچي ٻڌايس تہ: راجا! ٻيو بہ هڪڙو هنس اچي باغ ۾ ويٺو آهي. راجا ويو هٿ جوڙ ڪري، هنجهہ کي وٺي آيو. هنجهہ چيس تہ: راجا! جهڙو تون آهين، تهڙي توکي گهر ۾ زال ڪانهي. راجا چيس تہ: مهراج! ٻيو ڪو ٽِيڪو[1] نٿو ملي. هنس چيس تہ: مهراج! مون سان گڏ هل تہ آءٌ توکي پدمڻي زال پرڻائي اچان. راجا چيس تہ: اِئين ڪرين تہ مهرباني، باقي ڇا گهرجي! هنس چيس تہ منهنجي پَرن تي سوار ٿي تہ آءٌ توکي وٺي هلان.

هنس، راجا کي پنهنجي پَرن تي چاڙهي وٺي اُڏاڻو ۽ انهيءَ ٽاپوءَ تي اچي لٿو جتي ڪنيا ڏٺي هئائين. محلات جي ٻاهران لٿو ڪنيا ٻاهر نڪري آئي، هٿ ٻڌي بيهي رهي. هنس چيس تہ: ڪنيا! آءٌ تنهنجي لاءِ ور وٺي آيو آهيان. ڪنيا چيو تہ: مهراج! جيڪا توکي منظور سا مون کي بہ منظور آهي. راجا چيس تہ: مهراج ! هتي برهمڻ تہ آهي ئي ڪونہ، اسان جي ويڙهي ڪير پڙهائيندو؟ هنس چيو تہ: راجا! برهمڻ مون کان بہ واڌاري! آءٌ برهمڻ کان وڏيڪ آهيان. ائين چئي چوئنري ٺاهي، ٻلا ٻَلي ٻڌي، ويڙهي پڙهائي، ٻنهي کي پنن تي کڻي اُڏاڻو ۽ نرهرگڍ ۾ اچي لٿو. راجا کي ڇڏي ڇيائين تہ: مهراج! هاڻي آءٌ موڪلايان ٿو. توسان ڪي ڏينهن گڏ گهاريم. اُن جو عيوض اهو ٿو ڏيانءِ، جو توکي ڪنيا پرڻايو ٿو وڃان. هنجهہ اڏامي هليو ويو ۽ راجا پنهنجي محلات ۾ سکيو ٿيو.

وڏي راڻيءَ جو محلات، راجا جي محلات جي پاسي ۾ هو. آسُر مهل ننڍي راڻي اٿي ساڙهي ٺاهڻ لڳي تہ سندس ساڙهيءَ جو پلاند هوا تي دريءَ جي اڳيان اُڏامڻ لڳو. وڏي راڻيءَ جي نظر پئجي وئي، تنهن کي پڪ ٿي تہ

[1] گهر ويٺي سگھ ملڻ جي آچ

اهو هنجهہ آهي، جيڪو رات جو ظاڦان ٿو ٿئي. اڄ راجا جي اڳيان ڇو نہ وڃي پورو ڪريانس. سو ڪٺندي ئي ڇهبڪ اچي محلات ۾ گهڙي راجا جي نظر پيس تہ اٿي اڳيان ٿي بيٺو ۽ پڇيائينس تہ: ڇا لاءِ آئي آهين؟ چوڻ لڳي تہ: هي هنس، رات جو راڻي ٿئي ۽ ڏينهن جو هنس. تنهن کي مارڻ آئي آهيان. راجا چيس تہ: هيءُ هنس ناهي، منهنجي راڻي آهي، جيڪا پرڻجي آيو آهيان. اڳتي وري هن محلات ۾ پير بہ نہ رکجئين.جي آئين تہ ماري ڇڏيندوسئين. صبح جو ننڍي راڻي، راجا کي چيو تہ: مهراج! آءُ راجا اندر جي ياءُ ٻن جي مڱيندي آهيان. اِندر پاڻ کي تڪليف ضرور ڏيندو تنهن جو بندوبست ڪرائي ڇڏيو جيئن هتي پاڻ وٽ اچي نہ سگهي. راجا پهرا لڳائي ڇڏيا ۽ حڪم ڏنائين تہ ڪوبہ ماڻهو منهنجي اجازت کانسواءِ مون وٽ نہ اچي ۽ نوڪرن چاڪرن کي بہ حڪم ڏنائين تہ هر وقت ننڍي راڻيءَ جي خدمت ۾ ويٺا هجو.

راجا اِندر کي بہ خبر پئي تہ منهنجي ننڍي ياءُ جي ٻانهن نرهرگڍ جو راجا نل ، شادي ڪري وٺي ويو آهي، سو ٻامڻيي (جامڙي) جو روپ ڪري، پهريدارن کان موڪل وٺندو وٺندو اچي راجا وٽ محلات ۾ نڪتو ۽ چيائين تہ: راجا! مون کي سڃاڻين ٿو؟ راجا چيس تہ: نہ هُن وٺي قد ڪيو تہ آسمان سان وڃي ڇوٽي لڳيس ۽ پير پٽ تي پيا هئا. اِندر چيس تہ: منهنجو نالو اندر اٿئي، جنهن جي ياءُ جي ٻانهن ڪٽي آيو آهين. هاڻي توکي ٽي شرط ڇوان ٿو انهن مان ڪوبہ هڪ قبول ڪر: (1) جيتري دير ڳئون ڏُيي، اوتري دير جي برسات قبول ڪر. (2) يا تہ ٻارنهين سال جو ڏڪار قبول ڪر. (3) يا تہ وري لڙائي قبول ڪر. راجا پنهنجي راڻيءَ کان پڇيو تہ: هاڻي ڇا ڪريون؟ راڻيءَ چيس تہ: مهراج! ڳئون ڏُيي، اوتري دير جي برسات ۾ اِندر پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيندو. لڙائيءَ ۾ بہ پاڻ هن کي پڄي ڪونہ سگهنداسون. تنهن کان ٻارهين سال جو ڏڪر ڪٽي قبول ڪر. راجا ٻارنهن سالن جو ڏڪر قبول ڪيو. اِندر ويندو رهيو ۽ پنهنجي ٻارهن ئي مينگهن کي حڪم ڏئي

چڏيائين تہ: منھنجي حڪم ڪانسواءِ ، ٻارنھن سالن تائين، راجا نل جي زمين تي بُوند برسات جي نہ ڪِري.

راجا نل جي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. هڪڙو سال ڏڪار جو گذريو ٻيو گذريو ٽيون گذريو. رعيت ۾ ڀڄ ڊوڙ پئجي وئي، ماڻھو لڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي گذر سفر ڪرڻ لڳا. راجا ۽ راڻي فقط ٻہ ڄڻا وڃي بچيا. راجا چيس تہ: راڻي! هاڻي تہ صفا سچ تي وئي آهي. ملڪ ۾ پٿر ئي ڪانہ رهي آهي. هاڻي پاڻ بہ هلي ڪنھن وسئن تي پيڙا ٿيون. جيسين ڏڪار جا سال پورا ٿين.

راجا ۽ راڻي، ملڪ ڇڏڻ وقت پاڻ ۾ واعدو ڪيو تہ جيسين هي ڏُک جا ڏينھن آهن، تيسين هڪٻئي سان قرب محبت ڪونہ ونديندا سين. پوءِ گهوڙن تي سوار ٿي قلعي کان ٻاهر نڪتا. راجا نل، قلعي کي سلام ڪيو.

نَل راجا ٻِکو پڙيو ڪَري گھوڙان پر زين،
نَل راجا مُجرو ڪيو جد نويا ڪنگرا تين.

(جڏهن نل راجا تي مصيبت جو وقت آيو تڏهن گهوڙن تي زين وجهي هلڻ لاءِ تيار ٿيو قلعي کي سلام ڪيائين تہ قلعي جي ٽن ڪنگرن بہ نمي سلام جهليو.)

نَل راجا ٻِکو پڙيو گھاتيو گھوڙان پر بار،
ٻارهي برسي مِلسيان، نہ تہ نرهرگيو جُھار.

( نل راجا کي جڏهن اوکي پئي، تڏهن گهوڙن تي بار وجهي چيائين تہ " نرهر ڪوٽ! ٻارهين ورهئين اچي ملنداسين نہ تہ هي آخري سلام آهي." )

راجا ۽ راڻي، ٻئي مرداڻي لباس ۾، گهوڙن تي سوار منزلون ڪندا هليا. ڪين اَنُ ڪاڏي چار ڏينھن ٿي ويا. ڪو پکي پکڻ نظر ڪونہ آين جو ڏڪار جي ڪري، سيڪو ساهوارو وسنديءَ واري ملڪ ڏانھن هليو ويو هيو. پنجين ڏينھن ٻارهن تتر اُڏامندي نظر آين. راجا ٻارهن ئي تتر ماري توبري ۾ وڌا ۽ وري اڳتي هليا. هڪڙي شهر جي ٻاهران اچي ويٺا تہ ڪنھن ماڻھوءَ چين تہ: هتي هڪڙي سيٺ جي سداوِرت هلي ٿي، جيڪو چار مانيون ۽ پاءُ

نڪيل راجا کي تہ شينهن تو ماريا تي سگهئي تہ ان جي مدد ڪر. راجا چيس تہ: راڻي! تون پنهنجي گهوڙي کي سنياري اتي بيهہ تہ آءٌ ٻڇي ڪٽي، وچ ۾ گهوڙو ڪُڏائي وڃي تو بيهان، اميد تہ شينهن کي مارينداس. راجا، گهوڙي جي لغام ۾ هٿ وڌو تہ راڻي چيو تہ: راجا! آءٌ بہ ڳڏ تي هلان. پوءِ ٻئي ڄڻا گهوڙن کي ڪُڏائي، راجا پنگل ۽ شينهن جي وچ ۾ اچي پيا ۽ شينهن اڃا هوا ۾ ئي هو تہ ان کي ٻڇين ۾ تنبي ڪٽي ويندا رهيا ۽ وڃي پري اچلايائونس. راجا پنگل، شينهن جي دهشت کان بيهوش ٿي ويو هو شينهن کي مئل ڏسي، لشڪر وارا بہ ڊوڙي اچي هاٿيءَ جي پاسي ۾ بيٺا. راجا هوش ۾ آيو تہ سندس ماڻهو ٻڌاڪون هڻڻ لڳا. ڪو چوي تہ مون تير هنيو ڪو چوي تہ مون ٻڇي هنئي. سيڪو پنهنجي سرسي ڏيکارڻ لڳو. راجا پنگل چيو تہ: مون اوهان سيني کي ڏٺو پر شينهن مارڻ وارا هو بہ جوان آهن، جيڪي پريان بيٺا آهن، وٺي اچون تہ پڇان تہ ڪير آهن.

ماڻهو راجا ۽ راڻيءَ کي وٺي آيا. راجا نل، راجا پنگل کي سلام ڪري اڳيان بيهي رهيو. راڻي بہ گهوڙي تي ويٺي هئي، راجا پنگل پڇيو تہ: خبر ڏيو تہ ڪير جوان آهيو ڪٿي جا آهيو ۽ ڪيڏانهن نڪتا آهيو؟ راجا نل چيس تہ: راجپوت آهيون ۽ پاڻ ۾ سالو ٻيڻويو آهيون، پيٽ گذر لاءِ نڪتا آهيون. راجا پنگل چين تہ: توهان منهنجي جان بچائي آهي، تنهن ڪري مون وٽ ئي هلي نوڪري ڪريو ۽ منهنجي پلنگ جي حاضريءَ ۾ رهو. هنن چيو تہ: اسان کي ڪپي پيٽ گذر سو جي توهان وٽ ملي تہ اسين ٻئي هنڌ ڇو وڃون؟ راجا پنگل کين پنهنجي شهر پُوگل ۾ وٺي آيو. رات جو راجا نل پهري تي بيهي، سڄي رات پهرو ڏئي ۽ ڏينهن جو سندس راڻي، مرداڻو لباس ڍڪي پهرو ڏئي. کين رهڻ ۾ جيڪا جاءِ ملي، سا راجا پنگل جي راڻين جي محلات پرسان هئي.

راجا نل ۽ سندس راڻي کي، اتي نوڪري ڪندي بہ- چار سال گذري ويا. برسات جي مند آئي، آکاڙ جو مهينو هو هڪڙي رات راجا نل، راجا

پنگل جي محلات کي پهرو پئي ڏنو سندس راڻي پنهنجي جاءِ ۾ سُتي پئي هئي. برسات ڏسي، سندس دل ۾ اُمنگ اُٿڻ لڳا. ايتري ۾ پپيهي ڳالهايو ۽ ”پِيهي پِيهي“ جو آواز ڪيائين، تڏهن راڻي چيس تہ:

پَپِهيا پِيهي پِيهي ڪري، پِيا نيڙو پرڏيس،
اپني پِيا سي جڏ مِلان، جاوان اَپڻي ڏيس.

( پپيها! ’پِيا پِيا‘ ڪرين ٿو منهنجو پيا ويجهو آهي، پر منهنجي ليکي پرديس ۾ آهي. پنهنجي پرين سان تڏهن مِلان،جڏهن پنهنجي وطن موٽي هلان.)

وري چيائين تہ:

پَپِهيا! چڙهہ ڏونگري، واٽ وهِنتا جوءِ،
اُوٺان ميهان، اَپڻان ساجڻا، مانجا ڳڏان ميڙاهوءِ

( پپيها! جبل تي چڙهي ڏس تہ منهنجي ملڪ جي برسات ۽ پنهنجي مڙس سان منهنجو ڪڏهن ميل ٿيندو؟)

اهي اکر راجا پنگل جي راڻي ٻڌي ورتا. تنهن پنهنجين ٻانهين کي چيو تہ: راجا وٽ جيڪي نوان پهريدار آهن، سي سالو پيٽويو ناهن، پر ڍکن جا ماريل زال مڙس آهن. جيڪو رات جو پهرو ڏئي ٿو سو مرد آهي ۽ جيڪو ڏينهن جو پهرو ڏئي ٿو سا زال آهي. ٻانهيون عجب ۾ پئجي ويون. چيائون تہ: راڻي! ائين ڪيئن هوندو؟ ائين هجي ها تہ هيترن سالن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڳالهہ ضرور کُلي پوي ها. راڻيءَ چيو تہ: جي سچ ڪوڙ جي خبر وٺڻي اٿوَ تہ اوهان مان هڪڙي جڻي وڃي، جيڪو جڳهہ ۾ ويٺو آهي، تنهن کي چوي تہ توکي راڻي گهرايو آهي، هواچي تہ اوهين هوشيار ٿي ويهجو. قنات جي ٻئي پاسي ڪيس ويهارجو. اک جو اشارو ڪريان تہ ڏهہ- ٻارنهن ڄڻيون چڙهي وڃوس، پوءِ ڏسو تہ زال آهي يا مرد!

ٻانهي ڊوڙندي راجا نل جي راڻيءَ وٽ آئي. چئي: ناڪرا! راڻي توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻ ٿي گهري، تنهن ڪري توکي گهرايو اٿس. هيءَ خود

راڻي هئي، تنهن کي سڀ خبر هئي تہ راڻين وٽ ڪهڙي طريقي سان وڃڻو آهي، سا هٿيار پنوهار ڇڏي، دُشالو ڪلهي تي ڪري، ٻانهيءَ سان گڏ اچي ڏيڍيءَ تي ويٺي. راڻيءَ ڏيڍيءَ جي اندران ٻانهين کي حڪم ڪيو تہ: اندران قنات هٽي، ٺاڪر کي گاديلو وڇائي ڏيو تہ ويهي. حڪم موجب ٻانهين گاديلو وڇايو هُن کي ويهڻ جي اجازت ملي. راجا پنگل جي راڻيءَ چيس تہ: ٺاڪر! خبر ڏي تہ رات جو جيڪو پهري تي ويهي ٿو سو تنهنجو پيٽويو آهي؟ پانيان ٿي تہ اجا تنهنجي پيڻ جو رڳو مڱڻو ٿيل آهي، اوهين ٻئي ڪنوارا آهيو. هن کي ڳالهين ۾ لڳائي، ٻانهين کي اشارو ڪيائين، اهي تہ اڳئي تيار ويٺيون هيون، سي يڪدم مٿان چڙهي ويس. شيرواني لاهي ڏٺائونس، پلا زال ماڻهو ڪا لِڪڻ جي آهي! ضائفان ظاهر ٿي پئي. پٽڪي جي ڪرڻ ڪري مٿي جا وار اچي ڪُڙَيءَ سان لڳا. اتي راڻيءَ روئي، راجا پنگل جي راڻيءَ کي چيو تہ: اسان جي ظاهر ڪرڻ مان توکي هٿ ڇا آيو؟ راڻيءَ چيو تہ: سچ ٻڌاءِ تہ ڪير آهيو؟ راجا نل جي راڻيءَ چيو تہ: رات جو جيڪو پهرو ٿو ڏئي سو نرهرگڍ جو راجا آهي، ۽ آءٌ سندس راڻي آهيان. راجا اِندر جي دشمنيءَ ڪري ٻارنهن سالن جو ڏڪار قبول ڪيو اٿئون.

ڏڪار جي ڳالهہ تہ سڀ هنڌ مشهور هئي. سو راجا پنگل جي راڻيءَ يڪدم پنهنجون پيٽيون کولي، اُچون ۽ عاليشان پوشاڪون ڪڍي، راجا نل جي راڻيءَ کي پارايون ۽ ٻانهيءَ کي حڪم ڪيائين تہ: وڃ، راجا پنگل کي وڃي چئو تہ توکي راڻي گهرايو آهي. ٻانهي، راجا وٽ آئي، عرض پيش ڪيائين. راجا محلات ۾ آيو تہ راڻي سندس اڳيان اچي ويٺي. راجا کي چيائين تہ: جيڪي بہ ڄڻا تنهنجي پهري تي آهن، تن کي سڃاڻين ٿو تہ ڪير آهن؟ راجا چيو تہ: ها، راجپوت آهن. فلاڻا نالا اٿن ۽ فلاڻيون ذاتيون اٿن. راڻيءَ چيس: راجا! پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ لاءِ اهين ٻڌايو اٿن، حقيقت ۾ نرهرگڍ جو راجا نل ۽ سندس راڻي آهن. رات جي پهري تي راجا نل آهي ۽ ڏينهن جي پهري تي سندس راڻي. راجا چيو تہ: ان ڳالهہ جي توکي ڪهڙي

خبر؟ راڻيءَ کيس سموري حقيقت ٻڌائي. راجا پنگل ڏاڍو ارمان ڪري پنهنجي بنگلي ۾ آيو. ايندي سٺ راجا نل کي پاڪر پائي چيائين تہ: راجا! تو قهر ڪري ڇڏيو جو مون جهڙي ادنيٰ ماڻهوءَ جي اڳيان نوڪر ٿي رهڻ منظور ڪيو اٿئي! معاف ڪجانءِ جو مونکي خبر ڪانہ هئي. راجا نل چيو تہ: راجا پنگل!

سُک دُک سَمپت بي بَسوَ نَر ڪاهِر مت هويءِ

مَرڻ جيئڻ وِجوگتا، ڪلتار ڪري سويءِ

( سُک دُک ، خوشي ۽ بيوسي ۾ مرد ڪاهل نہ ٿئي. مرڻ جيئڻ ۽ وڇڙڻ ربّ جي وس ۾ آهي. جيئن ڪري تيئن ٿئي.)

اسان کي اهي ڏک ڏاڪڙا لکيل هئا، سي ڪاٽياسون. توکي شاباس آهي جو اسان کي هيترو وقت غير سمجهي بہ روزگار سان لڳايئي.

راجا نل ۽ سندس راڻيءَ کي رهڻ لاءِ خلاصو محلات مليو جتي سندن رهڻ،کائڻ، پيئڻ جو بندوبست ٿيو. هڪڙي ڏينهن راجا نل ۽ راجا پنگل چوپڙ راند ڪرڻ لڳا. راند ڪندي ڪندي راجا پنگل پاسو (ڏارو) جهلي چيو تہ: راجا! اج پاڻ ۾ هڪ واعدو ٿا ڪريون تہ جي توکي پٽ ٿيو ۽ مون کي ڌيءَ ٿي تہ آءُ توکي پرڻائي ڏيندس ۽ جي توکي نياڻي ٿي تہ مون تي مهرباني ڪج. راجا نل چيو تہ: توسان واعدو آهي تہ ائين ئي ٿيندو جيئن تو چيو آهي.

نَل پنگل پيڙا هئا، پارس پيپل هيٺ،

جَدڪا ٻولا ٻوليا، ڍولو مارو پيٽ.

( راجا نل ۽ راجا پنگل پپر جي وڻ هيٺ ويهي، تڏهن پاڻ ۾ ٻول ڪيو جڏهن ڍولو ۽ مارو اڃا پيٽ ۾ هئا.)

راجا نل ۽ راجا پنگل، ٻنهي جي گهر ۾ اميد واري هئي، نوَ مهينا ڏهہ ڏينهن خير جا گذريا. راجا پنگل کي " مارو" نالي ڌيءَ ڄائي، ۽ راجا نل جي گهر ۾ "ڍولو" ڄائو. چون ٿا تہ ڍولو ۽ مارو اُهي سونهڙ ۽ سونهڙي هئا. جن

گرهڻ جي ڏان ۾ پنهنجا سِر ڏنا هئا ۽ ٻي جُوڙ وٺي آيا هئا ۽ اُهو راجا، جنهن سوٿهڙي گهري ٿي، سو راجا جسونت سنگهہ جي ڏاچين جي وڳ ۾ ”ڳرهيو“ تي پيدا ٿيو.

ڍولو ۽ مارو چاليهن ڏينهن جا ٿيا. راجا پنگل کي راجا نل چيو تہ: ڏٽي راضي ٿيو آهي، منهنجي ملڪ جون برساتون مون کي ڏسجڻ ۾ آيون آهن. هاڻي آءُ سگهوئي پنهنجي وطن موٽي ويندس. پر ڍولي ۽ مارو جي شاديءَ جو سوڻ ڪريو وڃان تہ ڏاڍو چڱو. راجا پنگل هائوڪار ڪئي. پوءِ سون جي ٿالهہ ۾ ڍولي ۽ ماروءَ کي ويهاري، سندن شادي ڪرائي وئي. راجا نل پنهنجي ملڪ تي آيو. ٿورن گهڻن ڏينهن کانپوءِ راجا نل مري ويو. ڍولي کي راجا جسونت سنگهہ جي ڌيءَ مالوڻ جو ٽِيڪو آيو. شادي منظور ڪيائون. ڍولي پنهنجي ڄڃ وٺي وڃي ڏاڍي ٺٺ سان شادي ڪئي. ٻہ- ٽي ڏينهن ڄڃ اتي ترسي موٽڻ جي تياري ڪئي. موڪلائڻ وقت ڍولي، مالوڻ کان پڇيو تہ: تنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ڪهڙي شئي سُٺي آهي جا ڏيج ۾ وٺجي؟ مالوڻ چيس تہ: منهنجي پيءُ جي گهر ۾ جو ڪجهہ آهي، سو تون بہ راجا آهين، تو وٽ اُن کان بہ وڌيڪ آهي. مگر منهنجي پيءُ وٽ هڪڙو اُٺ آهي، اهڙو اُٺ ٻي ڪنهن بہ راجائي ۾ ڪونهي. اُنهيءَ جي گهُر ڪج. ڍولي چيس تہ: وڳ اُٺن جو وڏو آهي، تنهن مان اهو اُٺ ڪيئن سڃاڻجي ۽ اُن جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ راڻي چيس تہ: سفيد ڪپڙو ڪٽي، اُنهيءَ اُٺ جي پُٺيءَ تي گسائبو تہ ڪَسُونبي رنگ تي ٿي پوندو. راجا جسونت هنن جي تياري ڏسي ڏيج ڏيڻ لڳو: ڍولي چيس تہ ٻيو ڏيج مون کي ڪونہ گهرجي، فقط هڪڙو ڪرهيو گهُرجيم، اهو مون کي ڏيو. راجا جسونت چيس تہ: جيڪو ڪرهيو کپئي سو کڻ. راجا جسونت جا وڳ حاضر ٿيا. کيس پڪ هئي تہ ڍولو منهنجو خاص ڪرهيو سڃاڻي ڪونہ سگهندو، گهڻئي ٽُلها متارا اُٺ آهن، اُنهن مان هڪڙو ڪڍندو. ڍولي حڪم ڪيو تہ سفيد رنگ جو ڪپڙو آڻيو. اتي راجا جسونت دل ۾ چيو تہ هي گهَرو ڀيد لڳل آهي، سو ڪرهيو مون کان

ويو. سچي زندگي وري اهڙو ڪر هيو مون کي هٿ ڪونہ ايندو! لاچار مجبور تي ڏيڻو پيس. پوءِ ڏولو مالَوڻ کي وٺي، ڄڃ ۽ لشڪر سميت اچي پنهنجي ملڪ پيڙو ٿيو.

مالَوڻ کي خبر هئي تہ ڏولي جي شادي ننڍي هوندي مارو سان ٿيل آهي ۽ مارو تمام سهڻي آهي. تنهن پنهنجي شهر جي ٻاهران پهري جو بندوبست رکي، حڪم ڪري ڇڏيو تہ پنگل جو ڪوبہ ماڻهو اچي تہ ان کي ماري ڇڏيو. ڏولي ۽ مالَوڻ جي شاديءَ کان ٿورا گهڻا ڏينهن پوءِ، هڪڙي ڏينهن پنگل ديس ۾ مارو پنهنجي محلات ۾ ستي پئي هئي تہ ڏولي جو خواب آيس. اهو خواب ڏٺئين پئي تہ ڪُونجن وٺي ڪُرلاءُ ڪيو جيڪي محلات جي ٻاهران تلاءَ تي ويٺيون هيون. مارو ڇرڪ ڀري اُٿي. تڏا ساهہ کڻي، ارمان ڪرڻ لڳي. پنهنجي ماءُ کي چيائين:

بابل! تالَ ڀنجائي ڏي، ڪا ڪُونجهان ڏي مَراءِ،
جب سُوئان هيڪلي، مَنان اُتانڙءِ ڪُرلاءِ

(اما! اهو تلاءُ ڀڃائي ڇڏ جو نہ هجي پاڻي ۽ نہ هجن ڪُونجون. چو تہ جڏهن بہ هيڪلي تي سمهان، تڏهن ڪُرلاءُ ڪيو مون کي ننڊ مان اُٿاريو ڇڏين.)

تڏهن ڪونجن چيو تہ: مارو! ڪاوڙ مان تلاءُ نہ ڀڃاءِ، اسين پکي آهيون. سو تنهنجي ٻئي ڪم ڪونہ اچي سگهنديوسين. باقي جي اسان جي کنين تي ڏولي ڏانهن پيغام لکي ڏين تہ اُهو وڃي رسايون.

مارُو! مِين ماڻس نهين، مين هان ڪُونجڙيان،
ڏولي تَئا سُنديسڙا، مين نان لِک دي پنکڙيان.

( مارو! اسين ماڻهو ناهيون، پر پکي آهيون. ڏولي جا سنيها اسان کي پَرن تي لکي ڏي تہ وڃي پهچايونس.)

تڏهن مارو ڪونجن جي پرن تي ڏولي ڏانهن سنيهو لکيو تہ:

جَوَ جيتري پرڻي هَتِي، تِل جيتري ٽُٽي،
اُرهہ نہ ماوَئي ڪَنچوو. ڏولا! بيگِي بَڙڻ ڪري

(جَوَ جيڏي تمام ننڍڙي هيس. جڏهن پرڻي هيس، تڏهن تِر جيڏي منهنجي ڇاتي هئي. هينئر اُرهہ آنگئي ۾ نٿو ماپي. ڍولا! جلدي اچجانءِ)

کيجِڙ رُونک، پُرت کَڙ، ٿَڙيُون راتا ٿُوس،
ڍولا! ٿُمِڙي ماروي، هٿ اُوهڙي ٻاريو اُوس.

(ڍولا! جنهن ملڪ ۾ رڳو ڪنڊا، ڪرڙ توهہ ۽ واريءَ جون ڍٿون آهن، انهيءَ ملڪ جي مارئي هاٿي ساماڻي آهي.)

ڪونجون، مارو جو اهو پيغام کڻي اڏامنديون ۽ نرهرگڍ جي تلاءَ تي اچي لٿيون. ڍولو سندس ماءُ ۽ مالوڻ، محلات جي ڪنهڙي ۾ ويٺا هئا. هڪڙي پاسي ڍولي جي زال مالوڻ ٻئي پاسي ڍولوءَ وچ ۾ سندس ماءُ ويٺل هئي. تلاءُ محلات کي سامهون هو ويچاريون ڪُونجون تلاءَ تي ويهي، ڪنين کي هيٺ مٿي پيون ڪن، پر ڍولي کي خبر نہ ڪا چار. ان مهل پنگل گڍ ۾ مارو ڪنهن ڳالهہ تان ٿورو مرُڪي تہ سندس ڏندن جو چمڪار وچ وانگر نرهرگڍ ۾ ڏسجڻ ۾ آيو. ڍولي چيو تہ: انهيءَ طرف وچ جا چمڪات پيا ٿين. ضرور برسات وُٺي هوندي تڏهن ماڻس چيو تہ:

مارُوڻ مُرڪو ڪِيو تي سُڄو ڍولا ڪنت،
ڇَهوُن ڏِس ۾ چَمڪو ٿِيو ٻِيج نهين، اي ڏَنت.

( ڍولا! ٻڌ. تنهنجي زال مارُو مُرڪي آهي. چئوطرف جيڪو چمڪار ٿيو آهي، سا وچ ڪانهي، پر اُن جي ڏندن جو چمڪار آهي.)

ڍولي چيس تہ: اما! اهو ڇا چيئي؟ اِتي مالوڻ پنهنجيءَ سس کي ٺونٺ هنئي تہ ڳالهہ نہ ڪر. ڍولي اها ٺونٺ ڪانہ ڏٺي. تڏهن ماءُ ڳالهہ ڦيرائي چيس تہ: ابا! مارو نالي هڪڙو ملڪ آهي، اُن ۾ ماها وچ چمڪي آهي. ڍولي خيال ڪيو تہ امان، پهرين تہ هڪڙي ڳالهہ ڪئي ۽ هينئر وري ٻي ڳالهہ پئي ٻڌائي. مارو عورت چئي هئائين ۽ مون کي سندس مٽس چيو هئائين.

ان بعد مالوڻ، چونڪين تي هيڪاري زبردست پهرو ويهاري ڇڏيو تہ مارو جو ڪوبہ ماڻهو اچي تہ ماري ڇڏجو جيئن ڍولي تائين پهچي نہ سگهي.

ماروءَ جي پيءُ راجا پنگل جو ”ٻيتل“ نالي ميراسي، ماروءَ وٽ آيو. ڳالهيون ٻولهيون ڪري چيائين ته: الله ڪري ڍولو اچي ته اسان کي به ڪا چڱن پيسن جي ڪمائي ٿئي. مارئيءَ چيس ته: ٻيتل! ڍولو پاڻهي ڪونه ايندو تون وڃي اچينس. جي آڻينس ٿو ته مالا مال ڪري ڇڏينديسئين. هن جواب ڏنو ته: مارو! مون کي هڪڙو تکو گهوڙو ۽ گهر جو خرچ پکو ملي، آءٌ وڃڻ لاءِ تيار آهيان. مارئيءَ کيس يڪدم بندوبست ڪري ڏنو.

ٻيتل پنهنجا ساز سامان کڻي، گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ منزلون ڪندو ڪندو نرهرگڊ جي ٻاهران جيڪي چونڪيون رکيل هيون، انهن مان ٻارهين چونڪيءَ تي اچي ترسيو. چونڪي وارن کي سلامي ڏنائين. هنن پڇيو ته: ڪير آهين، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ چيائين ته: پنگل گڊ جي راجا نل جو ميراسي آهيان. گهمڻ ڦرڻ ويو هئس، هاڻي پوئتي وريو آهيان. چيم ته چوڪيدار جوان آهن، تن سان رهاڻيون ڪندو وڃان. ائين ڪري رات انهيءَ چونڪيءَ تي ترسي پيو. اهڙيءَ طرح هڪڙي هڪڙي رات ٻارنهن ئي چونڪين تي رهندو آخر اچي شهر ۾ گهڙيو. ڍولي وٽ حاضر ٿي سلامي ڏنائين. ڍولي پڇيس ته: ڪٿي جو آهين، ڪنهن جو فقير آهين؟ هن چيو ته: ماروءَ جو ميراسي آهيان. ڍولي پڇيس ته: مارو ڪير؟ چيائين ته: ڍولا تنهنجي راڻي. ڍولو عبرت ۾ پئجي ويو ۽ چيائينس ته: منهنجي راڻي مارو! مون کي ته خبر ئي ڪانهي ته مارو منهنجي راڻي آهي. ڪير آهي ۽ ڪٿي جي آهي؟ هن چيو ته: راجا! پنگل گڊ جي راجا جي ڌيءَ آهي. اوهان کي ٿالهيءَ ۾ ويهاري پرڻايو هئائون، سا اڄ گهر ۾ نئي ماپي ۽ اوهان کي ياد ئي ڪانهي! ڍولو ويچار ۾ پئجي ويو. ٻيتل چيس ته: راجا! مهرباني ڪري هلو ۽ پنهنجي راڻيءَ کي وٺي اچو. اوهان جي ياد ۾ رات ڏينهن مڇيءَ وانگر تڙڦي رهي آهي. ڍولي چيس ته: ٻيتل! تو پاڻ پنهنجي اکين سان ماروءَ کي ڏٺو آهي ته ڪهڙي آهي؟ ٻيتل چيو ته: هائو سائين! هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه مون کي ياد آهي، تيج جو ڏينهن هو مارئي، سهيلين سان گڏ ٻڙ سان جهولو ٻڌل، تنهن تي لُڏي ته پيٽ تان ساڙهيءَ جو پلاند پري ٿي ويس.

مارو ڏرڻ ڪِلتِي هَتي، پلوءِ ڪِس ڳيو پيٽ مٿا،
نو سوءِ ماريا ٻاپلا، ڍولا! هنسلا ڪِروڙ ڪِتا.

(مارو ڪِلي تہ پيٽ تان پلئہ ڪڇي ويس. اُن جي اُهاءَ سان نَو سوءِ تپشي مري ويا. ڍولا! هنجهہ تہ ڪروڙ کان بہ گهڻا مئا.)

اُن بعد مارئيءَ جي سونهن جو بيان ڪرڻ لڳو تہ:

ٿَڻ سِينگي، نڪ سِيپلي، ڏَنت گُلابي ڦُل،
جگ سارو ڦِر جوئِيو ڍولا! تِريا نہ مارُو تُل.

( ٿڻ سِڱن وانگر ڇهنبيارا، نُنهن سِپين جهڙا، ڏند گلاب جي گلن جهڙا. ڍولا! سڄي دنيا گهمي ڏٺي اٿم پر مارو جي مَٽ ۾ ڪا بہ عورت نظر نہ آيم.)

پاوَ پَدم ايڏِي لسڻ، ڏَنت گلابي جاڻ،
ڍولا! ٿُميٽي ماروي، ڳسوڙو ڪيڪاڻِ.

(پير ۽ پدم، ٿوم جي ڳڙيءَ جيڏي ڪُڙي، گلابي ڏند. ڍولا! تنهنجي مارئي چڙڻ تہ سنجيل گهوڙو آهي.)

ڍولي چيو تہ: ڀِيئل! هلنداسون ۽ پاڻ مارئي کي هلي ڏسنداسون. مالوَڻ کي اها خبر پئجي وئي تہ مارو جو ميراسي ڍولي وٽ پهچي ويو آهي ۽ سموري خبر ڍولي کي ڏني اٿس. هاڻي ڍولو ضرور اوڏانهن هليو ويندو. اهو خيال ڪري ڪرهيي وٽ آئي، ۽ اُن کي چيائين تہ:

ڪرهيا ماري ٻاپ رو، مارو بچن سُڻي،
ڍولا سِڌاوي ساسري، ڪوڙو پاوَ ڌَري.

(تون منهنجي پيءُ جو ڪرهيو آهين. منهنجي ڳالهہ ٻڌ. ڍولي کي ماروءَ جي ميراسيءَ سڄي حقيقت ٻڌائي آهي. هاڻي ڍولو ماروءَ جي ملڪ وڃڻ لاءِ سنڀريو آهي، پر تون ڄاڻي واڻي هڪڙي پير کان منڊو ٿي پوءِ.)

اُٺ ورندي ڏني تہ: مالوَڻ!)

کوڙو هُٺان تو ڏنيسِي، ٻاڏو ٻُوک مران،
جاوان ڍولي ري ساسُري، سڦرا مُونگ چران.

(منبو ٺيان تہ ڏنيپ ڏيندو ۽ ٻڏل هوندس تہ ٻُک مرندس. تنهن کان هليو نہ وڃان ڍولي جي ساهُري، جتي مُڱن جون پريل ڦريون کائي ڍوءِ ڪريان!

تڏهن مالوڻ چيس تہ: ڪرهيا! رکو منهنجو چيو مڃ تہ:

سونَ سَرائِي ڏنيسيان، چانپان تيل چَنپيل،
ٻانڌان ٻڙ ري ڇانهڙي ٺَنان نِيران ناگرويل.

(ڪرهيا! توکي سون جي سرائيءَ سان ڏنپ ڏينديس ۽ چنبيليءَ جي تيل سان مالش ڪنديس. ٻڙ جي ڇانوَ ۾ ٻڌي ناگرول جا پن چارينديساءِ)

ڪرهيو تو چويس تہ:

سونَ سَرائي ڏنيسيو ڪارو تيل چنپيل،
نادِي ٻڙرِي ڇانهڙي، ڪڙوي ناگرويل.

( مالوَڻ! سون جي سرائيءَ سان بہ ڏيندئينءَ تہ ڏنپ نہ؟ چنبيل جو تيل مون کي ڪارو ٿو لڳي. ٻڙَ جي ڇانو بہ ڪانہ وڻيم ۽ ناگرول ڪڙي لڳيم.)

ڪرهيي جڏهن چوڻ نہ مڃيو تڏهن ڪاوڙ ۾ مالوَڻ سندس پير ٻڌرائي، ڇٽني پيرن ۾ سُوٽا هڻائي ڇڏيا. آسر جي مهل ٿي تہ ڍولو مهار ۽ گهنگهرن واري ڳاني کڻي وڳ ۾ آيو ۽ ڳاني ڇمڪائي چوڻ لڳو تہ:

ڪِڻ ڳل گهتان گهُوگهرا، ڪِڻ ڳل گهتان مُهار
اِيئان ڪرهان ۾ ڪرهيو ڪُڻ، مَنان پنگل ڪري جُهار.

ڪنهن جي ڳچيءَ ۾ مهار ۽ ڳاني وجهان، جيڪو هڪڙي ڏينهن ۾ مون کي پنگل هلي رسائي.)

ڍولي بہ– تي گهمرا وڳ ۾ چيو پر ڪنهن بہ اُٺ نہ ڳالهايو. اِتي ڪرهيي ورندي ڏنس تہ:

مين ڳل گهاتوگهُوگهرا، مين ڳل گهاتو مُهار
اِيئان ڪرهيان مين ڪرهيو هُون، ٺَنان پنگل ڪران جُهار.

( منهنجي ٻچيءَ ۾ مهار ۽ ٻاني وجهه. هنن هيترن ڪرهين ۾ آءُ ئي هڪڙو ڪرهيو آهيان، جو توکي ڏينهڪ هلي پنگل رسايان.)

ڍولي، ڪرهيي کي ڏسي چيو تہ:

بيجا ڪرهيا ٻوليا نهين، ٿُو ڪِيان ٻوليو توڏ.
راڳان پيڙي پانج ڏيان، پڙيا پُرک سي دوڏ.

( ڪنوانڙا! ٻين اُنن نہ ڳالهايو پر تون جو وچ ۾ ٽپ ڏئي پيو آهين. سو ٻڌي ڇڏ تہ آءُ رائون پيڙي پاسراتيون پڇي ڇڏيندوسئين. پوءِ واٽ تي پيا ڪانوَ کائيندءِ)

ڪرهيي چيو تہ: ڍولا! تون بہ ٻُڌي ڇڏ:

جوڌاڻي ۾ جَنميو ايڏر مارو ڪيت،
پاڙان پنگل راڳواگرا، ٻيسان اِيڏر ٽيڪ.

(جوڌپور ۾ ڄائو آهيان، اِيڏر ۾ چرڻ ويندو آهيان. ٻير جي ٽُڏي سان پنگل جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڊاهي، مٿان اُرهہ ڏيئي ويهندس.)

ڪنوانڙي جا اهي ٻول ٻڌي، ڍولي مٿس گاديون، پاکڙا وجهي، گاشو تيار ڪيو. پوءِ ڍولو اُٺ تي ۽ ٻيٺلُ گهوڙي تي سُوار ٿيو. ٻئي ڄڻا پنڌ پيا. اڃا شهر کان ڪجهہ منزلون اڳتي ٿيا تہ مالوڻ هڪڙي چنبي لکي طوطي جي ٻچيءَ ۾ ٻڌي، طوطي کي موڪليو تہ وڃي ڍولي کي ڏئي اچ. ٻيٺلُ جو گهوڙو پوئتي رهجي ويو هو ۽ ڪرهيو اڳي نڪري ويو هو. طوطو اڏامي اچي ڪرهيي جا پاکڙي جي پِرٽي تي ويٺو. ڍولي چنبي کولي پڙهي، اُن ۾ لکيو هيو تہ:

ڍولا! ٿُميٽي ڏيس ۾ هيڪ بات جہُ هئي،
ٿان ڏنو پڳ پاڳڙي مالوڻ اُٿي مُئِي.

(ڍولا! تنهنجي ملڪ ۾ هڪڙي ڳالهہ ٿي، تو ڏنو رڪيب ۾ پير ۽ مالوڻ مري وئي.)

ڍولو اداس ٿي، اُٺ کي جهلي، اتي ئي بيهي رهيو. ٻيٺل جڏهن گهوڙو هلي ويجهو آيو تڏهن ڍولي کي غمگين بيٺل ڏسي چيائين تہ: ڍولا! ڇو بيهي

رهيا آهيو؟ ڏولي وراڻي ڏني تہ: ٻيٺل! ٿهر تي ويو. مالوڻ منهنجي وڇوڙي ۾ مري وئي، تڏهن ٻيٺل چيو تہ:

ناڪ مين نٿ نهين، ڪا ڳڙءِ آڏوڙي هوءِ،
ڳنت وڇوڙي ڪامڻي، ڏولا! مُونهِي نہ سُهڻي ڪوءِ

(ڏولا! سهاڳڻيون، مڙس جي وڃڻ ڪانپوءِ نڪي نڪ ۾ نٿ وجهن، نڪي ڳچيءَ ۾ هار وجهن. باقي اسان ڪونہ ٻڌو تہ مڙس جي ڇڏي وڃڻ تي ڪا عورت مري وئي!)

ڏولي سمجهي ورتو تہ مالوڻ مون کي موٽائڻ جو بهانو ڪيو آهي. سو وري بہ اڳتي هليو.

اُٺ جي چٽني پيرن ۾ سُتا لڳل هئا. تنهن ڪري هو تکو هلي نہ ٿي سگهيو. سج لهڻ کي اچي ويجهو ٿيو هوءِ ڏولي جي هٿ ۾ هڪڙو لڪڻ هو تنهن سان اُٺ کي اشارو ڪيائين. هڪڙو ٻڪرار ٻڪرين جو ڌڻ ڪاهيو پئي آيو تنهن ڪرهيي کي ڏسي، وري سوار ڏي ڏٺو. سمجهائين تہ ڏولو آهي، جيڪو ماروءَ ڏانهن پيو وڃي. تڏهن ڏولي کي چوڻ لڳو تہ:

هُڙڪ مٽِي، گهاگهر پيٽي، ڪُنجہ برني نار
اُوءِ مارو ري ڪَرٽي، ڏولا! ڪَرهيي ڪُونبِ نہ مار.

(ٻوڙڻ جهڙو مٿو گهاگهر جيڏو پيٽ، هاٿيءَ جهڙو رنگ، ڏولا! انهيءَ ماروءَ جي لاءِ ڪرهيي کي ڪام نہ هڻ.)

ڏولو وري بہ اُداس ٿي اٺ کي جهلي بيهي رهيو. خيال ڪيائين تہ ٻڪرار ضرور ماروءَ کي ڏٺو آهي، تڏهن ان جا پار تو ٻڌائي. ايتري ۾ ٻيٺل بہ اچي پهتو. چيائين: ڏولا! وري بيهي رهيو آهين؟ چئي: ٻيٺل! ميراسين واريون ڌاڙون هٽي، مون کي وٺيو تو هلين. ٻڌ. ٻڪرار ڇا ٿو چوي؟ ٻيٺل سمجهي ويو تہ ٻڪرار ضرور ڪا گهٽ وڌ ڳالهہ ڪري ڏولي کي برغلايو آهي. سو چيائين تہ:

ايوُڙ ۾ ٻيوَڙ چَريِ، ٻيوَڙ ۾ اَسَن،
ڍولو سِڏاوي ساسُريِ، مورک ياڳو مَن.

(ڍڳن ۾ ڪيئن مورک ٻڪرين جا ڌڻ ڪاهيو پيا گهمن، تن کي ڪهڙي خبر تہ مارو ڪهڙي آهي! ڍولو پيو ساهري وڃي، مورک ان جو من اداس ڪري وڌو آهي.)

پوءِ چيائينس تہ: ڍولا! هاڻي ماروءَ جي سونهن جو بيان ٻڌ!

ڪاجل ٽِبِي، ناڪ سَل، خنجر نيڻ ختنگ،
ڍولا! ٺُميٽي مارئي، جَلَءَ چڙهيو پتنگ.

(ڪجل جو تلڪ، نڪ جا گهنج، اکيون خنجر جهڙيون. ڍولا! تنهنجي مارئي ائين آهي، جڻ اُڀ ۾ پتنگ پيو اُڏامي.)

ڪاجل ٽِبِي، ناڪ سَل، دَنت ٻَتِيسي باڻ،
ڍولا! ٺُميٽي مارئي، رُوپو ٻيلو پٽاڻ.

(ڪجل جو تلڪ، نڪ جي سَرن، تيرن جيان ٻٽيهن ڏندن سان. ڍولا! تنهنجي مارئي ائين ٿي ڏسجي، جڻ تہ پٺاڻ ڪاوڙيو ويٺو آهي.)

اهو ٻڌي ڍولو خوش ٿيو مارئيءَ ڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿيو. پر ڏٺائين تہ سج لهڻ کي اچي ويجهو ٿيو آهي، پر اجا مارئيءَ جي ملڪ نہ پهتا آهيون. تڏهن ڪرهيي کي چيائين تہ:

ڏِن گيو ڏَر ڏُونگري، ٻهيا گيا ٻٽين،
ڪاڙي ڪاوي ڪرَهيا، ٻوليو ڪيهي ڳُٽين.

(سج ڏونگرن ۾ وڃي لهڻ کي ويجهو ٿيو آهي ۽ وهيا وڃي وٽن ۾ ويٺا. ڪرهيا! توکي نانگ کائي، جو ڏينهڪ پجڻ جو مون سان وچن ڪيو هيئي، پر اجا اڌ ۾ بہ ڪونہ آيا آهيون.)

ڪرهيي وراڻي ڏني تہ:

ڪاني ٻانڌءِ پاڳڙي، ڍيلي ڇوڙ مهار
ڪاڍ پڳڙون را تاڪڙا، تين پنگل ڳران جُهار.

(ڍولا! پڳ کي چڪي مضبوط ٻڌ. مهار ڍلي ڇڏ ۽ منهنجي پيرن مان سوٽا ڪڍ ته ايترو ٽي سج بيٺو هجي ته توکي هلي پنگل ۾ پهچايان.)

ڍولي هيٺ لهي، اُٺ جي پيرن جا سوٽا ڪڍي ڦٽا ڪيا، پوءِ وري چڙهي اُٺ تي روانو ٿيو.

ڪرهيي زمين کي ائين ويڙهي ورتو جيئن ڍيريءَ جو سُٽ ويڙهيو آهي. پنگل کان چار- پنج ميل پري آيو ته هڪڙي ڪاتي (سونهڙ) جو ڪيت هو. ڪاتيءَ جي ڏيءَ جو نالو به "مارو" هو تنهن سڏ ڪري پنهنجي ڏيءَ کي چيو ته: مارو! پوڪ تان جهار هڪل. "مارو" "مارو" جو ڪيائين ته ڍولي ڪنڌ ڦيرائي ڏٺو خيال ڪيائين مارو ڇيلهه جيڏن ڀُرتن ۾ پٽي ڊوڙي، اها جي مارو آهي ته ميراسيءَ ماري ڇڏيو هوڏانهن زالن جهڙي زال به مري ويئي! سونهڙ جي ڏيءَ ڊوڙندي اُٺ ۽ سوار کي ڏٺو. دل ۾ خيال ڪيائين ته خدا نه ڀُلائي ته اهو ڍولو آهي، جنهن جو اُٺ ايڏو سهڻو آهي. منهنجو نالو مارو ٻڌي، نالي تي پلجي بيهي رهيو آهي. سا ڊوڙندي به وئي ۽ هيئن به چوندي وئي ته:

ڪيجڙيو ٻَر ڊَنڪرو، ڳُونبَٺ ڪاڇي لوءِ
هُون ڪاتي رِي ڏِيوڙي، ڍولا! مارو محلي هوءِ

(ڍولا! آءٌ سونهڙ جي ڏيءَ آهيان، جيڪا ڪندن ۽ ڀُرتن ۾ پٽي ڊوڙان، تون ماروءَ کي محلات ۾ وڃي ڏس.)

ڍولي کي دلجاءِ ٿي ته نه ڀيلي، مارو اجا ڪا ٻي آهي. سو وري اُٺ کي اڳتي ڪاهيائين. سج به لاهو هو ته ڍولو وڃي پنگل ڳڍ رسيو. ڀيٽل پوٽتي رهجي ويو هو. ڍولي ڏٺو ته مون سان ٻيو ماڻهو به ڪونهي، جيڪو واڌائي وڃي ڏئي. هاڻي ڇونه ڪرهيي کي ڇڏيان ته اهو وڃي تلاءَ تي پاڻي پيئي، ماڻهو ڏسندا ته اهڙو اُٺ هتي ڪنهن جو ڪونهي، تن کي منهنجي اچڻ جي خبر پوندي. اهو خيال ڪري اُٺ کي ڇڏيائين، اُٺ وڃي پاڻيءَ جي حوض

تي بيٺو. ان وقت حوض مان ماروءَ جي پيءُ جي وڳ پاڻي پئي پيتو "تارو" ۽ "مارو" ٻئي پيٽون، حوض جي مٿان بيٺيون هيون. ڪرهيو به اچي انهيءَ وڳ سان ماروءَ جي پاسي ۾ بيهي، حوض مان پاڻي پيئڻ لڳو. ماروءَ، تاروءَ کي چيو ته: هي پرايو اُٺ ڪنهن جو آهي، جو وڳ ۾ اچي گهڙيو آهي؟ ائين چئي چهبڪ هٿ ۾ ڪري، اُٺ کي ويجهي وئي، تڏهن تاروءَ هڪل ڪيس:

سَوَ باپيٽا پاوَتي، هيڪ آپيٽا پاوَ
گَڏا توڙڻ رِي ڪانڙي، ڪرهيي نان مَت باهه.

(سوين اُٺ پنهنجي پيءُ جا بيٺي پيارين. تنهنجو هڪڙو ته پيئڻ ڏي. گڏهن کي هڪلڻ واري ڪام ڪرهيي کي نه هڻ.)

تارو اڳئي ماروءَ سان چرچو پوڳ ڪندي هئي ته منهنجي پيڻ جي سينڌ اچي ٿيندي، تڏهن ڍولو ايندو. تنهن اها ڳالهه ٻڌي، سمجهيو ته تاروشايد چرچو ٿي ڪري، سو ڪاوڙ مان هٿ وارو لڪڻ اُٺ کي وهائيائين. جيڪو اُٺ کي چپن وچان وهي ويو. ڪرهيو موٽي ڍولي وٽ آيو ته ٻيئل به اچي رسيو. ڪرهيي کان ڍولي پڇيو ته: ڪرهيا! پاڻي پِي آئين؟ ڪرهيي جواب ڏنو ته:

ڪي پيا، ڪي پِوَسان، ڪا ٻَل ري ڳُوئي،
ماروئل باهِي هي ڪانڙي، ڍولا! بيسر سي موئي.

(ڪجهه پيتو اٿم، ڪجهه پيئندس، پر مالوڻ جي ڪوهه تان. ڍولا! ماءَ مون کي ڪام هڻي چپ چيري وڌو آهي، اهو مون کي مُئي وسرندو.)

ڍول ڪاوڙ ۾ اٿي ڪڙو ٿيو. چيائين ته منهنجي ڪرهيي جي واهه جا خاطري ڪئي اٿس. ائين چئي موٽڻ لاءِ تيار ٿيو. ٻيئل گهڻو ئي سمجهايس ته: ڍولا! اڻجاڻائيءَ کان ائين ٿيو هوندو. پر ڍولو نه ترسيو. اها حالت ڏسي ٻيئل ڊوڙندو ڪوهه تي آيو. ماروءَ ۽ تاروءَ کي چيائين ته: اوهين ڍولي جي ڪرهيي کي ڪام هڻي، ان جو چپ چيري وڌو آهي، هاڻي ڍولو ڪاوڙجي وڃي ٿو پوئتي. مارئي، پاڻيءَ جي پريل حوض تي

بيٺي هئي، تنهن خيال ڪيو تہ: هنن هٿن کي باهہ ڏيان، جن سان انهيءَ ڪرهيي کي ڏڪ هنيو اٿم، جيڪو ڍولي کي وٺي آيو آهي، هن جيئڻ کان مرڻ ڀلو آهي. اهو خيال ڪري پاڻ کي حوض ۾ ڪٽي ڇڏيائين. ماڻهن خبر پئي، سي ڪي ڍول کي پرچائڻ لاءِ ويا، ڪي مارئيءَ کي حوض مان ڪڍي، محلات ڏانهن کڻي ويا. هوڏانهن طبيب دوا درمل ڪرڻ لاءِ آيا ۽ هيڏانهن ڍولي کي منٿون ميڙون پيون ٿين تہ واپس هل. پر ڍوليو چوي تہ: منهنجي ڪرهيي کي لڪڻ واهيو اٿس، هاڻي آءٌ ڪونہ هلندس.

مارئيءَ جي ساهيڙين، سرتين کي جڏهن خبر پئي تہ ڍولو آيو آهي، پر ڪاوڙجي ٿو وڃي، سي سڀ ڊوڙي آيون ۽ جن ماڻهن ڍولي کي ورائڻ لاءِ منٿون پئي ڪيون، تن کي چيائون تہ اوهين ڇڏيو. ڍولو اسان جو پيٽويو آهي، اسين پاڻهي ٿيون پرچايونس ۽ وٺي هلونس. ائين چئي ڪي اچي اُٺ کي ڳچي ۾ چنبڙيون، ڪي جهاڻن کي، ڪي مهار کي تہ ڪي وري ڍولي کي چنبڙي پيون ۽ چوڻ لڳيون تہ: ڍولا! ٻڌاءِ تہ وڃي ڪهڙيءَ ڳالهہ تان ٿو؟ ٻڌاءِ تہ پوءِ توکي ڇڏيون! ڍولي چيو تہ: منهنجي ڪرهيي کي ڪامر هنئي اٿس، ان جو چپ ڦاڙي وڌو اٿس. ڇوڪرين چيو تہ: بس، ڳالهہ بہ اها. اها مارئي چري هئي، جنهن ڇهبڪ هنيو هئس. اسان منجهان ڪا هجي ها تہ ڪرهيي جو مٿو لاهي وجهون ها، جو جنهن ڍولي لاءِ ويچاري مارو ورهين کان پئي سِڪي، تنهن کي هينئر کڻي آيو آهي، اڳي نہ ٿي کڻي آيو؟ ڍولو پرچي پيو. هڪڙي سَرتي ٻوڙي اڳوات محلات ۾ آئي ۽ ڍولي جي اچڻ جي واڌائي ڏنائين.

آيا سَجڻ البيليان، ڪِرپا ڌَڻ پرڪيِڌ،
ايڪ سهيلي اُوڙکيا، ٻوڙ وَڌائِي ڏيِڌَ.

( هڪڙي سهيلي ٻوڙي وڃي واڌائي ڏني تہ ماروءَ تي ڏٽيءَ ٻاجهہ ڪئي، جو سڄڻ هلي آيو آهي.)

ڍولي کي محلات ۾ آڻي ويهاريائون، سڄي شهر ۾ خوشيون ٿي ويون. سڄ لٿو تہ ڪانا ڪاٺي، ڍولي کي ماروءَ وٽ وٺي وڃڻ جي تياري ٿي. سڄي شهر جون زالون ۽ ڇوڪريون اچي گڏ ٿيون. مارئيءَ کي هار سينگار ڪرائي ڍولي وٽ وٺي آيون، سهيلين سان ماروءَ جي پيڻ تارو بہ گڏ هئي. ساليون ۽ سهيليون ريت رسم موجب ڍولي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪري، ماروءَ کي اتي ڇڏي ٻاهر نڪتيون ۽ لڪي ڇپي، لياڪا پائي، مارو ۽ ڍولي جي ملاقات ڏسڻ لڳيون.

ڍولو مارو سان ڳالهيون ٻوليون ڪندي مارئيءَ جو حسن ۽ جواني ڏسي، حيرانيءَ ۾ پئجي ويو. چيائين تہ:

مارو ڏَڻ پَتلِي گهڻي، جيسِي ڏيي ڪِي لوءِ،
ڪونڇُو ڪِي ڳس ڪولتان، ڍولو رهيو اچنپي جوءِ

( مارو اهڙي سنهي، جهڙي ڏِيي جي لاٽ، هي جيئي ڪيئن ٿي ۽ ساهہ ڪيئن ٿي کڻي!)

مارو ڌڻ پتلي گهڻي، سِيپ پريو اَن ڪاءِ،
ڍولو اِمر پيهِي رهيو، متان لَنڪ ڪڙڪو ڪاءِ

( مارو تمام سنهي آهي ۽ سِپ جيترو اناج ڪائي ٿي، سندس چيلهہ ايتري تہ باريڪ آهي، جو ڍولي کي ان جي ڀڄي پوڻ جو گمان آهي!)

پوءِ تہ ڍولو ۽ مارو خوش ٿي رهاڻ ڪرڻ لڳا ۽ باقي رات پيار ۽ محبت ۾ ڳالهيون ڪندي گذاريائون.

ڪرهيي کي جيئن ٻاهر ٻڌو هئائون، تيئن خوشيءَ ۾ ان جي چاري جي ڪنهن کي بہ يادگيري ڪانہ پئي. نہ ڍولي کي نہ ماروءَ کي. صبح جو سج ايريو تہ ڍولو ڪرهيي وٽ آيو تڏهن ڪرهيي چيس تہ:

ڪاڙي ماٿي رو مانوي، هُون راتي ماٿي رو اُونٽ،
تين نِگُٽي سُون گُڻ ڪِيو، مِنان سُوڪي ٻڌيو ٺُونٽ.

( تون ڪاري متي وارو ماڻهو آءُ ڳاڙهي متي وارو اُٺ، تو ٻي ڳُٽي سان گُڻ ڪيم تہ مون کي ڇڪي سُڪل ٻنڊ سان ٻڌي ڇڏيئي.)

ڪرهيي کي چارو وجهارائي، ڍولو وري رس رهاڻيڻ کي لڳي ويو. مارو ذري ذري اٿي ڏسي ته سڄ اجا بيٺو آهي. سڄ لاڙائو ٿيو تڏهن چيائين ته:

جا ڏِن گهر آپري، سنجهه اُرهيري آءُ،
بالا سڄڻ گهر پِراوُٽا، منهنجي ڏَر سُڃَنگا پاوَ.

( سڄ! وڃ پنهنجي گهر. راتڙ! تون اُوري آءُ ته پيارو سڄڻ منهنجي محلات ۾ اچي، ۽ محبت جا پير گهمائي.)

ڏسندي ڏسندي ڏاڍين مشڪلاتن سان وڃي ڏينهن ڪاٽيائين. پهر کن رات جو گذريو ڍولي کي محلات ۾ سڏ ٿيو. وري به تارو ۽ سهيليون ماروءَ کي وٺي اچي ڍولي وٽ حاضر ٿيون. ساليون سهيليون چرچا ڀوڳ ڪنديون ماروءَ کي ڍولي وٽ ڇڏي اٿي هليون. ٻهرين رات ته ڍولي ماروءَ کي غور سان ڏٺو ئي ڪين هيو پر ٻيءَ رات ماروءَ جي ڪارن نانگن جهڙن وارن، هرڻ جهڙين اکين ۽ هنجهن جهڙي هلڻي ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويو. نيٺ ماروءَ کان پڇيائين ته:

ڪڏهِي باسنگ بيساسِيو ڪڏ نين لِيا مِرگهه جهَل،
مانسرور ڪڏ گِيا تا، مارو! هنسان سِکِڻ هل.

( مارو! ڪڏهن نانگن کي پنهنجي وس ۾ ڪيئي، ڪڏهن هرڻ جون اکيون کسيئي، ڪڏهن مانسرور وئينءَ، جو هنجهه جو هلڻ سکي آئينءَ؟)

ماروءَ ورائي ڏنيس ته: ڍولا!

ٻارهين باسِنگ بيساسِيو تيرهي نين لِيا مرگهه جهَل،
پنڌرهي مانسروور هُون گئي، ڍولا! هَنسان سِيکڻ هل.

(ٻارهن سالن جي ٿيس، تڏهن نانگن کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيم، تيرهن ورهين ۾ هرڻ کان اکيون کسيم، پندرهين سال مانسرور ويس، اُتان هنجهه جي هلڻي سکي آيس.)

ٻانڌڻ ٻَچرنگ موڙيو ڪَنوين ڍَڙڪنتِي ڍِل،
ڍولو پڏاريا آنگڻي، هُون هَمئين نه سِيکان هَل.

(پنجن رنگن جو پٽڪو ٻڌي، ڪلهي کان ڍال ۽ ترار لٽڪائيندي، منهنجي گهر هلي آيا آهيو. آءٌ هنجهن واري ملٺي اجا بہ نہ سکان؟)

وري بہ ڍولي پڇيس تہ: مارو!

کيجڙ رُونگ پُرت ڪَرَ، ڪُونيٽ ڪِير ڪَنا،

ڍولو پوُڇي ڏَڻ مارئي، ٿين ۾ ايترو روپ ڪِتا.

(مارئي! تنهنجي ملڪ ۾ رڳا ڪنڊا، ڪرڙ پُرت، ڪُونيٽ، انهن کان سواءِ ٻيو ڳالهہ ڪانهي، تنهن هوندي بہ تو ۾ايترو حُسن ڪٿان آيو؟)

رتنا ساگر ريليو ٻهہ گِيو باهڙيئي،

گوپي هَتِي ڪانَ رِيِ، پَڻ پُول پڙي ٿڙي ٿي.

(ڍولا! رتن سمنڊ ۾ آءٌ رهندي هيس. ڪرشن جي گوپي هيس. سمنڊ ڇول ڏني، مون کي اُڇلي ڪٺي پٽن ۾ پڇڙيو آهي.)

ڍولو بہ- چار راتيون اُتي ترسيو. پوءِ موڪل وٺي، مارئيءَ کي پنهنجي ملڪ وٺي وڃڻ جي تياري ڪيائين ۽ ساهرن کان موڪلائي، مارئيءَ کي اُٺ تي چاڙهي روانو ٿيو.

عمر سومري کي خبر هئي تہ ڍولو ويو آهي مارئيءَ کي وٺڻ. سو بہ پنهنجو سپاهہ وٺي، پنگل ۽ نرهر جي وچ رستي تي، پنهنجا تنبو لڳائي، ويهي رهيو تہ پاڻهي ڍولو انهيءَ منزل تان ايندو. راهون پئي نهاريائين تہ هڪڙي ڏينهن ڍولي کي ايندي ڏٺائين. عمر سومرو اچي اُٺ جي اڳيان بيٺو. ڍولي کي سلام ڪري چيائين تہ: مبارڪون هجنئي ڍولا! لهہ اِتي، رس رهاڻيون ڪري پوءِ وڃج. ڍوولي چيو تہ: مارو مون سان گڏ آهي، آءٌ ڪونہ ترسندس. پر عمر سومري گهڻو زور پريو، تڏهن اُٺ رستي تي جهڪائي، ڍولو لهي پيو. مارئيءَ جي ڳچيءَ ۾ سونَ جي هَسيي پئي هئي، اُها اُٺ جي گوڏي ۾ وڌائين تہ اُٺ اٿي نہ سگهي. پوءِ عمر سومري سان گڏ تنبوءَ ڏي هليو. مارئي اُٺ تي ويٺي رهي، ڍولي چيو تہ: عمر سومري وٽ رڳو پاڻي پي موٽي ٿو اچان.

تنبوءَ ۾ عمر سومري جا ماڻهو تيار ويٺا هئا تہ رڳو اندر اچي. اچا تنبو جي طرف ويا ٿي تہ عمر سومري جي ميراسيءَ کي ڍولي ۽ ماروءَ جي صورت ڏسي رحم اچي ويو تہ ڪهڙو نہ حسين جوڙو ٿا ڦٽائين. ميراسي، ڍولي جي اڳيان سارنگي تي ڳائيندو پئي آيو ارادو ڪيائين تہ ڪنهن طرح کين خبردار ڪريان، پوءِ ڪٿن ياڳ. سو چوڻ لڳو تہ:

تانت جهڻُو ڪي پِيا مڏ پِيئي، ڪرهيو اُگاڙي،
چڱي جوڙي بِيچڙئي، سُگهڙ مارو هووي تو اُباري

(تند وڃي پئي، ڪرهيو پيو اوڳاري، ڍولي جو سِر تو وڃي، جيڪڏهن مارو سمجھہ واري هجي تہ اُن کي بچائي.)

ڍولي هلندي، ڪنڌ ڦيرائي، مارو جي طرف ڏٺو. مارئي ڏوهيڙو ٻڌي، ڳالهہ سمجهي وئي، ڍولي کي بہ هٿ جو اشارو ڪيائين ۽ ميراسيءَ کي بہ اشارو ڪيائين. اڳ ۾ ڍولو پٺيان ميراسي. ڍولو اچي اُٺ جي پرسان بيٺو مارئيءَ چيس تہ: اُٺ تي چڙهہ هتي دغا آهي، جو مون کي ميراسيءَ ٻڌايو آهي. عمر پري کان بيٺي ڏٺو تہ ڍولو مارئيءَ جي ڳالهہ ٻڌي وري ٿو اچي. ڍولي ورڻ جي تہ ڪئي ڪانہ. اُٺ تي چڙهي، مهارن ۾ هٿ وجهي، اُٺ کي اُٿاريائين. اُٺ ٽن پيرن تي اُٿي کڙو ٿيو. مارئيءَ پنهنجي آڱر مان سوا لک جي مُنڊي ڪڍي، ميراسيءَ کي اُڇلائي ڏني. عمر پنهنجي ماڻهن کي سڏ ڪيو تہ: گهوڙن تي سوار ٿيو ڍولو اُٺ تي چڙهيو پيو وڃي، نہ وڃڻ ڏيوس. ماڻهو گهوڙن تي چڙهيا. ڍولي اُٺ جي مهارن ۾ هٿ وڌو. ٽي پٽون چڙهي چوٿين وڏيءَ پٽ تي اچي چڙهيو. اتي ڏسي تہ هڪڙو غريب شخص واٽ ڏيو پيو اچي، تنهن کي چيائين تہ: ادا! اُٺ جي گوڏي ۾ هيرن جي جڙاءَ واري سوني هَسيي پيل آهي، سا ڪڍ. هن ماڻهوءَ اها ڪڍي ڍولي کي ڏني، پر ڍولي چيس تہ: اها هَسي آئي انعام ۾ توکي. پر پويان عمر سومرو پيو اچي، ان کي منهنجو هيءُ هڪڙو پيغام ڏئي ڇڏج:

باڏان چڙهيا تِينَ ٿَڙ، ڇُوٽان آنت نہ پار،
ڳهجو عمر سومري نان، تاتا ٿُري نہ مار.

( ٿن پيرن تي هيوتہ بہ تنهنجا گهوڙا نہ رسيا. هاڻي چارئي پير خلاصا آهن، ٿرن هن پٽ تي رسندين تہ آءُ وچي نرهرگڏ ۾ رسندس. تنهن ڪري پنهنجا متارا گهوڙا نہ مار.)

ايجا پهرين پٽ تي عمر جو لشڪر چڙهيو پيئي تہ اُن شخص اچي پيغام ڏنو. عمر پنهنجو لشڪر ورائي پوئتي ٿيو. ڍولو اچي پنهنجي شهر جي ٻاهران ويٺو. رعيت، اميرن ۽ وزيرن جو ڏنو سي سڀ اچي ڍولي سان مليا. واڌايون ڏنائون ۽ دهلن دمامن سان ڍولي کي محلات ۾ وٺي آيا.

مَن مِليا، ٿَن ٿرسيا، ڏُرجن ڏور ٿيا،
سَجڻ پٽو پاڻ ۾، کِلي کير ٿيا.

◘

روايت [5] *

# تعلقي ساماري جي ڳالهه

"راجا نل" کي اولاد ڪونه هو. وسڪاري جا ڏينهن هئا، جو هڪڙي دفعي شڪار تي نڪتو اوچتو کيس "اندر ديوتا" گڏيو چوڻ لڳو ته: اي راجا! توکي نه ڇڏيندس. راجا پڇيو ته: ڇونه ڇڏيندين؟ اندر ديوتا وراڻيو ته: اي راجا! ٻه شرط آهن. انهن مان ڪوبه هڪ قبول ڪندين تڏهن ڇڏيندس. هڪڙو ته ٻارهن ميگهه يعني ساندهه ٻارهن سال برساتون قبول ڪر يا سبت ڏُڪار يعني ساندهه ست سال ڏُڪار قبول. نل راجا چيس ته: آءٌ پنهنجي صلاحڪارن سان صلاح ڪري پوءِ جواب ڏيندس. ائين چئي راجا پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو. راڻيءَ سان اها ڳالهه ڪيائين. راڻي به عقل واري هئي، تنهن سوچي ويچاري جواب ڏنس ته: ٻارهن ميگهه پاڻ جهلي ڪين سگهنداسين، جو مينهن سڄي ملڪ کي ٻوڙي ڇڏيندا، باقي ڏڪار هوندو ته ڏکيو سکيو وقت گذاري ويندا سين، تنهن ڪري ڏُڪار قبول ڪر.

راجا نل کي راڻيءَ جي صلاح دل سان لڳي، تنهن راجا اندر کي چيو ته: مون ۾ ٻارهن ميگهه جهلڻ جي وسيمت ڪانهي، تنهن ڪري ست ڏُڪار قبول اٿم. اندر ديوتا جي چوڻ موجب نيٺ سندس ملڪ ۾ اچي ڏُڪار پيو. ٽي- چار سال ڏُڪار جا ته ڏکيا سکيا پنهنجي ئي ملڪ ۾ گذاريائون. گهڻو ڪري صبح جو ڪنهن بي اولاد ماڻهوءَ جو مُنهن ڏسڻ بدسوڻ سمجهيو ويندو آهي، سو راجا نل به جڏهن محلات مان ٻاهر نڪرندو هو ته ماڻهو کيس ڏسي مُنهن ڦيرائي ڇڏيندا هئا.

---

* هيءَ روايت چوني لال امر چند هيرانندائي (نائب ماستر، اسڪول عبدالله خان ڪپري، تعلقو ساماري)، بچائي پٽ ڪرتي ميراسيءَ جي زباني تاريخ 24- فيبروري 1959ع تي قلمبند ڪئي.

سمجهندا هئا تہ ملڪ تي ڏڪار جي مصيبت فقط بي اولاد راجا جي ڪري آئي آهي. راجا جي محلات جي پرسان هڪڙو سوداگر رهندو هو جنهن کي ٽي پٽ هئا. هڪڙي ڏينهن سوداگر کي پٽ جي سڱ لاءِ ٻئي ڪنهن شهر ۾ ويٺو هو. جيئن ئي صبح جو سوير سوداگر گهر کان ٻاهر نڪتو، تيئن اتفاق سان راجا مُنهن ۾ ملي ويس. سوداگر، راجا کي ڏسي ٻئي شهر وڃڻ جي بدران اُتان ئي موٽي گهر هليو ويو. راجا جو اهو لڪاءُ ڏٺو تہ سوداگر مون کي ڏسندي ئي موٽي ويو آهي، سو اُن جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ سوداگر جي پٺيان آهستي آهستي هلڻ لڳو. سوداگر جي موٽي اچڻ تي زال سبب پڇيس، جواب ڏنائين تہ: وڃڻ وقت بي اولاد نياڳي ماڻهوءَ جو منهن ڏٺم. تنهن ڪري بدسوڻ سمجهي موٽي آيو آهيان. زال پڇيس تہ اُهو نياڳو شخص ڪير هو؟ سوداگر وراڻيو تہ: خود راجا.

راجا نل لِڪي لِڪي سوداگر ۽ سندس زال جي گفتگو پئي ٻڌي، سو ڏکارو ٿي محلات ۾ موٽي آيو. وزير سان حال ڪيائين. جنهن چيس تہ: اي راجا! چوندا آهن تہ " بي اولادي ۽ بي سَنتو(ساعتو) ڪُتو بہ نہ هجي." سو توکي بي اولادي ڏسي، ماڻهو بدسوڻي سمجهن ٿا. اها ڳالهہ ٻڌي راجا ڳڻتيءَ ۾ پئجي، راڻيءَ وٽ آيو ۽ ان کي بہ اها ڳالهہ ٻڌايائين ۽ چيائين تہ: هلو تہ هيءُ ملڪ ڇڏي ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ هلي رهون. جڏهن اولاد ٿيندو ۽ ملڪ ۾ سُڪار پوندو، تڏهن جيڏرا هونداسين تہ موٽي ايندا سين.

راجا نل، راڻيءَ کي ساڻ ڪري، حڪومت وزير جي حوالي ڪري، اُٺ تي سوار ٿيو. جڏهن هلڻ لڳو تڏهن پهريدار بہ ساڻس گڏجي هلڻ لڳا.

نَر راجا ٻکو ڪيو اُٺان ڪسيو بار،
ڪر جوڙي سروجو ڪيو نرورگيد جُهار.

( نل راجا کي ملڪ جو وڇوڙو پيو آهي ۽ اُٺن تي بار لڏيو آهي، نرورگيد جا پهريدار بہ هن سان پريت هئڻ ڪري، گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿيا آهن.)

تڏهن راجا کين چوڻ لڳو تہ: اوهين هتي قلعي جي سنڀال لاءِ ترسي پئو قسمت هوندي تہ وري اچي ملنداسين. تنهن تي اُهي ترسي پيا ۽ راجا پنهنجي راڻيءَ سميت روانو ٿيو.

پنڌ ڪندي، ڏُک ڏاکڙا سهندي، آخر اچي پنگل راجا جي ملڪ پهتا. پنگل راجا خود بي اولاد هيو. نل راجا جي راڻيءَ مردانو ويس ڪيو ۽ پاڻ کي سالو پيٽوپو سڏائي، پنگل راجا جي دربار ۾ آيا. راجا کي نوڪريءَ لاءِ عرض ڪيائون، جنهن کين بهادر ۽ جاڻنا جوان ڏسي، پنهنجي محلات جي چوڪيداريءَ جي نوڪري ڏني. راجا نل ۽ سندس راڻيءَ کي اتي نوڪري ڪندي ڪجھ عرصو گذري ويو. آخر برسات جي رُت آئي ۽ اونداهيءَ رات جو ڪِنوڻ تيڻ لڳي. راڻيءَ کي پنهنجو ملڪ ياد آيو سو ڪِنوڻ کي چوڻ لڳي:

ماري ديس ري پيجَڙي، نيڙي ڪِنوي نهل،
ڪا پنگل گڍ پاڪيڙ ري، ڪا مارُو تڻي محل.

....................

ديس و ديس مارو پرين، ٻانڌو ڪي ويس،
جڏهن جاوان ديس آپڙي، تڏ پرين نان پرين ڪهيس.

( منهنجي ديس جي ڪِنوڻ! هينئر تون ويجهڙائي ۾ چمڪين ٿي يا پنگل گڍ جي ويجهڙائيءَ ۾ آهين يا محل جي پرسان آهين؟ ڪُنوڻ! تون ديس پرديس قرين ٿي. منهنجو مڙس هينئر نوڪر جي ويس ۾ آهي، جڏهن آءٌ موٽي پنهنجي ملڪ ۾ ويندس، تڏهن پنهنجي پرينءَ کي پرين چونديس.)

اهو آواز پنگل راجا جي راڻيءَ جي ڪن تي پيو. اها راجا کي چوڻ لڳي تہ: اهي ٻئي چوڪيدارَ پاڻ ۾ زال مڙس آهن. راجا چوڻ لڳو تہ: نہ اُهي سالو پيٽوپو آهن. راڻيءَ چيو تہ: پنهنجي انهيءَ ڳالهہ تي شرط آهي. هاڻي پلي صبح جو کين ڪچهريءَ ۾ گهرائي حقيقت جي پڇا ڪجو! صبح جو

راجا انهن ٻنهي کي ڪچهريءَ ۾ گهرائي پڇا ڪئي. تنهن تي نل راجا سمورو ذڪر، شروع کان آخر تائين ڪري ٻڌايو. پنگل راجا حقيقت ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو. پوءِ تہ کين ڏاڍي عزت ڏئي جدا محلات رهڻ لاءِ ڏنائين، جتي هو عيش آرام سان گذارڻ لڳا.

هاڻي ٻنهي راجائن جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي ٿي پئي. سندن اُٿڻ ويهڻ گڏ هوءِ هڪٻئي جي صلاح کان سواءِ ڪوبہ ڪم ڪار ڪونہ ڪندا هئا. هڪڙي پيري اڌ رات جو ٻئي ڄڻا، هڪٻئي کان موڪلائي، پنهنجي پنهنجي محلات ڏي ويڄڻ تي هئا تہ پري کان جبل ۾ روشني ڏسڻ ۾ آين. صلاح ڪيائون تہ اها روشني ڏسي اچون. سو ٻئي ڄڻا جبل ڏي راهي ٿيا. اتي ڏسن تہ هڪڙو جوڳي دونهين دکايو مست ٿيو ويٺو آهي. هنن جي سلام تي هو سجاڳ ٿيو ۽ کانئن اچڻ جو سبب پڇيائين. ٻنهي راجائن اولاد جي گهر ڪئي. جوڳيءَ کي بہ مٿن رحم آيو سو دعا ڪيائين ۽ رُڪ مان ٺهيل لڪڻ ڏيئي چيائين تہ: پنهنجي باغ ۾ انبن جي وڻ ۾ ڏڪ هڻجو هڪڙو انب ۽ هڪڙي انبڙي ڪرندي، انب آهي پُٽ ۽ انبڙي ڌيءَ اهي وڃي پنهنجن راڻين کي کارائجو. لڪڻ کڻي ٻئي ڄڻا روانا ٿيا ۽ اچي باغ ۾ پهتا. هر ڪنهن پنهنجي واري سان وڻ کي ڏڪ هنيو نل راجا کي انب مليو ۽ پنگل راجا کي انبڙي سي کڻي پنهنجي محلات ۾ ويا ۽ هر ڪنهن پنهنجي راڻيءَ کي آندل شيءِ ڏني. قدرت سان ٻئي راڻيون اميد سان ٿيون.

هڪڙي ڏينهن ٻئي راجا گهمندي ڦرندي اچي هڪڙي پپر جي وڻ هيٺان ويٺا. اتي پنگل راجا، راجا نل کي چيو تہ: آءٌ پنهنجي ڌيءَ تنهنجي پُٽ کي ٿو ڏيان. جڏهن تنهنجو پُٽ وڏو ٿئي، تڏهن ڄڃ وٺي اچجانءِ ۽ منهنجي ڌيءَ پرڻائي وٺي وڃجانءِ

نَل پنِگل آروجيا، ٻڙ پيپل هيٺ،
جڏڪا ڪوتا ڪرپيا، ڍولو ماروئل پيٽ

( نل ۽ پنگل راجا، ٻر پپر جي وڻ هيٺ ويٺا آهن. ڍولي ۽ ماروئل جو مڱڻو ڪن ٿا، جڏهن اجا اهي پيٽ ۾ آهن.)

قصو ڪوتاهه. راجا نل کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو رکيائون "ڍولو" ۽ پنگل راجا کي ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو رکيائون "ماروئل". ٿوري گهڻي ڏينهن نل راجا پنهنجي ملڪ موٽي آيو. ڏڪار جا ست سال پورا ٿي چڪا هئا ۽ ملڪ به آسودو ٿي ويو هو. راجا نل پنهنجي رعيت سان سکيو وقت گذارڻ لڳو تان جو ڍولو اچي جوان ٿيو.

مالوا جي شهر ۾ هڪ مالهڻ رهندي هئي، تنهن سان ڍولي جي پريت ٿي وئي ۽ ان ۾ اهڙو ته محو ٿي ويو جو پنهنجو ملڪ وساري اتي ئي ويهي رهيو. ساڳئي وقت ماروئل به اچي ڦوهه جواني ۾ پهتي، سا به پنهنجي پرينءَ جي يادگيريءَ ۾ وقت گهارڻ لڳي. ماروئل ڍولي کي گهرائڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو موڪليا، پر ڍولي، مالهڻ جي محبت ۾ ڪجهه به نه ٻڌو. آخر ماروئل پنهنجي منگتي کي روانو ڪيو جنهن مالوا جي شهر ۾ اچي راڳ شروع ڪيو. منگتي جي راڳ جي ساراهه سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي. ڍولي به سندس ساراهه ٻڌي، کيس پاڻ وٽ گهرايو. جڏهن منگتي، ڍولي کي ڪچهريءَ ۾ وينل ڏٺو تڏهن ڪٽي ماروئل جي ساراهه شروع ڪيائين ته:

اُرهه سُنگو نڪ سِيپلا، ڏنت ٻتريسِي ہاڻ،
ڍولا! ٿِميٽِي ماروِي، جڻ ٻرهر اُوگو ڀاڻ.

( ڇاتي سخت پٿر جهڙي، نڪ سِپ جهڙو ۽ ڏند ٻٽيهه موتين جهڙا آهن. ڍولا! تنهنجي ماروئل چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي آهي.)

راتِي سارَس ٻوليا، درياهه ٻيلي دنگهه
مين سوتي ڍولو ساريو اُرگت ڀِيگي انگهه

( رات جو درياهه جي پرينءَ پر جڏهن هنجهن ٻوليو تڏهن مون ننڊ ۾ توکي ياد ڪيو ۽ تنهنجيءَ سڪ منهنجي انگ انگ ۾ اچي ديرو ڄمايو.

راتي ڪُونجان ٻوليا، ٽولي ٽولي تريس،
سُوتي ڍولو ياريو مين اُرڙي پانگي اِيس.
( رات جڏهن ڪونجن ٻوليو ۽ ٽوليءَ ٽوليءَ ۾ ٽيهہ ڪونجون هيون، تڏهن مون ڀانيو تہ ڍولو آيو آهي. سو پاسو ورائيندي ڪٽ جي اِيس پيچي پئي.)

جَو جِڏي پرٽيو تِر جِڏي ٽٽي،
اُرَهہ نہ مائي ڪانچوئي ڍولا مهلي ورڻ ڪري
( ڍولا! تون مون سان تڏهن پرٽيو هئين، جڏهن مون کي تِر جيڏا اُرهہ هئا ۽ آءٌ جَوَ جيڏي هيس. هينئر منهنجي اُرهہ تي ڪنجروئي نٿو ماپي.)

مارُو مانگا آئيا، ڍولي را پرڏان،
ڏَڻ پنياٽي ماروئل، جي روپرماني ڍولو ڇهواڻ.
( هينئر پنياٽي قوم مان ماروئل، جنهن جو پتار ڇهواڻ نسل جو ڍولو آهي، تنهن جي ٻانهن ڍولي جا مائٽ گهُرڻ آيا آهن.)

ڍولا! آؤ تو آ يارا، سِرواڻ پهلي ماس،
نهين تو مهيسڙا پيجا ولورسي، باقي لهسي چاس.
(ڍولا! اچين تہ ساوَڻ جي پهرينءَ مهيني ۾ ضرور اچج نہ تہ کير پيا ولوڙي ويندا باقي وچي ڏڌ رهندو.)

ڍولا! آوء تو آيا را، سِراوڻ پهلي تيج،
نهين توهَرڙا مين ٿي پراهاڪسان مِانگي تانگي بيج.
( ڍولا! اچين تہ سانوڻ جي پهرين تيج تي ضرور اچج. نہ تہ آءٌ ٻين کان اُڌارو ٻج وٺي، هَر ڪاهي ڇڏينديس.)

ايترو ٻڌڻ سان ڍولي، منگتي کي چيو تہ: هتان جلد ٿي روانو ٿي ۽ ٻارهن ڪوهن کان بہ پري هلي ترس. مالهڻ کي خبر پئي تہ توکي مارائي ڇڏيندي. تنهن تي منگتو واپس پنگل گڍ روانو ٿيو. پوءِ ڍولو محلات ۾ وڃي، اونڌو ڪنڌ ڪري سمهي رهيو ۽ نُنهن سان پٽ کوٽڻ لڳو. ڍولي کي اداس

ڏسي مالهڻ چيو تہ: محلاتن جي سِڪ تي اٿئي يا ڪا ڇُوڙيلي چِت ۾ ياد آئي اٿئي؟

ڍولو اُڦڙانتا پوڙيا، نُڪ سين ڪوتي پِت،
ڪا محيلي من ۾ ڪا ڇُوڙيلي چِت.

تڏهن ڍولي جواب ڏنو تہ:

نڪا محيلي من ۾ نڪا ڇُوڙيلي چِت،
پاٽڻ گڍ را گهوڙا وڪِجي، مِنا سودو چڙهيو چِت.

( مون کي نڪا محلاتن جي يادگيري تي آهي، نہ ڪا ماروئل ياد آئي آهي، پر پاٽڻ شهر جا گهوڙا وڪري لاءِ آيا آهن، اُهي سودڻ جي خواهش تي اٿم.)

مالهڻ ڪيس دلداري ڏني، ان بعد ڍولو سمهي رهيو. صبح جو سوير ڍولو ڏاچين جي وڳ ۾ ويو. وڳ ۾ هڪڙو ڏبرو ڪنواٽ سيني ڪان پرپرو وينو هيو. ڍولي چيو تہ:

ڪيرِي گلي ٻڏان گهوگهرا، ڪيرِي گلي ٻڏان لاج،
ائيان سانديان ۾ ڪوئي ڪرهو جو مِنان پنگل پُجائي آج.

( ڪنهن جي گلي ۾ گهنگهرا ٻڌان ۽ ڪنهن جي ڳچيءَ ۾ مهار وجهان، جيڪو مون کي اڄ ئي پنگل گڏ پُجائي؟)

ٻيا سڀ اُٺ ماٺ ڪري وينا رهيا، پر ڪنواٽ جواب ڏنو تہ:

مِيَن گلي ٻڌاڙو گهوگهرا، مِيَن گلي ٻڌاڙو لاج،
آئيان سانديان ۾ هوُن ڪرهيو جو تِنان پنگل پُجاڙان آج.

( منهنجي گلي ۾ گهنگهرا وجهہ ۽ مون کي ئي مهار وجهہ، چو تہ آءٌ ئي توکي اڄ جو اڄ پنگل گڏ پهچائيندس.)

اهو ٻڌي ڍولو چوڻ لڳو تہ:

ٻيجا نہ ٻوليو پاڪيتيا، تو ڪِيان ٻوليو توڏ،
پيڙي پيجاڻ پاسري، ٽانرو اِينڏر چٽڪي دوڏ.

( جڏهن ٻيا اُٺ ماٺ ڪيو ويٺا آهن، تڏهن تون ڪيئن ٿو ٻڌائڪ هڻين؟ آءٌ ٻـ جڏهن توکي چڪي ڪاميندس، تڏهن پاسيريون پچي پونديءِ ۽ تنهنجو اينڊڙ "ڏن جي پر وارو ڳوڙهو- ڪوڙي" وچي زمين کي لڳندي)

تڏهن توڏي وراڻي ڏني تـه:

ڍولا! مهيٽڙ تو ماٺا چلي، توڏڪ ڇيڪا چالي پڳ،
اَئيان ناگرويل نـه چکيئي، چکيئي ٻودي سِٽيئي ري ڇَڳ.

( اي ڍولا! اهي جيڪي متارا اُٺ آهن، سي آهستي آهستي هلندا. چاڪاڻ تـه انهن ناگرول نـه چکي آهي، پر رڳو سڙيل سِڻ جون چڳون کاڌيون اٿن. پر آءٌ تکو هلندس، جو مون ناگرول کاڌي آهي.)

تڏهن ڍولي وچي توڏي جي ڳچيءَ ۾ گهنگهرا ٻڌا ۽ پاکڙو وجهي تيار ڪيو. مالهڻ ڍولي کي گهر ۾ نـه ڏسي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. ڏسي تـه ڍولو پريان ڏاچين ۾ ويٺو آهي، سو اوڏانهن ويئي. ڍولو سامان کڻي لاءِ واپس آيو تـه پٺيان مالهڻ، توڏي کي چوڻ لڳي تـه:

مانهجي باپ را ڪرهيا، مانهجي وچن هلي،
ڍولي سانباهيا ساسرا، تون کوڙي پاڳ چلي.

( منهنجي پيءُ جا توڏا! تون منهنجي چوڻ تي هلجانءِ . هينئر ڍولو پنهنجي سامري گهر ڏي سنيريو آهي، تنهن ڪري تون آهستي آهستي منڊڪائي هلج.)

تڏهن توڏي وري مالهڻ کي وراڻي ڏني تـه:

کوڙو ٿيان تو هون ڏانپ لَيان، ٻڌو ٻُک مران،
جاٿون ڍولي ري ساسري، هُون سقرا مؤنگ چَران.

( منڊو ٿيان تـه پوءِ مان ڏنپ ڏياريان ۽ هڪ منڊ ٻڌل رهي چو ٻُک مران! وڃان ٿو ڍولي جي سامُري، جتي ساوا مُڱ چرندس.)

مالهڻ وري چوڻ لڳي تـه:

تِنان ڏانيان سون سرائي سين، آن چانپان تيل قُليل،
ٻڌان ٻڙ ري شاخ سين، آن نيران ناگرويل.

( توکي آءُ سونَ جي سَرائيءَ سان ڏنپ ڏينديس ۽ پوءِ اُن مٿان تيل قُليل جي مالش ڪنديس ۽ ٻڙ جي چانوَ ۾ ٻڌي ناگرول جا پَن چارينديس.)

پر ڪرهي صفا جواب ڏئي ڇڏيو. تڏهن مالهڻ لِڪ ڇپ ۾ ٽِڪا رُڪ جا سُٺا توڏي جي پيرن ۾ هڻي ڇڏيا ۽ پاڻ واپس گهر هلي ويئي. هاڻي ڍولو بہ سامان سڙوڪٽي آيو ۽ توڏو سنباهي روانو ٿيو. مالهڻ جڏهن ڏٺو تہ ڍولو بلڪل نٿو رهي، تڏهن وڃي ساهيڙين کي چيائين تہ ڍولي کي ڪيئن بہ ڪري اڄ ترسايو. هو منهنجو چوڻ نٿو ڪري، اڄ ترسي پيو تہ پوءِ ساهُري ڪونہ ويندو. اُهي ڍولي کي وڪوڙي ويون. اُنهن مان هڪ ڄڻي چوڻ لڳي تہ:

مَرو سَرو سهيليان، ڪارڻ آپڻي ڪڄ،
ڍولو سانباهيو ساسري، مِنا بالم آئي گيو اڄ.

( اي سهيليون! اوهين مرو ۽ هتان ٽري وڃو. ڍولو اڄ ساهُري سنيريو آهي، مون کي اڄ ڇڏيو تہ ڍولي سان رات گذاريان.)

تڏهن ڍولو چوڻ لڳو تہ:

مَرو سَرو سهيليان، والهي ٿيو جائي وران،
ڍولو سانباهيو آڄ ساسري، اوهين بلمائو جائي گهران.

(.اي سهيليون! اوهين مَرو ۽ هتان ٽري وڃو ۽ پنهنجن مڙسن وٽ وڃو. آءُ اڄ ساهُري سنيريو آهيان، ۽ اوهين پنهنجي گهرن ۾ وڃي پنهنجي پِيارن سان رات گذاريو.)

سهيليون واپس هليون ويون. آخر مالهڻ پنهنجو پاليل چَٽوُن پڃري مان ٻاهر ڪڍيو ۽ اهو اڏامي اچي ڍولي جي پرسان ٻير تي ويٺو. ڍولي، چَٽوُن کي ڏسي کانئس پڇيو تہ:

سائي پَک را سُنهٽا، ٻيٺو آئي ٻورڙيان،
ڪا مالهڻ رو موڪليوڙو، ڪا ڪارڻ گورڙيان.

( اي چَٽوُن! تون اچي ٻير تي ويٺو آهين. مالهڻ جو موڪليل آهين يا چوڪرين لاءِ آيو آهين.)

تڏهن چَتُونءَ وراڻي ڏني تہ:

ڍولا! ٿان چڙهي ٿانوڪيا، تو هيڪڄ بات هُئِي،
ٿان پگ آٿي پاگوڙي گهتيو تو مالهڻ جہ پري مُئِي.

( اي ڍولا! تون روانو ٿئين تہ هڪڙي ڳالهہ ٿي پئي، اُها هيءَ تہ جيئن ئي تو رڪيب جو پير رکيو تيئن مالهڻ مري ويئي. هاڻي موٽي هلي سندس مُنهن ڏس.)

تڏهن ڍولي وراڻيو تہ:

لانگي ڏيجو لانپوئا، ڏوئي ڏوئي ڏيجو ڏاگ،
مالهڻ مئي تو گهوري، وريو ماروئل رو ڀاگ.

( توهين چئني پاسن کان ڪٽي باهہ ڏجو ۽ ٻنهي هٿن سان ڪاٺيون وجهجو. مالهڻ مئي تہ گهوري، جوهاڻي وري ماروئل جو نصيب کليو آهي.)

ائين چئي ڍولو روانو ٿيو ۽ ڪرهيي کي تکو ڪاهيندو هليو مٿان اچي شام ٿي. سج لهڻ کي ويجهو آيو پر پنڌ اجا ڳچ رهجي ويو تڏهن ڍولي چيو تہ:

ڏينهن گيو ڏري ڏونگري، وهيا گيا وَٽي،
ڪارِي ڪائي تنان ڪَرهيا، مِنان روليو وچ رَٽي.

( سج وڃي جبلن جي چوٽين کي ويجهو پهتو آهي ۽ وهيا وڃي پنهنجي آکيرن ۾ لڪا آهن. ڪرهيا! توکي شل ڪارو نانگ کائي جو مون کي هيئن وچ رڻ ۾ رُلايو اٿئي.)

تنهن تي ڪرهيي جواب ڏنو تہ:

ڍولا! ڪڍ پگان را تڪرا، ڍيلي چڏ مُهار،
هلان ڍولي ري ساسري، گهَر گهَر ڏيان جُهار.

( اي ڍولا! منهنجي چئني پيرن ۾ سُئا لڳل آهن، سي ڪڍي ڇڏ ۽ مهار ڍري ڇڏ تہ تنهنجي ساهُري گهر هلي واڌايون ڏيان.)

ڍولي، ڪرهيي کي هيٺ ويهاري، سندس پيرن مان سُئا ڪڍيا ۽ پوءِ ڪرهيي کي وٺي هڪليائين تہ ٿوري ئي وقت ۾ وڃي ماروئل جي شهر ۾ پهتو.

شهر جي پرسان باغ هو ڍولو اتي وڃي لٿو ۽ ڪرهي جي مهار ڇڏي، ساهي پٽڻ لڳو. ڪرهو اُجايل هو سو وڃي باغ ۾ پهتو اُتي ماروئل جو ڪوهہ هو سا بہ پنهنجا پاڏا پيارڻ لاءِ آئي هئي. ڪرهو بہ وڃي حوض مان پاڻي پيئڻ لڳو تہ ڪي چندا وڃي ماروئل کي لڳا. اُن وقت ماروئل جي هٿ ۾ ڪنهن وڻ جي ٽاري هئي، جا ڪرهي کي مُنهن تي هنيائين. چوڻ ٿا تہ اُٺ جو مٿيون چپ اڳي چيريل نہ هيو پر ماروئل جي لڪُڻ لڳڻ بعد سندس لڪُڻ جو نشان چپ تي قائم ٿي ويو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ سندس مٿيون چپ چيريل ڏسجڻ ۾ اچي ٿو. ڪرهو ماروئل کي چوڻ لڳو تہ:

هُون ڍولي رو ڪرهو تون ڍولي ري نار،
آئيان پاڏيان وارڻ ري ڪانب سين، تون منان متي مار.

( آءٌ ڍولي جو ڪرهو آهيان ۽ تون ڍولي جي زال آهين. جنهن لڪُڻ سان تون پاڏا ٿي ڪاهين، تنهن سان مون کي نہ مار.)

اهو ٻڌي ماروئل کي تمام گهڻو ڏک ٿيو ۽ ڪرهي کي ڳلي ۾ ٻاڪر وجهي، تمام گهڻو پيار ڪرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي تہ:

ٿين جي سَٽِي ڪانبڙي، مين جہ سَٽِي پري راڙ
سيٺا گناتان ري گام ۾، همي سيٺِي ويڻ مت هار.

( تو هِن لڪڻ جو ڏک سَٺو آهي ۽ مون گار سَٺِي آهي. هاڻي هت سيٺن گناتن جي شهر ۾ هينئون نہ هار.)

تڏهن ڪرهي وراڻي ڏني تہ:

پاڻي پِي ٿر پت ڪر، ڪا ڳرئي ڳُوئي،
آبسرَ باهِي ڪانبڙي، هي ويسر سِي مؤئي.

( هن پٽرن واري ڪوهہ تي مون پاڻي پيءِ ڏوهہ ڪيو آهي، پر هينئر جيڪو ڏک تو مون کي هنيو آهي، سو مُئي بہ نہ وسرندو.)

ڪرهو واپس ڍولي وٽ آيو ۽ ساڻس حال اوريائين. ماروئڙل بہ ٽڪڙي ٽڪڙي وڃي پنهنجي محل ۾ پهتي. ڍولي ڇا ڪيو جو هڪڙي سُڪل ٻُنڊ سان ڪرهي کي ٻڌي، محلات ڏانهن رُخ رکيائين. ڍولي کي ايندو ڏسي محلات ۾ واڌايون وري ويون. ڍولي ۽ مارو‍ئڙل جي ملاقات ٿي، ڍولي مارو‍ئڙل جي سونهن پسي حيران ٿي ويو ۽ ڪانئس پڇڻ لڳو تہ:

ڪيجَڙ رُونک، پُرٽ ڪڙ اُونڌو نِير اٿاهہ
ڍولو پڇي مارو‍ئڙل، تين وٽ امڙو روپ ڪها؟

( ڍولي، مارو‍ئڙل کان پڇيو تہ: هتي ڪنڊا جهڙا سُڪل ٻُنڊ، گاهہ پرٽ جهڙو ۽ پاڻي تمام اونهون آهي. انهيءَ هوندي بہ تو اهڙي سونهن ڪٿان آندي آهي؟)

تڏهن مارو‍ئڙل جواب ڏنو تہ:

رهَتِي وِينجها بن ۾ آن سورهن سوءِ سهيليان،
گوپي هَتِي هوُن ڪان ري، پوُل رهي ترِيان.

( چئي: آءٌ وِينجها بن ۾ پنهنجن سورهن سوءِ سهيلين سان گڏ رهندي هيس ۽ ڪرشن مهراج جي گوپي هيس. پر هتي واريءَ جي پٽُن ۾ پلجي آئي آهيان.)

تڏهن ڍولي وري پڇيو تہ:

ڪڏهان تين نانگ ناٿيا، ڪڏهن مِرگ ليا مُک جهل،
ڪڏهان مانسروور گئي، تي هنسان چالڻ هل.

( اي مارو‍ئڙل! تو ڪڏهن نانگ پاليا؟ ڪڏهن هرڻ جهليا؟ ڪڏهن مانسروور ڍنڍ تي وئينءَ؟ ۽ ڪڏهن هنجهن کان هلڻ سکئينءَ؟ يعني ڪڏهن تنهنجا وار واسينگ جهڙا ٿيا، ڪڏهن تنهنجون اکيون هرڻ جي

اکين جهڙيون ٿيون، ڪڏهن تنهنجو بت برف جهڙو اڇو ٿيو ۽ ڪڏهن ناز وارو هلڻ سکئين؟)

ماروئل جواب ڏنو تہ:

اَٺي وَرسي نانگ ناٿيا، ٻارهي وَرسي مرگ ليا مُک جهل،
سورهي وَرسي مانسروور گئي، تي هنسان چالڻ هل.

( يعنيَ اٺن ورهين جي هُيس تڏهن وار وسيهر ٿيا، ٻارهين ورهيہ ۾ اکيون هرڻ مثل ٿيون، سورهين ورهيہ ۾ بدن برف جهڙو اڇو ٿيو ۽ هنجھ جي نموني هلڻ سکيس.)

اهي جواب ٻُڌي ڍولو تمام خوش ٿيو. پوءِ تہ اٺ ڏينهن اٺ راتيون ماروئل وٽ محلات ۾ ويٺو رهيو ۽ ويچاري ڪرهي جي ڪابہ خبر ڪانہ لڌائين. اوچتو ڪرهي جي يادگيري آيس، ٻاهر نڪري ڏسي تہ ڪرهي تي واري وري وئي آهي، فقط ڪنڌ ٻاهر رهيو اٿس. ڍول کي ايندو ڏسي، ڪرهو چوڻ لڳو:

ڪاري مٽي رو آدمي، ڌوري مٽي رو اُونٺ،
نِگٽي سان گُڻ ڪيا، تاٽي ٻڌيو ٺُونٺ.

( تون ڪاري مٽي وارو ماڻهو آءُ اڇن وارن وارو اُٺ. تو بي گُٽي سان مون گُڻ ڪيو تہ اُن جي عيوض مون کي سُڪل ٻُنڍ سان ڪٽي ٻڌءِ!)

ايترو چئي ڪرهي ساهہ ڏنو ڍولي کي اُٺ جي مرڻ جو ڏاڍو ارمان ٿيو. آخرڪار ٿوري گهڻي ڏينهن ڏاڍي ڏامر ڏومر سان، ماروئل کي پنهنجي ملڪ وٺي وريو.

روايت [6]*

# تعلقي کپري جي ڳالهه

ڪنهن زماني ۾ ڍٽ جو بادشاهه " گُجر" نالي هو اڳئين زماني ۾ آباديون مِينهن تي ٽينديون هيون. هڪڙي سال گُجر جي بادشاهيءَ ۾ ڏڪار پيو هن پنهنجي وزيرن کي خزانا ڏيئي، چئني ڏِسين تي اُماڻيو ته ڏسو ته ڪنهن ملڪ ۾ مينهن وٺل هجي ته مال ڪاهي، مال جو گذارو ڪري اچون. تي وزير گهمي ڦري وري آيا، چيائون ته: سڄو ملڪ، جيڪو اسين گهميا آهيون، تنهن ۾ ڏُڪار آهي. هڪڙي وزير وٽي گهوڙي کي چڪيو سو هڪليندي هڪليندي هڪڙي رڻ پٽ ۾ آيو. گهڻو ئي پنڌ ڪيائين، پر رڻ نہ ڪُٽي. آخر خيال ڪيائين تہ جي موٽي پنتي ورندس ته بہ رڻ ۾ رات پئجي ويندي، تنهن ڪري چونہ جيسين رات پوي، تيسين گهوڙو ڪاهيو وڃان. نيٺ هڪڙي هنڌ رات پئجي ويس، پر رڻ نہ ڪُٽو. تڏهن اتي گهوڙو ڇوڙي، سنج سيرانديءَ ڪري سمهي پيو. صبح جو اٿي ڏسي تہ گهوڙو نهي ئي ڪونہ سُنبن جا نشان وٺي، گهوڙي جي پويان پيو. قدرت خدا جي اجا اڳتي هليو ئي مس تہ ملڪ آباد ۽ سائو نظر آيس، گاهن جا گلزار لڳا پيا هئا ۽ سندس گهوڙو بہ اتي بيٺي چريو. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خيال ڪيائين تہ يڪدم وڃي بادشاهہ کي هن جُوءِ جو اطلاع ڏيان. سو گهوڙي کي سَنجي، واپس روانو ٿيو. ٿورو ئي پنڌ ڪري دل ۾ خيال ڪيائين تہ بادشاهہ مون کان پڇندو تہ: گاهہ ڪهڙي ملڪ ۾ ڏٺئي؟ مون کي ملڪ جو نالو ڪونہ ٿو اچي، ڪهڙو جواب ڏيندس؟ چونہ ڪنهن وَسَ ۾ وڃان ۽ اتان هن ملڪ جو نالو پڇي، پوءِ وڃي بادشاهہ کي ٻڌايان! انهيءَ خيال سان گهوڙو موٽايائين. آخر هلندي هلندي هڪڙي ٽڙ تي وڃي پهتو اتي ماڻهن جا مال بہ جام ڏٺائين،

---

* هيءَ روايت سگهڙ راڄڙ ويٺل تعلقي کپري ضلعي ٿرپارڪر جي زباني قلمبند ڪئي وئي.

ماڻهو هن کي قري آيا. جن ڏاڍو آڏرياءُ ڏيئي ڪانئس خبرون ورتيون. وزير چيو تہ: گجر بادشاهہ جو وزير ۽ ڍٽ ملڪ جو رهاڪو آهيان. گاهہ نهارڻ نڪتو آهيان. جو اسان جي ملڪ ۾ ڏُڪار آهي. گاهہ تہ ڳولي لڌم پر ملڪ جونالو معلوم نہ هو. اڻين چٽي هنن کان خبرون ورتائين. جن ٻڌايس تہ: هيءُ ملڪ "راءُ ڀٽيءَ" جو آهي. اهو "پنگل گڏ" جي شهر ۾ رهي ٿو. اهو ٻڌي وزير خيال ڪيو تہ اڳوڀوءِ بادشاهہ سان سهڻجي پوءِ وڃان. سو گهوڙي تي چڙهي بادشاهہ جي شهر ڏانهن روانو ٿيو. توري گهٽي ڏينهن اچي پنگل گڏ ۾ رهيو.

بادشاهہ جي ڪچهري لڳي پيئي هئي. وزير کي پرديسي ڏسي، نوڪرن سندس گهوڙو جهليو ۽ کيس عزت آبروءَ سان وٺي آٽي ڪچهريءَ ۾ ويهاريائون. وزير سڄو هفتو اتي رهيو پر بادشاهہ کانئس خبر چار نہ ورتي. آنين ڏهاڙي چيائين تہ: مسافر! ترت خبر وٺڻ معنيٰ مهمان کي اُماڻڻ. توکي منزل جو ماريل ڏٺم. تنهن ڪري چيم تہ ڀلي آرام ڪري ٿڪ ڀڃ. هاڻي خبرون ڏي. وزير حقيقت حال بيان ڪيو تہ: ڍٽ جي شهر جو ويٺل آهيان. راجا گُجر جو وزير آهيان. اسان جي ملڪ ۾ ڏُڪار آهي. مال تڪليف ۾ آهي. گاهہ جي ڳولا ۾ نڪتس. توهان جي ملڪ ۾ گاهہ ڏسي خوش ٿيس ۽ توهان سان ملي حقيقت پيش ڪيم.

ڀٽي بادشاهہ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو چيائين تہ: وزير! عمر ڪانہ ڪري آهي. سال کريو آهي. گڏجي چرنداسون. منهنجي خدا ڪارڻ دعوت پنهنجي بادشاهہ کي ڏج. وزير يڪدم موٽيو ۽ توري گهٽي ڏينهن اچي ڍٽ ۾ رسيو. بادشاهہ خبرون پڇيون. چيائين: پنگل گڏ ۾ گاهہ آهي. راءُ ڀٽي اُتي جو بادشاهہ آهي. جنهن توکي دعوت ڏياري موڪلي آهي. بادشاهہ پڙهو ڏياريو تہ: جنهن کي هلڻو هجي سو هلي. ماڻهو اڳئي آتا وينا هئا. سي ٽپڙ تاڙي ٻڌي هلڻ لاءِ تيار ٿيا. بادشاهہ پنهنجو مال ڪاهرائي، رعيت سميت اُتي پنڌ پيو ۽ توري گهٽي ڏينهن اچي پنگل گڏ ۾ پهتو.

راءُ ڀٽيءَ هنن جي اچڻ ڪري هڪڙي ايراضيءَ مان پنهنجي رعيت لڏائي ٻئي پاسي اُماڻي، رعيت کي اُن ايراضي ۾ رهايو ۽ بادشاهہ جي لاءِ

محلات خالي ڪري ڇڏيا. راءِ ڍيَاچ پنهنجي رعيت ۾ پڙهو گهمايو تہ: آيل ماڻهن جو مال، جي ڪنهن جي پوک ۾ پوي تہ مال نہ ورائجو. جنهن هاريءَ جي ٻني، مال کائي وڃي تہ اُن کي ٻن خرارن جي نقصان بدران چار خرار اَنُ ڏيندس. هاري تمام خوش ٿيا تہ مَن منهنجي پوک ۾ مال پوي تہ بادشاهي زبان تي وهنوار وٺي ڇڏيون. راءِ ڍياچ جو اهو حڪم جڏهن راجا گُجر ٻڌو تڏهن ڏٺائين تہ منهنجي رعيت هنن ويچارن جون ٻنيون کائي چٽ ڪري ڇڏيندي، تنهن وري پنهنجي رعيت ۾ اهو پڙهو گهمارايو تہ: جنهن بہ ماڻهوءَ جو مال پنگل گڏ جي ٻنين ۾ پيو ان کي ٻارهن مهينا ٽيپ ملنديءِ مال کي نيلام جو داغ ايندو. اها ڳالهہ ٻڌي جنهن مال سان اڳي هڪڙو ڏنار پهري، تنهن سان چار پهرجڻ لڳا. قصو ڪوتاهہ- خدائي گاهہ جي اتي ڪمي ڪانہ هئي، راجا گجر جي رعيت ڏاڍو خوش وقت پئي گذاريو.

راجا گُجر کي ڍولو نالي هڪڙو تمام سهڻو پٽ هو. ان جي شادي لاءِ مڱڻهارن ۽ ٻين ماڻهن کي وَڙولون وڏيون هڻائين. اهي ماڻهو ڏِسيون گهمي آيا. جنهن ڍولو ڏٺو سو چوي تہ: هن صورت تي ٻيو ماڻهو پوي ئي ڪونہ ٿو نڪو اسان ڏٺو. اهي ڳالهيون هلنديون رهيون. راجا گُجر وٽ هڪڙو مڱڻهار هو تنهن عرض ڪيو تہ: مون کي جي هڪڙي ڏينهن جي مهلت ملي تہ راءِ ڍياچ جي دربار ڏسڻ وڃان. راجا گُجر کيس منع ڪئي تہ: تون مڱڻهار آهين. جتي ويندين، اتي ائين چوندا تہ پنڻ آيو آهي. سو جي راءِ ڍياچ وٽ ويندين تہ هو چوندو تہ: راجا گُجر اهڙو بکيو آهي، جو سندس مڱڻهار ٻين راڄن ۾ پيا پنن، تنهن ڪري تنهنجو اوڏانهن وڃڻ مناسب ناهي. مڱڻهار عرض ڪيو تہ: وٺندس ڪڏهن ڪين. تڏهن راجا گُجر کيس اجازت ڏني.

مڱڻهار پنگل گڏ جو شهر گهمندو گهمندو نَوَ ڪُوٽي محلات وٽ پهتو. ان وقت محلات تان هڪڙي عورت هيٺ لٿي، جا پوشاڪ مان کيس بادشاهزادي نظر آئي. مڱڻهار خيال ڪيو تہ هيءَ عورت اڪيلي ڪيڏانهن ٿي وڃي، سو وٽي وڃي ان جو اڳ ورتائين. ڏٺائين تہ هڪڙو ننڍڙو ٻار هنج

تي ڪٽيو پئي وڃي. پڇيائينس تہ: ڪير آهين؟ جواب ڏنائين تہ: مون جهڙي ڪا وڃائي اٿئي ڇا؟ هن جواب ڏنو تہ: نہ. مڱڻهار فقير آهيان. پڇيم تہ انهيءَ ۾ ڪو گناهہ آهي ڇا؟ هن جواب ڏنو تہ: آءٌ راءِ ڏياچ جي ٻانهي آهيان. منهنجي ٻُڪر ۾ راءِ ڏياچ جي نياڻي آهي، جا آءٌ پاليندي آهيان. هن کي ڪير پياري، کنيو پئي وڃان. مڱڻهار چيس تہ: جهڙي اها نياڻي آهي، تهڙي آءٌ بہ راڄ - نياڻي آهيان. رڳو منهن تان پلوءِ کڻي پاسي ڪر تہ بادشاهہ جي نياڻي ڏسان. ٻانهيءَ ڇوڪريءَ جي منهن تان پلوءِ پاسي ڪيو مڱڻهار جي نظر جڏهن شهزاديءَ جي منهن تي پئي، تڏهن حسن ڏسي ڏندڻ پئجي ويس، ۽ بيهوش ٿي وڃي ڪِريو. بازار هلندڙ هئي، تنهن ڪري ٻانهيءَ ڏنو تہ ناحق خون ٿو ڪڇيءَ ۾ پوي، سو شهزاديءَ کي پٽ تي سمهاري، مڱڻهار جا ڏندڻ ڀڳائين. مڱڻهار جي هٿ ۾ حقو هيو جنهن جي ٽوپي ڪرڻ سان ڀڃي پئي هئي، ٻانهيءَ کي چيائين تہ: جهڙو مون تي احسان ڪيو اٿئي، جو منهنجا ڏندڻ ڀڳا اٿئي، تهڙو ٻيو بہ احسان ڪراهو هيءَ، جو حقي جي ٽوپيءَ جوا گهہ ٻڌايووڃ. ٻانهيءَ جواب ڏنس تہ: تنهنجا جهڙا افعال آهن، تهڙا ٽوڪي ٽوپين جا اگهہ اِڪتي گهٽا ٻڌائيندا.

مڱڻهار فقير ٻانهيءَ کان جند ڇڏائي راءِ ڏياچ جي ڪچهريءَ ڏانهن واهو ٿيو ۽ پڇائيندو پڇائيندو اچي اتي پهتو. عام دربار لڳي پيئي هئي، راڳ پئي ٿيو. هيءُ بہ وڃي هڪڙي ڪنڊ ۾ ويٺو. آخر جڏهن ڪچهري باهڙي، تڏهن راءِ ڏياچ هن کي آڏرياءِ ڪري احوال پڇيو. مڱڻهار چيس: سائين، اوهان جي ڪچهري ڏسڻ آيو هوس. بادشاهہ چيو تہ: تون منهنجي ڪچهريءَ ۾ آيل آهين، منگتو فقير آهين، خالي هٿين نہ وڃ. جيڪي گهرندين سو ملندءِ. مڱڻهار چيس تہ: تنهنجي دعا ٿي گهرجي، ٻيو ڪجهہ نہ کپي. پر بادشاهہ چوي تہ: ڏني ڪانسواءِ نہ ڇڏيندوسانءِ، اڄ جيڪي گهرندين سو ملندءِ. مڱڻهار بادشاهہ کي چيو تہ: جيڪي جو مطلب گهڻو آهي، متان حضور جن پهچي نہ سگهن. بادشاهہ کي اهڙي خبر ڪانہ هئي تہ ڪو

منهنجا يار ڏسي آيو آهي، سو چيائينس تہ: جيڪي گهرنديون سو ملنديءِ تڏهن مگٽهار جُتي چنبڙي هٿ ۾ ڪري پڇڻ لاءِ تيار ٿي، چيو تہ: توهان جي نياڻي "مارئيءَ" جو سڱ اسان جي بادشاهہ جي پٽ "ڍولي" کي ڏيو. بادشاهہ تہ ڪونہ ڪُڇيو باقي نوڪرن ڪٽي ڳچيءَ ۾ هٿ وڌس. مگٽهار نوڪرن کان جيئن تيئن جند ڇڏائي وٺي ڀڳو ۽ يڪساهي ڊوڙندو پنهنجي بادشاهہ جي ڪچهريءَ ۾ اونڌي منهن اچي ڪريو. بادشاهہ چيو: آهي تہ خير؟ چيائين: خير هجي تہ هري هري پيو اچان ها، اڳي ڪڏهن آءٌ اهڙو ڀڄندو آيو آهيان؟ هاڻي اُنن تي ٽپڙ وجهو تہ پنهنجي ملڪ هلون، نہ تہ بادشاهہ کي اهڙو اکر چئي آيو آهيان، جو جاڻ تہ لڙائي لڳي. بادشاهہ چيس تہ: ويهہ تنهنجي چئي تي لڙائي ڪانہ ٿيندي، جي بادشاهہ ميار رکي تہ توکي ڪٽي چريو بڻائيندا اسون. بادشاهہ کي چيائين تہ منهنجي پٺيان جيڪي لڳا ٿا اچن، سي مون کي چريو ڪرڻ ڪونہ ڇڏيندا. اوهين ڀلي ترسو منهنجي الله واهي. بادشاهہ چيس تہ: جي نٿو وسهين تہ سامهين جبل تي وڃي ويهہ جيڪڏهن لشڪر ايندو ڏسين ۽ جي لڙائي ٿئي تہ ڀڄي وڃجانءِ. اها ڳالهہ منظور ڪري، مگٽهار وڃي ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ويهي رهيو.

هوڏانهن راءِ پنهنجي ڳُٽيءَ ۾ پئجي، پنهنجي محلات ۾ داخل ٿيو. جيتوڻيڪ پنهنجي راڻيءَ سان ڏاڍو قرب هوس، ڪچهريءَ بعد باقي رات راڻيءَ سان خوش گذاريندو هو پر انهيءَ رات جيئن پنهنجي پلنگ تي آيو تيئن ويڙهجي سيڙهجي سمهي رهيو. راڻيءَ پڇيس تہ: ڪهڙو غم اٿئي؟ بادشاهہ ڳالهہ ڪري ٻڌايس تہ هن طرح مگٽهار کي مون چيو تہ جيڪو گهرندين سو ڏيندوسانءِ. مگٽهار مون کان مارئيءَ جو سڱ گهريو. انهيءَ ارمان ۾ آهيان جو ست راڄيءَ ۾ منهنجي بيعزتي ٿي آهي. راڻيءَ جواب ڏنو تہ: "پنهنجي وڏئي جو ويچ نڪو طبيب". نياڻيءَ جي زبان ٽيڏي هئي سا ٿي ويئي. بادشاهہ اها ڳالهہ ٻڌي خيال ڪيو تہ راڻي جيڪي چوي ٿي سو صحيح آهي، ڪرڻ بہ ائين گهرجي، جيئن مگٽهار چيو آهي. پوءِ تہ يڪدم

چار ڏاها ماڻهو راجا گُجر ڏانهن موڪليائين تہ ان کي پنهنجي پُٽ جي وهانءَ جي مبارڪ ڏئي اچو.

راءِ ڍيائيءَ جا ماڻهو گهوڙن تي چڙهي راجا گُجر ڏانهن روانا ٿيا. راجا گُجر جي عام دربار لڳي پيئي هئي، نوڪرن هنن جا گهوڙا جهليا. راجا گُجر بہ هنن کي گهڻي عزت ڏيئي ويهاريو. هنن ڍولي جي وهانءَ جي مبارڪ ڏني، راجا گُجر بيحد خوش ٿي کين ڪئين سوکڙيون ڏنيون. راجا گُجر دل ۾ خيال ڪيو تہ جنهن ايڏو احسان ڪيو آهي، تنهن وٽ چار پير پري وڃڻ واجب آهي، سو انهن ماڻهن سان گڏ روانو ٿيو. مڱڻهار بہ انهيءَ اُتڻ ۾ ويٺو هو تہ ڏسان، اهي ماڻهو منهنجي پٺيان آيا. سي ڪهڙي ڪارروائي ڪري ويا. اها جاچ وٺڻ لاءِ راجا گُجر جي محلات تي آيو. اُتي جيڪي نوڪر ويٺا هئا، تن هن کي يڪدم ڪٽي ٻڌو. تڏهن هنن کان پڇيائين تہ: مون کي ڇو ٿا ٻڌو؟ هنن چيو تہ: اول اهو اسان کي جواب ڏي، اسان وٽ ڪيترا ماڻهو آيا ۽ ڪيترا واپس ويا؟ مڱڻهار جواب ڏنو تہ: هُتان کان چار ماڻهو آيا ۽ هِتان پنج واپس پئي ويا. تڏهن چيائونس تہ: بيوقوف، تنهنجي عيوض بادشاهہ کي وٺي ويا آهن، تہ اسان کي مڱڻهار جي ٻانهن ڏيئي، پنهنجو بادشاهہ واپس وٺي وڃو. تنهن ڪري اسان توکي ٻڌو آهي. مڱڻهار دل ۾ خيال ڪيو تہ ناحق آيس! اسان کي جيڪو خيرات ڏيندو سو ئي اسان جي لاءِ بادشاهہ آهي. پراون پٽن جي شاديءَ لاءِ پڇڻ ۽ ٻڌڻ جو آزار اچي شروع ٿيو آهي. ايتري ۾ راءِ ڍيائيءَ جو ماڻهو بہ اُتي اچي نڪتو تنهن پڇيو تہ: مڱڻهار کي ڇو ٻڌو آٿو؟ هنن چيو تہ: اسين هن سان چرچو ٿا ڪريون. تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ مڱڻهار کي چيو تہ: تنهنجي چوڻ تي بادشاهہ جي پُٽ جو وهانءُ قبول ٿي ويو. آءٌ تنهنجي لاءِ هار ڪٽي آيو آهيان، پر تون تہ ٻڌو ويٺو آهين! مڱڻهار چيو تہ: اهي جيڪڏهن بادشاهہ جا نوڪر آهن تہ ٿوري عرصي ۾ مون وانگر بادشاهہ بہ اتي ئي ٻڌل ڏسندين. اهڙن بيوقوفن سان سرڪشي ڪرڻ ۾ سِرَ

جو خطرو آهي. اها ڳالهہ ٻڌي هنن مگٿهار کي ڇوڙيو پوءِ تہ دهل ڪٽي خوشيءَ ۾ وڄائڻ لڳوءِ سموري رعيت کي مبارڪون ڏنائين.

ٿوري وقت ڪانپوءِ راجا گُجر بہ راڻي پٽيءَ سان مليو، موٽي آيو ۽ مگٿهار کي انعام اڪرام ڏيئي پڇيائين تہ: تو رعيت کي مبارڪون ڏنيون آهن؟ مگٿهار جواب ڏنو تہ: اسين اوهان جي نوڪرن جي احسانن مان نڪري ڪونہ سگهياسين. مون تي توهان جي نوڪرن شاديءَ جي خوشيءَ ۾ ڏاڍا گل ڇنڊيا آهن. جهڙي توهان جي نوڪرن جي سخا تي ڏسجي تہ اوهان صاحبن تي بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن اهڙا گل ڇنڊيندا. بادشاهہ اها ڳالهہ ٻڌي نوڪرن کي تمام گهڻو جهڻڪيو پوءِ مگٿهار کي چيائين تہ: آءٌ تنهنجي روبرو منهنجي نوڪرن سان تمام گهڻو وڙهيو آهيان، هاڻي منهنجو ڪوبہ قصور ڪونهي، نوڪر خراب آهن. مگٿهار چيو تہ: سائين! چاليهين پٽي رئيس جي لڄڻ نوڪر کي بہ هٿ ايندي آهي، گناهہ معاف ڪجو. بادشاهہ چيس تہ: تڏهن آءٌ بہ نوڪرن جهڙو آهيان. مگٿهار چيو تہ: قبلا! معاف ڪجو. آءٌ نشي ۾ آهيان، تنهن ڪري غلط ڳالهائي ويٺس.

ٿوري گهٽي ڏينهن ڍولي ۽ ماروءَ جي شادي بہ ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي. گهوٽ ڪنوار اچا نانيڙا هئا، تنهن ڪري فيصلو ڪيائون تہ نيڪيٽي تڏهن ٿيندي، جڏهن وڏا ٿيندا. سال پورو ٿيو تہ ڍٽ جا پانڌيئڙا آيا، بادشاهہ کي مبارڪون ڏنائون تہ ملڪ ۾ ڏاڍا مينهن اُنا آهن ۽ ملڪ تمام آباد ٿيو آهي. بادشاهہ ڏاڍي خوش ٿيو ۽ راڻي پٽيءَ کان موڪلائي، رعيت وٽي اچي ڍٽ پيڙو ٿيو.

راجا گُجر کي هڪڙو پاءُ هو. جو آڏ حڪومت ۾ پائيوار هو. ان کي "مومل" نالي فقط هڪڙي ڌيءَ هئي، پيءُ جي مرڻ کانپوءِ "مومل" حڪومت مان آڏ وٽي جدا رهڻ لڳي. مومل کي ڍولي سان شادي ڪرڻ جو تمام گهڻو خيال هو پر ڍولي هن سان شادي نہ ڪئي. ڍولو بہ ٿوري عرصي ۾ اچي جوان ٿيو پيءُ کي چيائين تہ منهنجي شادي ڪيل آهي يا ڪندؤ؟ پيءُ جواب

ڏنس تہ: پُٽ، تنھنجي شادي ننيڙپڻ ھوندي ئي ”پنگل گڊ“ جي راءُ پٽيءَ جي ڌيءَ ”مارئيءَ“ سان ٿيل آھي. ھاڻي جيڪڏھن ساھُرن ڏانھن وڃين تہ ڀلي وڃ. ڍولو وڃڻ لاءِ تيار ٿيو پر چيائين تہ: سؤ گھوڙا، ھڪ رنگ ۽ ھڪ قد جا ڏي، سؤ سپاھي ھڪ جھڙا ۽ ھڪ وھيءَ جا ڏي ۽ انھن سينني کي پوشاڪ بہ ھڪ جھڙي پھريل ھجي، مٿيون سڀ شيون ملن تہ آءٌ وڃڻ لاءِ تيار آھيان.

راجا گُجر، ڍولي جي چوڻ موجب گھوڙا ۽ سپاھي چونڊي ڏنا. جڏھن ڍولو پيءُ کان موڪلائي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو تڏھن پيءُ چيس تہ: انھيءَ رستي تي تنھنجي سؤٽ ”مومل“ جو شھر آھي، ان کان پاسو ڪجئين. ڍولو ۽ سندس سپاھي ھلندا ھلندا جڏھن مومل جي شھر کي ويجھا ٿيا، تڏھن صلاح ڪيائون تہ پاسو ڏئي جھنگ مان ھلون. تنھن کان چڱو آھي تہ شھر مان ھلون، مومل پاڻ کي ڇا ڪندي؟ سو ھڪلي اچي شھر ۾ پھتا. مومل جي ھڪڙي ٻانھي، اوڻتو سپاھين کي ڏسي انھن کان پڇا ڪئي، جن ٻڌايس تہ اسين ڍولي سان گڏ سندس ساھُريجن ڏانھن پيا وڃون. ٻانھي اھا خبر ٻُڌي، مُنيون پيڙي وٺي پڳي ۽ مومل کي اچي ٻڌايائين تہ ڍولو ڄڃ سميت ماروءَ ڏانھن پيو وڃي. اھو ٻُڌيٰ ھن يڪدم شھر جي ٻاھران سپاھي ٻيھاري، ڍولي کي چوائي موڪليو تہ: آءٌ اوھان جي مھماني ڪريان ٿي، سا مھرباني ڪري قبول ڪريو. ڍولي اھا دعوت قبول ڪئي، پوءِ مومل، ڍولي کي سھيلين کان سوڻ ڪرائڻ جي بھاني تي محلات ۾ وٺي آئي.

رات جو ماني ڪائي شراب پيئڻ ويٺا تہ مومل شراب پاڻ پيتو پر ڍولي کي اھڙي ڪا دوا پياري، جو ھو بيھوش ٿي ويو. سپاھين مان فقط ھڪڙو ڄڻو ڍولي سان گڏ محلات ۾ ويو ھو سو ھن کي بيھوش ٿيل ڏسي، محلات مان ھيٺ لٿو ۽ ٻين سپاھين کي وڃي ڄاڻ ڪيائين تہ: ڍولي کي نشو پياري، اتي ئي قابو ڪري ڇڏيو اٿن. اھا خبر ٻڌي ھنن تياري ڪئي، تہ لڙائي ڪري بہ ڍولي کي ڇڏايون، تہ ايتري ۾ مومل جا سپاھي اچي مٿن ڪڙڪيا ۽ ھنن کان گھوڙا ڦُري، کين سندن شھر ڏانھن روانو ڪري ڇڏيائون. ڍولو گرفتاري

جي حالت ۾ مومل وٽ رهي پيو. اها ڳالهه هلندي هلندي وڃي پنگل گڏ ۾ پهتي. ويچاري مارئيءَ اها ڳالهه ٻڌي افسوس ۾ پئجي ويئي. مومل کي اهو ڏپ هيو ته متان ڪو قاصد مارئيءَ جو نياپو کڻي ڍولي وٽ اچي. تنهن وري شهر جي چونڪين تي سپاهي بيهاري ڇڏيا ته ڪوبه ڌاريو ماڻهو شهر ۾ نه اچي. مارئيءَ ويچاري ڍولي جي جند آزاد ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ اعلان ڪيائين ته: اهڙو ڪو ماڻهو هجي، جيڪو ڍولي کي آزاد ڪرائي اچي ته ان کي تمام گهڻو انعام ڏيان. پر ڪير به ڪونه سنيريو. سندس سهيليون وري کيس روزانو اچي ڍولي جون ڳالهيون ٻڌائينديون هيون، جنهن ڪري هيڪاري غمگين رهڻ لڳي.

هڪڙي رات مارئيءَ خواب لڌو ته ڍولو موٽي آيو آهي، اتي خوشيءَ ۾ پرجي آرس موڙيائين ته ڪٽ جي ايس ڀڄي پيئي. روزانو صبح جو مالهڻ هن کي پنجن گلن ۾ توريندي هئي، پر اُن ڏينهن گُل کڻي اچي توريائين ته سندس تور وڌي پيئي. تڏهن مالهڻ کي چيائين ته: اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪجئين. مالهڻ دل ۾ خيال ڪيو ته رات محلات مان ڪاٽ لڳي ويو آهي، تنهن ۾ ڪوبه شڪ ناهي، ماڻي اها ڳالهه جيڪڏهن بادشاهه کي نه ٻڌايم ته ڦاسي چڙهي وينديس. پوءِ ته مُنيون پيڙي ڀڳي ۽ بادشاهه سان وڃي حال ڪيائين. بادشاهه به اها ڳالهه ٻڌي دل ۾ تمام گهڻو افسوس ڪيو ته جيڪڏهن ڍولو اها ڳالهه ٻڌندو ته ڇا چوندو! پوءِ محلات ۾ اچي مارئيءَ کان پڇيائين ته: هيءَ ڇا ٿيو؟ تڏهن مارئيءَ جواب ڏنو ته:

رات به ڪُر جِهَان ٻوليو ٿوليءَ ٿوليءَ تِيس،
سُتي ته ڍول سنياليو آر سان ڀڳم اِيس.

تڏهن راڻ ڀنيءَ چيو ته: منهنجو مگٽهار ٻاهر ويل آهي، سو اچي ته موڪليونس ته وڃي ڍولي کي وٺي اچي. تڏهن مارئيءَ وري به چيو ته:

رات به ڪُرجِهَان ٻوليو سانوڻ پهلي ٿيچ،
هارين هَرَ سنيايا، ڌرتي منگي بيچ.

بادشاهہ سپاهين کي حڪم ڪيو تہ: ڪوبہ منگتو شهر ۾ ڏسو تہ مون وٽ وٺي اچوس. شهر ۾ ڳوليندي ڳوليندي هنن کي ”ٻينجهو“ نالي هڪڙو مڱڻهار مليو جنهن کي وٺي آڻي بادشاهہ وٽ حاضر ڪيائون. بادشاهہ چيس تہ: ڍولو مومل نالي هڪ شهزاديءَ وٽ قيد آهي، تون مڱڻهار ماڻهو هلندڙ گهمندڙ آهين، ڪنهن بہ اٽڪل سان ڍولي کي وٺي اچ. منگتي چيو تہ: آءٌ ٻچڙيوال ماڻهو آهيان، گهر ۾ ٻيو ڪمائڻ وارو ڪونهي، تنهن ڪري آءٌ ٻاهر نڪري ڪونہ سگهندس. بادشاهہ چيس تہ: آءٌ توکي ايتري ملڪيت ٿو ڏيان جو پلي تہ تنهنجون ست پيڙهيون پيون کائين. ائين چئي مڱڻهار کي ساڻ ڪري اچي خزاني جا دروازا کوليا، مڱڻهار کي چيائين تہ: چئن پهرن ۾ جيڪو بہ خزانو کڻي سگهين اوترو کڻي وڃ. مڱڻهار ڪافي ملڪيت گڏ ڪئي، مڱڻهارجي زال کانئس پڇيو تہ هيءَ ملڪيت ڪٿان آندي اٿئي. چيائين تہ: ملڪيت ڪا سولي ڪانہ ملي آهي، پر مون پنهنجو سِرُ ڏيئي ورتي آهي. تڏهن زال چيس تہ: توجيڪڏهن سِرُ ڏيئي ورتي آهي تہ پوءِ مون کي بہ تنهنجي سِر کان وڌيڪ ٻي ڪا شئي ڪانهي. هاڻي آءٌ بہ توسان گڏ هلنديس. ملڪيت بادشاهہ جي خزاني ۾ رکي، پاڻ الله توهار ڪري هلون ٿا. سنيري تيار ٿي نڪتا. اڳتي هليا، زال، مڙس کي چيوتہ: پاڻ پيرين پيادا هلنداسين ڇا؟ مڱڻهار چيوتہ: ها. مڱڻهار کي چيائين تہ: مون کان پيادو ڪونہ هليو ٿيندو. ائين چئي هوءَ پوئتي موٽي، تڏهن مڱڻهار چيس تہ: ملڪيت جي پارت اٿئي؟ پوءِ مڱڻهار بادشاهہ کي چيو تہ: اوهان کي جيڪڏهن ڍولي ڏانهن ڪا سوکڙي پاکڙي موڪلڻي هجي تہ ڏيو! بادشاهہ چيو تہ: آءٌ ڪونہ ٿو ڏيان، پر مارئي ضرور ڏيندي، مڱڻهار سڌو لنگهي مارئيءَ وٽ ويو مارئيءَ کي چيائين تہ: جيڪڏهن ڍولي ڏانهن ڪو سنيهو ڏين تہ کڻيو وڃان. تڏهن مارئيءَ سنيهو ڏنو تہ:

ڍاٽي ڍولو جي ملي،تہ جاوي اِين ڪهيج،
وڇان وهن ٿا واهڙا، اوڏاٽي پايان ڏور.

تڏهن مڱڻهار چيس تہ: مارئي! اهو سنيهو مون کي پسند نہ آهي. تڏهن وري چيائين تہ:

ڍاٽي ڍولو جي ملي، تہ منهنجو ائين چئيج،
ڪرسڻ پڇي ڪٺاريو تنهن کي لاهياروٽي لٽيج.

........................

آنيو ڳچ ۾ ڳچڙا، ڪيرڙ ۾ ڪائجن،
ڳڻ پڇي ڪٺاريو پوءِ ڏاٽر ڏاند چَرن.

هاڻي مڱڻهار روانو ٿيو. پنڌ ڪندو هڪليندو ٿوري گهٽي ڏينهن وچي ان ملڪ ۾ رسيو. جڏهن شهر کي ويجهو پيو تڏهن ڏسي تہ ڪي ڇوڪرا ڪانيون پيا چوندين، انهن کان پڇيائين تہ: هن شهر ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آهي، جو مسافرن کي رات ٽِڪائي؟ ڇوڪرن چيو تہ ڌارئي ماڻهو کي شهر ۾ وڃڻ جي منع آهي، باقي دروازي تي چونڪيءَ وارا ويٺا آهن، سي رات بہ رهائين ٿا ۽ خيرات بہ ڏين ٿا. هيءُ جڏهن اُتي ويو تڏهن چونڪيءَ وارن پڇيس تہ: ڪير آهين ۽ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تڏهن جواب ڏنائين تہ: آءٌ مڱڻهار آهيان ۽ شهر مان خيرات وٺندس. تڏهن چوڪيدار چيس تہ: هن شهر جو قاعدو آهي تہ ڌارئي ماڻهوءَ کي جيئرو نہ ڇڏيو پر تون منگتو فقير آهين، تنهن ڪري توکي ٿوري سزا ڏيئي ڇڏيئون ٿا، وري هن پاسي مُنهن نہ ڪجئين. پوءِ تہ هن کي پيرن کان جهلي اڇي واڪڻ لڳو جڏهن هو ساڻو ٿي پيو تڏهن ڇڏيائينس. منگتو اچا ٿورو هوش ۾ آيو تہ وري نشي جي طلب ڪيائين. چوڪيدار ڏنو تہ فقير جند ٿي نٿو ڇڏي، سو وري بہ هن سان ساڳئي حالت ڪيائين. اتي منگتي چيو تہ: بيلي، مون نشي گهُرڻ جي پچر ٿي ڇڏي، رڳو جيئرو ڇڏيوم. تڏهن سپاهين قياس ڪري چيس تہ: توکي بيگناهہ سزا ڏني اٿئون،هاڻي رات جو اسان کي ڪچهري ٻڌائي ماني ٽڪي کائي، صبح جو هليو وڃج. هو اها ڳالهہ مڃي اتي ويهي رهيو.

مگڻهار ڳائڻ وڄائڻ جو سدا ملوڪ هو تنهن هنن کي سڄي رات ڪچهري ٻڌائي ڏاڍو خوش ڪيو. صبح جو هنن وري قياس ڪري شهر ۾ خيرات گهرڻ جي موڪل ڏنس. مگڻهار اڃا شهر ۾ گهڙيو ته هر ڪو ماڻهو هن کي ڏڪ هٽي پيو ڪيرائي، تڏهن چيائين ته: هن شهر جو قانون اهو آهي يا مون هڪڙي سان پيا ظلم ڪريو؟ پر ڪير به هن جو چوڻ ٻڌي ئي ڪونه. ڏاڍو بيحال ڪيائونس. آخر هڪڙو وڏو محلات ڏسي، مٿي چڙهي ويو ۽ اتي وينل ماڻهن کي چيائين ته: ادا! مون کي تماڪ ذرو ته ڏيو. هنن تماڪ ته ڏنس، پر جڏهن ڏٺائونس ته هي ماڻهو ڪنهن ٻئي شهر جو آهي، تڏهن ماڙيءَ تان وٺي جو ترِي هنيائونس ته پَٽ تي اچي ڦهڪو ڪيائين ۽ بيهوش ٿي ويو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ سُرت ۾ آيو ۽ هڪڙي واٽهڙو کان پڇيائين ته: هن شهر ۾ ٻئي ڪنهن مگڻهار جو به گهر آهي يا مون هڪڙي سان ههڙو ويل پيو ٿئي؟ تڏهن ان ماڻهوءَ چيس ته: فقير، هن شهر جي راڻيءَ جو حڪم آهي ته جي ڪو غير واقف ماڻهو اچي ته ان کي موت جي سزا ڏني وڃي، پر اسين توکي جيئدان ٿا ڏيون. مگڻهار هن شهر ۾ ڪونه ملندءِ پر ٻهراڙيءَ ۾ ضرور هوندا. تڏهن شهر ڇڏي ٻهراڙيءَ ڏانهن پنڌ پيو.

هڪڙي هنڌ ڏٺائين ته ڪي ڇوڪرا راند پيا ڪن. انهن کي چيائين ته: اَبا! مون کي ڏس ڏيو ته مگڻهارن جا گهر ڪٿي آهن؟ ڇوڪرن ڏس ڏنس ته ادا! پريان جتي ڪانگ ٻيرن تي ويٺا آهن، انهن جي هيٺان منگتن جا گهر آهن. انهن گهرن کي ويجهو ٿي وڃي ڏسي ته اٽڪل ٽيهن، چاليهن گهرن جو ڳوٺ آهي، مگڻهار ويٺا ساز ٺاهين ۽ ڪچهري ڪن. هن انهن سان ڳالهايو پر ڪوبه مگڻهار ڪڇيو ڪونه. آخر هڪڙي عورت جواب ڏنو ته: اسان جي راڻيءَ جو حڪم آهي ته ڪنهن به ڌارئي ماڻهوءَ سان ڳالهائڻو ڪونهي، تنهن ڪري توسان ڪوبه نٿو ڳالهائي. اهو ٻڌي جواب ڏنائين ته: آءٌ به مگڻهار آهيان، اوهان جي نيڪي ٻڌي ولايت کان گهي، اوهان سان ماٺڻي ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. اتي مائيءَ عزت ڏيئي اندر ويهاريس، پر مردن

مان ڪنهن بہ نڪي ڳالهايس، نڪا خبر چار پڇيائونس. رات ٿي تہ هو ساز ڪٽي روانا ٿيا. اتي ٻينجهي مائيءَ کان پڇيو تہ: هي ڪيڏانهن ٿا وڃن؟ مائيءَ چيو تہ هن شهر ۾ هڪڙو شهزادو ڊولو نالي اسان جي شهزاديءَ وٽ قيد ٿيل آهي، ان کي وندرائڻ لاءِ ٿا وڃن. تڏهن هن پڇيو تہ اُتي انعام ڪيترو ٿو ملي؟ مائيءَ چيو تہ: جيڪڏهن ڳائڻ پسند ايندو آهي تہ انعام بہ گهڻو ملندو آهي. وري مائيءَ کانئس پڇيو تہ: ادا، تون ڳائي ڄاڻندو آهين؟ تڏهن ورندي ڏنائين تہ: منهنجو ڳائڻ، ٻڌڻ سان خبر پوندي. مائيءَ چيو تہ: ٻيءَ رات توکي ان شهزادي وٽ ڳائڻ جو وارو ملندو، پر شرط انهيءَ سان تہ انعام مان اڌ مون کي ڏيندين. مڱڻهار چيو تہ: مائي، سڀ انعام وڃي کڻ، مون کي فقط نيڪي گهرجي.

ٻيءَ رات زالن صلاح ڪري، مڱڻهارن کي چيو تہ: اوهين وڃي رهو،اڄ پلي تہ نئون مڱڻهار وڃي ڳائي. اتي ٻينجهي چيو تہ: مون سان هڪڙو ڄڻو گڏجي هلي،جيڪو مون کي راڻيءَ جي محلات تائين وٺي هلي ۽ وري وٺي اچي. تڏهن هڪڙو ڇوڪرو ان سان گڏ ڇڏيائون، جوهن کي محلات ۾ وٺي ويو. محلات ۾ مهمان بہ ويٺا هئا، خوب ڪچهري لڳي پيئي هئي، ٻينجهي کي ايندو ڏسي چيائون تہ: اڄ تہ ڪو نئون مڱڻهار اچي پيو ۽ ضرور نوان ڪلام ٻڌائيندو. ڊولي چيو تہ: اي فقير، ڪي نوان ڪلام ٻڌاءِ. ٻينجهي چيو تہ: آءٌ گهڻو ڪري ڏوهيڙا چوندو آهيان ۽ ڪلام گهٽ ڄاڻان. چيائونس تہ: جيڪي ٻڌائين سو ٻڌاءِ. تڏهن مڱڻهار بيت ڏنو:

هٿ سچيلا سيپلا، ڏند ٻتيسي ٻاڻ،
ڊول تمٽي مارئي، ٻر ٻر اوڳو پاڻ.

تڏهن ڊولي جواب ڏنو تہ:

وينجها ڪر واڪاڻ، ڪِ ڏڻ سان ڏنئي مارئي؟

مڱڻهار وري بيت ڏنو:

هٿ سچيلا سيپلا ، ڏند ٻتي سي ٻاڻ،
ڍول تنهنجي مارئي ، ڪو ڪو هنجهه نهاڻ
تڏهن ڍولي وري به ساڳيو جواب ڏنو وري

مڱڻهار بيت ڏنو:

هٿ سچيلا سيپلا، ڏند ٻتيسي ٻاڻ،
ڍول تميٽي مارئي، جهڙو رتل هجي پٽاڻ[1]

ڍولي ڪوبه جواب ڪونه ڏنو ۽ غم ۾ پئجي پٽ ڪوٽڻ لڳو. تنهن تي مومل، جنهن مٿان ويٺي سمورو لقاءُ ڏٺو سا سمجهي ويئي ته اُهو ماڻهو مارئيءَ جي پاسي جو آهي ۽ ڍولي کي وٺيو ٿو وڃي. تڏهن چيائين ته:

ڍولو اومڻ ڏومڻو نُنهن سان ڪوني پيت،
يا ته چڙهي چوڙيلي چٽ تي، يا ڪا محيلي ميت

ڍولي ڏٺو ته جي سچي ڳالهه ڪندس ته مومل، مڱڻهار کي مارائي ڇڏيندين، تنهن ڪري اٽڪل ڪري جواب ڏنائين ته:

نڪا چوڙيلي چٽ تي، نڪا محيلي مِيت،
پالهڻ پُر ۾ گهوڙا ٻِڪجين، سو ته سودو چڙهيو چيت

مومل چيو ته: فڪر نه ڪر، توکي رات جي پيٽ ۾ يلا گهوڙا اچي ملندا. صبح جو گهوڙا اچي مليا. مومل چا ڪيو جو مڱڻهار لاءِ ماني تيار ڪرائي "سُنبُل وِهہ" اُن ۾ وجهي، ٻانهيءَ کي چيائين ته وڃي مڱڻهار کي ڏي. ٻانهيءَ دل ۾ خيال ڪيو ته جي هن زهر کاڌي فقير مري پيو ته اهو گناهه مون تي پوندو. تنهن ڪري ان کي اشاري سان ماني کائڻ کان منع ڪيائين. مڱڻهار سمجهيو ته ٻانهيءَ کي شايد مانيءَ کائڻ جي مرضي آهي، پر اُتي ڍولي به ڪنڌ سان اشارو ڏنس ته ماني نه کاءُ. پر تڏهن به مڱڻهار نه سمجهيو

---

[1] ٻيون پڙهڻيون

ڍول تميٽي مارئي، جهڙي ڪسيل هجي ڪماڻ
ڍول تميٽي مارئي، جهڙي ڪسيل ڪهيڪاڻ

۽ هو گرهہ کٽي وات ۾ وجهڻ تي هيو تہ ڏولي هٿ هٽي گرهہ ڪيرائي وڌو. اهو گرهہ اُتي ٻلو ويٺو هو سو کائي ويو ۽ کائڻ شرط ڪري پيو. اتي ڏولي چيس تہ:

ٻلي کي هٿ لاهي ڏس تہ ڪهڙي حالت اٿس. مگٺهار جا کٽي ٻلي جي پيچ کي هٿ لائي تہ رڳو ڪَنَ پيا چرن. دل ۾ چيائين تہ زهر خطرناڪ هو مرڻ کان بچي وڃان ها، پر ٻلي واري حالت ضرور ٿئي ها. پوءِ تہ تپ ڏيئي اٿي کڙو ٿيو ۽ ڏول کي چيائين تہ: منهنجو هتي رهڻ مشڪل آهي، تنهن ڪري هاڻي اوهين هلڻ يا نہ هلڻ جو مون کي جواب ڏيو ۽ مون کي بہ شهر کان ٻاهر اُماڻي ڇڏيو تہ خير سان ڳوٺ پهچان. ڏولي چيس تہ: هتي سپ اُٺ، راڻيءَ جا سيڪاريل آهن، سي پنهنجو چيو ڪونہ مڃيندا، پر سياڻي جيڪڏهن ڪنهن اُٺ پاڻهي ڇاڻي هائو ڪئي تہ چوريءَ بہ نڪري هلنداسين. ٻئي ڏينهن صبح جو ڏولو ۽ مگٺهار گڏجي تلاءَ تي آيا، جتي مومل جا وڳ پاڻي پيئندا هئا. اُتي ڏولي اُنن ۾ بيهي چيو تہ:

ڪنهن ڳل ٻڌان گهينگهرا، ڪنهن ڳل ٻڌان ساج،
ٿئي ڪو منهنجو اوٺيو جو مون کي مارل ميلي رات.

اُنهن اُنن ۾ هڪڙو بيمار اُٺ هو جنهن کي گَر جي بيماري هئي. مومل ڏنو تہ هن هڪڙي اُٺ مان سڄي گلي کي بيماري وٺي ويندي، تنهن ڪري جَتن کي حڪم ڏيئي ڇڏيو هئائين تہ: هن گري اُٺ کي پُڇ مان جهلي اهڙي مار ڪيو جو هيءَ جُوءِ ڇڏي وڃي. ڏولي کي ٻين اُنن تہ جواب ڪونہ ڏنو پر انهيءَ اُٺ جواب ڏنو تہ:

مون ڳل ٻڌج گهينگهرا، مون ڳل ٻڌجان ساج،
ٿيان تنهنجو اوٺيو، توکي مارل ميليان رات.

ڏولي مگٺهار کي چيو تہ: اِهو اُٺ ڏس تہ ڪهڙو آهي؟ مگٺهار ڏسي اچي ٻڌايو تہ : هيءُ اُٺ اهڙو تہ ايرو آهي، جو سير اٽي جو بہ ڪونہ کڻندو.

تنهن ڪانسواءِ ڳر جي بيماريءَ ۾ ورتل آهي، پاڻ چڙهنداسين تہ پاڻ کي بہ اها بيماري وٺي ويندي. تڏهن ڏولي اُن اُٺ کي چيو تہ:

ڪين ڪُچيا سي ڪرها، تون ڪيئن ڪچئين توڏ،
پيڙي پچيندوسئين پاسريون، تنهنجو سرو ڪائيندا ٻوڏ.

تڏهن وري اُٺ جواب ڏنو تہ:

پيڙي ٻڌجان پنهنجي پاڳڙي، منهنجي ڍرڙي چڏج مهار،
هلان تنهنجي ساهُرين، گهر گهر ڏيان جُهار.

ڏولي چيو تہ: هاڻي هن اُٺ تي هلنداسون. پوءِ اُٺ کي جهلي مومل جي محلات هيٺان وٺي آيا ۽ ان تي پاڪڙو وغيره وجهي تيار ڪيائون. مومل کي انهيءَ وقت خبر پئي تہ ڏولو وڃي ٿو سو خيال ڪيائين تہ: ڪنهن اتڪل سان اُٺ کي هلڻ کان بيڪار ڪري ڇڏيان. تڏهن اُٺ کي چيائين تہ:

ڪوڙو تِجان ڪرها، توکي وليون چاريان آءٌ هاٿ،
عجب رنگ الله جو، ڪرهو نہ سُڻي ڪا بات.

اُٺ جواب ڏنو تہ:

ڪوڙو تيان، تہ ڏنيجان، ڏُچَرَ ٻُڪ مَران،
هاڻ وڃان ڏولي سٿ سان، جِت ساوا چيز چَران.

مومل، اُٺ جو صاف انڪار ٻُڌي، سندس پيرن ۾ لوهہ جا ڪِل هڻي، کيس هلڻ کان بيڪار ڪري ڇڏيو. ڏولو ۽ مڱڻهار تياري ڪري واپس آيا ۽ اچي اُٺ کي اٿاريائون، پر اُٺ هلڻ کان جواب ڏنو ۽ دانهون ڪري ويهي رهيو. ڏولي اهو حال ڏسي چيو تہ: جيڪو قول ڪري پوءِ ڦري وڃي، اُن سان ڪهڙي جُٺ ڪجي؟ اتي هڪڙو لوهار بيٺو هيو تنهن چيو تہ: اُٺ کي مَڻ جي سِيخ تپائي ڏنپ ڏجي. مڱڻهار چيو تہ: تڏهن وارو ڪر. هن اُٺ کي اهڙي سيڪت ڏجي جو سڄي عمر ياد ڪري. يڪدم هڪڙي سِيخ ڪڍي باهہ ۾ وڌائون. اِتي اُٺ، مومل کي چيو تہ: هاڻي تہ هي مون کي ڏنپيندا! مومل چيو تہ: تون ماٺ ڪري ويٺو ڏس، توکي ڪونہ ڏنپيندا. آخر سيخ ڪڍي اُٺ کي

ڏنپ ڏيڻ تي هئا تہ وري مومل کي چيائين تہ: ڏنپين ٿا. تڏهن مومل چيو تہ: آءٌ توکي مرڻ کانہ ڏينديس. مون وٽ اهڙا حڪيم ويٺا آهن، جيڪي مئل کي بہ جياري ڏين. تڏهن اُٺ دل ۾ خيال ڪيو تہ مون سان مومل جو خاص دشمنو آهي، آءٌ مري ويس تہ هوءَ پاڻ خوش ٿيندي تڏهن پڙڪو ڏيئي اٺي روانو ٿيو. ڍولوءِ مڱڻهار بہ سندس پٺيان ڪاهي پيا ۽ هلندي هلندي شهر مان نڪري ٻاهر ٿيا.

مومل وٽ هڪڙو چَٽُون ڏاريل هو جو هميشہ سندس ساڄي هٿ تي ويهندو هو، ڪاٻي هٿ تي اصل ڪونہ ويهندو هيو. اُنهيءَ ڏينهن چَٽوُن اڏامي اچي ڍولي جي ڪاٻي هٿ تي ويٺو. تڏهن ڍولي پڇيو تہ:

سائي پَکين سِيپنا، ويٺين ڏائي هاٿ،
توکي سجڻن ميلهيو، ڪ تون هلي منهنجي ساٿ.

طوطي جواب ڏنو تہ:

سائي پَکين سِيپنو آءٌ ويٺس ڏائي هاٿ،
ڍولي لهندي ڍٽ ڪان پو مَر پئي جاءِ اٿ.

ڍولي، مڱڻهار کي چيو تہ: مومل مري ويئي آهي، ان جو لاش دفن ڪري پوءِ هلون.

مڱڻهار جواب ڏنو تہ:

ڍولا! هلجانءِ مون سان، اهي ڪر مون تي احسانَ،
ڪانڌ پرائي لاءِ ڪامڻي، اگ مُئِي سڻون تا ڪانَ.

وري چيائين تہ:

ڪارا ڪندي ڪپڙا، وڙلا ڪندي ويس،
ڍولو لهندو ڍٽ ڪان تہ چِتائيندي ٻيا ديس.

ڍولو مڱڻهار جي ڳالهہ تي اعتبار ڪري، شهر مان ٻاهر نڪتو ۽ سمجهيائين تہ هوءَ مُئي ڪانهي، پر ٺڳي تي ڪري پوءِ تہ اُٺ کي وٺي چڪيائون، هڪلي وچي ڪنهن رڻ پٽ ۾ پيا. سج لهڻ تي هو تہ ڍولي

خيال ڪيو نہ اٿ اسان سان جيڪو انجام ڪيو هو سو ڪونہ پريو سچ هتي ئي لهي ريو ، هي. تڏهن اُٺ کي چيائين تہ:

سج لٿڙي ويو ڏونگرين، وهيا ويا وٽين،
ڪاري ڪائي توکي ڪرهيا، تو ٻوليو ڪهڙي ڳٽين.

تنهن تي اُٺ جواب ڏنو تہ:

ڳڏ پيرن جا تانڪلا، ڍرڙي چڏ مهار،
هلان تنهنجي ساسري، گهر گهر ڏيان جُهار.

ڍولو اُٺ کي ويهاري جا ڪٽي ڏسي تہ برابر پيرن ۾ ڪِل لڳا پيا آهن. اُهي ڪڍي وري اُٺ تي چڙهيا تہ اُٺ واچوڙي وانگر هلڻ لڳو تان جو رڻ پٽ مان لنگهي، وڃي ماروءَ جي ملڪ ۾ پهتو. برسات نہ پوڻ ڪري پيا سپ وڻ سُڪي ويا هئا. فقط هڪڙي چار رستي جي پرسان سائي بيٺي هئي. تنهن تي ڍولي، چار کان پڇيو تہ:

ٻڻ سُڪي ٻٽاٽ ٿيا، تون ڪيئن سائي چار،
توکي سڄڻ سينچيو ڪي تنهنجي پاڙ رسي پاتار.

تڏهن چار جواب ڏنو تہ:

نڪي مون کي سَڄڻ سينچيو نڪي پاڙ رَسي پاتار،
مارڳ ويندي مارئي، پنهنجو ڪرهو لاڙيو ڏار.

اها ڳالهہ ٻڌي ڍولي اُٺ کي چيو تہ:

ٺاهي ٺاهي سُٽجان، مارل جي هيءَ بات،
حيف هجي توکي ڪرهيا، اڃا رڻ ۾ وڃهين رات!

تڏهن اُٺ جواب ڏنو تہ:

ڍاٽي ڍولا ڍٽ جا، ائين نہ مون کي تات،
ڏينهن پئي ڏسندين مارئي، تنهن کان اڳ ڏيکاريئين ولات.

اُٺ جي اها ڳالهہ ٻڌي، وٺي مهارن کي ڇڪيائين تہ ڪَن پلڪ ۾ پنگل گڏ ۾ هڪڙي تمام سهڻي باغ ۾ اچي پهتا. مگڻهار چيو تہ: ڍولا! پنگل گڏ پهچي ويا آهيون. هيءُ راءُ پنگيءَ جو باغ آهي، جو خاص مارئيءَ جي سيرَ

ڪرڻ لاءِ آهي. توهين هتي ويهو تہ آءُ بادشاهہ کي ڄاڻ ڪريان، پوءِ هو اوهان کي دستور موجب وٺي ويندا. مڱڻهار هن کي باغ ۾ ڇڏي سڌو پنهنجي گهر ويو ۽ لت ڪوڙي سمهي رهيو. ٻيو ڏينهن بہ گهر کان ٻاهر نہ نڪتو. ڍولو اُتي باغ ۾ ئي انتظار ۾ ويٺو رهيو. مارئي روزانو شام جو ان باغ ۾ گهمڻ ايندي هئي. ڍولي اُٺ کي کولي ڇڏيو هو. جنهن باغ جا وڻ ڪائي ڊوءِ ڪيو هو. اوچتو چوڪيدارن جي نظر وچي اُٺ تي پئي. تن جڏهن ڏٺو تہ هڪڙو ڏاريو اُٺ باغ چري ويو آهي، مارئيءَ کي خبر پوندي تہ اسان جي ڪَل ٻُهہ سان پرائي ڇڏيندي، سو اُٺ کي جهلڻ لاءِ ڦري آيا. اُٺ بہ ڪايو مواڙ ٿيو بيٺو هو تنهن هنن کي ڊوڙائي ڊوڙائي ڳڪ ڪري ڇڏيو. مارئي بہ پنهنجي وقت تي ڏولي تيار ڪرائي، خچر تي رکي باغ ڏانهن رواني ٿي. ان وقت ڍولو بہ اُٺ کي وٺي کوهہ تي پاڻي پيارڻ لاءِ آيو جتي مارئي اچي بيٺي هئي. پنهنجي خاص کوهہ مان هڪڙي ڏارئي اُٺ کي پاڻي پيئندو ڏسي، هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، سو ان وقت رُڪ جي ڪامر هٿ ۾ هيس، اُن سان اُٺ کي ڇپن وارو ڏڪ هنيائين، تہ هن جا ڇَپ ڇيرجي پيا. تڏهن اُٺ چيو تہ:

آءُ ڍولي جو ڪرهو، تون تہ ڍولي جي نار،
جنهن ڪامر سان ڪُتجن گڏهڙا، تنهن سان مون کي نہ مار.

اها ڳالهہ ٻڌي مارئي ڏاڍي پشيمان ٿي، هن وقت تائين مارئيءَ جي نظر ڍولي تي ڪانہ پئي هئي سا ڏُڪاري ٿي، محلات ڏانهن موٽي آئي. اتي ڍولي چيو تہ:

ڪٽيو ڪامر رُڪ جي، پئي ڪُتين اوٺا ڦَر،
جا ٻانهن ڏيندئينءَ سڄڻين، سا ٻانهن ڏني ٿئي ڪَر.

مارئيءَ هن کي ڏٺو بہ ڪونہ ۽ وڃي پنهنجي محلات ۾ پهتي. هوڏانهن وري ڍولو اُٺ تي ٽپڙ رکي واپس روانو ٿيو. مارئي وڃي پيءُ سان خبر ڪئي تہ هن نموني سان آءُ ڍولي کي ڏسي ۽ ڪاوڙائي آئي آهيان. راءُ ڀٽيءَ يڪدم ماڻهو روانا ڪيا تہ ڍولي کي ڏاڍي عزت سان وٺي اچن.

ڍولو به باغ مان نڪري، شهر جي چيڙي تي پهتو ته اُتي ڪن زالن پئي چيٽا چونڊيا، تن ڍولي کان پڇيو ته: اي مسافر! تون ڪير آهين؟ تڏهن ڍولي جواب ڏنو ته آءٌ ڍٽ جو ويٺل آهيان، ڍولو منهنجو نالو آهي. ماروءَ سان منهنجي شادي ٿيل آهي، اُن سان ملڻ آيو هئس، پر سندس بداخلاقي ڏسي، واپس پيو وڃان. تڏهن هڪ مائيءَ پڇيس ته: اها ڪهڙي سواريءَ تي هئي؟ جواب ۾ ڍولي چيو ته: اُها گڏهه تي سُوار هئي. چيائين ته ڪٿي ڏٺي هيئي؟ ڍولي جواب ڏنو ته: باغ ۾. تڏهن وري مائيءَ پڇيس ته: تو پاڻ سڃاتي يا ٻئي ڪنهن ڳالهه ڪئي؟ ڍولي چيو ته: مون ننڍي هوندي شادي ڪئي هئي، آءٌ هن کي بلڪل ڪونه سڃاڻان. مون کي منهنجي اُٺ ٻڌايو ته اها مارئي آهي. مائيءَ چيو ته: اُٺ جي ڳالهه تي ڪو اعتبار ڪبو ڇا؟ هن اجا اتي ئي بيٺي سوال جواب ڪيا ته راءِ پتيءَ جا ماڻهو به پهچي ويا، سي ڍولي کي ڏاڍي عزت سان محلات ۾ وٺي ويا.

رات جو ڍولو هڪڙي ٻانهيءَ سان گڏجي مارئيءَ جي محلات ۾ داخل ٿيو. اتي ڏسي ته هڪڙي کٽ هنڌ سميت خالي پئي آهي، ٻيءَ کٽ تي ڪو ماڻهو ستو پيو آهي، جنهن جو مُنهن بتيءَ وانگر پئي ٻَڪيو. ڍولي خيال ڪيو ته هيءُ ماڻهو ناهي، پر ڪو ڪاچ آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي نموني ناهي، مون سان چرچو ڪيو اٿن. تڏهن ڍولي چيو ته:

> اَڪ پُڙي کان پانتلِي، ڏوٻو اَن نه ڪاءِ،
> آهين سچيلي مارئي ته اسان جو انگ لڳي مرجاءِ

اها مارئي هئي جيڪا چمڪي رهي هئي، تنهن جواب ڏنو ته:

> چيلهه منهنجي چهبڪ جهڙي، آءٌ جا سنهڙي نار،
> گُلن پري هجي تارڙي، ته پؤنر پڳي ڪا جاءِ

اها ڳالهه ٻُڌي ڍولو خوش ٿيو ۽ مارئيءَ سان ملي مجلس ڪيائين. صبح جو ڍولو شهر مان نڪري اتي آيو جتي اُٺ کي ٻڌل ڇڏيو هئائين. اُٺ کيس ڏسي چيو ته:

ڪاري مٿي جو ماڻسِيو، ڳاڙهي مٿي جو اونٺ،
بي ڳُني سان ڳُن ڪيو، تڏهن ٻڌي ڇڏيائين ٽُونٺ.

ڍولي اها ڳالهه ٻڌي اُٺ کي ڇوڙيو ۽ راءِ ڀتيءَ تي ڪاوڙجي، هلڻ جي تياري ڪيائين ۽ چيائين ته: منهنجي اُٺ جي خدمت به ڪونه ڪيائين. راءِ ڀتي هن کي منٿون ڪري واپس وٺي آيو پوءِ اُٺ باغ ۾ ڇوڙي ڇڏيائين ۽ پاڻ ٻارهن مهينا اتي ترسيو. ٻارهين مهيني جڏهن اُٺ کي جهلڻ ويو ته اُٺ کي سڃاڻي نه سگهيو. گهڻي نوچ ڪان پوءِ اُٺ کي سڃاڻي، اُن تي پاڪڙو رکي، مارئيءَ کي ساڻ وٺي، ڍٽ ڏانهن روانو ٿيو.

هلندي هلندي واٽ ۾ پلجي، وري اچي مومل جي شهر ۾ نڪتو. اتي ڍولو اُٺ کي جهيڪاري، مومل جي محلات ڏانهن هليو ۽ مارئيءَ کي اُٺ وٽ ڇڏيائين. جان ڪٿي مومل جي محلات ۾ وڃي ته مگڻهار پيو ڳائي ۽ مومل، سندس افسوس ۾ ڪارا ڪپڙا ڪريو ويٺي آهي. ڍولي کي ان منگتي جو ڳائڻ ڏاڍو پسند آيو سو ٿورو وقت اتي ترسي پيو. مومل يڪدم نشي جون ٻوتلون گهرايون ۽ مگڻهار کي چيائين ته: آءٌ هن کي نشو ٿي پياريان ۽ تون هن کان مُندي گهُري وٺ، ڇو ته جيڪڏهن اها مُندي هٿ ۾ هونديس ته دارون نشو ڪونه ڪندو. مگڻهار هائو ڪار ڪئي ۽ مارئيءَ کي چيائين ته:

ويهه نه ٿي ويسلِي، اُنڙا تون نه اوڳار،
هُجين سڇيلي مارئي، ته ڍولو پاهون وار.

اهو بيت ڍولي به ٻُڌي ورتو. هو سمجهي ويو ته مون لاءِ ڌوهه ٿي رهيو آهي، سو يڪدم اُٺي ڪڙو ٿيو ۽ محلات مان نڪتو. مومل ترسڻ لاءِ گهڻئي منٿون ڪيس، پر هن نه مڃيو ۽ مارئيءَ کي اُٺ تي چاڙهي ڍٽ ڏانهن روانو ٿيو. رات اچا گڏي پئي هئي ته ڪرهو وڃي ڍٽ ۾ پهتو. ڍولي ڏٺو ته جيڪڏهن رات جو محلات ۾ وڃبو ته هرويرو ٻين کي تڪليف ٿيندي، تنهنڪري پنهنجي باغ ۾ ترسي پيا.

باغ ۾ مالهي پئي پاڻي واريو مارئيءَ جي حُسن جو اُهاءُ ڏسي وچي راجا گُجر کي ٻڌايائين تہ: باغ ۾ ڪا روشني نظر آئي اٿم. تنهنڪري ڀڄي آيو آهيان. راجا گُجر پنهنجي ماڻهن کي روانو ڪيو. هنن يڪدم موٽي اچي کيس مبارڪون ڏنيون تہ ڍولو مارئي کي وٺي خير سان پهتو آهي. راجا خوش ٿي کين محلات ۾ وٺي آيو. پوءِ ڍولي ۽ ماروءَ حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا پيار ۽ محبت سان گذاريا.

## روايت [ 7 ] *

# تعلقي سنجهوري جي ڳالهه

ڪنهن زماني ۾ ٿر ملڪ جو حاڪم "راجا انيراءُ" هو. هڪڙي ڀيري سندس ملڪ ۾ اڃي ڏڪار پيو. راجا سڄي رعيت کي گهرائي، صلاح ڪئي تہ ہہ- ٽي ڏينهن سانگ جا هلي ڪنهن ٻئي ڏيهہ ڪاٽيون تہ چڱو. اها ڳالهہ ڳڻي مال متاع کڻي نڪري پيا. ڪاهيندا ڪاهيندا ٿوري گهڻي ڏينهن اچي "راءُ ڍنگل" جي ملڪ ۾ نڪتا. ملڪ هو سڪيو ستابو مال جو چارو جام، سو اتي خيما کوڙي ويهي رهيا. منجهائن ڪي چار چڱا لنگهي ويا راءُ ڍنگل وٽ، ان سان دل جو حال اورياڻون. راجا بہ چڱو آدرڀاءُ ڪري، پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ جي موڪل ڏني.

ڳالهيون سگهيون ٿين، ڏينهن پنهنجي مُدام تي گذرن. بهار جي موسم آئي، جهنگلن ۾ جهرمر لڳي وئي، هر طرف کان گلن ڦلن جي هٻڪار اچڻ لڳي. منگتا فقير، بهار جي مند ۾ ڪينرو ڪلهي ۾ وجهي، سرنهہ جا گل کڻي، بادشاهن ۽ اميرن جي در تي وڃي راڳ ڳائيندا آهن ۽ بهار جي واڌائي ڏئي، دان گهرندا آهن. راجا انيراءِ سان بہ ڪو منگتو گڏ هو. سو انيراءِ کان موڪلائي، ڪاهي پيو راءُ ڍنگل جي راڄ ۾. آخر هڪڙي ڏينهن وڃي راءُ ڍنگل جي در تي سَينَ هنيائين. راءُ ڍنگل کي "مارل" نالي ڏيءَ هئي، جا اُن وقت ننڍڙي هئي، هوءَ تمام سهڻي نينگر هئي. مڱڻهار جي سَينَ تي نڪري آئي. هو مارل جي سونهن ڀسي حيران ٿي ويو.

---

* پير شاهنواز شاهہ "عارف المولىٰ" (تعلقو شهداد پور) جي قلمي بياض تان ورتل جنهن محمد ماڇي، ويٺل جمڙائو جي پاڇي موري لڳ (تعلقو سنجهورو) جي زباني قلمبد ڪئي.

انيراءُ کي وري "ڏولي" نالي پٽ ھو جو پڻ سونهن سوڀيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ھو. منگتي کي هڪدم خيال آيو تہ مارل جي شادي جيڪڏهن ڏولي سان ٿئي تہ ڪهڙو نہ چڱو! سو اها ڳالهہ دل ۾ رکي، دان وٺي، موٽي انيراءُ وٽ آيو ۽ اُن سان حال حقيقت بيان ڪيائين. انيراءُ چيو تہ: فقير! پاڻ آهيون پرديسي، سو ڪيئن ٿا راجا کي چئي سگهون؟ مڱڻهار چيو تہ: چوندس آءٌ پاڻهي. مون کي رڳو سون جو ننڍڙو هر پاڃاري ۽ چانديءَ جا ننڍڙا ٻہ ڏاند ٺهرائي ڏي حڪم جي دير هئي، مڱڻهار کي جهٽ پٽ هر پاڃاري ۽ ڏاند ٺهي مليا.

ٻئي ڏينهن منگتو فقير. هر پاڃاري ۽ ڏاند بگريءَ ۾ وجهي، سُرندو کڻي، راءُ پنگل جي ڪچهريءَ ۾ اچي ويٺو. رس رهاڻ سان راجا کي ريجهائي، هري هري هر پاڃاري ڪڍي کڻي راجا جي اڳيان رکيائين. راجا مامر پروڙي وزير سان صلاح ڪئي، ۽ ماڻتي قبول ڪري، منگتي کي واڌائي ڏنائين. راءُ پنگل ۽ انيراءُ وچان ويچو نڪري ويو. هنن ڏولي ۽ مارل جو مڱڻو ڪري ڇڏيو.

ڏولي ۽ مارل گڏجي ڪتاب ۾ پڙهڻ ويندا هئا. هڪ دفعي ٻئي جڻا، پڙهي پئي موٽيا تہ ڪنهن ڳالهہ تان ڪاوڙجي پيا. مارل ڇهبڪ هڻي ڪڍيس. ڏڪ لڳڻ تي ڏولي روئڻ لڳو ۽ روئيندو روئيندو گهر ويو. پڇس ڪيس روئيندو ڏسي چيو تہ:

> ڪنهن تہ توکي ماريو ڪنهن تہ چيا توکي ويڻ،
> سِري لُٽايانس سيگهہ مان، اُڪاري سمنڊ جي سِير[1].

ڏولي ويچار ۾ پئجي ويو تہ پنهنجي مڱينديءَ جو نالو ڪيئن وٺان! سو جواب ڏنائين تہ:

---

[1] هر هڪ ڳالهہ کان پوءِ هي لفظ ورائيءَ طور چوندا آهن:

آسر وندي ڏولي مارو لڄ وندي ڏولي مارو

ڏولي ڙيا ڏي سنيهو ڏوليا!

ڪنهن نہ مون کي ماريو ڪنهن نہ چيا مون کي ويڻ،
سانٽيهہ پنهنجو ساريم، تڏهن نيڙ وهايم نيڻ.

انيراءِ ڍول جو اهو جواب ٻڌي، دل ۾ چيو تہ: مارا! اسين وڏا بہ پنهنجو وطن وساريو ويٺا آهيون، پر هن ٻالڪ کان اجا سانٽيهہ جي سِڪ نہ وئي آهي! اهو خيال ايندي ئي وطن ڏانهن ورڻ جي سنبت ڪيائين. راءِ پنگل گهٽو ئي روڪيس، پر هاڻي هن لاءِ هڪڙو ڏينهن بہ سال برابر ٿي آيو هو سو ٿوري گهٽين ڏينهن اچي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ نڪتو.

گهڻي زماني ۾ وڏي مفاصلي سبب انهن ٻنهي دوستن جي وچ ۾ ويڇو پئجي ويو. ڍول ۽ مارل بہ اَج نَنڍا، سياڻي وڏا، نيٺ اچي جوان ٿيا. سندن ماٽن بہ خيال ڪيو تہ پري جون مٺيون ڪير سنياليندو ۽ ڪير پيو ڏيهہ ڏوريندو؟ سو ٻنهي کي وري پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ مڱائي ڇڏيائون. هاڻي شادين جون تياريون هيون تہ ڍولي کي ڪنهن عورت طعنو هنيو تہ: تون تہ راءِ پنگل جي ڌيءَ ماروءَ سان مڱيل آهين، اها ڇڏي وري هت ٿو ونگجين! اهو ٻڌي ڍولي، پيءُ کي چيو تہ: بابا ! آءُ پنهنجي مڱ ڳولي لهندس. پوءِ تہ ڍول بہ سهي سنيري لشڪر وٺي،ماروءَ جو ملڪ پڇائي نڪتو ۽ گهندو گهندو اچي انهيءَ ملڪ ۾ پهتو جنهن راجا سان ماروءَ جي شادي ٿيڻي هئي. اُن راجا جي پيڻ کي جڏهن خبر پئي، تڏهن هن پاڻ کي مارل مشهور ڪيو ۽ ماڻهو پڪيڙي ڇڏيائين تہ ڍول کي ڪنهن بہ حيلي سان وٺي اچو. نيٺ ڍولو هن جي ڦندي ۾ اچي، کيس مارو سمجهي، اُتي ئي ويهي رهيو.

هوڏانهن ماروءَ هڪڙي رات خواب لڌو تہ ڍولو ڪهي آيو آهي ۽ اسان پاڻ ۾ ملي محبت ماڻي آهي. انهيءَ خوشيءَ ۾ جو آرس پڳائين تہ ڪٽ جي اِيس پڃي پئي. پوءِ صبح جو پيءُ کي نياپو موڪليائين تہ: مون پنهنجو سچو پچو مڙس رات خواب ۾ ڏٺو آهي، هاڻي آءُ پنهنجو ورُ ڳولي لهنديس.

ڪُونجن ٽوليون ٽوليون، ڪونجن ٽوليءَ ٽيس،
مون سُتي گهوٽ سنياريو، تڏهن آرس پڳي اِيس.

راجا خيال ڪيو تہ مارئي انگل تي ڪري، سو ٻانيڻ کي سمجهائي موڪليائين تہ: تون ٻہ ـ تي ڏينهن گذاري اچي چئج تہ پتو ڪونہ پيو. پر مارو بہ سياڻي هئي، تنهن چوائي موڪليو تہ:

بابل! ٻانيڻ نامُجو ٻانيڻ اَلڪي ذات،
ڏولي مُنجو منگتو مون کي جاڳايو رات.

( يعني، ٻانيڻ ڪانءُ جي ذات آهي، جو لالچ رکي هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري موٽي ايندو. تنهنڪري مڱڻهار فقير موڪليو جيڪو پنندو ڪائيندو ويندو. نڪو الله جو نام ڪُٺي، نڪي منگتو موٽي.)

تڏهن منگتي کي ڏولي ڏانهن وڃڻ جو حڪم مليو. مارو منگتي کي سڏائي ڏول ڏي نياپو ڏنو تہ:

جَوَ جيڏي پرٽيون، تون تِل جيڏي تاڻي،
هاڻي ارهہ نہ ماپي ڪنجرو، توکي الله شال آڻي.

( ڏول! تون مون سان تڏهن پرٽيو هُئين، جڏهن آءٌ جَوَ جيڏي هيس ۽ تون تِر وانگر هئين. اچ منهنجي جوڀن ۽ جوانيءَ سبب بدن تي ڪنجرو بہ نٿو ماپي.)

آئون ڪاچ بہ ڪاچڙا، ڪِيري منجهہ ڪائجن،
ڪڻ پڇي تئي ڪانهلو پوءِ ڏالر ڏاند چرن.

( ڪچڙا آيون ڪائڻ ۾ لذيذ تين تا، اُهي مند تي نہ ڪاڏا تہ پوءِ ڏاندا چڻا پوندا، جي ڏاندن جو ڪاچ آهن.)

سرو لڳي، سَرَ موريا، نِسريا ڪانهَن بہ نِچ،
هارين هر سنباهيا، ٻَني گهُري تي ٻج.

منگتو ماروءَ جو نياپو کڻي، گهندو گهندو نيٺ اچي انهيءَ ڳوٺ وٽ پهتو جنهن ۾ ڏول، ماروءَ جي ڀولي تي محبت جي موج ۾ ويٺو هو. سج لٿي جي مهل هئي، منگتو بہ هڪڙي گهر ۾ گهڙي پيو. اهو گهر بہ ڪن مڱڻهارن جو هو جي ماني ٽڪي ڪائي، ساز سرندا کڻي ڏولي ڏي وڃڻ لاءِ سنيريا. منگتي جي پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائون تہ: ڏولي کي روز رات جو راڳ

ٻڌائڻ ويندا آهيون. هُن چيو تہ: مون کي بہ انهيءَ ڪچهريءَ ۾ وٺي هلو. نيٺ سيئي گڏجي ڪچهريءَ ۾ آيا. واري سان هر ڪو ڳائيندو آيو. جڏهن ماروءَ واري منگتي کي وارو مليو تڏهن پهريون بيت ڏنائين تہ:

آيُون ڪاچ بہ ڪاچڙا، ڪِيري منجهہ ڪائڄن،
ڪڻ پڇي ٿئي ڪانهلو پوءِ ڏالر ڏاند چَرن.

ڏولي کي تہ ڪابہ خبر ڪانہ پئي، پر ڳالهہ ٻڌي ڏولي جي زال ڪَن ڪڙا ڪيا ۽ سمجهيائين تہ اڄ، ڪو وانگي وريو آهي. منگتي بہ سهي ڪيو تہ موچڙا اِجهي ڪي اِجهي آيا، پر نياپو ضرور پهچائڻو آهي. سو همٿ ڪري ٻي ڳاهہ ڏنائين:

ڏول! جَوَ جيڏي تون پرٽيون، ٿَل جيڏي تاٽي،
هاٽي اُرهہ نہ ماپي ڪنجرو توکي الله شل آٽي.

اتي منگتي تي موچڙن جو مِينهن وسي ويو. تڏهن ڏولي بہ اک پَٽي ۾ چيائين تہ ٻيلي! آهي تہ ڪو منهنجو قاصد. پوءِ منگتي کي موچڙن کان ڇڏائي، سربستو احوال پڇيائين ۽ تياريءَ لاءِ تڪڙو وهٽ ڳولڻ لڳو. اتي ڪن ماڻهن چيس تہ لهر- ڏاچي روز سوءِ ڪوهہ پنڌ ڪري،چندن جا وڻ چري، واپس وٿاڻ تي ورندي هئي،ان جو توڏو توکي جهٽ اتي رسائيندو.

ڏولو صبح جو اُٺن جا ساز کڻي، ٿَڙ تي آيو ۽ توڏن ڏي نهاري چيائين:

ڪنهن ڳل ٻڌان گهنگهرو ڪنهن ڳل ٻڌان لَڄ،
لهر پيٺئون جيڪوليٽيو سو پرين ملائيندم اڄ.

لهر- ڏاچيءَ جي توڏي ڪُڏ چار ڪري، اچي ڏول جي ڪلهن تي ڳاٽ ڌريو ۽ چيائين تہ:

مون ڳل ٻَڌج گهنگهرو مون ڳل ٻڌج لَڄ،
لَهر پيٺئون آءٌ ٿيس، توکي پرين ملايان اڄ.

ڏولي ڏٺو تہ هن کان ٻيا متارا بہ تہ توڏا آهن، هي متان چٽر ٿو ڪري، سو چيائين تہ:

ايڏن مَين ڪين ٻوليو تو ڪيئن ٻوليو توڏ،
تنگ چڪيندي تون مرين، اکيون پٽينديئي روڏ.

توڏو مانڙي ڪري وچي چَرڻ لڳو. ڍولي جي راڻيءَ ڏٺو تہ متان ڍولو هليو وڃي، سو توڏي کي ڇُونگ ڏنائين تہ هو بہ تنگ ڪٽي ويهي رهيو. اتي ڪي چار سڄڻ ڍولي جا بہ هئا، تن چيو تہ: ڏنڀ آهي ٽنڀ، توڏي کي ڏنڀ ڏي تہ چاڪ ٿي پوي، اتي ڍولي جي زال کي بہ اُلڪو ٿي پيو تہ توڏو نہ مري پوي، سو ڍول ۾ توڏي ٻنهي کي سمجهاڻي ڏنائين تہ:

ڍول! اسان جي ملڪ ۾ سوين مَيا چرن،
پر ڪرهل نا ٿئي ڪوهڙوگڏهڙا ڏنيجن.

تڏهن اُٺ جي بدران هڪڙي گڏهہ کي ڏنڀ ڏنئون تہ اُٺ چاق ٿي پيو. هاڻي ڍولي بہ اچي توڏي کي پلاڻيو. جڏهن تنگ چڪيائين تہ توڏي چيو تہ:

ڇڪي ٻڌج تنگڙو ڇڪي ٻڌج پڳ،
ڍريون ڇڏج مهارون،توکي پرين ملايان اڄ.

پوءِ تہ ڍول، توڏي تي چڙهي، شام ڌاري اچي راءِ پنگل جي شهر ٻاهران، هڪڙيءَ ٻار هيٺ لٿو. قدرت سان اُن ٻار ۾ خوشبوءِ هئي، جنهن جي خمار ڍول جو من مست ڪري ڇڏيو. تنهن ٻار کان پڇيو تہ:

اُڪ پتوڙيل ٻاوري، تون ڪيئن نيلي ٻار؟

ٻار وراڻيو تہ:

هُون هيٺ مارل ويٺڙي،تون جهلي ڳرهو ٻار.

اتي ڍول ڪاوڙجي پيو. چئي: مارل اهڙي تي آهي جو ٻاهر پئي گهمي ڦري، سوڪاوڙ مان اُتي ئي سمهي پيو. تڏهن منگتي چيس: ڍول! خير تہ آهي؟ هل محلات ۾. تڏهن ڍول، ٻار واري ڳالهہ ڪري ٻڌايس. تنهن تي منگتي چيس تہ: اڙي ڍول! ڪنهن سَمي، مينهن گهڻا وٺا. ڳوٺ تي ٻڌو سو راءِ پنگل اُتي اچي ٽاڪ ڪيو. مارل ننڍڙي ۾ بي سمجهہ هئي، سندس پينگهہ انهيءَ ٻار سان ٻڌل هئي. مارل جي سُرهي ساهہ جي هبڪار سان ٻار واسجي ويئي ۾ هميشہ لاءِ خوشبودار ٿي ويئي آهي. منگتي جي واتان

اهي لفظ ٻڌي، ڊول اتي دربار ۾ آيو. پير تي ڏوهنڪو لڳو، دشمن پوءِ ڪان پڳو. ڌاڌي ڌام ڌوم سان شادي ٿي. نيٺ سهاڳ جي ساعت آئي. راجا رات جو رنگ محل ۾ آيو. مارل ماڙيءَ تي پَٽ جي شال تاڻيو ستي پئي هئي. ڊول خيال ڪيو ته سٽل کي اوچتو اٿاريندس ته متان ڇرڪ پري، تنهنڪري پلنگ جي پيراندئَ کان بيهي چيائين:

نئين نويلي سِيپلي، ڏند ٻٽيهه سِر وات،
اُٿي مارل سجاڳ ٿي، متان انگ لڳئي مرجات.

تڏهن مارل ڪَرَ موڙي، مُنهن تان پاند هٽائي، ڊول کي جواب ڏنو ته:

پري ويهه نه ڊوليا، هِيئون هِئين سان آڻ،
مارل پلي ماڻئين، جيئن ڇڪڙي زِهه ڪماڻ.

◈

# روايت [8] *

# تعلقي عمر ڪوٽ جي ڳالهه

”ڏيٽ“ ۾ ”اُنڙ“ ۽ ”پِنگڙ“ نالي ٻہ شخص پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئا. وٽن ٻئي مال ڪانسواءِ اُنن جا وڏا وڏا وڳ هئا. هڪڙي ڏينهن هي ٻئي دوست تلاءَ تي ويٺا هئا تہ هڪڙو نجومي فقير اُتي آيو ۽ ٽڪُ پيڻ جي خيال سان هنن جي پر سان ويهي رهيو. هنن ڪانئس حال احوال ورتو ۽ جيئن تہ سندن گهرن ۾ اميدواري هئي، تنهن ڪري پڇيائونس تہ: اسان کي اولاد ڪهڙو ٿيندو؟ نجوميءَ حساب ڪري هنن کي ٻڌايو تہ: اُنڙ کي پُٽ ڄمندو ۽ پنگڙ کي ڌيءَ ڄمندي اهو ٻڌائي نجومي تہ ويندو رهيو پر هنن اُنهيءَ وقت ئي پاڻ ۾ سڱ ڪري ڇڏيا. ٿوري وقت ڪانپوءِ اُنڙ کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو ”ڏولو“ رکيائين ۽ پنگڙ کي ڌيءَ ڄائي، جنهن جونالو ”مارل“ رکيائون.

ڏولو ۽ مارل اڃا ننڍڙن ۾ ئي هئا تہ ملڪ ۾ اڃ ڏڪار پيو. جنهن جي ڪري سڀ ڪو پنهنجي پيٽ ۽ مال جي سانگي سان پنهنجي مُنهن روانو ٿي ويو. اُنڙ ۽ پنگڙ بہ هڪٻئي کان جدا ٿي ويا. اُنڙ پنهنجا وڳ ۽ ٻار ٻچا وٺي ڪڇ ۽ گجرات طرف رخ ڪيو ۽ پنگڙ پنهنجو مال وٺي، زال ۽ معصوم ڌيءَ ساڻ ڪري اچي سنڌ ۾ پير ڏريا. قدرت سان اُنڙ کي ڪو خزانو ملي ويو. جنهن ڪري بادشاهہ بڻجي ويهي رهيو. ڪجهہ زماني ڪانپوءِ اُنڙ ۽ پنگڙ گذاري ويا. انڙ جي جاءِ تي ڏولو بادشاهہ ٿيو. ڏولي ست شاديون ڪيون. سندس راڻين کي خبر هئي تہ ڏولي جو مڱڻو مارل سان ٿيل آهي ۽ مارل هاڻي اچي وڏي ٿي هوندي، هوءَ متان ڪو ماڻهو نہ موڪلي ۽ ڏولو اوڏانهن نہ هليو وڃي، تنهن ڪري ڪوٽ جي ٻاهران ٻيا بہ ست ڪوٽ ڏياري،

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمر ڪوٽ) مان محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي کان ملي.

هر هڪ ڪوٽ جي دروازي تي سخت پهرو بيهاري ڇڏيائون ۽ پهريدارن کي حڪم ڏنائون ته ڪوبه ڌاريو ماڻهو اندر نه اچي.

هوڏانهن مارل به اچي وڏي ٿي. ڪيس روزانو گلن سان توريندا هئا. هڪڙي ڏينهن جيئن ئي ڪيس توريائون، تيئن هميشه کان وڌيڪ گلن ۾ ٽڙي پانهين اها حقيقت وڃي مارل جي ماءُ سان ڪئي، جنهن وري مارل کان سبب پڇيو. پهرين ته مارل انڪار ڪيو پر پوءِ چيائين ته:

رات ڪونجن ٻوليو، هيون ٽوليءَ ٽيس،
سيج سُتي مون ڍول سنياليو آرس پڳي اِيس.

(يعني: رات جنهن وقت ڪونجن پئي ٻوليو ۽ ٽوليءَ ۾ ٽيهه ڪونجون هيون. ان وقت مون خواب ۾ ڍول کي ڏٺو. ان سان قرب واري رهاڻ ڪيم ۽ انهيءَ حالت ۾ پاسو اٿلائيندي ڪٽ جي اِيس به ڀڄي پيئي.)

اِتي ماڻس کي ڍولي جي يادگيري آئي، سو ان مهل ئي هڪڙي ٻانيڻ کي اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ڪيائين ته اُن کي وڃي مارل سان نندي هوندي ٿيل مڱڻي جي يادگيري ڏياري ٻانيڻ جي اوڏانهن وڃڻ جو ٻڌي، مارل ماءُ وٽ آئي ۽ چيائين ته:

ٻانيڻ ٻانيڻ مَ ڪريو، ٻانيڻ چاپيل ذات،
بابي جي در جو منگتو مُجيو انهيءَ وات.

(ٻانيڻ جو نالو نه وٺو. ٻانيڻ لالچي ٿيندو آهي، تنهن ڪري ان تي ڀروسو ڪرڻ اجايو آهي. باقي بابي جي مڱڻهارن مان ڪو موڪليو ته وڃي ڍولي کي خبر ڏي.)

مارل جي صلاح تي ٻانيڻ جي بدران هڪڙي مڱڻهار کي تيار ڪيائون. مڱڻهار روانو ٿي ٿيو ته مارل چيس ته: ڍولي جي روبرو وڃي منهنجو هيءُ پيغام ڏج :

ڍاٽي! ڍول جي ملين، ته وڃي ائين چئج،
ته ڍولا! تنهنجي مارئي، سک نه سمهي سيج.

..................

تِلِ جيڏي پرٽئين تون، جَوَ جيتري جوءِ،
هاٿي اُرهہ نہ ماپي ڪنجرو، تو لاءِ رتو روءِ.

....................

رات هو ڳونجل ٻوليو، سانوڻ ٻهرئين سج،
هارين هر سنباهيا، ڌرتي منگي ٻج.

مارل جو اهو نياپو ياد ڪري، مڱڻهار پنهنجي منهن وٺي روانو ٿيو. هن کي اها خبر ئي ڪانہ هئي تہ ڍولو ڪهڙي ملڪ ۾ رهي ٿو. آخر هلندي هلندي ڪن ڏينهن ڪانپوءِ هڪڙي رڻ پٽ ۾ وڃي پهتو. اُتي ڏسي تہ هڪڙو فقير ويٺو آهي، سندس پاسي ڪان دونهين پئي دکي. مڱڻهار پري کان ئي ” آديس گرو آديس گرو“ چئي هن کي سلام ڪيو! فقير سلام جو جواب ڏئي کيس ويهڻ جو اشارو ڪيو جنهن تي مڱڻهار ادب سان ويهي رهيو. ڪجھ مهل ڪانپوءِ فقير هن کان خبر چار پڇي، جا هن سربستي ڪري ٻڌائي، تڏهن فقير کيس ڍولي جي ملڪ جو ڏس ڏنو ۽ اهوبہ ٻڌايو تہ اتي سخت پهرو آهي، جنهنڪري ڪوبہ ڌاريو ماڻهو اندر نٿو وڃي سگهي. اها خبر ٻڌڻ سان حال تہ مڱڻهار هيٺو ٿي پيو پر پوءِ خيال ڪيائين تہ هيڪر تہ اُتي هلي بخت آزمائي ڏسجي، پوءِ ڪتن ياڳ.

مڱڻهار فقير جي ڏس تي هلندو هلندو ڪن ڏينهن پڄاڻا اچي ڍولي جي ملڪ کي ويجهو پهتو. اُتي ڇا ڏسي تہ هڪڙو وڏو ڪوٽ چوڌاري ڏنل آهي، جنهن جي دروازي تي سخت پهرو بيٺل آهي ۽ ڪنهن بہ ڌاريي ماڻهوءَ کي اندر نٿا ڇڏين. اها حالت ڏسي ڏاڍو ارمان ٿيس. هڪ ـ بہ دفعا پهريدارن کي منٿون بہ ڪيائين، پر هنن نہ ڇڏيس. نيٺ اٽڪل ڪري، ڪپڙا لاهي، لُنگ ڪڍي، ڀڀوت مکي، چرين وانگي اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪندو اچي ڪوٽ جي دروازي تي پهتو. چوڪيدارن کي چيائين تہ: اُٺ وڃايو اٿم جنهن جو پير ڪٽي هتي پهتو آهيان، موڪل ڏيوم تہ اندران اُٺ ڪاهي اچان. پهريدارن هن کي چريو ڏسي اندر وڃڻ جي موڪل ڏني. اهڙيءَ طرح

هيءَ ست ٿي ڪوٽ لنگهي اندر پهتو. شهر ۾ اچي، ڪپڙا پهري تورو اڪتي هليو ته ننڍڙا ٻار راند ڪندي ڏٺائين. هن ٻارن کي خرچي ڏيئي، پڇيو ته: مگڻهارن جا گهر ڪٿي آهن؟ ٻارن کيس مگڻهارن جي گهرن جو ڏس ڏنو.

مگڻهار اُتي پهتو ته ڪي مگڻهار کيس پنهنجي وڏي وٽ وٺي آيا. جنهن هن کان خبر چار پڇي. هن ٻڌايو ته: آءٌ ڍٽ جو رهاڪو آهيان. اُتي ڏڪار پوڻ ڪري رُلندو رُلندو اچي اوهان جي اجهي ۾ پيو آهيان. وڏي فقير چيس ته: ابا! ڀلي ڪري آئين. جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان. پوءِ ته هيءُ انهيءَ وڏي فقير وٽ رهڻ لڳو.

اُتي جي مگڻهارن جو دستور هو ته روزانو رات جو ساز کڻي، ڊولي جي دربار ۾ ويندا هئا. انهيءَ طرح سندن گذران پيو ٿيندو هو. اهو سمورو رنگ مارل جو موڪليل مگڻهار به پيو ڏسندو هو. هڪڙي ڏينهن هن، انهن مگڻهارن کي چيو ته: يارا! هڪ دفعو مون کي به پاڻ سان وٺي هلو ته آءٌ به ڊولي جي رهاڻ ڏسان ٻڌان. جنهن تي مگڻهارن ٻئي ڏينهن هن کي پاڻ سان وٺي وڃڻ جو واعدو ڪيو. ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي جڏهن مگڻهار ڊولي ڏانهن روانا ٿيا ته هيءُ به سائن گڏجي هليو. ڊولي وٽ ٻين مگڻهارن راڳ ڳايو ته هن به ويٺي ٻڌوا. جڏهن راڳ جي محفل ختم ٿي، تڏهن ڊولي ڳائيندڙن کي انعام ڏيئي رخصت ڪيو. هن هلڻ وقت ڊولي جي سامهون بيهي ڳانهه ڏني ته:

تِل جيتري پرڻئين، جَوَ جيتري جوءِ
هاٿي اُرهه نه ماپي ڪنجرو تولئي رتو روءِ

ڳانهه ڏيئي هيءُ روانو ٿيو. ڳانهه ٻڌڻ سان ڊولي جي حواس خطا ٿي ويا، پر مگڻهار محلات کان ٻاهر نڪري چڪو هو. ٻئي ڏينهن هيءُ دربار ۾ ڪونه ويو. تنهن ڪري ڊولي، مگڻهارن کان پڇيو ته:راتوڪو نئون مگڻهار ڪٿي آهي؟ هنن جواب ڏنو ته: اڄ ان کي ڪو ڪم ٿي پيو، تنهن ڪري ڪونه آيو آهي. ڊولي ان کي گهرائڻ لاءِ يڪدم هڪڙي مگڻهار کي موڪليو. راڳ ختم ٿيڻ بعد، ڊولي ٻين مگڻهارن کي موڪل ڏيئي، هن کي

پاڻ وٽ ترسائي، پوءِ اڪيلائيءَ ۾ هن کان پڇيائين تہ: تون ڪير آهين، ڪٿي جو رهاڪو آهين ۽ جيڪا ڳالهہ ڏنئي، تنهن جو مطلب ڇا آهي؟ تنهن تي هن وري بہ ڳالهہ ڏني تہ:

رات ڪُونجن ٻوليو هيون ٽوليءَ ٽِيس،
سيج سُتي مون ڍول سنياليو آرس پڳي اِيس.

اها ڳالهہ ٻُڌي، ڍولو موريگو ٿي منجهي پيو. تنهن تي مڱڻهار وري ٽين ڳالهہ ڏني:

رات هو ڪُونجل ٻوليو سانوڻ ڀرئين سج،
هارين هَرَ سنباهيا، ڌرتي مَنگي ٻج.

ڍولي حيران ٿي مڱڻهار کي چيو تہ: خدا جي واسطي جلدي ٻڌاءِ تہ ڳالهہ ڇا آهي؟ تنهن تي مڱڻهار پڇاڙيءَ واري ڳالهہ ڏني تہ:

مون کي مليو هيو سنيهو تہ وڃي ائين چئيج،
تہ ڍولا تنهنجي مارئي، هرکي تنهنجي هيج.

اها ڳالهہ ٻڌڻ سان ڍولي کي ننڍپڻ وارو زمانو ياد اچي ويو. پوءِ تہ مڱڻهار کي ٻانهن کان جهلي، ويهاري، سڄي خبر چار پڇيائين. مڱڻهار بہ ڪيس مارل جي سڀ خبر ٻڌائي، اچڻ جو مقصد بہ ظاهر ڪيو ۽ اهو پڻ چيائين تہ: جيڪي ڳالهيون مون توکي چئي ٻڌايون، سي بہ مارل جي ئي طرفان آهن. هاڻي تنهنجي مرضي. بس، پوءِ تہ ڍولي جو ويهڻ وِهڻ ٿي پيو. هن کي چيائين تہ: سياڻي هلڻ جي تياري ڪبي. ان بعد مڱڻهار کي موڪل ڏئي، پاڻ وڃي آرامي ٿيو پر ڪيس ننڊ ڪانہ آئي. ڍولي جي اها حالت ڏسي، سندس راڻين کي ڏاڍي حيراني لڳي. سو راتيون رات پيا ڳاچا شروع ڪري ڏنائون. آخر پتو پيين تہ هڪڙو پرديسي مڱڻهار آيل آهي، جيڪو مڱڻهارن وٽ رهي ٿو. رات اُن سان ڍولي رهاڻ ڪئي آهي، تنهن ڪانپوءِ ئي ڍولي جو اهو حال ٿيو آهي. اتي راڻين کي پڪ ٿي تہ اهو مڱڻهار مارل وٽان آيل آهي. سو ارادو ڪيائون تہ ڪنهن بہ طرح انهيءَ مڱڻهار جو خاتمو آڻجي، نہ تہ ڍولو هليو ويندو.

صبح جو ڏولو اُٿي اُنن جي وڳ ۾ ويو ۽ اُنن جي وچ ۾ ويهي چيائين:

ڪنهن کي ٻڏان گهنگهرا، ڪنهن کي ٻڏان لاڄ،
سئو راتين جو پنڌ ڪري، پهچائي مارل جي راڄ؟

اُن تي ڪوبہ اُٺ ڪين ڪڙڪيو. نيٺ هڪڙو ٽڪل گونرو ٽپ ڏيئي اُٿيو ۽ چيائين تہ:

مون کي ٻڌ گهنگهرا، مون کي ٻڌ تون لاڄ،
سئو راتين جو پنڌ ڪري، پهچايان مارل جي راڄ.

توڏي جي اها جرات ڏسي، ڏولي کي حيرت ٿي. سو هن ڏي منهن ڪري چيائين تہ:

ٻيا ڪين ٻوليا اُٺڙا، تون ڪيئن ٻولئين توڏ،
پيڙي پيچانءِ پاسريون، هڏا ڪائنئي روڏ.

تنهن تي توڏ جواب ڏنو تہ:

ٻيا ڪين ٻوليا اُٺڙا، آءُ ٻوليس انهي لل،
لهريءَ پيٽ ۾ ليٽيس، جنهن چِني ننگرول.

(ٻيا اُٺ ڪين ٻوليا ۽ آءُ انهيءَ ڪري ڪُڇيس جو منهنجي ماءُ، جيڪا لهريءَ جي نالي سان مشهور هئي، سا هڪڙيءَ رات ۾ سئو ڪوهہ پنڌ ڪري، ننگرول چَري آسُر مهل وري اچي وڳ سان گڏبي هئي.)

ڏوليو اهو جواب ٻڌي خوش ٿي مونيو ۽ مڱڻهار کي گهرائي چيائين تہ: صبح جو سويل منهنجي در تي اچجئين تہ ٻئي ڄڻا اُٺ تي چڙهي هليا هلنداسين.

هوڏانهن راڻيون، مڱڻهار کي مارڻ جي خيال ۾ هيون. تن صبح جو در تي مڱڻهار کي بيٺل ڏسي، سڃي ڪيو تہ اهو ئي مڱڻهار آهي. ويتر پڇا ڪري پڪ ڪيائون. پوءِ تہ ماني مهني، اُن ۾ زهر ملائي، ٻانهيءَ کي ڏنائون تہ وڃي مڱڻهار کي ڏي، ڪائڻ سان مري پوندو. پوءِ ڪيس جنگهہ مان جهلي، گهلي آروڙيءَ تي ڇڏي اچ تہ اسين بہ ڏسون. ٻانهي ماني کڻي مڱڻهار وٽ آئي

۾ هن کي چيائين ته: هيءَ ماني، راڻين تو لاءِ موڪلي آهي، پر ڪائين متان هن ۾ زهر مليل آهي. پر مڱڻهار کي اعتبار ڪونه آيو. مهٽيل ماني ڏسي، هن جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو. ٻانهيءَ کي چيائين ته: تون ڪوڙ ٿي ڪرين. تنهنجو خيال آهي ته ماني هيءَ نه ڪائي پر آءٌ ڪان. ائين چئي جهٽ هٽي، ٻانهيءَ کان مانيءَ جو ٿانءُ ڦري ورتائين. تنهن تي ٻانهيءَ رڙ ڪري چيس ته: خدا جا بندا! جيڪڏهن اعتبار نه اچئي ته پهريان گرانهه ڪُتي کي ڏيئي ڏس. تنهن تي مڱڻهار هڪڙو گرانهه ڪٽي پر ۾ بيٺل ڪُتي کي ڏنو جيڪو ڪائڻ سان ونجي ڪري پيو ۽ دم ڏنائين.

اها حالت ڏسي مڱڻهار ٻانهيءَ جا ٿورا مڃيا. ان بعد ٻانهيءَ، مڱڻهار کي چيو ته: مون کي حڪم آهي ته توکي ماري، اروڙيءَ تي چڙهي اچان، جيئن سڀ راڻيون ڏسن ۽ کين دلجاءِ ٿئي ته تون مري ويو آهين. اهو ٻڌي مڱڻهار مڪر ڪري، پٽ تي ڪِري پيو. ٻانهيءَ کيس جنگهه مان جهلي، آڻي اروڙيءَ تي چڙهيو. اهو سمورو لقاءُ راڻين محلات مان بيٺي ڏٺو تن سمجهيو ته مڱڻهار مري ويو هاڻي ڍولو ڪونه ويندو.

جڏهن راڻيون محلات جي درين کان پاسي ٿيون، تڏهن مڱڻهار وري اچي در وٽ لڪي ويٺو. ٿوريءَ دير بعد ڍولو به اُٺ ڪاهي آيو. پوءِ ٻئي ڄڻا اُٺ تي چڙهي روانا ٿيا. راڻين مڱڻهار کي مارائڻ ڪانسواءِ، انهيءَ اُٺ کي منڊو بنائڻ جي به رٿ رٿي هئي، جنهن تي ڍولي کي چڙهي وڃڻو هو. هنن اُٺ جي پيرن ۾ لوهي ڪلا هڻائي ڇڏيا هئا، جنهن ڪري هو تکو هلي نه ٿي سگهيو. ڍولي گهڻئي هڪليس، پر اُٺ منڊڪائيندو هليو. تان جو سج لهڻ کي اچي ويجهو ٿيو. اها حالت ڏسي، ڍولي کي اُٺ تي ڪاوڙ آئي، سو چيائين ته:

ڏينهن ويو ڏونگرين، وَهيا ويا وڻ،
ڪاري ڪائي توکي توڏڙا، تو راهي ڪيا رڻ.

تنهن تي اُٺ جواب ڏنو:

ڪڍ پيرن مان ٽَڪلا، ڍِلي ڇڏ مهار،
تہ هلان تنهنجي ساهرين، چران هلي جوار.

اهو ٻڌي ڍولي هيٺ لهي، اُٺ جي پيرن مان ڪِلا ڪڍيا. پوءِ اُٺ وٺي هوڪاريو. صبح ٿيندي ئي اچي مارئي جي ڳوٺ وٽ پهتا. جهنگ مان هلندي، واٽ تي ڍولي هڪڙي چار ڏٺي، جا سائي بيٺي هئي، پر آسپاس پيون سڀ ڇاريون سُڪل هيون. تنهن هن چار کان پڇيو تہ:

پيون سڀئي سُڪيون، تون ڪيئن سائي چار،
توکي سڄڻ سينچيو يا پاڙ ويئي پاتار؟

تنهن تي چار جواب ڏنو تہ: آءٌ انهيءَ ڪري سائي آهيان، جو:

نڪون مون کي سڄڻ سينچيو نڪا پاڙ ويئي پاتار،
مارڳ ويندي، مارئي جي ڪرهي، ڀڳو منهنجو ڏار.

ڳوٺ جي ويجهو هڪ تلاءُ هو جتي مارئي جا اُٺ پاڻي پيئندا هئا. هي اُتي اچي لٿا. ڍولو اُٺ تان لهي وڃي هڪڙي وڻ هيٺ ويٺو. اُٺ وري پاڻي پيئڻ لاءِ تلاءَ ۾ ڏري پيو. مارئي بہ ڪا اُن مهل اُتي بيٺي هئي، جنهن هڪڙي اوپري اُٺ کي تلاءَ مان پاڻي پيئندو ڏسي، ڪام هٽي ڪڍي، تنهن تي ڪرهي ڪنڌ مٿي ڪئي، مارئي کي چيو تہ:

آءٌ ڍولي جو ڪرهو، تون ڍولي جي نار،
مون کي مارڻ ڪامڙيءَ، وٽ پنهنجو پتار.

اهو ٻڌي مارئي سامهون ڏٺو ۽ وڻ هيٺان ڍولي کي ويٺل ڏسي، شرم کان وٺي گهر ڏي ڀڳي ۽ ماءُ کي اچي ٻڌايائين. ٿوريءَ دير بعد ڍولو ۽ مڱڻهار بہ اچي مارئي جي گهر وٽ پهتا. ڍولو در وٽ اُٺ جو گوڏو ٻڌي، گهر ۾ گهڙيو ۽ وڃي سَسُ ۽ مارئي سان مليو. مارئي جي حُسن تي موهت ٿي، ڍولو ٿي ڏينهن

گهر ۾ ويٺو رهيو. چوٿين ڏينهن ياد آيس ته مارا اُٺ جو جيئن گوڏو ٻڌي ٻاهر ڇڏيو هئم، تيئن سندس خبر ڪانه لڌم. پوءِ ته يڪدم ٻاهر آيو ۽ اُٺ جو گوڏو ڇوڙيائين. تڏهن اُٺ ڍولي ڏانهن منهن ڪري چيو ته:

بي ڳُٺي سان ڳڻ ڪيم، جنهن تاڻي ٻڌي ڏُونٽ،
هاڻي آءٌ وڃان ٿو پوئتي، تون هٿ ڪر ٻيو اُونٺ

ائين چئي اُٺ پنهنجو ڳس وٺي هليو ويو ۽ ڍولو وچي مارل سان سکيو ٿيو.

□

# روايت [9] *

# ٿرپارڪر جي ڳالهہ

"نر" ۽ "پينگهر" ٻئي پاڻ هئا. نر وڏو هو ۽ ٻئي پاڻ بي اولاد هئا. پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هين. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي، تڪ پڄڻ لاءِ پپر جي هڪڙي وڻ هيٺان ويهي رهيا. اُتي ڳالهيون ڪندي پاڻ ۾ وچن ڪيائون تہ پاڻ مان جيڪڏهن هڪڙي کي پُٽ ڄائو ۽ ٻئي کي ڌيءَ ڄائي تہ انهن جي پاڻ ۾ شادي ڪرائيندا سون.

قدرت سان جلد ئي سندن گهر ۾ اميدواري ٿي. مُدي پڄاڻا "نر" کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو "ڍولو" رکيائون ۽ پينگهر کي وري ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو "ماروئل" رکيائون. ڍولي ۽ ماروئل جي ڄمڻ تي ڏاڍيون خوشيون ٿيون. هي اڃا ننڍڙا ۽ بي سُرت ئي هئا تہ ڇوئري ڦيرائي، ٻنهي جي شادي ڪرائي ڇڏيائون ۽ کين شاديءَ جي خبر بہ ڪانہ رهي.

ٿوري گهٽي ڏينهن "نر" ۽ "پينگهر" ٻئي مري ويا. ڍولو تمام سهڻو ۽ لائق هوندو هو. جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو تيئن تيئن کيس شڪار جو شوق بہ وڌندو ويو. هڪ دفعي ڍوليو شڪار سانگي هلندو هلندو وڃي "اوڃا نگري" ۾ پهتو. اُتي هڪ عورت "ڦولان" نالي مالهڻ مٿس موهجي پئي ۽ هن تي سحر ڪري، کيس پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيائين. هيڏانهن ماروئل بہ اچي وڏي ٿي. جيڏين سرتين ٻڌايس تہ تنهنجي شادي ٿيل آهي. پڇيائين تہ: ڪنهن سان؟ چيائونس تہ: تنهنجو پتار ڍوليو آهي، جو تمام حسين ۽ لائق آهي. اُن جهڙو ماڻهو هن ڌِس ۾ ڪو ڏسجي ئي ڪونہ ٿو. اهو ٻڌي ماروئل پنهنجي پتار ڍولي لاءِ واجهائڻ لڳي. آخرڪار معلوم ٿيس تہ ڍوليي کي ڦولان مالهڻ سحر ڪري روڪي ويهاريو آهي.

---

* هي راويت تڳي نقير مڱڻهار، ويٺل ضلعي ٿرپارڪ جي زباني قلمند ڪئي وئي.

ماروئل ڪئين قاصد ڍولي ڏانهن موڪليا. پر ڦولان مالهڻ اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو هيو. جو ڪوبہ ڌاريو ماڻهو ڍولي سان ملي نہ ٿي سگهيو. آخرڪار ماروئل هڪڙي مڱڻهار کي موڪليو جنهن اُتي وڃي، سُرندي وڄائي،ڳانهون ڏيئي، ڳانهن ۾ ڍوليي کي سڄي ڳالھہ سمجهائي تہ: ڍوليا! تنهنجي شادي ماروئل سان ٿيل آهي، جنهن جهڙي سهڻي عورت ٻي ڪانہ لڀندي. ڍوليي اها ڳالھہ ٻڌي ڦولان کي ڇڏيو اُٺ تي سوار ٿي، مڱڻهار سان گڏجي، ماروئل کي اچي مليو.

□

# ڍول – مارو جو پاهريون قصو

## ( ڀاڱو ٻيو )

# ڍولَ-مارو جو ٻاهريون قصو

(1) من قصي جون ٻہ روايتون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن. (1) پهرين روايت پروفيسر جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي (بمبئي) جي ڇپايل ڪتابڙي "ڍولا مارو" تان ترتيب ڏني وئي آهي. (2) ٻي روايت پڻ گجراتي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابڙي جو ترجمو آهي. انهن ٻنهي روايتن جو زياده تر مدار هنديءَ ۽ گجراتي ٻوليءَ جي دوهن تي آهي.

سنڌ کان ٻاهر هيءُ قصو "ڍولا - مارو" جي نالي سان هلندڙ آهي ۽ قصي جي سٽاءَ پڻ سنڌ ۾ عام رائج قصي کان قدري مختلف آهي. جيئن تہ:

نرور جي راجا کي "ڍولا" پٽ هو ۽ پنگل جي راجا کي "مارئي" نالي ڌيءُ هئي. تيرٿ جي موقعي تي ٻنهي راجائن جي دوستي ٿي. ڍولا ۽ مارو ٻئي ننڍا هئا تہ کين پرڻائي ڇڏيائون. وڏي هوندي ڍولا ۽ ماروءَ کي انهيءَ پرڻي جي يادگيري ڪانہ رهي. ڍولا، مالوڻيءَ سان شادي ڪئي. مارئيءَ خواب ۾ ڍولا کي ڏٺو ۽ پيءُ ماءُ مان حقيقت معلوم ڪري، هڪڙو مڱڻهار ڍولا ڏانهن موڪليائين. مالوڻيءَ کي ڍولا ۽ مارئيءَ جي شاديءَ جي خبر هئي، تنهن ڪري ڪنهن بہ ڌاريي ماڻهوءَ کي ڍولا سان ملڻ نہ ڏيندي هئي. مڱڻهار ڪنهن حيلي سان ڍولا کي مليو، يادگيري ڏياري، پنگل ۾ آندو. ڍولا، مارئيءَ کي وٺي موٽيو تہ واٽ تي اومرا رايا نالي هڪ راجا، مارئيءَ کي کڻي وڃڻ لاءِ پويان ڪاهيو پر ڍولا ۽ مارئي سلامتيءَ سان نرور وڃي پهتا.

# روايت [1] °

اٽڪل هڪ هزار ورهيه اڳ راجا نل، ”نرور ديس“ ۾ راڄ ڪندو هو. هوُ ڪڇواها ڪُل جو راجپوت هو. راجا نل کي اولاد ٻچڻ ڪونه هو. ڏٽيءَ در سوال ڪيائين تہ: ڏاتارا هڪ پُٽ بخشيم ۽ ڪيس وڏي ڄمار ڏيہ. جي پُٽ ڄائم ۽ ٽي سال جيئرو رهيو تہ وِسهندس تہ منهنجو هيءُ عرض اگهيو آهي ۽ پوءِ پُشڪر تيرٿ تي وڃي پيٽا ڏيندس. ڏٽيءَ مٿس مهر ڪئي ۽ کيس پُٽ ڄائو جنهن جو نالو ”سالمڪمار“ عرف ”ڍولا“ رکيائون. هو ٽن ورهين جي ڄمار جو ٿيو تہ راجا نل، قول موجب ٻارن ٻچن سميت پشڪر تيرٿ تي روانو ٿيو.

تن ڏينهين، مارواڙ جي ”پونگل ديس“ تي ”پنگل“ نالي راجا راڄ ڪندو هو. راجا پنگل اڃا پرٽيو ئي ڪين هو تڏهن بہ پوُنگل جي گاديءَ تي وينو. هڪ ڏينهن شڪار تي نڪتو تہ واٽ تي کيس ”پائو“نالي هڪڙو پٽ فقير گڏيو. جيئن تہ انهن ڏينهن ۾ پٽن فقيرن جو گهڻو مانُ هوندو هو سو راجا پنگل، پائوُ کي بہ ساڻ کنيو. پائو پٽ، راجا جي سونهن ۽ بهادري ڏسي، کيس چيو تہ: اي راجا! راجائي تڏهن سونهي، جڏهن راجا سان گڏ راڻي بہ هجي. ”جالوڙ“ جي راجا ”سامنتيءَ“ جي ڌيءَ ”اُما ديوي“ چنيهہ لکڻي آهي. اهڙي سهڻي ڇوڪري صرف تو جهڙي ناهوڪي ۽ بهادر راجا جي ئي پٽ - راڻي ٿيڻ جي لائق آهي. اهو چئي پائو اڃي اُما ديوي جي واکاڻ ۾ ڇتڪيو. راجا پنگل، پائو پٽ جي واتان اُما ديويءَ جي واکاڻ سُڻي کيس ساڻ ڪري، محل ۾ مُوٽي آيو. ڪن ڏينهن بعد، راجا پنهنجي وزير

---

° هن روايت جي متن جو مدار پروفيسر جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي جي تاليف ڪيل ۽ ڇپايل ڪتاب ”ڍولا - مارو“ (مطبوع ”هندستان ڪتاب گهر“ بمبئي سنہ 1956) ۽ ان بعد پروفيسر ڀاوناڻي جي درست ڪيل متن ۽ وڌيڪ دوهن جي موڪليل مواد تي آهي.

”جيسل“ کي جالوڙ روانو ڪيو جنهن وچي راجا سامنتيءَ کان پنگل ڪاڻ اُما جو سڱ گهريو. مڃاڻ ته اُما اڳيئي گجرات جي راجا اُڏيچند جي پٽ ”رٽڏوَل“ سان مڱايل هئي. اُڏيچند زورآور هو ۽ کيس ناراض ڪرڻ معنيٰ دشمني پرائڻ. انهيءَ ڪري راجا پنهنجي راڻيءَ سان صلاح ڪئي ته ڇا ڪجي؟ راڻيءَ کي ته اڳيئي راٺڏوَل جو سڱ پسند نه هو ڇو ته اُها پري جي مائٽي هئي. ويتر جو جيسل وزير، راجا پنگل جي سونهن ۽ بهادريءَ جا ڏِڪ تي پريا، سو راڻي هرڪي ته ڪنهن نموني، اُما جي شادي پنگل سان اهڙيءَ اتڪل سان ڪجي، جو راجا اُڏيچند جي ڪاوڙ کان به بچي وڃجي. نيٺ راڻيءَ هڪڙي سِٽ سِٽي. اُها هُئي ته اُما جي شاديءَ جي تاريخ پڪي ڪري، رٽڏول کي اهڙي تنگ وقت ۾ ڄاڻ ڪجي، جو سندس لاءِ وقت سر پهچڻ مشڪل ٿي پوي. ساڳئي وقت راجا پنگل، پُشڪر تيرٿ ڏي ويندي اچي جالوڙ مان لانگهائو ٿئي. مائٽ انتظار ۾ هجن ته ڪنوار جا ساٽ سنوڻ ڪجن. نيڪ ساعت تي ٿريا پر گهوٽ جو پتو ئي ڪونهي. اهڙي حالت هيٺ، جڏ ته مجبور ٿي، اُما جي شادي راجا پنگل سان ڪرائي ڇڏجي اها اتڪل سيني کي وڻي. ان بعد، جيسل وزير موڪلائي واپس پنهنجي ملڪ آيو ۽ سموري حقيقت اچي راجا پنگل سان ڪيائين. مقرر ڏينهن تي راجا پنگل به نهي ٽِڪي تيرٿ تي وڃڻ جي بهاني سان انهيءَ ڏينهن اچي جالوڙ مان لانگهائو ٿيو.

جنهن ڏينهن تي اُما ديويءَ جي شادي رٽڏول سان ٿيڻي هئي، شاديءَ جون سڀ تياريون مڪمل هيون، مگر جيئن ته رٽڏول اچا پهتو ئي ڪونه هو تنهن ڪري ان جو تمام گهڻو انتظار هيو ڇو ته شاديءَ جي نيڪ ساعت تي ٿري اهڙيءَ خوشيءَ جي موقعي تي راجا پنگل اچي سهڙيو هو سو اُن کي به ڏاڍي حُب مان مهمان ڪري ٽڪايائون. جڏهن راجا سامنتيءَ ڏٺو ته شاديءَ جي نيڪ ساعت تي ٿري ۽ رٽڏول اچا نه پهتو آهي، تڏهن اُما ديويءَ جي شادي راجا پنگل سان ڪرائي ڇڏيائين. رسم موجب راجا پنگل، اُما کي

ٿوري وقت لاءِ ماٿتن ۾ چڙهي، پاڻ تيرٿ پيئيندو موٽي پونگل پهتو. هوڏانهن راجا سامنتيءَ جو ڀاڻيڻ شاديءَ جي تاريخ ڪٽي، راجا اُڏيچند وٽ بلڪل شاديءَ واري وقت وجي پهتو ۽ دير جو سبب هيءُ ٻڌايائين تہ: وات تي بيمار ٿي پيس. راجا اڏيچند کي تہ اها پڪ هئي تہ راجا سامنتيءَ جي مجال ناهي جو تت نري وجڻ ڪري اُما جو سڱ ٺي ٽوڙي ڇڏيندو تنهن ڪري رٺڏول کي سنيرائي جيج سان جالوڙ روانو ڪيائين. رٺڏول اجا ٿوري پنڌ تي ئي هو تہ وات تي هڪڙو مڱڻهار گڏيس، جنهن سڄي حقيقت ٻڌايس تہ شاديءَ جي تت تي نہ پهچڻ ڪري اُما ديويءَ جي شادي راجا پنگل سان ٿي وئي.

رٺڏول هي خبر ٻڌي سڙي ويو. اڳتي ڪين وڌيو ۽ اُتي ئي منزل ڪري، پيءُ کي سڄي حقيقت کان واقف ڪيائين. راجا اڏيچند بہ اهو احوال ٻڌي باهہ ٿي ويو. هڪدم لشڪر تيار ڪري، رٺڏول ڏانهن روانو ڪيائين تہ چڙهائي ڪري، پنهنجو سڱ ڪيئن بہ ڪري کٽي اچ.

هوڏانهن راجا سامنتي بہ سجاڳ هو تنهن کي جڏهن اهو اطلاع مليو تہ پنگل کي چوائي موڪليائين تہ: تون پنهنجي ڪنوار ڪيئن بہ ڪري ڪيڏي وڃ. اسان جو پاڳ اسان سان. پر راجا پنگل مڃي ئي ڪونہ چي: پهريائين آءُ سامهون ٿيندس، پوءِ اوهين. تڏهن جيسل وزير سمجهايس تہ: اي راجا! انهيءَ لڙائيءَ ۾ اُما ديويءَ جي جان جوکي ۾ آهي، تنهن ڪري پهريان اوهين ان کي هتان ڪيڏي پنهنجي ملڪ پهچايو پوءِ راجا اڏيچند کي منهن پيو ڏيو اها ڳالهہ راجا پنگل بہ مڃي. پوءِ جيسل وزير پير مرد جو ويس ڪري، ۽ اُما ديويءَ کي گاڏيءَ ۾ ويهاري پُونگل ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ سلامتيءَ سان اُتي وڃي پهتو.

جيسل وزير جنهن وقت اُما کي کڻي پونگل وڃي رهيو هو تنهن وقت رٺڏول بہ پنهنجي لشڪر سميت چانوٽي هنيو ويٺو هو. جيسل ۽ اُما بدليل ويس ۾ هئا، سي بہ چانوٽيءَ وچان لنگهي ويا ۽ اُن وقت تہ ڪنهن کي سمڪ ئي ڪانہ پيئي تہ گاڏيءَ ۾ اُما چوڪري آهي، جنهن لاءِ هيءُ سمورو

مانڊاڻ متو آهي، پر پوءِ جڏهن جاسوس اچي رڻڌول کي چاڻ ڪيو، تڏهن اندر ۾ سڙي ڪارو ٿي ويو. آخرڪار نااميد ٿي لشڪر سميت واپس گجرات ڏي راهي ٿيو.

هيڏانهن اُما جڏهن پنگل ديس پهتي، تڏهن ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون ۽ ڪيترا ڏينهن جشن پئي هليو. انهيءَ اُما مان راجا پنگل کي "مارئيءَ" نالي ڌيءَ ڄائي:

1ـ ماڻئہ ڌوئي ميٹ، اُيي سورج سامهين،
تانهن آپني پيٹ، موهڻ ويلي مارئي.

( مارئيءَ جي ماءُ متو ميٹ سان ڌوئي، سورج سامهون اُيي هئي، وار پئي موهيائين، نپوڙي سُڪايائين، تنهن ويلي مارئي سندس پيٹ مان پيدا ٿي.)

مارئي اجا ڏيڍ سال جي مس هئي تہ پونگل ۾ برسات نہ پوڻ سبب اچي سخت ڏڪار پيو. مارو ماڻهو مال سانگي لڏي ويا. سو راجا پنگل بہ ديس ڇڏي، ٻارن ٻچن سميت سنيري نڪتو ۽ هلندا هلندا وري اچي پُشڪر تيرٿ تي نڪتا. اُتي، جو آن پاڻي جام ڏٺائون، سو اُتي ئي ترسي پيا. خدا جي قدرت جو هن دفعي بہ "پائوَيٹ" گهمندي گهمندي اتي اچي نڪتو. هن جو راجا پنگل کي ڏٺو سو هڪٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا.

هيءُ اهو ئي وقت هو جڏهن نرور ملڪ جو راجا نل، پنهنجي ٻارن ٻچن سميت، ٽن ورهين جي "ڍولا" جي مچتا ڏيڻ لاءِ اتي آيل هو. بہ راجائون اچي هڪڙي تيرٿ تي، هڪڙي ئي وقت نڪرن، سو هڪٻئي جي اچڻ جي سُڌ بہ ترت پين. پائويٹ، راجا پنگل کي چيو تہ: اوهان جي اچڻ جي مون کي چاڻ ڪانہ هئي، پر آءُ آيو آهيان راجا نل وٹ، چو تہ اُن جو درباري آهيان. هاڻي اجازت ڏيوم تہ وڃي راجا نل وٹ حاضر ٿيان. راجا پنگل کيس گهڻو ئي ڏان ڏاج ڏيئي روانو ڪيو.

پائوءَ جي مَن ۾ وچان ئي ڪا ٻي هئي. اُما جي هنجهہ ۾ مارئي ڏٺائين. هنج ۾ ئي پئي ٻهڪي. هوڏانهن چمپاوتي راڻيءَ کي تہ ڍولا سندس هوندي

تہ اهو وري مارئيءَ جي سونهن جا ڏڪ پرڻ لڳو. وري جو تنهن رات برسات اچي وئي، ۽ چوطرف وڄ چمڪڻ لڳي، سو ٻنهي ڏرين سوچيو تہ قدرت، راضپي جا اهي اهڃاڻ مُڪا آهن. ائين هيءَ ناتو پڪو ٿيو ۽ ڏامر ڏوم سان شادي ٿي.

4۔ ڍولئہ — مارو پرڻيا، وَر دل هوءَ اُڇاھہ
آ پنگل جي پدمڻي،آ نرور چٽناھہ

( ڍولا ۽ مارو پرڻيا. سڻن ڳلن ۾ اُتساھہ ٿيو. هوءَ پنگل جي شهزادي ۽ هو نرور جو شهزادو.)

هڪ پاسي نل ۽ پنگل، ٻئي پاسي چمپا ۽ اُما، کير کنڊ ٿي ويا. وهاڻءَ بعد راجا پنگل کي راجا نل دعوت ڏيئي پنهنجي ملڪ وٺي ويو جتي هو ڪيترائي ڏينهن مهمان ٿي رهو ۽ سندن پريت بہ گهڻي وڌي پوءِ جڏهن چوطرف برساتون وُٺيون. کيت ساوا ٿيا. تڏهن راجا پنگل، راجا نل کان موڪلائي پنهنجي ڪٽنب سميت پونگل وريو. جيئن تہ ڪنوار اڃا ننڍي هئي، سو اها بہ پاڻ سان وٺي پونگل ويا.

ورهيہ گذري ويا. ملڪ جون حالتون التيون سلتيون ٿي ويون. قِتل ملڪ وسي ويا، وسيل ملڪ قِتي ويا. لڙايون لڳيون، ڪي ديس ڪن هٿان ويا تہ ڪي ديس ڪن جي هٿ آيا. ڪو ڪنهن وچي نہ سگهي. واٽ گهاٽ تي پانڌين جو هلڻ ئي بند. نہ سڏ نہ سماچار سڳا مائٽ بہ الڳ ٿي ويا. نرور ۽ پونگل وارن جي اچ وڃ بہ بلڪل بند. نہ پونگل وارن کي نرور وارن جي سڏ، نہ نرور وارن کي پونگل وارن جو سماءُ.

5۔ ڏَٺيوَ رس ري ماروي، تِهَن ور سانڙءَ ڪنتُ،
بالپڻئہ پرڻيان پڇئہ اَنتر پڙيئہ اَننتہ

( ڏيڍ ورهيہ جي مارئي، ٽن ورهين جو ڪانڌ. ننڍپڻ ۾ پرڻيا. وڏو عرصو لنگهي ويو. ويڇو پئجي ويو.)

ڏولا سان جيڪا تي گذري هئي تنهن جي پونگل وارن کي پوري سڌ ڪانہ پئجي سگهي. درحقيقت راجا نل گذاري ويو. جنهن بعد سندس ڀاءُ، ڏولا جو حق غصب ڪري، راجا بڻجي ويهي رهيو. ڏولا اڃا صغير هو تہ سندس ماءُ غريباڻو ويس ڪري، ڏولا کي ٽوڪريءَ ۾ وجهي، مٿي تي رکي، نرور مان نڪتي ۽ اوله طرف هلندي هلندي نيٺ وڃي "ميٺا راجپوتن" جي نگر "ڪوگانو" لڳ پهتي. ٻڪ ۾ پاهہ ۾ ٽڪل. ڏولي واري ٽوڪري پٽ تي رکي، ڏٽ ڏونرا چونڊڻ لڳي. اوچتو نظر وڃي ٽوڪريءَ تي پيس. ڇا ڏسي تہ هڪڙو نانگ ڦڻ ڪڍيو ٽوڪريءَ تي چڙهيو وينو آهي. دانهن ڪري ويس. آواز تي هڪڙو واٽهڙو براهمڻ ڊوڙي آيو. جنهن چيس تہ: اُلڪو نہ ڪر، اُلٽو خوشي ڪر، جو اها تنهنجي ٻالڪ جي مرتبي جي نشاني آهي. پر ويچاري ماءُ! جواب ڏنو تہ: اڳتي ڇا ٿيندو تنهن جو اونو هينئر آءٌ ڪهڙو ڪريان، جڏهن هن وقت آءٌ ٻڪ ۾ پيئي پاهہ ٿيان. انهيءَ تي برهمڻ کيس "ڪوگانو" نگر جي ڏڳ لائي ڇڏيو. ويچاري ٽوڪري مٿي تي رکي هلندي وڃي نگر ۾ پهتي، جنهن جي چوطرف رڳا جبل ئي جبل هئا.

نگر ۾ پهچڻ سان هن کي "ميٺا راڻي" جي ٻانهي ملي، جنهن کي پيٽ انگ تي ڪجهہ پورهيو وٺي ڏيڻ لاءِ وينتي ڪيائين. اها ڳالهہ ميٺا راڻيءَ تائين پهتي، جنهن جي حڪم موجب کيس ٻانهين وٽ رهائڻ جو بندوبست ٿيو. هڪ لڱا محل جي بورچياڻي بيمار ٿي پئي، جنهن ڪري کيس طعام تيار ڪرڻ جو حڪم مليو. هن ويچاريءَ نهايت خبرداريءَ سان طعام تيار ڪيو. جڏهن راجا ۽ راڻيءَ طعام کاڌو تڏهن کين ڏاڍو پسند آيو ۽ حڪم ڏنائون تہ اها نئين بورچياڻي گهرائي وڃي. جڏهن چمپا راڻي روبرو آئي، تڏهن راجا ۽ راڻي ان کان حال احوال پڇيو. جنهن تي هن پنهنجي مصيبتن جو سچو احوال ٻڌايو. راجا اهو ٻڌي، کيس پنهنجي ڀيڻ ڪيو ۽ ڏولا کي پنهنجو گود جو پاليجو ڪيائين. پوءِ چمپا راڻي ۽ ڏولا اتي محل ۾ ئي رهڻ لڳا. تان جو ڏولا اچي جوان ٿيو. ڪن ورهين پڄاڻان ڏولا پنهنجو نرور جو راڄ وري هٿ ڪيو پر هيل تائين جيڪو تي گذريو هو تنهن جي خبر

سکين کي ٿي سڻائي ته:

9- اُنميڪ اُتر نَسئن، ميڏيِ اوُپر مِيهه،
ٿي ورهڻ ڪِم جيو سي، جِيانرا دوُر سنيهه.

(اُتر پار کان مينهن پرجي آيو آهي ۽ مينهن مارُيءَ مٿي پيو وسي، سا وچوڙيل برهه واري ڪيئن جيئري رهي، جنهن جو پرين دوُر آهي؟)

10- اُنميڪ اُتر دسئن، گاجيڪ گُهر گنيير،
مارُوٽي پِرءُ سنيريڪ، نيٽين وُٺو نير.

(اتر پار کان، مينهن امارو ڏيئي، پرجي آيو آهي. گهَرا گنيير (ڪڪر) گجڻ لڳا آهن. مارئيءَ پنهنجو پرين سنياريو آهي ۽ نيڻ مان نير وُٺو اٿس.)

11- انميڪ اتر دَسئن، ڪالي ڪنٺل ميِهه،
هوُن پيِجوُن گهر آنگڻيڪ، پيءُ پيجي پرديهه.

(اتر ڏس کان، ڪاري ڪنار وارا ڪڪر پرجي اچي وسيا آهن. آءُ گهر اڱڻ ۾ پيئي پچان. پرين پرديس ۾ پيو پُسي.)

12- سَکئي! سجڻ وَلها، جڪ اڻ ڊِٺا توءِ،
کِن کِن آنتر سَنيرءُ، نهين وسارءُ توءِ.

(سکيون! منهنجو سجڻ، جي اوهين ڏسو ته کِن کِن ۾ پيون اندر ۾ سنياريوس ۽ کيس وساريو ئي ڪين.)

سکيون حيرت ۾ پئجي پڇڻ لڳيس ته: ائين اڻڏٺي ساجن سان به ڪڏهن نينهن لڳو آهي؟

13- اَمهان مَن اچرج پِيو سَکيان آکڪ اِيم،
تئن اَڻ ڊِٺا سَجڻا، ڪيُون ڪر لگا پِيم؟

(مارئي! اسان جي من ۾ اچرج ٿيو آهي ته تنهنجو اڻ ڏٺي ساجن سان پريم ڪيئن لڳو آهي؟)

مارئي سندن اچرج ڏسي چوين ٿي ته:

14- سَسَنيهي سَمَندان پرءِ، وُسَتَ هِيا منجهار،
ڪُسَنيهي گهر آنگڻڪ، جاڻ سَمَندا پار.

(ڳاڙهن ڪنين وارا پپيها! ڪا وٽندڙ وائي ٻول. لنوين ڇو ٿو؟ ماٺ ڪر. تنهن ڪان وچي منهنجو پرديسي پرين وٺي اچ.)

20- بابهئيا! پيُ پيُ مَ ڪر، پيُ ڪا نام ليهه
ڪا اڪ جا گهه ورهٽي، پريه ڪهيان جِيءُ ديهه

(پپيها! "پيُ پيُ" نه ڪر. پرينءَ جو نالو نه وٺ. متان ڪا هڪ ورهٽي جاڳي پوي ۽ تنهنجي "پيُ" چوڻ جو ٻڌي چاڻ نه ڏيئي ڇڏي)

21- بابهئيا نٺ ورهٽي، ڌُوان ايڪ سهاڳ
جب بُرسَت گمڻ گهٽڻ تبهِي ڪهڻ پِريه آوَ؟

(باٻيهو ۽ ويڇوڙيل ٻنهي جو هڪ جهڙو سياءُ. جڏهن ڪڪر گهٽو وسن تڏهن ٻئي چون "پِرين آءُ!").

22- پيهوُ پيهوُ ڪرڻ ربِ بُري پپيها! واڻ
تاري سهج سياوَ او مهاري لاگي باڻ

(پپيها! تنهنجي اها "پيهوُ پيهوُ" ڪرڻ جي وائي خراب آهي. تنهنجي لاءِ ته اها سهج سياءَ جي ڳالهه آهي، پر مون کي ته ٻاڻ ٿيو ٿي لڳي.)

23- بابهئيا! هوُن گهر ڏٺڻ چانب همارو گام
ساري رات پڪاريئه لئه لئه پيُ ڪئه نام

(باٻيها! آءُ گهر ڏياٽي آهيان، منهنجو ڳوٺ ڇڏي وڃ، جو ساري رات پيُ جو نالو وٺي پڪاريو اٿئي.)

24- بابهئيا! تون چور، تارِي چانچ ڪتاوَ سوُنا
رات جه دينهِي لور مين جاٽيئه پرِي آويئه

(باٻيها! تون چور آهين. تنهنجي چهنب ڪٽائيندس ڇو ته رات جو تو وٺي لَنيو ته مون ائين ڀانيو ته پرين اچي ويو آهي.)

25- اري پپئيا باتورا! آڌي رات نه ڪوُڪ
هولي هولي سُلگتيِ سو توُ ڊاري ڦوُڪ

( اڙي پپئيا! آڌي رات جي وقت نہ ڪوڪ. منھنجي برھہ جي باھہ آهستي آهستي پئي دکي، تنھن کي تون ڦوڪي تيز ڪري ٿو ڇڏين.)

26ـ بابئيا! چڙھہِ گوگ سِر، چڙھہِ اُونچھري پيت،
مت هي صاحب باھُريءِ ڪنئ گڻ آوءِ چيت.

( پپيھا! تون ڇڇھڙي تي چڙھي ويھہ، تون اونچيءَ پٽ تي چڙھي ويھہ، ڏس، متان صاحب جي من ۾ ڪا ڳالھہ اچي ياد پويءِ موٽندو هجي!)

27ـ رات جہ سارس ڪرَ ليا، گوُنج رهي سبِ تال،
جڻڪي جوڙي بيڇڙيءِ تڻ ڪا ڪوڻ حوال؟

( رات جڏهن هنس پکي ڪريڙيو (سوز ڀرئي آواز سان لنويو) تڏهن سارو تلاءُ گونججي رهيو هو. جنھن جي جوڙي وڇڙي تنھن جو ڪھڙو احوال ڪبو؟)

ڪونجڙين جا وڳر ڏسي ۽ سندن دلسوز دانھون ٻڌي، پنھنجي حال تي روئي ٿي ۽ ڪين وينتيون ٿي ڪري تہ پنھنجون پنکڙيون اُڌاريون ڏيوم، جيئن اڏامي وڃي پريتم کي ملان!!

28ـ ماروڻيِ من رنگہ واتئہ تڻ آوي وهئہ،
ڪُنجھي ايڪڻ سنگہ تال چرنتي دِنيان.

( محبت سان من رتل مارئي، انھيءَ واٽ تان اچي نڪتي آهي، جتي ڪونجڙين جو وڳر پاڻ ۾ سنگ ڪيو تلاءُ تي پيو چُڳي.)

29ـ ڪُونجڙيان ڪر لائيان، ٿولي ٿولي بيس،
مارو ڍولئہ سانيريءِ اُرسوُن ياڳي اِيس.

( ڪوُنجڙيون، ويھن ويھن جا ٿولا ٺاهي پيون لنوَن. اهو ٻڌي مارئي، ڍولا کي ياد ٿي ڪري، پر پاڻ اڪيلي آهي، جڻ تہ ايشور (ايس) ڍولا، چاتيءَ کان چنائي ڀڳو اٿس.)

30ـ ڪوُنجھان رات ڪريڙيو ٿولئہ بئس ڪرير،
سار هلي جيوَن سلِھيان، سجڻ منجھہ سرير.

( آڏا ڏونگر آهن ۽ پونءِ گهٽي آهي، ڪيس ملڻ جو رستو هيءَ آهي جو هڪ ڪن بہ من مان نہ ڪڍجيس. چڪور جيان سج "دڻ- ڏينهن + ("يہ" راجا—ڏينهن جو راجا، "سج" جو ڪانڪي تي ويجهي.)

48- آڍا ڏُونگر، وڻ گهٽا، آڍا گهٽا پلاس[1]
سو ساجن ڪيم ويسرءِ، ٻهہ گُڻ ٽٽا نِواس.

( آڏا ڏونگر ۽ وڻ گهٽا آهن. سو ساجن ڪيئن وسري، جنهن منجهہ گهٽا گُڻ آهن.)

49- جِيوِنُ اي ڊُونگر سَمهان، تيوُن جيئہ سَجن هنت
چمپا وارِيِ پَمر جيئن، نيَڻ لڳاءِ رهَنت.

( جيئن هي ڏونگر سَمهون اٿم، تيئن جي سڄڻ هجي تہ ائين نيڻ لڳائي رهانس جيئن گلن جي باغ ۾ پوئنر.)

ساونڻ جي رُت آهي. مينهن اوهيرا ڪيو پيو وسي. هِن رُت ۾ خاص ڪري برهہ ڪيڏو نہ ستائيس تو!

50- پاوَس آيئہ صاحبا! بولڻ لاگا مور
گنتا! تون گهر آونی جوبن ڪيدم جوڙ.

( سڄڻ! برسات جي رُت آئي آهي، مور بولڻ لڳا آهن. ڪانڌ! تون گهر نٿو اچين! جوبن ڏاڍو زور لڳايو اٿم.)

51- اُونمر آئِي بدلي، ڍولئہ آيئہ چِت
يو برسئہ رُت آپڻي، نيڻ هماري نِت.

( بادل پرجي آيا آهن تہ ڍولو بہ چت ۾ ياد آيو اٿم، پر هو "بادل" وسن پنهنجيءَ مند ۾، منهنجا نيڻ سدائين وسن.)

52- سڄڻيا! ساونڻ هيا، ڏَر اُلٽي پندار
وِرهہ مهارس اُمتِيئہ، ڪي تا ڪهُون سنيار.

---

[1] پهلاص- وڻ جو هڪ قسم راڪاص.

( سڄڻ! سانوڻ آيو آهي، ڏرتيءَ پندار کٽي پلٽيا آهن. برهه جا بيحد آلا ڪڪر به اچي مٽيا آهن. چوانءِ ٿي، ڪجهه تون به ياد ڪرينم!)

53- جڏهن تون صاحب ناويئهه ميهان پهلي پُور
وچئه وَهيسي واهلا، ڏورس ڏوري ڏور.

( ساجن! تون جي مينهن جي پهرئين پور ۾ نه آئين ته وچان واهه وهي ويندا ۽ جيڪي دور آهن، سي هيڪاري دور ٿي ويندا.

54- جڏهن تون صاحب ناويئهه سانوڻ پهلي تيج
چمڪ مريسي ماروي، ويک کوَنتا ويج.

( ساجن! جي تون سانوڻ جي پهرينءَ تيج تائين نه آئين ته هيءَ ماروي وڄ کي کوندو ڏسي سندس چمڪاٽ تي مري ويندي)

وري بادلن ۾ وڄون چمڪن ته کيس ڳهاءُ پيا لڳن:

55- بيجَلِييان چَهلا وَهل، آ يئه آ يئه ايڪ
ڳدي ملون اُڻ سڄڻان ڪر ڪاجل کي ريک.

56- بيجَلِيان ڪنو لائيان، آيئه آيئه دويه
ڳدي ملون اُڻ سڄڻان ڪس ڪنچوڪي کويه.

..........

57- بيجَليان جهَيڪائيان، آيئه آيئه ترِيئه
ڳدي ملون اُڻ صاحبا، جو بَستا پر ديهه.

...........

58- بيجَلِيان جهِل مِل ڪِيان، آيئه آيئه چيار
ڪدري ملونءَ لِي سڄڻان لانبي بانهه پسار.

..........

59- بيجَلِيان چَهلا وَهل، اَيئه آيئه آيئه پَنج
جَڻ دِن والا لاڳسي، ساڏڻ سيسِيءَ مَنچ.

..........

( پانڌي! هڪڙو سنيهو ڍولا لڳ پهچائج تہ " منهنجو تن من اُتر ٻاري چڙيو آهي، تون ذڪرڻ تي وڃندو اَچ." )

66- پَنتِي! ايڪ سنَديسڙءِ، لڳ ڍولئہ پهچاءِ،
ورهہ مهادوجل گِيئہ اگن ٻُجهاوءِ آءِ

( پانڌي! هڪ سنيهو ڍولا کي پهچائج تہ "برهہ جو بن جلي رهيو آهي، تون اچي آگ اُجهاءِ" )

67- پَنتِي! ايڪ سَنديسڙءِ، لگ ڍولئہ پهچاءِ،
ورهہ واگهہ وَن تَن بَسِيئہ سِيهَر گاجئہ آءِ

( پانڌي! هڪ سنيهو ڍولا کي پهچائج تہ "ورهہ جو واگهہ تن جي بن اندر ٿو وسيہ تون شينهن جيان گجندو اچ." )

68- پنتي! ايڪ سنديسڙءِ، لگ ڍولئہ پهچاءِ،
جوبن کيِر سَمنَدر هوَءِ، رتن جہ ڪاڍِءِ آءِ

( پانڌي! هڪ سنيهو ڍولا کي وڃي پهچاءِ تہ "جوبن کير ساگر ٿيو آهي، تون اُن مان رتن ڪيڻ اچ." )

69- پنتي! ايڪ سنديسڙءِ، پلماٽس نِئہ پِک،
آتم تُجهہ پاسَئہ آچئہ آ لگ روڙا رک.

( پانڌي! هڪ سنيهو پلماٽس کي وڃي چئو تہ "منهنجو ساهہ تو وٽ آهي، باقي منهنجي سرير کي پلي الڳ رکہ" )

70- پنتي! ايڪ سنديسڙءِ، گهڄيئہ سات سلام،
جب تي هم تم بيڇڙي، نيٽي نيند حرام.

( پانڌي! هڪ سنيهو ڍولا کي ستن سلامن سان وڃي چئو تہ: جڏهانڪر (سپني ۾ ڏسڻ ڪانپوءِ) توکان وڇڙي آهيان، تڏهانڪر منهنجي نيڻن کي ننڊ ئي حرام آهي.)

بس هاڻي مارئي کي يا تہ ٻاڏاءُ ئي ٻاڏاءُ آهي، يا اُداس ئي اُداس:

71_ سنياريان سَنتاپَ، وساريان نہ وسري،
ڪاليجا وچ ڪاپَ، پر هر تون ڦاٽي نهين!
( ياد ڪريان تہ ڪشت ٿئيم، وسارڻ جي ڪريان تہ وسريم ئي ڪين. ڪليجي ۾ وڇوڙي جا وڍ پيا پون پر ڦاٽي ئي نٿو.)

72_ والنيا! ايڪ هِلور دي، آءَ سَڪَئہ ٿئہ آءِ،
بانهڙيان پيِ ٽڪيان، ڪاگ اُڏاءِ اُڏاءِ
( پيارا! اچي هڪ لوڏو ڏينم. اچي سگهين تہ اچ. توڏانهن ڪانگ اُڏائي اُڏائي ٻانهون ئي ٽڪجي پيون اٿم.)

73_ يہ تن جاري مَس ڪَرئَن، ڌوُنئان جاهہ سرگ،
مُجهہ پر يہَ بدَل هوءِ ڪر، ورس بُجهاوَءِ آگ.
( هي تن جلائي اڱر ڪريان، جيئن دوُنهون آسمان ڏي وڃي تہ اُن مان منهنجو پِرين بادل بڻجي، اچي وسي ۽ باهہ وسائيم.)

74_ آنکڙيان ڌَنپرَ هئي نيڻ گُمايا روِيہ
سو ساجڻ پرديس مَئن، رهيا وڌوُٽا هويہ
( اکيون لال (ڌنبر — ڏيِ لڳل — لال) ٿيون آهن. نيڻ روئي روئي وڃائي ڇڏيا اٿم. هوُ ساجن پرديس ۾ وڏوُٽو "رتل" تو رهي.)

75_ سجڻ! هَم تمُ ايڪ هئي، اوُر مليا اي ليڪ،
مُجهہ تُجهہ هِينيڙاءِ ايڪ هئي پاوَءِ ڪاڍِي ديڪہ
( سجڻ! مان ۽ تون هڪ آهيون. اهو لکيو آهي جو ڏاريا پاڻ ۾ مليا آهن، پر پنهنجون دليون هڪ آهن. وٽيئي تہ ڪيڍي ڏس.)

76_ جيتي جئہ مَن مانهہ پنجر جئہ تيتي پُلئہ
مَن ويراگ نہ تاهہ وآلنپ ويچڙيان تڇِي.
( جيترو هيءُ اندريون منَ "توپڪڙجي" تيترو آهي هيءُ پڃرو. هي بدن پڃي سگهي تہ دوست جي وڇوڙي جو من ۾ ويراڳ ئي نہ ٿئي.)

77- وِهلئہ آئو ولها، ناگر چَتر سُجاڻ،
تُجهہ بِن ڏڻ وِلکي ڦري، گُڻ بِن لال ڪماڻ.

( ولها! تون جلدي اچ. توکان سواءِ هيءَ استري ائين روئيندي وتي، جيئن گڻ "ساڱاهہ" بنا لال ڪمان.)

78- هوُن ڪُملاٽي ڪَنت بِن، جلهہ ڍِهوٽي ويل،
وٽجارا ري ياءِ جِئنَ، گيا ڏوُنڪتي ميل.

( آءُ وهاٽيءَ ويل ڪانڊ بنان، ڪوماٽيل باهہ جيان پئي جلان. هو تہ مون کي بازار جي باهہ جيان ڦوڪي ڦتوڪري ويو.)

79- جَڻ ديسي سَجڻ وَسئہ تَڻ دِس وِجئہ واءُ،
اُٺان لگي مونگِسي، اُوهِي لاک پَساءُ.

( جنهن ديس ۾ سجڻ ٿو وسي، ان طرف کان واءُ لڳي ۽ کيس لڳي پوءِ مون کي اچي لڳي تہ اهو بہ منهنجي لاءِ لک پساءَ ٿيندو.)

80- مُک نيسانسان موُنڪتي، نيٽي نِير پَرواهہ
سُولِي سَرکِي سيجهڙِي، تو وڻ جاٽي تاهہ

( وات مان آهون پيون نڪرنس، نيڻن مان نير پيو وهيس، تو بنان مارئي، سيج کي سوُريءَ سمان ٿي جاڻي.)

81- تُنهين جئہ سجڻ، مَت تون، پريتم تون پرواڻ
هينڙءِ پيٽَر توُن وَسئہ، پاوئن جاڻ مَ جاڻ

82- لوپي ناڪرُا آوِ گهر، ڪانئين ڪرَ ۽ وِديس؟
دِن دِن جوبڻ ٿَنَ کِسئہ لاپ ڪِساڪئہ ليس؟

( اي لوپي ناڪر! گهر آءُ پرديس ۾ ڇا پيو ڪرين؟ ڏينهون پوءِ تن جو جوبن کِسندو پيو وڃي. "دير ڪيئي تہ" ڪهڙو لاپ پرائيندين؟)

83- بهہُ ڏنڏالوُا آوِ گهر، ڪاسُون ڪرَ ۽ وديس؟
سَپَنتِ سَگَلي سَنپجي، آدنِ ڪدي لهيس؟

ڪن ڏينهن بعد گهوڙن جو هڪ سوداگر، واپار سانگي پونگل ۾ اچي نڪتو ۽ راجا جو مهمان ٿي رهيو. اڳي به اُتان ٿي ويو هو پر هن دفعي سيني کي غمگين ۽ اُداس ڏٺائين. خبر پيس ته مارئي هاڻي جوان ٿي آهي. ساجن کي سپني ۾ ڏٺو اٿس، پر سپني وارو ساجن اچي ڪٿان؟ پڇيائين ته آخر اهو سپني وارو ساجن سچاتو اٿو ته ڪير آهي؟ ٻڌايائونس ته: هونءَ ته مارئيءَ کان ڳالهه لڪايل هئي، پر سپني ۾ سڃاتو اٿس ته سندس پتار نرور جو راڄ ڪمار ڍولا آهي. سوداگر ڍولا جو نالو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. پڇيائونس ته ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن ڪري عجب ۾ پئجي ويو آهين! سوداگر جيڪي کين ٻڌايو تنهن ته ويتر ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏين. چئي: راجا! آءٌ تازو نرور ويو هوس. اوهان مارئيءَ جو ته برابر ننڍپڻ ۾ وهانءُ ڪري ڇڏيو هو پر ان بعد ڍولا وارن سان ڪهڙي ويٽن ٿي، تنهن جي اوهان کي خبر ئي ڪانهي. ڍولا جو ماروءَ سان وهانءُ ٿيل آهي، سا ڳالهه ته اڄ هتي ٿو ٻڌان.

جڏهن هيل نرور ويس تڏهن منهنجو ڍولا سان پائپي جو رستو ٿي ويو. اُتان سڀ احوال مليم، پر ڍولا ۽ مارو جي خبر ڪانه ڪيائون. هاڻي ڍولا سان ٿيل مصيبتن جو حال ٻڌو: مارئيءَ جي وهانءَ بعد جلد ئي راجا نل گذاري ويو. ڍولا هو ننڍو سو سندس چاچي ڊوهه ڪري، راڄ پاڳ پاڻ هڙپ ڪيو. راڻي چمپاوتيءَ ڊپ کان ڍولا کي ڪٺي الائي ڪٿي وڃي لڪي. ماڻهن ليکي ته ڍولا مري ويو، پر ٿورا ڏينهن ٿيندا، جو هو چڙهائي ڪري آيو ۽ پنهنجو راڄ هٿ ڪيائين. ڍولا هاڻي ڦوهه جوانيءَ ۾ آهي، سو ماڻس کيس "مالوا" ديس جي راجڪماري "مالوڻي" سان شادي ڪرائي. هاڻ ڍولا مالوڻي سان خوش پيو گذاري. مالوڻي به ڏاڍي سندر آهي، پر چالاڪ وڏيڪ آهي. پائنجي ٿو ته کيس ڍولا ۽ مارو جي ننڍپڻ واري زماني جي خبر آهي، سو ڍولا کي چالاڪيءَ سان اهڙو ته پنهنجيءَ محبت ۾ قابو ڪيو اٿس، جو سندس موڪل ڌاران کيس ڪوبه ڌاريو ماڻهو گڏجي نٿو سگهي.

قدرت جا کيل کهڙا نہ عجب آهن. هيڏانهن مارئيءَ کي نرور جو کو ماڻهو نہ گڏجڻ ڏين، هوڏانهن ڍولا کي کو پنگل جو ماڻهو ملڻ نہ ڏين. هاڻي چا کجي! آسرو لاهي ويهجي يا چا کجي! پر مارئي کٿي ٿي آسرو لاهي! رويو پئي روئي. راجا سمجهائي، راڻي سمجهائيس. راڻي سمجهائي، سکيون سمجهائينس، پر سندن نيڻ روئي روئي درياءَ پيا پرين. راجا پنگل، مارئيءَ جواهو حال ڏسي وري ساڳئي وزير جيسل کي تيار کيو. چئي: مون پيري بہ جيسل پاڻ ملهايو هو هينئر بہ جيسل ئي جس کٽندو. وجي کيئن نہ کيئن ڍولا کي رسندو ۽ ريهي ريبي وٺي ايندس. جيسل کي تيار کري، مارئي کي ہڏائين تا تہ من کو آٿت اچيس. مارئي ماءُ سان تہ کا ڳالهہ کانہ کئي، پر سکين کي چيائين تہ : خبر بہ اٿن تہ مالوٽي، پونگل جي کنهن پکي کي بہ پير رکڻ نٿي ڏئي. پوءِ بہ موکلين تا جيسل کي، جيکو هک تہ اچي پيرسن ٿيو آهي، ٻيو تہ نرور ۾ ننڍي وڏي جو سڃاتل. جيسل اُتي پهچي تہ سهي، پر جي مالوٽي کيس ڍولا سان گڏجڻ ڏئي! سکين پڇيس تہ: تڏهن چا کن؟ چيائين تہ: مڱڻهار کي موکلين. اهي رمتا آهن. کڏهن کٿي کڏهن کٿي، سو انهن لاءِ کوبہ کونہ چوندو تہ پونگل جا آهن. کيرتن جي ڳالهہ کسِي کانہ ٿئي. پاڻهي راءُ ريجهائي وٺي ايندا. سکين اها ڳالهہ کئي راڻي اُما سان. جنهن وري راجا پنگل کي چيو تہ:

88۔ راڻي راجا نوُن کهئہ میلهئہ مانگڻهار،
مانگهڻارا ريجهوٓ، لِيا وَءَ سالهکمار.

( راڻي، راجا کي چيو تہ: مڱڻهارن کي موکل تہ اهي وڃي ڍولا کي ريجهائي وٺي اچن.)

89۔ راجا! پروهت راکجئہ جَڻ کِي اُتم جات،
موکل گهر را منگتا، ورهہ جگاوئہ گات.

( وزير کي ترسائي ڇڏ، ڇو تہ اُن جي اُتم ذات آهي، تنهن ڪري سُڃاڻجي پوندو. پر پنهنجي گهر جا منگتا موڪل تہ اهي وڃي برهہ جاڳائينس.)

راجا، راڻيءَ جي ڳالهہ مڃي، مڱڻهارن ڏاڏين جي چڱي مڙس کي گهرائي چيو تہ: مارئي وياڪل آهي تہ اسان کي بہ سڀ ڪجهہ وهہ ٿي آيو آهي، تنهن ڪري پاڻ سان ڪي ڳائيندڙ وٺي نرور ڳڙهہ وڃ، ۽ اتي ڍولا راءِ کي راڳ سان ريجهائي وٺي اچ. مڱڻهار آڳيا مڃي اُٿيو تہ سوداگر چيس تہ: هتان ويس بدلائي نڪرجو جيئن نرور ۾ ڪنهن کي ترِ جيترو بہ شڪ نہ پوي تہ اوهين پونگل جا مڱڻهار آهيو. ڇو تہ هتان جو ڪوبہ ماڻهو ڍولا کي ملڻ لاءِ نرور وڃي ٿو تہ سر سلامت ڪٽي ڪين ٿو موٽي. راڻي مالوڻيءَ جي حڪم موجب ڪيس قتل ڪيو ٿو وڃي. مڱڻهار سڄي ڳالهہ سمجهي، پنهنجي ساٿين کي تيار ڪري، وڃڻ لاءِ تيار ٿيو.

جڏهن سڀئين مارئيءَ کي سُڌ ڏني تہ: ڏاڏي سنيريا آهن، اجهو ٿا وڃي نرور رسن ۽ اجهو ٿا تنهنجي ڍولا کي وٺي اچن. تڏهن مارئيءَ چين تہ: مون کي انهن ڏاڏين سان ملايو تہ آءٌ پنهنجا سنيها پنهنجي وات سان ڏيان. سڪيون ڏاڏين کي وٺي آيون. مارئيءَ پڇين تہ: ڪڏهن روانا ٿيندا ۽ ڪڏهن موٽندا؟ جواب ڏنائون تہ:

90۔ آج نَسهہ مهي چالسيان، ڀهسيان پَنٽي ويس،
جئہ آوِيا تِئہ مِلسيان، مُيا جئہ اُٿهج ديس.

( اج رات روانا ٿينداسين، پانڌين جو ويس پهرينداسين. جيئرا هونداسين تہ ملنداسين، مئاسين تہ انهيءَ ديس ۾ ئي ختم ٿينداسين.)

تنهن تي مارئيءَ چيو تہ: مرن اوهان جا دشمن. اوهان کي خدا وڏي حياتي بخشيندو ۽ اوهان جو وار بہ ونگو ڪين ٿيندو. پوءِ ڪين مارو راڳ ۾ پنهنجا سنيها ٿي سيکارين. ويچاري هڪڙو سنيهو چئي، وري اهو بدلائي. ور ور ڏيئي سنيهن کي بدلايائين، ۽ ورلاپ ڪندي ڪين ڏنائين:

( ڊاڊيءَ جي صاحب مليئي تہ هئين چئجانس: جوڀن جو ڪنول ڦٽو آهي، تون پڙنر سمان نتو اچي ويهينس!" )

98- ڊاڊيءَ جي ڊولڻ ملي پون هي ڪهيا جاءِ،
آنکيان سيپ وڪاسيئہ سوات جئہ برسئہ آءِ

مڱڻهار راجا پنگل ۽ مارئيءَ کان موڪلائي اُما راڻيءَ وٽ آيا، جنهن کين دعا ڪئي ۽ چيائين تہ: اتڪل ورهيہ اڳ جڏهن منهنجو وهانءُ ٿيو هو ۽ ان بعد جڏهن مارئيءَ جو ننڍپڻ ۾ وهانءُ ٿيو تڏهن نرور ديس ۾ پاڻُو نالي هڪڙو ڀٽ رهندو هيو، اسان جو سڄڻ هو تنهن ڪري ڪنهن بہ طرح ان سان ملجو ۽ کانئس هر ڪا مدد وٺجو.

مڱڻهار هلندا هلندا، منزلون ڪندا، وات تي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ماڻهن کي پنهنجي راڳ سان خوش ڪندا، هڪڙي ڏينهن اچي نرور ڳڙهہ جي ٻاهران ڪنيرن جي ڳوٺ وٽ پهتا. ڳوٺ جا پهريدار کين ورائي ويا. چئي: اوهين ڪهڙي ملڪ جا آهيو؟ مڱڻهارن چيو تہ: اسين رمتا فقير آهيون، هيءَ سڄي زمين اسان جو ملڪ آهي. پهريدارن کي هنن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ پيو، سو کين ڇڏي ڏنائون. مڱڻهارن انهيءَ ڳوٺ ۾ ئي ديرو دمايو. رات جو پني سني ماني کائي، راڳ جي مجلس ڪيائون. مجلس تي سڄو ڳوٺ اچي شريڪ ٿيو ۽ سيني کي راڳ اهڙو تہ پسند آيو جو واهہ واهہ پئجي ويئي! اوچتو اُن وقت پاڻُو ڀٽ بہ اچي نڪتو. اڌ رات جو جڏهن مجلس ختم ٿي ۽ ماڻهو نڙي پکڙجي ويا، تڏهن هو حالي احوالي ٿيو. مڱڻهارن کانئس نالو پڇيو تڏهن ٻڌايائين تہ آءُ پاڻُو ڀٽ آهيان. اتي ڏاڍي خوشيءَ مان کيس ٻڌايائون تہ اسين پونگل مان آيا آهيون. پاڻو عجب ۾ پئجي ويو ۽ هنن کي چيائين تہ: اوهان کي جي پنهنجو سر پيارو آهي تہ پويان پير ڪري موٽي وڃو. مون کي ٻڌايو اُتي باقي ڇا ڪنهن سان سچي نہ ڪجو. تڏهن ڊاڊين چيو تہ: اسان کي راجا پنگل ۽ راڻي اُما هتي موڪليو آهي. پوءِ تہ هن کي مارئيءَ جي جوان ٿيڻ ۽ ڊولا جي وٺي وڃڻ جو سمورو احوال ٻڌايائون. اهو ٻڌي پاڻو کي ڏاڍو

ارمان ٿيو. پوءِ ڪين صلاح ڏنائين تہ: هاڻي اوهين هيئن ڪريو جو پنهنجي مڏي ڪٽي اچي ڪالي ڪنيارجي گهر رکو. اتي ڪجهہ ڏينهن ترسو تہ آءٌ پورو وجهہ ڏسي اوهان کي ڍولي سان ملائيندس. پائو جي صلاح موجب هو ٻئي ڏينهن ڪالي ڪنيار جا مهمان ٿيا.

هوڏانهن صبح جو پائو پٽ نرور ڳڙهہ روانو ٿيو. ٽن ڏينهن کانپوءِ خبر پيس تہ مالوڻي هڪڙي ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃي رهي آهي. اهو وجهہ ڏسي هن مڱڻهارن کي چيو تہ: هاڻي اوهين هتان نڪري، پر مگ ڪندا. نرور پهچي وڃو ۽ رات جو محلات جي ٻاهران ديرو دمائجو. پر ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪجو تہ ڪو مون کي اوهين سڃاڻو. پوءِ تہ ڍاڍي ڪنيارن جي ڳوٺ مان روانا ٿي نرور ڳڙهہ آيا. اتي پهچڻ سان پهريدار کين ورائي ويا. تڏهن ڍاڍين دانهن ڪري چيو تہ: نرور جو راجا هاڻي انهيءَ حالت کي اچي رسيو آهي ڇا، جو سندس راڄ ۾ ڪنهن رمتي کي اَن جا داڻا بہ پنڻ کان روڪ آهي! اڃا اها ڳالهہ پئي هلي تہ اوچتو پائو پٽ بہ اُتي اچي نڪتو ۽ پهريدارن کي چيائين تہ: مسڪين مڱڻهار آهن. هنن کي ڇڏيو تہ ويچارا رات رهي، پن سِن مان پيٽ جي پورت ڪري، صبح جو هليا وڃن. پهريدارن کين موڪل ڏني. پوءِ تہ هنن اچي محلات جي ٻاهران لڏو لاٿو.

اڌ رات جو پڪي پڪڻ ننڊ ۾ هئا، چؤطرف سناٽو ڇانيل هيو. رنگ محل ۾ ڍولا گهريءَ ننڊ ۾ پيل هو. ڪنهن مهل پاسو ورايائين تہ اک کُلي ويس. سڄاڳ ٿيو تہ مٺي ۽ دلسوز راڳ جو آواز ڪنن تي پيس:

98ـ اَڪٿ ڪهاڻي پريم ڪي، ڪسٽون ڪهي نہ جاءِ،
ڳُونگا ڪا سُپنا پيا، سَمر سَمر پڇتاءِ

(پريم جي ڪهاڻي چوڻ کان ٻاهر آهي. ڪنهن کي ٻڌائي نٿي سگهجي. گونگي جي سُپني مثل آهي. هو ياد ڪري پيو پڇتائيندو آهي، پر ڇئي ڪجهہ بہ نہ سگهندو آهي.)

99- ڍولا! ڍيلي هِرڪيا، مُونکيا منهه وسار
سَنَديسڙَ نَهن پانوَءَ، جِيوان ڪِسڙَ آڌار؟

(ڍولا! تو هڻ ”ڳنڍ“ ٿي ڍِلي ڪري ڇڏي، مون کي من مان وساري ڇڏيئي. نياپا به ڪونه ٿو موڪلين. ڪهڙي آڌار جيئان؟)

100- ڪاگل نهين ڪِ مَس نَهين، نهين ڪِ ليکَنهار
سَند يساهِي ناوِيا، جِيو وُن ڪِسڙَ آڌار؟

(ڪاغذ نه آهي يا مَس نه آهي يا لکڻ وارو نه آهي؟ تنهنجو سنيهو ٿي ڪين ٿو اچي. ڪهڙي آڌار جيئان؟)

101- ڪاگل نهين ڪِ مَس نهين، لِگتان آلس تاءِ
ڪڻ اُڻ ديس سنديسڙا، مُولڻ ودءِ وڪاءِ؟

..........

102- وايس بِيجَڻ نام تي، آگل للهڻ نوَءِ
تڻ تون هئِي سجاڻ، تڻ تون وَهلڻ موڪلوَءِ

( ”وايس“ ”ڪاگ“ جو جيڪو پيو اکر آهي، تنهن اڳيان ”ل“ گڏينس ته پوءِ توکي ”ڪاگل = ڪاغذ“ ياد رهندو ۽ پوءِ تون يادگيريءَ سان جلدي سنيهو موڪليندين.)

104- سَنديسا مت موڪلڻ پريتم تون آويس
آنگلڙي هِي گل گَيان، نيڻ نه واچڻ ديس

( پريتم! سنيها نه موڪل. تون پاڻ اچ، آڱريون ٿي ڳري ويون اٿم ۽ نيڻ پڙهڻ ٿي نه ٿا ڏينم)

105- دُجڻ ويڻ نه سَنيرءِ، مَنان نه ويساريهه
ڪُنجهان لال بَچانهه جيئڻ ڪِڻ ڪِڻَ چيتاريهه

( دشمن جيڪي ويڻ ٿا ڏين سي ياد نه ڪر. مارئيءَ کي من مان نه وسار. ائين ياد ڪرينس جيئن ڪُونج پنهنجي لال بچن کي پلپل پيئي ياد ڪندي آهي.)

106 ـ سَڄڻ ڏُڄڻ ڪي ڪُهي، پڙڪ نہ ديجئہ ڳال،
هلوَءِ هلوَءِ چَنبيئہ، جِم جل چنبءِ پال.

( سڄڻ! ڏڄڻ جي چئي تي هڪدم ڳالهہ کي ڦٽو نہ ڪري ڇڏجي. آهستي آهستي ڇڏجيس، جيئن پاڻي ڪناري کان هٽندو آهي.)

107 ـ ڍولا! مِلَس نہ ويسرس، نَو آوس ناليس،
مارو ٽئہ ڪرنڪڙءِ، وايس اُو ڀاويس.

ڍولا! نٿو مليس نٿو وسريس، نٿو اچينس، نٿو گهرائينس. ماروءَ جي ڪرنگهي تان اچي ڪانگ اُڏاڻا پوندءِ)

108 ـ سَنديسي هِي گهَر پَريئہ، ڪئہ اَنگڻ، ڪئہِ وارِ،
اَوسَ جُئہ لڳا ڊِيهَڙا،سوئِي گڻہ گنوار.

( ڍولا! مارئي پنهنجن سنيهن سان گهرُ اڱڻ، محل جا باغ، مڙيئي پري ڇڏيا هئا. پر اهي پنهنجا سنديسا ڪيئن ڳڻي؟ جيڪي هيءُ وڇوڙي جا ڏينهن لڳا، اُهي ئي هن ويچاريءَ ڳهيليءَ پئي ڳڻيا.)

109 ـ دک ويسارڻ، من هرڻ، جيئن اِي نادنہ هَنت،
هِيڙَءِ رتن تلاوَ جيئن، ڦُوٽي دهہ دِس جَنت.

( دک وسارڻ ۽ من کي شانت ڏيڻ لاءِ جي هيءُ راڳ نہ هجي تہ هيءُ هِيئون رتن تلاءَ جيان ڏهن هنڌان ڦاٽي پوي.)

دوهن ۾ وڇوڙي جو اهو دل ڏاريندڙ احوال ٻڌي، ڍولا جي نيڻ جي ننڊ ئي حرام ٿي وئي، هر هر پئي پاسا ورايائين. نيٺ پنيرڪي جو دربان کي سڏي پڇيائين تہ: هي ڪير آهن، جي راڳ مارو ۾ اچي پلٽيا آهن. ۽ دربان چيو تہ: هي رمتا فقير آهن، جي ياٿوپٽ جي موڪل سان هن شهر ۾ آيا آهن. اتي ڍولا، ياٿو کي گهرائي پڇيو تہ: هي ڪٿي جا ڳائڻا آهن؟ ياٿو بہ ساڳيو ئي جواب ڏنو. تڏهن ڍولي وري پڇيو تہ: هي جو راڳ ۾ "مارو" جي ورهہ جو بيان پيا ڪن، سا مارو ڪير آهيَ؟ ۽ هي بيو ڍولا وري ڪير آهي، جنهن ڪاڻ مارئي تڙڦي رهي آهي؟ ياٿو جواب ڏنو تہ: اي راجا! مون کي خبر ڪانہي،

باقي جي اوهان جي مرضي هجي ته ڪين اندر گهرايان پوءِ ڪانئن سمورو احوال وٺو. ڍولا اها ڳالهه قبول ڪئي. جنهن تي پائو مڱڻهارن کي اندر گهرايو ڍولا هنن کان پڇيو ته:

110- ڪوڻ ديس تئن آويا، ڳهان ٿمهارو واس،
ڪڻ ڍولئه ڪڻ مارُئي، راڳ ملهايا جاس.

( اوهين ڪهڙي ديس کان آيا آهيو ڪٿي اوهان جو واسو آهي، اهو ڍولا ڪهڙو آهي ۽ اها مارئي ڪهڙي آهي جيڪا راڳ ۾ پئي ڳايو؟)

111- پوُگل هُون تان آويا، پوگل مهانڪئه واس،
پنگل راجا تاس تيو ميلهيا ٿانڪئه پاس.

( اسين پونگل کان آيا آهيون، پونگل ۾ رهون ٿا ۽ پنگل راجا توڏانهن موڪليو آهي.)

112- ماروٽي پنگل سدوُ آ پيچر رءِ اُٿهار
بالپڻئه پرڻِي پچئه پوُل نه ڪينهي سار؟

( پنگل جي ڪنيا مارئي، اَپڇرا جهڙي، تون ٻالپڻ ۾ پرڻئين، پوءِ ڀُل وچان به سندس سارڪانه لڌي اٿيئي؟)

113- چندءُ مُکي، هَنسا گمڻ، ڪومل دير گهه ڪيس،
ڪنچن وَرٽِي ڪامڻي، ويگئه آو مليس.

( سندس چندرما جهڙو مک، هنس جهڙو هلڻ، ڪُومل ڊگها وار سون ورڻي ڪامڻي، جلدي اچي ملينس.)

114- ڍولئه من آرت هَئِي، سانيَل اي ورتنت،
جي دِڻ مَاروُ وِڻَ گيا، ڊِيئي نه گِيان گڻنتهه

( اهو بيان ٻڌي، ڍولو من ۾ مارئيءَ جي پوڄا ڪرڻ لڳو. ڪيس سارڻ لڳو. چوڻ لڳو ته جيڪي ڏينهن مارئيءَ بنان گذريا، سي ڳاڻاٽي ۾ ئي ڪين ايندا. اجايا ويا.)

ڍولا، ڏاڏين جي واتان پنهنجي ننڍپڻ جي وهانءَ ۾ مارئيءَ جي سونهن جوبيان ٻڌي افسوس ۾ پئجي ويو. خيال ڪيائين ته مارئيءَ بنان جيڪي ڏينهن گذريا آهن، سي ته منهنجي حياتيءَ ۾ ڳڻيا ئي ڪين. مڱڻهارن کي رُپو ۽ سون ڏيئي، روانو ڪري، پائو پٽ کي چيائين ته: توکي سُڌ هئي ته منهنجو ٻالپڻ ۾ مارئيءَ سان وهانءُ ٿيل آهي، پوءِ هيترا ورهيه مون کان اها ڳالهه ڪيئن لڪايئي؟ پائو جواب ڏنو ته: ڍولا! تنهنجو حڪم هيو ته مالوڻي جيئن چوي تيئن ڪرڻ ۾ اچي. درحقيقت آءٌ ئي آهيان، جنهن هتان تنهنجو مڱڻو پرڻو ماروي سان ٿيو سو انهيءَ ڳالهه جي مون کي سُڌ ڪيئن نه هوندي؟ پر مالوڻي جي حڪم آڏو لاچار هئس. ڍولا، پائو پٽ کي رخصت ڏئي، ويچار ڪيو ته: هاڻي جيڪڏهن وس پڇيم ته پکيءَ وانگر اڏامي وڃي ماروي‌ءَ سان ملان.

115ـ مَن سِينچاڻَ جئَن هُوَءِ، پانکان هُوَءِ ته پراڻ،
جاءِ مِليجان ساڄڻان، ڊوهي جئَن مهراڻ.

( مَن جو سيچاڻو باز هجي، پراڻ جي سندس پَر هجن ته مهراڻ کي ڊوهي ڏيئي وڃي ڪيس ملان.)

116ـ آڍا ڍُونگر، وڻ گهڻا، تانهه مليجئَه ڪيم؟
اُو لالي جئَه مُونٹ پر، من سِينچاڻَه ايم.

( آڏا ڏونگر ۽ گهڻا وڻ آهن، سو ڪيئن ملجيس؟ مَن کي باز سمان مُٺ ۾ پيڙي اُڏائي روانو ڪجيس.)

117ـ اِهان نس پنجر، من اُهان، جئَه جاڻَلا لوءِ،
نيڻان آڍا وِينجهه وَن، مَنَهه نه آڍا ڪوءِ.

( هِتي هيءُ پڃرو آهي، مَن ته هتي آهي. لوڪ جيئن وڻين تيئن سمجهن. نيڻن جي آڏو برابر گهاٽا وڻ آهن، پر من جي آڏو ڪي ڪينهي.)

118ـ جئِن من پَسرَءِ چِهن دِسئَه، جم جئَه ڪر پسرنت،
دُور ٿڪان هي ساڄڻان، ڪَنتا گرهڻ ڪَرنت.

( جيئن هي من چوطرف پکڙجي ٿو تيئن هي ٻانهون پکڙجن ته اي ساجن! دوُر دوُر تائين پکڙجي،اُهي تنهنجي گلي کي لپيٽين.)

119- جِمَ جِمَ سَجَڻ سنبرءِ، تِم تِم لَڳئِن تير،
پَنک هوءِ ته جاءِ مل، مَنان ٻنڌٽا ڏير.

( جيئن جيئن سجڻ سنپاريان، تيئن تيئن تير لڳنم. پر هجنم ته وڃي ملانس ۽ من جو ڏيرج ٻڌان.)

120- جَل مَنهہ وسئہ ڪمودٽي، چندءُوسئہ آگاس،
جيئہ جِياهِين ڪي من وسئہ سئہ تِياهِين ڪي پاس.

( ڪنول گل جَل ۾ رهي، چنڊ آڪاس ۾ وسي. جيڪو به جنهن جي من ۾ وسي سو تنهن وٽ ئي آهي. آءُ جي ماروي جي من ۾ وسان ٿو ته وٽس ئي آهيان.)

ٻئي ڏينهن مالوٽي نرور موٽي آئي. وهنجي سهنجي هار سينگار ڪري ڍولا وٽ آئي. پر ڏسي ته هو ڏاڍو اُداس آهي:

121- مالوَٽي سِڻگار سِج، آئي والَنيَ پاس،
مَن سَنڪو چِي پدمِٽي، پريتم ديک اُداس.

( مالوٽي پاڻ سينگاري ٿاهي، پنهنجي ڍولا وٽ آئي. پريتم کي اداس ڏسي هوءَ من ۾ شڪجڻ لڳي.)

122- مَنهہ سَنڪاٽي مالوَٽي، پريہ ڪان ءِ چَلچت،
ڪئہ ماروٽي سُدّ سُڻِي، ڪئہ ڪانولِي وَت؟

(مالوٽيءَ جي من ۾ شڪ ٿيو ته پريتم جو ويڳاڻو آهي ۽ چوآنڊ مانڊ ۾ آهي. ائين ته نه آهي ته مارئيءَ بابت خبر پئجي ويئي اٿس! يا ڪا نئين ڳالهه ٿي آهي؟)

123- جيها سَجڻ ڪالهہ ٿا، تيها نانهِين آج،
ماتَّ تِرسوُ لئہ ناڪ سَل، ڪوءِ وٽنا ڪج.

( سوچي ٿي تہ: "جهڙو سڄڻ ڪالهہ هو اهڙو اڄ نہ آهي. مٿي ۾ ڄڻ تہ ترشوُل (ٽن ڇهنبن وارا تِير) ۽ نڪ ۾ ڳهُ ٿي پيا اٿس. ڪو ڪم تہ ڪين بگڙيو آهي؟)

124۔ وَل، مالوڻي وينوُء، هوُن پِري داسي ٿُجهہ
ڪا چِنتا چِت اَنتري، سا پِري داکئہ مُجهہ

( پوءِ مالوڻي ٿي وينتي ڪريس تہ: پرين ! آءٌ تنهنجي داسي آهيان. چِت اندر ڪا چنتا اٿئي تہ مون کي ٻڌاءِ)

ڍولا جواب ڏنو تہ:

125۔ چنِتا ٻنڌيئہ سَيَل جڳہ چِنتا ڪِنهہ نہ ٻڌ.
جو نر چِنتا وَس ڪَرئہ سوَ ماڻس نهَہ سِڌّ.

( چنتا ساري جڳ کي ٻڌو آهي، پر چنتا کي ڪنهن نہ ٻڌو آهي، جو نر چنتا وس ڪري ٿو سو انسان نہ آهي، پر ڪامل شخص آهي.)

تڏهن وري مالوڻي چيو تہ:

126۔ چنتا ڌائڻ جيان نَران تيان دِرڍِ انگ نہ ٿاءِ.
جئہ ديِرا مَن ڏيروءِ تئہ تن پِيتر ڪاءِ

( چِنتا ڏائڻ جنهن نر کي لڳي، اُن جا انگ درڍ (پختا) ڪين ٿين. جي ڏيرج وارو ڪٺي ڏيرج ڍاري ٻہ تہ سندس تن کي پئي اندر ئي اندر کائيندي)

اِتي ڍولا، مارئيءَ جي سڪ واري ڳالهہ لڪائي، بهاني پنيان بهانو ڏيڻ لڳس تہ:

127۔ مالوڻي! توُن من سَمي، جائئہ سُهو وويڪ.
هرڻاکي! هَسنئہ کهئہ ڪَرئُن دِساور ايڪ؟

(مالوڻي! تون منهنجي من اندر سمايل، توکي منهنجي دل جي سڀ خبر آهي. مرگهہ نئڻي! کلي موڪل ڏي تہ هڪ دفعو ڏيسارو تان ٿي اچان.)

تڏهن مالوڻي وراڻي ڏني تہ:

128ـ گڏ نرور اَت ڊِيپتا، اُونچا محل آواس
گھر ڪامڻ هرٽاڪيا، ڪِسئہ دساورَ جاس؟

( هيءَ نرور ڳڙهہ نهايت ڀڪندڙ ۽ هن محل جون ديوارون اوچيون. گھر اندر توکي ڪامڻ مرگھہ نئني، اُهي ڇڏي تون ڪيئن ڏيسارو تي ويندين؟)

ڍولا جواب ڏنس تہ:

129ـ سئہ سهسي ايڪوتري، سر موتيهر سُڌ.
ندي نواسئہ اُترءِ آٽون ايڪ آونڌ

("توپو ٻڻجي سمنڊ ۾ گھڙي، هڪ لک هڪ سو هڪ جو. شڌ موتي آڻي ڏيانءِ ")

تڏهن مالوڻي ڏک ڀريرجي چيس تہ:

130ـ مرجيوءَ پاڻي تٽئہ سالها! اُگهڻن ڪاءِ.
ڏک سَهڻا پهرا ديڻ، ڪنت ڊِساوَر جاءِ

( ڍولا! پاڻيءَ ۾ توبي کي ڪي جانور صفائيءَ سان ڪائي ڇٽ ڪري ڇڏيندا. اهو دک سهڻ ۽ اوسيئڙو رکڻ آهي. جو ڪانڌ ڏيسارو ٿو وڃي.)

ڍولي وراڻي ڏني تہ:

131ـ اِيڊر ڪي ڏر اُتُلڳڻ جئہ تون ڪهئتہ جانهہ
اَئت گھڙاڻون آپڙن، مالوڻي! ميلانهہ؟

( جي تون چوين تہ ايڊر جي ڏرتي اورانگهي تو لاءِ ڳهڻو گهڙائي اچان. مالوڻي! ڇڏي وڃانءِ؟)

مالوڻي چيس تہ:

132ـ ايڊرڪي ڏر آئلگڻ هوُن تئہ جاڻ نہ ديس.
گھر بئنا هي آپڙڻ مول مهنگا ليس.

( ايڊر طرف وڃڻ هينئر بدسوڻ آهي. آءُ توکي وڃڻ ڪين ڏينديس. مٽيي تي موهجي توکي ڪين وڃائينديس. مٽيو گھر ويٺي ئي ڪٽي وٺنديس. پوءِ ڪٽي مهانگيِ ملهہ تي ملي.)

تنهن تي ڍولا دلداري ڏيندي چيس تہ:

133ـ ڪاڇي ڪَرهہ ٻَئُو ينيا، گهَرَيئَہ جويڻ جاءِ،
هرٽا ڪي! جڏ هس ڪهڻَہ آٽس ايڪ وڪاءِ

( مِرگهہ نئني! ڪڇ جو ٻن توهن وارو ڪرهو جيڪو گهڙيءَ ۾ يوجن( 8 ميل) پنڌ ڪري، سوهڪ وک ۾ اچي واپس پهچائيندم. تنهن ڪري ڪلي موڪل ڏي)

مالوڻي چيس تہ:

134ـ صاحبا! ڪڇ ناه جائيئَہ تهان پَر يرءُ درنگ،
پيپل نيڻ، سونڪ ڏڻ، پوُلهہ جائِس سَنگہ

( نہ ڙي ڍولا نہ- ڪڇ متان وڃين! اهو پرائو راڄ آهي. اتي جي ڪجلين اکين ۾ سندر استرين کي ڏسي تون مون کي وساري سندن سنگ ۾ هليو ويندين.)

ڍولا ڏنو تہ موتين ۾ ڳهڻ تي مالوڻي راضي نٿي ٿئي. ڪپڙن جي لالچ ڏيانس، من راضي ٿي موڪل ڏئي، سو چيائين تہ:

135ـ گَيَگمَڻِي! گُجَرَ ڌَرا، آٽان دکِڻي چِير،
مَنَهَ سِنڪوڙِي مالَوِي، سوهڻَہ تجهہ سرير.

( هاٿي جيان هلندڙ ناري! گجرات کان تولاءِ دکني ڪپڙو آٽيان. اي شڪي مالَوڻِي! تنهنجي بدن تي اهڙو ڪپڙو ڏاڍو سونهندو.)

پر اتي بہ مالوڻي جواب ڏيئي انڪار ڪيو:

136ـ سَهسي لاکي ساٿِوسُ، پَرگهَلِ آٽان ويس،
گهر ٻئناهي پريتِمان! پٽولا پهريس.

( ڍولا! سهسين لکين ويس پري پري ملڪن کان آٽائي رکيا اٿم. اي پريتم! گهر ويٺي ئي آءُ پٽولا پهري سگهان ٿي. تنهن ڪري تنهنجي وڃڻ جو ضرور ڪونهي.)

اِتي ڍولا لاجواب ٿي ويو. سچي ڳالهہ ٻڌائي مالوٽي بہ رنجائڻ نہ ٿي گهريائين ۽ مالوٽيءَ بہ کيس ڪنهن بهاني سان موڪل نٿي ڏني. سو افسوس ۾ ويهي رهيو ۽ آخر جي نُنهن سان ويهي پٽ کوٽڻ لڳو. مالوٽي، ڍولا جي اها حالت ڏسي، کيس چيو تہ:

137- ڍولا آهڻ ڏومڻيءِ نکَ تي کُوڏءِ پِيتِ،
هَمَر ٿي ڪُڻَ ڇَنَ اَگَلِي، بَسي ٿُهارَءِ چيت؟

(ڍولا کي ڏاڍي آنڊ مانڊ آهي. نُنهن سان پٽ پيو کوٽي. اهو ڏسي مالوڻ تي پڇيس تہ مون کان وڌيڪ ٻي ڪير آهي جيڪا تنهنجي چِت ۾ ٿي وسي؟)

آخر جڏهن ڍولا ڏٺو تہ مالوٽي پيرَ ئي نٿي کوڙي ۽ ڪو بهانو ئي نٿي ٻڌي، تڏهن سچي ڪيائين تہ:

138- سُڻ سنُدرا سَچَنَ چوان، پانجَءِ مَن ڪي پرَنت،
مؤ مارُو ملوانٽي، ڪرِي وَنگِي ڪَنت.

(سُڻ سندري! هاڻي سچ تو ٻڌايانءِ من ۾ جيڪو شڪ اٿئي سو پڇ. مون کي مارئي جي ملڻ جي ڏاڍي آنڊ مانڊ ٿي پئي آهي.)

ڍولا جي واتان اهي لفظ ٻڌي، ويچاري مالوٽي بيهوش ٿي ڪري پئي.

139- چانِتي پاڻي ڪُمڪُ مٿَن، وِيجهڻ وِيجهيا واءِ،
هئي سُچيتي مالوِي پرِي آگل وِللاءِ.

(ڍولا مٿس گُلن جو پاڻي ڇٽيو ۽ وِڃڻي سان واءُ ڏنائينس. مالوٽي هوش ۾ آئي ۽ پرينءَ اڳيان ورلاپ لڳي ڪرڻ.)

۽ سڏڪا ڀريندي چيائين تہ:

140- ٿَل ٿَتالوُ سامهين، واجهولا پَهياهہ،
مهانڪَنَ ڪَهِيئَ جِئَ ڪرئَ گهر بيٺا رهياهہ.

(ٿر ملڪ تتل هوندءِ سامهون لوُهہَ پيئي لڳندءِ: جهولو پيو جَلائيندءِ جي منهنجو چوڻ ڪرين تہ گهر ۾ ئي ويٺو رهہ.)

مالوڻي، ڍولي کي ترسائڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون ڪيون، پر هو ترسڻ جي نہ پيو ڪري. تڏهن ڳچيءَ ۾ پلئہ وجهي چيائينس تہ: ڍولا! جي وڃڻو اٿئي تہ منهنجي هڪڙي ڳالهہ مڃ. اُها هيءَ تہ ساوڻ جي مند تائين ترس. جيئن ٽر ۾ وسڪارو ٿئي. ساوڪ ٿئي. پاڻي بہ جام هجي. پوءِ پلي وڃجانءِ جيئن توکي واٽ تي ڪا تڪليف نہ ٿئي. اها ڳالهہ قبول ڪري ڍولا ويهي رهيو.

آخرڪار اونهارو گذريو ۽ ساوڻ جي موسم آئي. هڪڙي ڏينهن ڍولا، مالوڻي محلات ۾ ويٺا هئا. ڍولي چيو: اي مالوڻي! تو لاءِ اونهارو ترسيس، هاڻي ساوڻ جي موسم بہ اچي ويئي آهي. هيٺئر وک وک تي پاڻي موجود آهي ۽ مٿان آسمان ڪڪرن سان ڇانيو بيٺو آهي. برسات جي مند آهي، تنهنڪري موڪل ڏي تہ پونگل وڃان.

141۔ پَگ پَگ پاڻي پَنٿ سَر، اُوپر اَنبَر ڇانهہ
پاوس پِر گَنيئہ پدمڻي! ڪهئہ تہ پونگل جانهہ

مالوڻي چيس تہ:

142۔ جَڻ رُت بَک پاوس ليئہ ڏرڻ نہ ميلهئہ پاءِ
تَڻ رُت صاحب ولها! ڪوءِ دساوَر جاءِ

( جنهن رُت ۾ ٻگهہ پکي بہ برسات ڪارڻ ڏرتيءَ تان پير نٿو ڇڏي "هلڻ جي نٿو ڪري" تنهن ۾ پيارا، ڪو ڏيسارو ويندو بہ آهي ڇا؟

143۔ ساوَڻ آيئہ صاحبا! پگئہ وِلنبِي گار
برڇ ولنبي بيلَڙيان، نَران وِلَنبي نار

( ساجن! ساوڻ آيو آهي. "واٽ" تي هڪ تہ پيرن ۾ گارو گپ چنبڙندءِ پيو تہ هن مند ۾، وڻن کي ولين ائين ويڙهجي ويندئون آهن،جيئن نَرن کي ناريون چهٽي وڃن. تنهن ڪري توکي گس بہ هٿ نہ اچي سگهندو.)

144۔ پاوس ماس پَر گَنيئہ پگئہ ولنبي گار
ڏڻ ڪِي آهِي وينتِي، پاوَس پَنٿَ نوار.

(پاوس جي رُت پر گهٽي آهي، "وات تي" پير گپ ۾ پيرجي ويندءِ، تنهن ڪري هيءَ استري توکي اها ئي وينتي تي ڪري ته ساوڻ ۾ سفر ڪرڻ جو ارادو ڇڏي ڏي)

تڏهن ڍولا جواب ڏنس ته:

145- ڏَر نيلِي، ڏڙ پوَنڊِرِي،گهَر گهگهِٽ گهار،
مارو- ديس سُهامڻ، ساوڻ سانجهي وار.

( مالوڻي! هن وقت ڏرتي پوک سبب نيلي پئي ڏسجي، پر هوءَ استري (مارئي) الٽو (وچوڙي ۾) جهَڪي تي ويئي هوندي جيتوڻيڪ ڳنوار ماڻهن جي گهرن ۾ خوب خوشي لڳي پيئي هوندي، مالوڻي! ساوڻ ۾ سانجهيءَ سمي، مارو- ديس ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي.)

146- باجهڙيان هَريالِيان، بِچ بِچ بيلان ڦوَل،
جڻ پروُ وڻڻ پادروُئي،مارو — ديس اموَل.

( مالوڻي! باجهرين جا کيت ساوا تي ويا آهن. وچ وچ ۾ ولين جا گل ٽڙيا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪکر وُٺا آهن، تنهن ڪري مارو- ديس اَملهه هوندو.)

تڏهن مالوڻي وري به چيس ته:

147- جَڻ رُت بهه پاوَس جهرءِ، بابَهِيڻ بولنت،
تَڻ رُت صاحب ولها! ڪِو مَندر ميلَهنت.

( جنهن رُت ۾ گهڻي برسات وسي ۽ بابيهو ٻولي، تنهن رُت ۾ منهنجا ساجن! ڪو پنهنجو محل ڇڏي؟)

148- بابهَيڻ پِيُ پِيُ ڪريءِ، ڪوئل سُرَنگڻ ناد،
پريا! تَڻ رُت آلگ رهان، تاهه سوُن ڪِسَڻ سواد؟

( بابيهو پيو "پِيءُ پِيءُ" ڪري ۽ ڪوئل پيئي مٺڙي آواز سان ڳائي. پِرين! اهڙيءَ رُت ۾ الگ رهان، تنهن مان ڪهڙو سواد ايندم؟)

149۔ جڻ رُت ٻهہَ بادل جَهَرءِ، نَديان نِير پَرواهہ
تَڻ رُت صاحب ولها! موکم رَيڻ وِهاءِ؟

( جنهن رُت ۾ گهٽا بادل پيا وسن، ندين ۾ نير پيو وهي، تنهن رُت ۾ منهنجا پرين! منهنجي رات ڪيئن وهامندي؟)

150۔ ندياں نالا، نَيجهَرڻ، پاوَس چڍيا پوُر،
گرهَئہ ڪِچر تِلڪِسيئہ، پَنتِي! پوُگل دور.

( نديون، نالا ۽ جهرڻا، سيئي برسات پري پوري چڙيا آهن. گرهو چڪڻ ۾ ترڪندءِ، واٽهڙوا! پونگل ڏاڍو پري اٿئي.)

151۔ ڪالي ڪنٺل بادلِي، ورس جہ ميلهئہ واءُ،
پِرِي وِڻ لاگئہ بوُندڙِي، جاڻ ڪٽاري گهاءُ.

( ڪارن ڪنارن وارا بادل، تن کي جي واءُ هلائي توتہ وسن ٿا. پرينءَ بنا بوُندڙيون ائين تيون لڳن، جڻ تہ ڪٽاريءَ جا گهاءَ.)

152۔ فوج گهٽا، کگ دامٽي، بوُند لگئہ سَرَ جيم،
پاوَس پِئہ وڻ، ولها! ڪهہ جيويجئہ ڪيم؟

( ڪڪر فوج وانگر، وڄ تلوار مثل، بوند لڳي ٿي تہ تير جيان. وَلها! اهڙيءَ رُت ۾ ہڏاءِ تہ پرينءَ کانسواءِ ڪيئن جيئنديس؟)

153۔ چِيارءِ پاسئہ گهڻ — گهٽئہ، ويل کِوءِ آگاس،
هَريالِي رُت تَئہ ہِلِي، گهر سَنپَت، پِيُ پاس.

( چؤطرف گجگوڙ لڳي پئي آهي. آڪاس ۾ وڄ پئي کِنوي، ساوڪ واري رُت تڏهن ڀلي، جڏهن گهر ۾ خوشي هجي ۽ پرين گڏ هجي.)

154۔ مهہ موران مَندَپ ڪَرءِ، مَنمَتَ اَنگ نہ ماءِ
هوُن ايڪلڙِي ڪِمر رهئَن، مِيهہ ہِڏارِيئہ ماءِ

( ڏرتيءَ تي مور پنهنجا کنڀ پکيڙي، منڊپ جوڙي، نچي رهيا آهن. اَنگن ۾ مدن ديوتا نٿو ماپي. آيل! هيءَ برسات ۾ تو پڏاري، آءٌ اڪيلي ڪيئن رهي سگهنديس؟)

هاڻي ڍولا کان مارئيءَ جي سِڪ سٺي نہ ٿي، سو زار زار روئڻ لڳو. سندس اها حالت ڏسي مالوڻيءَ چيو تہ: ڪانڌ! جي تون ترسي ٿو سگهين ۽ توکي مارئيءَ سان ملڻو آهي، تہ منهنجي منٿ مڃ ۽ سياري تائين ترس، لکيو هوندو تہ اوس پرندو.

برسات جي مُند بہ ائين ڪندي پوري ٿي ۽ سيارو شروع ٿيو. هاڻي ڍولا، وري مالوڻي کي منٿون ڪرڻ لڳو:

160 ـ مالوڻي! ڍولئہ ڪهئہ هِوَ مها سِيک ڪريهہ
اُونها لئہ ورکا، ونهي، رهيا تُجهہ سَنيهہ

( مالوڻي! هاڻي مون کي موڪل ڏي اونهارو ۽ ورکا رُت ٻئي تنهنجي سَنيهہ ڪارڻ رهيس.)

پر مالوڻي اجا ڪٿي ٿي موڪل ڏئيس، چوڻ لڳي تہ:

161 ـ سِيا لئہ تہ سِي پڙءِ، اُونها لئہ لوُ واءِ
وَرسالئہ ڀُئَن چِيڪٽِي، چالَڻ رُت نہ ڪاءِ

( سيارو تہ سيءُ پوي، اونهارو تہ لوءِ لڳي. برسات جي مند ۾ ڀُونءِ ترڪٽي، وڃڻ جي رُت ڪابہ ڪانہ ٿئي.)

پر ڍولو چوي تہ: سيءُ ڇا ڪندو آءٌ هاڻي اصل نہ ترسندس، ڪيئن بہ مارئيءَ سان وڃي ملندس.

تڏهن مالوڻيءَ چيس تہ:

162 ـ جَڻ رُت موِتي نيپَجي، سِيپَ سَمِندَن مانهہ
ٿَڻ رُت ڍولئہ اُمهِيئہ اِمِ ڪوماڻس جاءِ؟

( جنهن رُت ۾ سمنڊ اندر سپ ۾ موتي نپجن، اهڙيءَ رُت ۾ تو ڍولو اُسهي! ان ريت ڪو ماڻهو ويندو آهي؟)

163 ـ دن ڇوٽا، موتِي رَيڻ، ٿا ڊانير پوَن،
ٿَڻ رُت نِيهہَ نہ ڇانڊِيئہ هيٰ بالم بدمن.

( ڏينهن ننڍا، راتيون وڏيون، تڏ جا مينهن وسن، اهڙيءَ رُت ۾ اي بالم! نينهن ڪونه ڇڏبو.)

164- اُتر آج س اُترِيئہ پرسِي واهَليانءِ،
اُر اوري پِرِي راڪيئہ مُنڌان ڪاهليانءِ

( اڄ اُتر هلڻ شروع ٿيو آهي، سيءَ جا واهہ پيا وهن. انهيءَ رُت ۾ نماڻيءَ نار ڪي ڇاتيءَ ڪان بہ اوري رکڻ گهرجي.)

165- اُتر آج س اُتريئہ سيءُ پريسي تٽ،
سوُهاگڻ گهر آنگڻئِہ دوها گڻءِ گهٽہ

( اڄ اُتر پيو اُتري سخت سيءُ پيو پوي سهاڳڻ ڪي برابر گهر اندر سيءَ جي ڄاڻ پوي ٿي، پر ڏهاڳڻ جي تہ بنهہ گهٽ اندر سيءُ آهي.)

166- اُتر آج س اُتريئہ پالئہ پڙءِ ٽُرنتَ،
مالوٽيِ ام وينوءِ، هون ڪِم جِيوُن ڪنت؟

( اڄ اُتر اُتريو آهي. تڪڙو تڪڙو پارو پيو پوي مالوٽيءَ جي هيءَ وينتي آهي تہ: "ڪانڌ! آءٌ ڪيئن جيئنديس؟")

ائين سيارو بہ اچي ختم ٿيو ۽ بهار جي مند آئي. اتي ڍولا وري مالوٽي ڪان موڪل گهري. مالوٽي وري بہ چيس تہ هينئر نہ ٿئي دفعي. تنهن تي ڍولا بہ منٿ ڪري چيس تہ:

167- ماهہ مهارس مَيَڻ سپِ، اَت اُللهرءِ اَننگ،
موُمن لاگو ماروَڻ، ديکڻ پوُگل درنگہ

( مانگهہ ۾ مدن جو مهارس سيني ڪي هوندو آهي. منهنجو من بہ مارئيءَ سان لڳو پيو آهي ۽ پونگل ننگر ڏسڻ لاءِ خواهان آهيان.)

168- ڦاڳڻ ماس سُها مِٺيهہ ڦاگ رَمئہ نوَ ويس،
موُ من ڪَرءُ اُماهِيئہ ديکڻ پوُگل ديس.

( ڦڳڻ جو مهينو وڻندڙ آهي. ڦاڳ جا ڪيل، هر ڪو نوان نوان ويس پهري ڪيڏندو آهي. پونگل ديس ڏسڻ لاءِ منهنجو من ڏاڍي اتساهہ ۾ آهي.)

169ـ آوي سِوَ رُت آن پِلِي، تِريان ڪَرئہ سِنگار
جِڪا هِيان نہ ڦاٽَهِين، دوُر گيا پِتار.

(سيني رُتين ۾ هيءَ پلي رُت آئي آهي، جنهن ۾ استريون سينگار ڪن. پر جنهن استريءَ جو پرين پري ويندو تنهن جو هنيون ڪين ڦاٽندو؟)

هاڻي ڍولا کان وڌيڪ سَنو نہ ٿيو. ڏاڍي آنڌ مانڌ هئس. مالوڻي گهڻئي ڳلتا پڌا ۽ بهانا ڏنا، پر ڍولا کان وڃڻ وسري چيا! مالوڻي ڏٺو تہ ڍولا کي هاڻي ويهڻ نٿو اچي، رڳو هلان هلان پيو ڪري، تڏهن چيائينس تہ:

170ـ هَلٽُن هَلٽُن مت ڪرءِ، هِيڙڙ سال مَ ويهہ
جي ساچي هِي هَلسيئہ، سُوتان پلاٽيهہ.

(هلان هلان (وڃان، وڃان) نہ ڪر. منهنجي هنئين ۾ سَل نہ ڪر.
جي سچ پچ هلٽو (وڃڻو) اٿئي تہ پوءِ تڏهن پلاٽج جڏهن اڄ سُتي پيئي هجان.)

ڍولا جي دل تپا ڏيڻ لڳي، چو تہ اها ڳالهہ هن لاءِ بنهہ سهنجي ٿي. خيال ڪيائين تہ: اجها تي مالوڻيءَ کي ننڊ اچي، ۽ اجهو تو روانو ٿئي. سو مالوڻيءَ کي وچن ڏئي، ريباريءَ وٽ ڪرهو چونبڻ ويو.

171ـ ٿان سوُتان، مهي چاليسان، ايهہ نِچَنتِي هوءِ
رئباري ! ڍولئہ ڪهئہ، ڪرهو آڇئہ جوءِ

(تون ستل هوندينءَ تڏهن آءٌ ويندس. اهو بنان چنتاجي، آوس ٿيندو. پوءِ ڍولا ريباري (اُنن واري) کي چيو تہ: هڪ سنو اُٺ گهرُ جيمر.)

ريباريءَ چيس تہ:

172ـ ڍولا ! رئباري ڪهئہ، ڪرهئہ ايڪ سُچَنگ
ناگر بيلي نِت چَرءِ، پاڻي پِيوَءِ گنگ

(ڍولا ! هڪ ڪرهو ڏاڍو چڱو اٿم. اهو سدائين ناگرول چري ۽ پاڻي بہ گنگا جو پئي.)

173- ڏُوجا دووڙا، چووڙا، اُونٺ ڳٽالئہ ڪاڻ
جِڻَ مُکَ ناگربيليان، سو ڳر هئہ ڪيڪاڻ.

(ٻيا اُٺ ٻہ- نسلا يا چؤ- نسلا آهن، جيڪي ڪائين اُٺ- ڳٽارو (ڪنڌ جوڙڻ). جن جي وات ۾ ناگرول پيل، سي اُٺ گهوڙن جهڙا تين.)

ريباريءَ جي اها ڳالهہ ٻُڌي ڍولا اُنن جي وڳ ۾ وڃي بيٺو. سمجهيائين تہ متان ريباري بہ مالوڻيءَ جو سيڪاريل هجي، تنهنڪري اُنن ڏي منهن ڪري چيائين تہ:

174- ڪِڻ مُک گهالون گهُوگهرا، ڪِڻ مُک واهُون لَج
ڪُوڻ ڀَليرءُ ڳر هَلئہ مُونڌ مِلاوءِ اج ؟

(ڪهڙي اُٺ جي ڳچيءَ ۾ گهنگهرا ۽ ڪهڙي جي وات ۾ مهارو وجهان ؟ ڪهڙو ڳرهو ڀلو آهي، جو اڄ ئي اڄ منڌ سان ملائيندم.)

تڏهن جيڪو ڳرهو ناگرول چَرندو هو تنهن وراڻيس تہ:

175- مؤ گل گهالئہ گهُوگهرا، مؤ گل واهئہ لَجّ
هُون جئہ ڀلَيرءُ ڳر هلئہ مُونڌ مِلاڻُون اجّ.

(منهنجي گلي ۾ وجهہ گهنگهرا ۽ منهنجي گلي ۾ وجهہ مهار. آءٌ ئي آهيان ڀلو ڳرهو جو اڄ ئي اڄ منڌ سان ملائيندو ساڻءِ)

ڍولا خيال ڪيو تہ مارئيءَ جي ملڪ ۾ ڪڪائان محل آهن، متان ڳرهو انهن تان ڪِلي. تڏهن ڳرهي کي چيائين تہ:

176- سُڻ ڳرها ! ڍولئہ ڪهئہ، ساچي آکي جوءِ
اگر جيها جهونپڙا، تئہ آسنگِي موهہ

(ٻڌ ڳرها ! جيڪي چوان تو سو سچ اٿئي. منهنجو سنگتي ساٿي اهو ڳرهو ٿيندو جيڪو جهوپڙن کي محل (اگرا) سمان سمجهندو.)

ڳرهي وراڻي ڏنيس تہ:

177- سُڻ ڍولا ! ڳرهئہ ڪهئہ، سام تڻئہ مُو ڪاج
سر ڍِيِ پيٺ نہ ليٽيو مُونڌ نہ مليُون آج.

(ٻڌي ڍولا ! اهو ڪارج منهنجي ذمي ڇڏ. آءٌ سانڍڻيءَ (اُٺ) جي پيٽان ٺي ڪين نڪتو آهيان جي اڄ ٺي منڌ سان نه ملايانءِ)

ڍولا، ڳرهي کي سينگاري، موتي محلات ۾ آيو. رڳو انهيءَ انتظار ۾ هو ته مالوڻيءَ کي ننڊ اچي. پر مالوڻيءَ کي اهڙي سولي ننڊ ڪٿان ٿي اچي. سا لنگهي ويئي ريباريءَ وٽ ۽ پڇيائينس ته: اهو ڪهڙو ڳرهو آهي، جو مون سان ٺهر ٺوڪري؟ جڏهن هن اُهو اُٺ ڏيکاريس، تڏهن اُن کي چيائين ته: ڇا، تون منهنجو پريتم مون وٽان نيئي، مون کي ڏهاڳ ڏئي ويندين؟

178 - ڳرها ! سُڻ سُندر ڳهڻ مهر ڪرءِ آڄ
صاحب مهارو اُمهيڻ هِوَس ڳِلي تو لاڄ.

(سُندر مالوڻيءَ چيو ته: ڳرها ! اڄ مون تي مهر ڪر. منهنجو صاحب تو اُسهي. هاڻ سڄي لڄ توتي آهي.)

ويچارو ڳرهو ٻن ٻاهين ۾ اچي ويو. ڪهڙو جواب ڏئي ! ڪيس ماٺ ۾ ڏسي، مالوڻيءَ سمجهي ورتي ته ڳرهو ڪجهه راضي ٿيو آهي. سو چيائين ته: ڳرها ! توکي ڍولا هينئر گهرائيندو. تون منڊڪائيندو اچج. ڍولا ڏسندو ته تي پيو آهين منڊو ته ڪٿي ڇڏيندءِ. تون به تڪليف کان ڇٽي پوندين، ۽ آءٌ به وڇوڙي کان بچي وينديس.

179 - مالوڻي ڳرهڻ ڪِنهڻ اي وِينتِي ڪريهه
صاحب مارو اُمهيا، ڪوڙءُ هوءِ رَهيهَ.

(مالوڻي اُٺ کي وينتي ٿي ڪري ته: منهنجو ساجن ٿيو اُسهي، تون (مڪر ڪري) منڊو ٿي ويهي رهه.)

پر اُٺ وراڻي ڏنيس ته:

180 - ڪوڙءُ هُون ته ڊانيجيئن، ٻانڌِيئه پوُک مَريسِ
تي ٻِهُن سَجڻَ رَلِ مِلِيئه هُون ٻِجَ دُک سهيس !

(منڊو ٿيس ته ڏنبپ ڏيندم. پوءِ ٻڌل پيو ٻُک مرندس. توهين ٻئي سڄڻ ته پاڻ ۾ رلي مِلي وينداءِ وچ ۾ آءٌ پيو دُک سهندس.)

181_ ڪوڙڙ هڻن تَہ ڏاڍيجڻن، ٻَنڊِيَہ پوُڪ مَرُو نهہ
جائن ڍولا رَءِ ساسَرِءِ، سَقلا مُونگ چَرُهونهہ
(منڊو ٿيس تہ ڏَيبيس ۽ ٻدل پيو بک مرندس. آءٌ تہ وڃان ٿو ڍولا جي ساهُري گهر، جتي سُٺا مُگ وڃي چرندس.)

تڏهن مالوٽي کيس دلداري ڏيڻ لڳي تہ:

182_ باند ٿُن ٻڙ رِي ڇانهڙيءِ، نيرُو ناگر بيل
ڏانيِ سَنيالوُن ڪَر هلا! چوپڙ سون چنپيل.
(ڪَرهلا! آءٌ توکي ٻڙ جي ڇانوَ هيٺ ٻڌنديس، توکي نيرُو ۽ ناگر موٺ چَرڻ لاءِ ڏينديس. تنهنجا ڏنپ سنياليندس ۽ مٿن چنبيليءَ جو تيل مکيندس.)

ڪرهي، مالوٽيءَ جي چالاڪي سمجهي ورتي تہ مالوٽيءَ جو خيال آهي تہ اُٺ کي اهڙو ڪري ڇڏجي جو هلڻ جهڙو نہ رهي، جيئن ڍولا کي ڪٽي نہ وڃي. تڏهن چيائين تہ:

183_ رهہ رهہ سُندرِ ماٺ ڪر، هَل ڦَل لڳي ڪاءِ
ڏانپ ڍراوءِ ڪَرهلئہ سيڪنتا مرجاءِ!
(رَهہ رَهہ ماٺ ڪر، سُندري! هاءِ گهوڙا لڳي اٿئي، جو ويچاري ڪَرهلي کي تي ڏنپ ڏيارين تہ هويلي سيڪيندو مري وڃي.)

مالوٽيءَ ڏٺو تہ ڪرهي تہ سندس اٽڪل سمجهي ورتي. هاڻي خوشامد ڪريانس، مَن ترسي پوي ۽ ڍولا کي ڪٽي نہ وڃي. سو چوڻ لڳس تہ:

184_ پائِي ڪهَہ ٻتلاو سِوُن، ناگر بيل نِريس
هئي هئي ڪَرَها! منهنجي ڪَنور نَئِہ مَت لي جايہ وديس.
(آءٌ توکي پاءُ ڪري جاٽنديس. توکي ناگرو وَل کارائينديس.
هاءِ هاءِ ڪرها! مُنهنجي ڪَنور کي پرديس نہ وٺي وڃ.)

185_ ڪَرها! مالِوٽي ڪَهئہ ڪوڙڙ هوءِ رَهيس
جي ڍولئہ راڪڻ ڪَرءِ، ڏانيڻ تُجهہ نہ ديس.

(ڪَرها! تون منڊو ٿي پئو. جي تون ڏولا جي ڳالهه به رکڻ ٿو گهرين ته آءٌ انجام ٿي ڪريان ته توکي ڏنيجڻ ڪين ڏينديس.)

اُن کي مالوڻيءَ تي قياس اچي ويو سو هائوڪار ڪيائين. ۽ چيائين ته:

186ـ سُندر! ٿانڪي هِي ڪهڙَه ڪوڙ ۽ هوءِ رُهيس
جَڏَه ڏولئه ڊانيڻَ ڪَرءِ، ڊانيڻ مُجهه نه ديس.

(سُندري! تنهنجي ئي چوڻ تي آءٌ منڊو ٿي پوان. پر جي ڏولا ڏنيڻ جي ڪرينم ته تون مون کي ڏنيجڻ نه ڏج.)

187ـ ڪَرها نوُن سمجهاءِ ڪَنه گهر آئي ڀجاڻ
سالهه ڪَرهئِه منگاويئِه آئيڻَه ماندِ ڀَلاڻ.

(ڪَرهي کي سمجهائي، هي گهڻو چاٽندڙ (لُچي) گهر آئي. راجا ڪَرهو گهرايو ۽ پنهنجي مڏيءَ سان ڪيس پلاڻيائين.)

اُن سينگارجي آيو پر ڏولاڏسي ته مار! اُن منڊڪائي پيو. يڪدم ريباريءَ کي سڏائي چيائين ته: اُن کي ڏنڀ ڏيار ته منڊڪ لهيس.

188ـ ڪَرهلئِه من ڪُوڙ ۽ تيئِه راکي يُون هي پڳَ
ڏولئه من چنِتا هئِي، ديجئَه ڪي اڪ دگ.

(ڪَرهي من ۾ ڪُوڙ ڪيو هو ۽ پير ائين پئي رليائين (ڄڻ ته منڊو آهي) ڏولا جي من ۾ چنِتا ٿي ته ڪيس ڪو داغ ڏيارجي).

اُن وٽي رڙيون ڪيون. چئي: مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو مون کي ٿا ڏنيو؟ پر ڏولا، اُن جي ڳالهه ئي ڪانه ٻُڌي ريباريءَ کي چيائين ته: جلد ڏنيينس، جو جاڻ ته مالوڻيءَ کي ننڊ آئي. اُن جي رڙ هيٺ رڙ متي. اتي مالوڻي به اچي نڪتي ۽ ڏولا کي چوڻ لڳي ته: هيئن اُن کي ڏنڀ ڏياري گهر چڏڻ ڪو نهي ٿو ڇا؟ منهنجي ماٽتن وٽ پوپال ۾ اُنن جا وڳ آهن. آءٌ اتان ٿي توکي عاليشان اُن گهرائي ڏيان. انهيءَ منڊي اُن کي ڪٽي ڇڏي

189- صاحب ! مهانڪا باپ ڳئہ ڇئہ ڳرهان ڳئہ وڳ
ڄئہ ڄئہ ڳرهئہ ڪوڙۃ هُوۃ، ڪوڙا رک آلڳ

(صاحب ! منهنجي پيءُ وٽ اُٺن جو وڳ آهي. جي تنهنجو ڳرهو منڊو ٿيو آهي تہ منڊي کي الڳ رک.)

پر ڍولا چيو تہ: واه جا ڏس تي ڏين سيڙائڻ جا ! آءٌ اڄهو ٿو اُٺ کي ڏنڀ ڏياري سڌو ڪريان. اتي اُٺ وري بہ وٺي رڙو رڙ مچائي. چي: مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو جو مون کي ٽا ڏنڀيو. مالوڻيءَ ڏٺو تہ منهنجي ڪري بيگناهہ اُٺ ٿو ڏنڀجي، سو ڍولا کي چوڻ لڳي تہ: اُٺ جي ڳالهہ تہ سمجهہ. هو چوي ٿو تہ مون کي ڇو ٽا ڏنڀيو؟ منهنجي مائٽن وٽ اُٺن جا وڳ آهن. مون کي خبر آهي تہ اُٺ منڊڪائي تہ پرسان بيٺل ڪنهن ڳڏهہ کي ڏنڀجي تہ اُٺ ڇڱو ڀلو ٿي پوندو. ويچارو ڍولا، مارئي جي سڪ ۾ اهڙو تہ انڌو ٿي پيو هو جو اها خبر ئي نہ پيس تہ اهو سمورو مالوڻيءَ جو مڪر آهي. سو نہ ڪيائين هم نہ تم، پر ۾ بيٺل ڌوبيءَ جي ڳڏهہ کي ڪٽي ڏنڀ ڏيارڀائين. ڳڏهہ ايذاءُ کان وٺي رڙيون ڪيون. ڳوڙ تي ڍولا جي ماءُ راڻي چمپاوتي نڪري آئي، جنهن سموري حقيقت معلوم ڪري، ڍولي کي چيو تہ: منڊڪائي اُٺ ڏنيجن ڳڏهہ ! اُٺ جڏهن ٻاڪاري پيو تہ مون کي ڇوٽا ڏنڀيو مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ تڏهن ظاهر آهي تہ اُٺ منڊو ڪونهي، پر ڪيس ڪنهن مڪر سيکاريو آهي. اُتي سيني سمجهيو تہ اُٺ نہ کي منڊو آهي، نڪي ڏنڀ ئي کپنس، پوءِ تہ ڍولي خوش ٿي ريباري کي موڪل ڏني تہ پلي اُٺ کي وٺي وڃي بيهاري، جيستائين مالوڻيءَ کي ننڊ اچي:

190- هِوَ مالوڻي وينوءِ، هُون پريہ ! داسي توهہ
هِوُ ٿِي چيس جِہ چاليا، سُوتي ميلهئہ موهہ

(هاڻي مالوڻي تي وينتي ڪريس تہ: پرين ! آءٌ تنهنجي داسي آهيان. هن کان پوءِ جي چڙهي روانو ٿيڻو هجيئي تہ آءٌ سمهان پوءِ ڇڏي وڃج.)

اڃهو اڃهو تہ گهٽئي پئي ٿي، پر مالوڻيءَ کي ننڊ ڪٿي ٿي اچي. اوسيڙي ۾ ڍولا بہ اوجاڳو ڪندو آهي. مالوڻي جاڳي بہ پئي ۽ ڍولا کي ويڻ بہ ويني ڏئي:

191۔ ڏونگرَ ڪيرا واهلا، اوڇان ڪيرا نيهہ
وَهتا وَهئہ اُتاملا، جهَٽَڪ دِکاوءِ ڇيهہ

(جبلن تان وهندڙ واهہ ۽ ڪميڻن ماڻهن جي نينهن تي ڪهڙو اعتبار! وهن تہ اُتاولا وهن، پر ڇيهہ بہ جهٽ پٽ ڏيکارين.)

192۔ پِيءَ ڪوتان را ايهوا، جيها ڪاتي ميهہ
آڊَنبرَ اُت داکوءِ، آس نہ پوري تيهہ

(ڪوتي قسمت وارن جا پِرين اهڙا، جهڙا ڪتيءَ جا ڪڪر. اَڊمبر گهڻوئي ڏيکارين پر منجهانئن آس پوري ڪانہ ٿئي. نہ هو وسن، نہ هو وڙڪن.)

193۔ ڍولا ! پِريتي ڪُوت ڪِي، دونون پاسي دُک
ڪِجي تہ ڪاتي پَگَن ڪُون، رجِهي تہ چاتي مُکہ

(ڍولا ! ڪُتي جي پريت، ٻنهي پاسي ڏُک. خار ٿئيس تہ پير ڪاتي، ريجهي تہ مُنهن چٽي.)

194۔ ناتا نِيهہ نہ ڇوڊهي، جو هُوٽي ساهوءِ
پريت ڪري ڦِرجايہ جو اوڇي ڳهيئہ سوءِ.

(ڇا بہ ٿي وڃي، پر نينهن جو ناتو نہ ڇڏجي. تِي ساتِي، جيڪو پريت ڪري ڦري وڃي، سو ٻيچڙو سڏجي.)

195۔ ڇوٽري نَرڪي پيٽ مين، رهي نہ موٽي بات
آڌ سير ڪي پات مين، ڪم هي سير سَمات ؟

(ڇوٽي ماڻهو جي پيٽ ۾ وڏي ڳالهہ رهي ڪانہ سگهندي اڌ سير جي ٿانءَ ۾ سير ڪيئن سمائبو؟)

مالوٽيءَ کي اوجاڳو ڪندي پندرهن ڏينهن گذري ويا. هن هڪ پَل جي لاءِ به اک ڪانه پوري ته متان ڍولا هليو وڃي. نيٺ سورهين ڏينهن کيس ننڊ جو جهُوتو اچي ويو. ڍولا به کيس جاچيو وينو هو سو تپ ڏيئي اٿيو ۽ اُٺ تي چڙهي روانو ٿيو:

196 ـ پَنرَهہ دن تي جاڳتي، پِريہ سوُن ويڻ ڪَهَنست
ايڪ دِوَس نِندرا سَيل، سوُتي جاڻ نِچَنستہ

(پندرهن ڏينهن تائين جاڳي پئي ۽ پريتم کي پئي ويڻ ڏنائين. هڪ ڏينهن کيس گهَري ننڊ اچي ويئي ۽ جڻ ته بي چنتا ٿي سمهي پئي هئي.)

197 ـ ڍولئہ ڪَرهہ چِلاويئہ ڪر سِٽگار اَپار
آسيان تئہ مِلسيان، ولي نرور ڪوٽ جُهار.

(ڍولا اپار سينگار ڪري، اُٺ هلايو ۽ پري کان چيائين ته: نرور ڪوٽ جي واپس آيس ته ملندس، نه ته سلام.)!

198 ـ سَج ڪَسٽا، ڪرلاج گرهہ چَڙهيئہ سالهہ ڪُمار
گَرهہ ڪَرنڪئہ شِروڻ سُڻ، نندرا جاڳي نار.

(ڪشٽا سَجائي، مهار هٿ ۾ ڪٽي، ڍولا چڙهيو. اُٺ جي گهنگهرن جي آواز تي نار ننڊ مان سجاڳ ٿي.)

اُٺ کي ٻڌل گهنگهرن جي ڪڙڪي تي، مالوٽي ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿي، دريءَ وٽ آئي. ڏسي ته ڍولا اُٺ کي واءُ جيان ڀڄائيندو وڃي. واڪا ڪري سرتين کي ٿي چوي ته:

199 ـ ڏاوءُ، ڏاوءُ هي سَکِي ! ڪو دانوڻ ڪو لاج
صاحب مَهاڪَئِہ چالِيئہ جَئہ ڪَئہ راکَئہ آج.

(ٻوڙو ٻوڙو سکيون! ڪا دامن پڪڙيس، ڪا مهار جهليس. منهنجو ساجن هليو ٿو وڃي، من ڪا اج کيس ترسائي!)

پر ڍولا هليو ويو. پوءِ ته مالوٽي ورلاپ ڪرڻ لڳي ته:

212۔ پِريم هوُتي باهري، ڪوڙيِ هِي نہ لهانءِ
جب ديکُون گهر آنگَڻَہ لاڪي مُول لهانءِ
(پريتم ٻاهر آهي تہ ڪوڙي نہ لهان. جي گهر جي اڱڻ تي هجي تہ لک لهان.)

213۔ سُجڻياوَ وَلاءِ ڪَڻَہ گَڪي چَڊيِ لهڪ
پريان نيڻ ڪتور جَڻَن، مُنڌا هِئي ڍهڪ.
(سجڻ ويون. اُن مهل آءٌ تڪڙي محل ۾ مٿي چڙهي ويس. منهنجا نيڻ ڪتورن وانگر پرجي پيا. هيءَ مُنڌ ڏاڍي ڏهڪايل هئي.)

214۔ هيءِ ري جِيو نِلَج ٿون، نِڪسيئَہ جات نہ توهہ
پريہ بِڇڙَت نِڪَسيئَہ نهين، رهيئَہ لَجاوَڻ موهہ.
(هاءِ ڙي نِرلجا پراڻ! تو ڪان نڪتو چو ڪين ٿو ٿئي؟ پرين وڇڙيو تڏهن بہ تون نڪتين ٿي ڪين. رَهيين مون کي لڄائڻ لاءِ)

215۔ سَجڻ گُڻِي سمندر تون تر تر ٿَڪِي تيڻ
اوگڻ ايڪ نہ سانيرءِ، رَهُون وِلنِيِي جيڻ.
(سجڻ! تون گُڻن جو سمنڊ آهين، آءٌ منجهس تري تري ٿڪجي پئي آهيان. آءٌ توسان جڪڙيل آهيان، سو تنهنجو هڪ اوگڻ بہ ياد نٿو پويم.)

216۔ سَجڻ وَلِي، گُڻ رهي، گُڻ پِيي وَلِٺهار
سُو ڳڻ لاڳِي بيلَڙِي، گيا جَڻِہ سِينچَڻهار.
(سجڻ ويو سندس گُڻ رهيا. هاڻي گُڻ بہ هلڻهارا ٿيا آهن. هيءَ وَل سُڪڻ لڳي آهي، ڇو تہ پاڻي ڏيڻ وارو ويو هليو اٿس.)

217۔ اي واڙيِ، اي باوَڙِي، اي سرڪي ري پال
وَءِ ساجڻ، وءِ ڍِينهڙا، رهِي سنيال سنيال.
(هيءَ ڦلواڙي، هي تلاءُ، هيءُ تلاءُ جو ڪپ، هو ساجن ۽ اُهي ڏينهڙا، سنياري سنياري رهي آهيان.)

218- سُوتي پَرِيِ رڙيھ، جو ڀَئہ ڊِس، جاتان ٽِٽي
جاڳِيَ هاڻ مَليهہ، ولِڪِيِ هُوئي وَلها!

(سُتي پَئي، پيئي رَڙي، جنهن طرف ڍولا ويو اُهو طرف پيئي ڏسي، پيئي جاڳي ۽ پيئي هٿ مَلي چوي تہ وَلها! توبنا آءٌ ڏاڍي وياڪل آهيان.)

219- رُوني چڙهي رَڙيهہ جو يَئہ ڊِس جاتان ٽٽي
اُپِي هاڻ مَليهہ ولِڪي هوئي وَلها!

(روئي مٿي چڙهي ۽ پيئي رڙيون ڪري جنهن طرف ڍولا ويو اُن طرف پيئي نهاري، اُپي تي پنهنجا هٿ پيئي (افسوس ڪان) مَلي تہ وَلها ! ڏاڍي وياڪل آهيان.)

220- پهلي پريت لگاءِ ڪي، پَڇي چورايو چِتہ
راهِي ڪيرا رُوپ جُون، تيوُن مُهِن گهوڙا چِتہ

(پهرين برابر مون سان دل لڳايئي پر پوءِ (هن نموني) منهنجو چِت چورايئي. تون تہ راهيءَ يا ياتريءَ جو روپ اختيار ڪري نڪتين. پر منهنجي گهَٽ اندر گهوڙا هٽي وئين.)

221- جو مَئن اِٺهج جاڻِتي، پريت ڪِيئہ دُک هوءِ
ديس دُهائي ڦير تي، پريت ڪرو مت ڪوءِ

(جي مون کي اها ڄاڻ هجي ها تہ پريت ڪرڻ مان دک ٿيندو آهي تہ ديس ۾ ڍنڍورو ڏياريان ها تہ ڪوبہ پريت نہ ڪري.)

222- تُم مَت جاڻو پريت گئہ دُور وَ سايئہ واس
نيڻ وِڇوڙها پڙگيا، پِراڻ تُمهاري پاس.

(تون ائين نہ سمجهہ تہ وڃي دُور ديس وسايو اٿئي تنهنڪري منهنجي پريت ويئي. نيڻن لاءِ برابر وڇوڙو آهي پر پِراڻ جو تو وٽ آهن !)

223- ڍولا وَليئہ هي سڪِي ! جَڻڪِي تِي هوُن داس
دَهِي ولِويا گهِي ليا، مُجهہ ڪُون ڪر گيا ڇاس

(چتوَن ! هڪ سنيهو آهي، جو تون ئي ڏيئي سگهندين. پريتم وٽ وڃي سٽائينس تہ مالوٽي مُئي آهي.)

چتوَن اُڏامندو اُڏامندو نيٺ چنديري ۾ بوندي ننگرن جي وچ ۾ ڍولا کي اچي رسيو. ڍولا پڇيس تہ: چئو چتو نئڙا! مالوٽي مڪو اٿئي يا مون سان گڏ مارويءَ وٽ هلڻو اٿئي؟ چتونءَ جواب ڏنس تہ:

229ـ سالهہ ڪُنئَر ! سُوڙءِ ڳهيئہ مالوٽي مُک جوءِ

پِراڻ تَجيسِي پد مٽي، لِجَڻ ديسيئہ لوءِ

(چتونءَ کي جيڪي مالوٽيءَ مک ۾ وڌو آهي، سو وڃي تو سالهہ ڪمار (ڍولا) کي چئي ٻڌائي تہ: تنهنجي پدمٽيءَ پراڻ تياڳيا آهن. لوڪ تو کي ننديندا، نہ تہ موٽي هل.)

ڍولا سمجهي ويو تہ چتون پاڙهيل آهي. پنهنجي ٻولي ڪين ٿو ڳالهائي. ضرور سکي آيو آهي. سوچيائينس تہ:

230ـ سُوڙا، سُگڻ جئہ پَنکيا ! مُهانڪئہ ڪهيئہ ڪريج

نَو مَڻ چَندَڻ، مَڻ آگر، مالَوٽي داگيج.

(سُنين گڻن وارا پکي ! منهنجو چوڻ ڪر. نَو مڻ چَندن جا ۽ هڪ مڻ اگر جو وٺي وڃي مالوَٽيءَ (جي مڙهہ) کي چکيا تي چاڙهہ.)

231ـ سُوڙا، سگڻ جہ پَنکيا ! مهانڪئہ ڪهيئہ ڪريهہ

سائِي ديِجهو سَڄڻان، مُهان سامهان جو ايهہ

(چتوَن ! منهنجو چوڻ ڪر. سڄڻ بابت جيڪو ڏک مون کي ظاهر ڪرڻو آهي، سو مون بدران تون ڪج.)

چتون ڏٺو تہ ڍولا چتراٿي ۾ اچڻ وارو ڪونهي. ۽ مارويءَ پنيان سندس سِڪ ڏسي چيائين تہ:

ڍولا ! مون کي ڪوڙ ڪونہ ڳالهايو آهي. مالوٽي تنهنجي پنيان ائين مئي آهي، جيئن تون مارويءَ پنيان. هاڻي تون بلاشڪ مارويءَ ڏانهن وڃ، آءٌ پاڻ مالوٽيءَ کي دلداري ڏيندس.

232ـ تي سِڏاوءُ، سِڌ ڪرءُ، پوڄئہ تانڪِي آس
ويچر تان هِي ماڻسان، ميلئہ ديئہ اُلهاس.

(اُتي وڃي، اُتي جي ماڻهن جي سڌ پوري ڪري، پنهنجي آس پُوري ڪري، پوءِ اچي وچڙيلن ماڻهن سان مِلي ڪين خوشي ڏي)

ائين چئي چتون، ڍولا کان موڪلائي، اڏامندو اچي نرور ڳڙهہ پهتو. ڏسي تہ مالوڻي پئي روئي ۽ ڍولا کي ويڻ ڏئي. تڏهن چتون چيس تہ:

233ـ رهہ نيماڻي ! ماٺ ڪر، سيڻان ويڻ نہ ڪٿ
جِيان پَڳ ديڏا پاگرهہ، واڳ اُوانهِي هَٿہ

(رهہ نماڻي ! ماٺ ڪر. سڄڻ کي ويڻ نہ ڏي (اهو ڪرتار) جنهن سندس پير پاڪڙي تي رکيا آهن، واڳ بہ انهيءَ جي ئي هٿ ۾ آهي، اُهوئي واپس ورائيندس.)

پر مالوڻيءَ کي ماٺ ڪٿان ٿي اچي، آهون دانهون هليون اچنس:

234ـ صاحب ! تُجهہ سَنهيڙءُ، پريت تٽي پَت جاءِ
جَل کِڻ هِي جاڻئہ نهين، مڇ مرءِ کِڻ مانءِ .

(ساجن ! تنهنجو سنيهہ، پريت جي پت ٿو وڃائي. مڇ (پاڻيءَ بنان) ڪِن ۾ مريو وڃي، پر انهيءَ جل کي ڪِن ماتر بہ لک ڪانہ پوي)

235ـ هِت ورِڻ پيارا سڄڻان، چَل ڪر چيتر ياهہ
پهلي لاڏ لُڏاءِ ڪر، پلگٽر پَرهر ياهہ .

(پيارا سڄڻ ! تون منهنجو پلو ڪونہ ٿو چاهين. چل ڪري جدا ٿي وئين. پهرين لاڏ سان لڏائي (چت چريو ڪري) پوءِ مون کي ڇڏيہ پاڻ ڪيڏي وئين.)

236ـ بانوَل ڪانءِ نہ سِرجيان، مارو مَنجهہ ٿلانهہ
پريتم بادِت ڪانبڙيہ، ڦل سِيوَنت ڪرانهہ

(مون کي مارو ديس جي ٿر ۾ ٻبر جو وڻ ڪري ڇو ڪين سِرجايئي، اتي پريتم ڪا ڪام (ڇڙي) وڍي ها ۽ وڍنيدي پنهنجا هٿ چڀيم ها تہ اهو ڦل مليم ها.)

237- سانوَل ڪانءَ نہ سِرجِيا، اَنبرَ لاگ رَهَنت
واتَ ڇَلَنتان سالَهہ پِرِوَ اُوپر ڇانهہ ڪَرَ نتہ

(مون کي سانوڻ جو بادل ڪري ڇو ڪين پيدا ڪيئي تہ مان آڪاس ۾ رهان ها ۽ پيارو ڊولا جنهن واٽ تان لنگهي ها تنهن مٿان ڇانوَ ڪري بيهانس ها.)

238- سَجڻَ اَلگاتان لگئہ جان لگ نيٽي دِٺ
جب نيٽان هُون بِيَڇڙي تب اُر منجهہ پئٺہ

(سَجڻ الڳ تيسين تو لڳي جيسين نيڻ کيس ڏسن ٿا. جڏهن نيڻن کان وڇڙي تو تڏهن تہ ڇاتيءَ ۾ پيهي تو وڃي.)

239- مالوڻي اِڻ وِڌِ گهٽئہ وِرهہ وِڪل وِلپَنت
ڊولئہ پُوگل پَنٿ سر، آٽَند آڏڪ ڪَڙنتہ

(مالوڻي انهيءَ ريت، برهہ ۾ گهٽو وياڪل، ورلاپ پئي ڪري (هوڏانهن) ڊولو پونگل جي واٽ تي، وڏي آنند ۾ پيو وڃي.)

هيڏانهن ڊولو مارئي ڪارڻ اُٺ کي ڀڄائيندو اچي اراولي گهاٽ وٽ رسيو. پاٽيءَ سان پريل تلاءُ ڏسي اُٺ کي جهڪائي چيائينس تہ:

240- ڪَرها ! پاڻي کَنجُ پيءُ، تِراسا گهٽا سَهيس
چيلڙيئہ ڊُوڪس نهين، پريا ڪيٿ لهيس ؟

(ڪرها ! هتي پاڻي ڪشي پيءُ اڳتي هلي گهٽي اُڃ سهڻي اٿئي. چيلڙ (ٿُبن) مان تُون ڊُڪ بہ نتو پِين، پريا تلاءُ ڪٿان لهندين ؟) اُٺ جواب ڏنو تہ:

241- ديس ورنگئہ ڊولٽا ! ڊُکي هُيا اِهان آءِ
مَن گمتا پاميا نهين، اُونٺ- ڪتالا کاءِ

(ڊولا ! هي ديس ڏاڍو اٽانگو آهي، هتي اچي ڏاڍو دکي ٿيو آهيان، دل گهريو کاڄ مليئي ڪونہ ٿو رڳو اُٺ- ڪنڊڙيءَ ۾ ڪرڙ پيو کان)

ڊولا وراڻيس تہ:

242_ ڪر ها ! نيرُو جنھ چرءِ، ڳنتالئہ نئہ ڦوڳ
ناگر ويل ڳهان لهئہ، تارا ٽوبڙ جوڳ؟

(ڪرها ! تون چَرنيرُو ڪنڊا ۽ ڦوڳ. جيڪي هٿ اچئي.
تنهنجي پيٽ لائق آهي ناگر ويل، اها ڪٿان لهندين ؟)

243_ ڪر ها ! نيرو سوءِ چر، واٽ چَلَنئہ پُور
ڊِراک وڄِئرا نِيرتِي، سوڌَڻ رهِئِسِ ڏُور !

(ڪرها ! اهو نيرُو چَر جيڪو واٽ تي هلندي هٿ اچئي.
اُها ڏياڻي جيڪا ڊاک ۽ بيجورا ڪارائيندءِ سا اجا پري آهي.)

اُٺ بہ ڍولا کي وراڻيو تہ:

244_ سُڻ ڍولا ! ڳرهئہ ڪهئہ، مُوھَن موتي آس
ڳئرا ڪؤنپل نَوَ چَرون، لنگهڻ پڙءِ پچاس.

(ٻڌ ڍولا ! منهنجي من ۾ بہ موتي آس اٿئي. ڪنڍن وارن وڻن جا چُوپا آءٌ ناحق ٿو چرانءِ، توڙي ڪٽي پنجاھ لنگهڻ ڪيڏا پونم.)

تڏهن ڍولا چيس تہ:

245_ ڪر ها ! لَنب ڳراڙِيا، ٻي ٻي اَنگُل ڳَن
رات جنہ چينهي ويلڙِي، تَڻ لاڪيٽي پَن؟

(لنبي ڳچيءَ وارا اُٺ ! ٻہ ٻہ آڱر تنهنجا ڪن آهن. رات جيڪا وَل چنِئَي، تنهن جا پن ڪين لاڪيٽا هئا ؟)

246_ ڪر ها ديس سَها مٹئہ جي مُون سان سرواڙ
آنب سَرِيکئہ اَک ڳِڻ، جال ڳرِيران جهاڙ.

(ڪر ها ! منهنجو جيڪو ساهرو ديس آهي، سو ڏاڍو وڻندڙ اٿئي. اُتي جي اَڪن کي تون انب ڪري سمجهج ۽ اُتي جي ڄار کي تون ڪرڙ جو وڻ ڪري ڄاڻج.)

هنن ائين ڳالهيون پئي ڪيون تہ اوچتو اتي هڪڙو چارڻ اچي نڪتو. ڪيڪاري هڪبئي کي خبر چار ڏيڻ وٺڻ لڳا. چارڻ پڇيس تہ:

بہ هلڻو آهي، پر هُو جو چارڻ پيو وڃي، تنهن مُنجهائي چڏيو اٿم. ويسوُ پڇيو تہ: اُهو وري ڪير ڪيئن؟ ڍولا وراڻيو تہ آءٌ نِرور جو راجا ڍولا آهيان. وِيَس پئي مارئيءَ ڪاڻ، پر هن چارڻ ٻڌايو اٿم تہ مارئي پوڙهي ٿي ويئي آهي. هاڻي اڳتي وڃان ڪين واپس وران. انهيءَ اُلجهڻ ۾ آهيان. تڏهن ويسوُ ٺهڪ ڏئي چيو تہ:

251ـ ڍَئِي وَرس رِي ماروي، ترهَن ورسان رءُ ڪَنت
اُڻ رءُ جوبن ٻهہ گَيئہ، توُن ڪئن جوين وَنت؟

(ڏيڍ ورهيہ جي هئي ماروي جڏهن ٽن ورهين جو سندس ڪانڌ هئو. جي هن جو جوين هليو ويو تہ تون ڪيئن جوان آهين؟)

اتي ڍولا جو هوش جاءِ ٿيو. ڳالهہ دل سان لڳس تہ ويسوُ سچ ٿو چئي، پر تڏهن بہ پڇيائين تہ: توکي اها خبر ڪيئن پئي تہ مارئي جڏهن ڏيڍ ورهيہ جي هئي، تڏهن آءٌ ٽن ورهين جو هئس. ويسوُ جواب ڏنو تہ: ڍولا! اسين مڱڻهار ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي. اٽڪل ويهہ ورهيہ اڳ آءٌ پُشڪر ۾ اچي نڪتو هئس تڏهن سُڌ پيم. ڍولا چيو تہ: پوءِ هن چارڻ اهو ڪوڙ ڇو ٻڌو تہ مارئي پوڙهي ٿي ويئي آهي. ويسوُ چيو تہ:

252ـ درجَن ڪيرا ٻولڙا، مَت پانتر جٺہ ڪويہ
اَڻ هُنتي هُنتي ڪهيئہ، سگلي ساچ نہ هويہ

(ڏُجڻن جي چوڻ تي لڳي متان ڪو گهمراهہ ٿئي. اُهي اڻهونديءَ ڪي هوندي چوندا ۽ اُن ۾ سچ اصل نہ هوندو.)

ڍولا پڇيو تہ: هن چارڻ ڇو سچ کي لِڪائي مون سان ڪوڙ ڳالهايو؟ تڏهن ويسوُ ٻڌايو تہ: اُومرا رايہ نالي، ذات جو سُمرو ڪو ننڍو وڏو ڍڳيدار ٿو ياڻئجي. پونگل جي پريان ڍٽ ڪان هيٺ ٿو رهي. مارئيءَ جي سونهن جي هاڪ سڻي، راجا پونگل وٽ آيو ۽ مارئيءَ جو سڱ گهريائين. راجا جواب ڏنس تہ: مارئي اڳئي ڍولا سان پرڻايل آهي، پر اُومرا رايہ هوڏ تي ٿي بيٺو آهي. راجا تہ کيس ٽڙائي ڪڍيو آهي، پر هاڻي هو بہ وڏيڪ سيٽيل ٿو ڏسجي،

(جيپ اتم هڪ ۾ مارئيءَ جا روپ آهن اپار. سو سيئي ورنن ڪيئن ڪريان ؟جي پرماتما هن سنسار ۾ پنهنجيءَ رضا سان (اهڙي چيز) ڏئي تڏهن ئي نصيب ٿئي.)

ايترو ٻڌائي ويسوُ چيو تہ: ڍولا! مارئيءَ بابت اجا بہ ٻڌايانءِ يا بس! ڍولا، مارئيءَ جو مذڪور ٻڌي ويتر بيقرار ٿي ويو هو تنهن چيس تہ ويسوُ! ٻيلي، اُڏام ڪر هو هڪليندو وڃ. آءُ پهچان ئي پهچان. تنهن ڪان اڳي تون وڃي پونگل ديس ۾ پونگل وارن کي منهنجي اچڻ جي واڌائي ڏي آءُ بہ ٺو اُٺ کي اُڏايان اجهو آيس.

269_ ويسوُ ! سُڻ ڍولئہ ڳهَہ هِوَ ڪڙ پوُگل جات
ديهہ وَڌائي دِن ٿَڪئہ مهي آئيسان رات

(ويسوُ! ٻڌ. هينئر ڪَڙي ٿڙي پونگل وڃ. ڏينهن پوري ٿيڻ ڪان اڳي وڃي منهنجي اچڻ جي وڌائي ڏين. آءُ رات تائين اچي ويندس.)

ويسوُ واءُ جيئن اُٺ ڪاهيندو ويو. ڍولا بہ پنهنجي اُٺ کي ڪامن سان سَنڻ لڳو تہ جيئن تِکو هلي. تنهن تي اُٺ ٿو چويس تہ: ڍولا! ڏاهو ٿيءُ:

270_ سَڙ سَڙ واهہ مَ ڪَنبڙيِ، رانگا ديهہ مَ چوُر
پئَن دِيپان ٻچ مارئي، مُو تِي ڪيتِي دوُر ؟

(ڪامون سٽي سٽي نہ واهينم. منهنجو رانُون چُور نہ ڪر. ٻن ديپن (ملڪن) وچ ۾ مارئي هجي تہ بہ مون کان گهڻو دوُر نہ ٿيندي.)

تڏهن ڍولا بہ چيس تہ:

271_ ڪرها، ڪاڇي ڪاليا، پئَن ياري، گهر دوُر
هَٿڙا ڪانءِ نہ کِنچيا، راهہُ گَلَنتہ سوُر ؟

ڪرها! ڪڇ جي ڪاريءَ اُٺ جا پٽ، اڳيان پُونءِ يارِيءِ (ساجن جو) گهر دوُر. راهوءَ جنهن مهل سج کي ڳڙڪائڻ شروع ٿي ڪيو ان مهل هن پنهنجا هٿ نٿي روڪيا تہ هيئنءَ اونداهہ نہ ٿئي ها.)

اُٺ ورائيس تہ: ڍولا! اهو تہ راهو جو ڏوهہ آهي. مون کي ڇو ٿو سٽين ؟

276_ سَپنئـَ پريتم مُجهہ مليا، هُون گل لاڳي روءِ
ڍَرپَت پلڪ نہ کولهي، متہِ وڇوڙهنِ هوءِ
(سپني ۾ پريتم مليم. روئي وڃي گلي لڳيسانس. ڊپ کان پلڪ (ڇپر) ئي نہ پئي کوليان، متان وڇڙي وڃيم.)

277_ سَپنئـَ پريتم مُجهہ مليا، هُون گل لڳي ڏاءِ
ڍَرپَت پلڪ نہ ڇوڙهي، مت سَپنئـَ هئـَ جاءِ
(سپني ۾ پريتم مليم. ڊوڙي وڃي گلي لڳي سانس. ڊپ کان پلڪ ئي نہ پئي کوليان، متان سپنو سپنوئي رهجي وڃي.)

پئي ڏينهن سکين کي ٻڌايائين تہ:

278_ رات جئـَ بادل سُگهڻ گهڻ، ويج چمنڪئـَ هوءِ
اِڻ سَمَيئـَ هي سِکي ! سالهہ جاڳايو هوءِ
(سکيون! رات جڏهن بادلن ۾ وڏندڙ گجگوڙ هئي ۽ وج پئي چمڪي، ان وقت سالهہ (راجا) اچي مون کي جاڳايو.)

279_ سوهڻ پائي ڦرگيا، مَنَن سَرَ پَريا روءِ
آوَ سوهاگڻ نيندرِي، وَل پريہ ديکون سوءِ
(سپنو اچي وري هليو ويو. مون روئي تلاءُ ڀري ڇڏيا. اي سهاڳڻ ننڊ! اچ تہ اهو پرين وري ڏسان.)

280_ جد جاڳُون تد ايڪلي، جب سوئون تب بيل
سوهڻا ! تي مني ڇيتري، وِڇي بيڇِي هيل.
(جڏهن جاڳان تڏهن هيڪلي، جڏهن سمهان تڏهن هجان ٻيلهہ.
سپنا ! تون نوان نوان کيل ڪري مون کي ٺڳي رهيو آهين.)

281_ سوهڻا ! هون تئـَ داهوي، تونئـَ دهيئـَ اگ
سؤ يوجڻ ساجڻ وسئـَ سُوئِي تِي گل لگـ
(سپنا! آءٌ توکي ڏنپائيندس. توکي باهہ ڏياريندس. ساجن وسي سوُ ڪوهہ پري ۽ آءٌ ستي پيئي هيس ڪيس گلي سان لڳائي!)

اهي ماروئڙيون، مارئيءَ جون سکيون هيون. مارئي به انهن ۾ موجود هئي. ڍولا جو نالو ٻڌي ڪانئس دانهن نڪري ويئي ۽ اُٺ کي چيائين ته:

291- ڪرها ! پاڻي ڪَنجُ پيءُ، جو ڍولا رو هويه
ٻُولي واهي ڪانبڙي، ولي نه واهڻَ ڪوءِ

(ڪرها ! پاڻي ڪشي پيءُ، جي تون ڍولا جو اُٺ آهين. ٻُل ۾ توتي ڪانبڙيون واهيون اٿن، وري ڪو به ڪين واهيندءِ)

اتي ڍولا به اچي پهتو. ڪرهو پاڻي پيئندي ڪيس ڏسي ٿو. ڍولا به سڄي ڏينهن جو اُڃايل هو تنهنڪري ڪرهي چيس ته:

292- ڍولا ! مارو ديس ۾ پاڻي نيٺ ڳدايه
پلو اَمِٽيو ديسڙو سيوَ جل پيوايه

(ڍولا ! مارو ديس ۾ پاڻي ڏاڍو مشڪل ٿو نڪري پلو آهي ته پنهنجو ديس، جتي پاڻي جيترو پيئڻو هجيئي اوترو ملندءِ) ڪرهي ڍولا کي وڌيڪ چيو ته:

293- بالڻَ، بابا، ديسڙءُ، پاڻي جهان ڪُوانهه
آڌي رات ڪُهڪڙا، جيئَن ماڻسان مُوانهه

(بابا ! اوهان جي (مارواڙ) ديس کي ٻاريون ۽ جلائيون، جتي جو پاڻي کوهن ۾، جن تي آڌيءَ رات تائين پيون دانهون ڪوڪون هلن، ڄڻ ته ڪي ماڻهو مئا آهن.)

هڪڙي ماروئڙي جواب ڏنو ته:

294- بالُون بابا، ديسڙءُ، جهان پاڻي سيوار
ناپٽهاري جهُولڙءِ ناڱو وَءِ لئڪار.

(بابا ! اوهان جي (مالوا) ديس کي ٻاريون، جتي پاڻيءَ تي سينور چڙهيل هجي، جتي ڪي به پاڻهاريون کوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ تولا ناهي، لئي سان ڳائيندي يون نه ٻڌجن.)

اُٺ وري به چيو ته:

295۔ بالون، بابا، ديسڙءِ، پاڻي سنڌي تات
پاڻي ڪيرءَ ڪارڻہ، پري چندت اڌ رات۔

(بابا! اوهان جي ديس کي ٻاريون، جتي پاڻيءَ جي تات لڳي پيئي آهي، جتي پاڻيءَ جي ڪارڻ اڌ رات جو پنهنجو پريتم ڇڏڻو پوي.)

وري ٻي ماروئڙي ڪرهي کي وراڻيو تہ:

296۔ بالون، بابا، ديسڙءِ، جهان ڦيڪريا لوگ
ايڪ نہ دِسئہ گوريان، گهر گهر دِسئہ سوگ۔

(بابا اوهان جي ديس کي ٻاريون، جتي جا ماڻهو ڦِڪا، آيوگا ٿين. جتي هڪڙي گوري بہ نہ ڏسجي. جتي گهر گهر ۾ غم ڇانيل هجي.)

اُت چيو تہ:

297۔ پهرڻ اوڍڻ ڪنبلان، ساٺي پرسِي نير
آپڻ لوڪ اُيانڪرا، گابر ڇاگل کير۔

(توهان جي ديس ۾ پهرڻ اوڍڻ لاءِ رڳو ڪمبل ملي. جتي سٺ پرهہ اونهو هجي کوهن ۾ پاڻي، جتي جا ماڻهو اُپ ڏي، برسات ڪارڻ نهاري سدائين ڪڙا آهن بيٺا. برسات لاءِ پيا هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ ملن، جتي کير ملي ٻڪرين جو، سو بہ گڏيل.)

ماروي ڪرهي کي چيو تہ:

298۔ جهوڪِي ڪرها بئسيئہ جو تون ڍولو هو يہ
جي مين جاڻت وَلها، ڪويہ نہ مارت تو يہ۔

(تون ڍولا جو اَٺُ آهين، جهُڪي ويهہ مون کي جي جاڻ هجي تہ تون ڍولا جو اٺ آهين تہ توکي ڪير بہ نہ ماري ها.)

اُٺ وراڻيو تہ:

299۔ اُونچا پاڻي ڪوهرءِ، ٿلي ڇڊيجئہ نِٽ
مارئِي ڪئہ ڪارڻہ، ديس آديٺا ڊِٺ۔

(ڪوهن جو پاڻي ٿر ۾ مٺي تڪليف سان ٿو چڙهي. مارئيءَ جي ڪارڻ نه ڏسڻ جهڙو ديس ڏسڻو پيو اٿم.)

اُٺ جي واتان ڍولا جو نالو ٻڌي مارئي آنند ۾ اچي وئي هئي. تنهن پنهنجي سکين کي چيو ته:

300- صاحب آيا، هي سکي ! ڳجا سهه سَريانهه،
پُونم ڪيرِي چند جيُون، دِس چياري قليانهه.

(سکيون ! ساجن اچي ويو آهي. منهنجا ڪارج سڀ سريا آهن. پور نماسيءَ جي چنڊ جيان چارئي ڏِسيون قَليون آهن.)

301- سکئي ! صاحب آويا، جانهڪي هُونتِي چاءِ،
هِيڙءِ هِيمانگر پيئَه تن پنِجرِي نان ماءِ.

(سکيون ! ساجن آيو آهي، جنهن جي چاهنا هيم. منهنجو هِردو وڏي هماليه جبل جيڏو ٿي پيو آهي ۽ هن پڃري ۾ ماپجي نٿو سگهي.)

302- سجڻ مليا سڄڻان، تن من نيڻ ٺَرنتَ،
آڻ پِيِيئَه پٽينگ جيُون، نيڻين چاڪ چَڙنت.

(سجڻ سڄڻن کي ملن ته تن، من ۽ نيڻ ٺريو وڃن. آڻ پيتي نشي جو اکين تي خمار چڙهيو وڃي.)

اتي ڍولا به اچي کين ويجهو ٿيو هو. ڏسي ته کوهه تي جيڪي بيٺيون آهن، سيئي سهڻيون آهن ۽ ورن واريون سهاڳڻيون آهن. پر جنهن ڪارڻ ٿر جهاڳيو هئائين، سا سڃاڻي نه سگهيو. تڏهن ڪرهي کان پڇيائين ته: انهن مان منهنجو ساجن ڪهڙو آهي؟

303- جڻ ڪارڻ ٿل لنگهيا، تيان چت نه ڪوءِ،
ساجن ڪيها ڪوُ وَسرِ، ڪرهئِ تِر سيئَه توءِ؟

(جنهن ڪارڻ ٿر لنگهيو آهيان، سا ته ڪا چت ۾ ئي نٿي اچي. ڪرها! تو جو کوهه تي اُڃ لاٿي آهي، ٻڌاءِ ته ساجن ڪهڙو آهي؟)

308- اِڻ سَمِئَيئَہ اَويئہ ويسوُ تِڙهين وار
پنگل راجا نُون ڪَهَئِہ آيئہ سالهہ ڪُمار.

(انهيءَ سمي، انهيءَ وار ويسوُ اچي ويو ۽ راجا پنگل کي چيائين تہ: "سالهہ ڪمار آيو آهي.")

309- راجا راڻي هِر ڪِيا، هِر ڪِيئہ نگر آپار
سالِهہ ڪنورَ پڌاريئہ هر ڪي مارو نار.

(راجا ۽ راڻي حرصيا، خوش ٿيا. سارو نگر خوش ٿيو.

سالهہ ڪمار پڌاريو تہ مارواڙ جون مڙيئي ناريون آنند ۾ پئجي ويون.)

يڪدم دهل دمامن سان ڍولا کي وٺڻ لاءِ ويا. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڄڃ سميت محلات ۾ گهڙيو. شهر ۾ خوشي ٿي وئي. انهي مهل ئي شاديءَ جي رسمن جي تياري ڪرڻ لڳا. راڻي، راجا کي چيو تہ: اڄوڪي ڏينهن جيڪر پائو پٽ هجي ها تہ چڱو ٿيو تہ جيڪي ٿيو آهي، سو سمورو پائو جي هٿان. اُن مهل ويسوُ پنهنجي ڪاري ڏاڙهي پٽي ڪٽي اُڇلائي. ڏناٺون تہ پائو پٽ! سيني جس ڏنس.

ڍولا جو ڪرهو جيڪو ٻاهر بيٺو هو تنهن محلات ۾ ڪنڌ وجهي پائو کي چيو تہ: اراولي ٻهاڙيءَ وٽ هُن چارڻ چيو تہ ماروي پوڙهي آهي. ۽ مون اڳهرو ماورويءَ کي سڏيو ڏيڏٽي. حيف هن کي ۽ حيف مون کي. پر پيلي ! هِنن ماروڙين ٻڪ پاڻيءَ تان سَٽي وڌم، سو رَڳوُن پيون ڏکن. ايترو چئي ڪنڌ ڪڍي ٻاهر ڪيائين. پوءِ تہ مهل سارو سڪين، مارئيءَ کي سينگاري، سنيرائي ڍولا وٽ روانو ڪيو.

310- گهم گهَمَنتَہ گهوُ گهَرءِ پگ سونيري پالَ
مارو چالِي مَندري، جاڻ چِتو چنچال.

(مارئي مندر ڏي وڃي رهي آهي. پيرن ۾ سونا پلڙا، گهنگهرا اٿس، سي ائين پيا گهڻ گهڻ ڪن، جڻ تہ ڦوهاري چُنڻ جي چمڪاٽ پيئي ٿئي.)

311_ مارُو چالي مَندري، چَندءَ بادل مانهہ
جاڻو گينڊَ اُلٽئيءُ، ڪَجُلُ وَنَ مَہِن جاهہ
(مارئي مندر ڏي ائين هلي رهي، جيئن چنڊ بادلن ۾ گهڙندو آهي يا تہ ڪو مست هاٿي، هاٿين جي بن ۾ ٽَپ ٽَپ ڪندو هلندو آهي.)
312_ بولِي ويڻا، هَنس گت، پَڪَ باجَنتي پالَ
رايَجادِي گهرَ انگڻءَ، ڇُٽي پَٽي ڇنڇال
(سندس ٻولي ويڻ (ساز) جهڙي مٺي، هَلڻ هنج پکيءَ جهڙو پيرن جا پلڙا پيا وڄنس، راءِ زادي گهر جي اڱڻ مان ائين ڇم ڇم ڪندي، پٽي هلندي وڃي، ڄڻ تہ سڄو ڪوليل ڦوهارو اڇي ڇُٽو آهي.)
313_ سوئي سجڻ آويا، جانڪي جوتِي واٽ
ٿانيا ناچَءَ، گهر هَنسَءِ، کيلڻ لاگِي کاٽ
(مارئي ٿي ويچاري تہ سوئي سجڻ اچي ويو آهي، جنهن جي واٽ نهاري رهي هيس. پانئي ٿي تہ خوشيءَ ۾ ٿنيا ٿا نچن، گهر ٿو کِلي ۽ کٽ ٿي کيلڻ لڳي.)
214_ سکِئي اُوگَٽ مانجڻءَ، کِجمَت ڪرِءِ اَنَتَ
مارُوتَنَ منڌپ رَچِيَءُ، مِلَڻ سُهاوا ڪَنتَہ
(سکين مارئيءَ جي بدن تي اُبَٽڻ مهَٽيو ۽ ٻي گهڻي خدمت ڪيائونس. مارُوءَ جو بدن منڌپ جيان سينگارياڻون تہ پنهنجي منوهر ڪانڌ کي ملي.)
315_ مارو بئٺي سيجَ سِر، پِرِي مُکَ ديکئِہ تاس
پُونَمَ ڪيري چَند جيُون، مَندَرُ هُوءِ اُجاس
(مارئي سيج تي ويٺي آهي. ڍولا سندس گونگهٽ مٿي ڪري، سندس منهن ٿو ڏسي. مار! پورنماسيءَ چنڊ رات جيان، جيئن مندر ٻهڪي.)
316_ ڍولئہ مِليئہ مارويِ، دي آلِنگَڻ چِت
ڪَرگِرهہ آڻِي اَنڪَ مَئہ سيج سُٽيسِي بَتہ

333- وِرھ وِياپِي، رَئِڻَ پِر، پريتم وَڻُ تَنَ کِيڻَ،
وِيڻَ آلاپِي، ديک سَس، ڪِسَ گُڻَ ميلهِي وِيڻَ؟

(برھ ۾ وياڪل، سڄي رات پريتم بنا، بدن ۾ ڏُبري، ويڻ (ساز) وڄائي رهي هئي، پر چنڊ ڏسي، ڪهڙي سبب ويڻ پاسيري رکي ڇڏيائين؟)

مارئي وراڻيو تہ:

334- وِيڻ آلاپي ويک سَس رَيڻِي ناد سَلِيڻ،
سَسِهَر مِرگُهہ رٿ موهَيئہ تِڻ هَسِ ميلهِي وِيڻ.

(وِيڻ وڄائيندڙ اِستريءَ ڏٺو تہ چنڊ سندس وڄندڙ ۾ سلوڻو آواز ٻڌي پنهنجي رٿ جي هرڻ سوڌو هوش وڃائي ويٺو سو مُرڪي اِستريءَ وِيڻ پاسيري رکي ڇڏي)

ڍولا چيو تہ:

335- سُندَرِ چوري سَنِگرَهي، سڀ لِيئا سِڻگار،
نَڪ ڦُولي ليڌِي نَهِين، ڪهہ سَڪِ ڪَوڻَ وِچار؟

(چوڙ سنڌريءَ کي پڪڙيو ۽ سندس سڀ سينگار لاٿائين پر نڪ جي ڦلي ڪين ڪنيائينس، سو سڪي، ٻڌاءِ تہ ڪهڙي ويچار ڪان؟)

مارئي وراڻيو:

336- اَهَرَ رنگ رَتئہ هُوَءِ، مُکَ ڪاجل مَس وَرنَ،
جاڻِيئہ گُنجا ڦَلَ اَڇِئہ تيڻ نہ ڍوُ ڪَئہ مَن.

(نڪ جي ڦلي چپن تي لڳل رنگ سان لال ٿي ويئي، ان جو مُکُ ڪجل جهڙو ڪارو هو. سو چور ڄاتو تہ گُنجا ڦل (ٽڻ) آهي ۽ من ۾ اهو خيال ٿي ڪين پيس تہ ڪا ڦُلي آهي.)

ڍولا وري پڇيو تہ:

337- پرديسان پِرِيِ آوِيئہ موتي آڻيا جيڻ،
ڌَڻَ ڪَرَ ڪَنوَلان جهالِيا، هَسِ ڪر ناکيا ڪيڻَ؟

(پرديس کان پرين آيو جنهن موتي آندو. استريءَ کِلي کِلي اهو پنهنجن ڪنول جهڙن هٿن ۾ جهلي ورتو سو ڇو؟)

مارئي وراڻيو:

338- ڪر رَتا، موتي نِرمِلَ، نَيڻي ڪاجَل ريھَ،
ڏَڻِ پُولي گُنجاڦلي، هس ڪر ناڪيا تيھ.

(استريءَ جا هٿ لال هئا، موتي سفيد هو. نيڻن ۾ ڪجل جي ڪاري ڪنار هئي، سو استريءَ پُل ۾ سمجهيو تہ ڪو وٽندڙ ميوو آهي، سو ڪلي ڪلي پاڻ وڌائين.)

ائين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي، قرب ونديندي، ٻنهي پريمين کي رات وهامي وئي.

339- سسِنيهي سَجڻ مِليا، ريڻ رهي رَس لاءِ،
چِيهُن پَهُري چِتَڪئُ ڪِيئُ، وَيَرڻ گئي وهاءِ!

(سچا سنيهي سجڻ مليا هئا سندن رات رَس سان گذري، پر رات ويرياڻي، چئن پهرن جو چتڪو ڪري، وهامي وئي.)

صبح ٿيندي ئي مارئي سهيلين کي ٻڌايو تہ:

340- مهين تي جهونبيا، لوُنگي لَڪئڙيھ
مهاني پِرءُ جئہ ماريا، چَنپاري ڳَلِيھ.

(مون کي ڍولا، لونگ جي ٺاري ڪٽي جُنبي ويو مون کي منهنجي پرينءَ، چنباگلُ جي ڳليءَ سان مار ڏني.)

341- مُهين ني ڍولا جهُونبيا، مُهانُون آوي ريس
چووا ڪيري ڪُونپلي، ڍولي صاحِبَ سيس!

(ڍولا جو مون کي ائين جُنبي ويو سو مون کي بہ ريس ٿي. مون بہ سڳنڌي تيل جي پتي سان وڻي صاحب جو مٿو ڏوڙيو.)

342- پهلي پوهري ريڻ ڪي، ڍولا آنبر ڍوُل
ڏڻ ڪستوُري هُئہ رهِي، پِروَ چمپارئہ ڦوُل.

( رات جي پهرين پهر، آڪاس ۾ ديپڪ لڏي رهيا آهن. هيءَ پريتما ڪستوري تي رهي آهي ۽ هو پريتم چمپا جو گل.)

343_ ٻوجهٽ پوهري رينڻ ڪي، مليت ڳُفاَ ڳُدّ
ڏٽي پالِي پيہَ پاڪريئہَ وِهُن پلا پڙ ٻُڏ

(رات جي ٻئي پهر ۾ ٻئي هڪٻئي ۾ جُنبي ويا. استري پيدل، ڏٽي سوار لڙائي لڳي.)

344_ تِريجي پوهري رينڻ ڪي، مِليا تيها تيهہ
ڏڻ تهن ڏرتي هُئہ رهِي، ڪنت سهاوي ميهہ

(رات جي ٽئين پهر، ائين جو ائين مليا آهن. استري آهي ڀُومِيءَ سمان، ڪانڌ آهي ميگهہ سمان.)

345_ چوٿي پهرئِي رينڻ ڪي، ڪُوڪر ميلي رال
ڏڻ سنيالٿ ڪنچُوِہ پري موُڇان را بال

(رات جي چوٿين پهر، ڪُڪڙ بانگ ڏني آهي. زال پنهنجي ڪنجري پيئي سنيالي ۽ مڙس پنهنجين مُڇن جا وار پيو وٽي.)

346_ پَنچمئي پرهريہ ديهريہ، سائڏڻ ديٺہ ٻُهار
رم جهم رم جهم هُئہ رَهِي، هئہ ڏڻ تيري جُهار

(ڏينهن جي پنجين پهر، هي زال ڇڄي پيل هار جي داڻن ميڙڻ لاءِ ٻُهاري تي ڏئي. پيرن ۾ پيل پازيب جي رم جهم رم جهم تي ٽئي ۽ پَٽ ۾ ويٺي زال مڙس هڪٻئي سان مُشڪن مُرڪن ٿا.)

347_ ڇَٽئہ پِرهرئن ڍِوَس ڪي، هُئي جئہ جهِيمڻ وار
ٿَن چاوَل، مَن لاپَسِي، نيڻ جئہ گهيي ڪِي ڏار

(ڏينهن جي ڇهين پهر، کائڻ جي ويل تي آهي. ٿَن اٿن چانورن سمان، مَن اٿن لاپسي (ڪٽڪ جي لَپيءَ) سمان (ڳنڌيل) ۽ نيڻ اٿن گيهہ جي ڍوريءَ مثل.)

348- سَتَم پِرهَڻ دِوَس ڪي، ڏرڻ واڙيان جاءِ
آڻِيءِ ڊراڪ وِجوريان، ڏرڻ چِيلئہ پرءِ ڪاءِ

(ڏينهن جي ستين پهر، استري واڙيءَ ۾ ويجي ٿي، اتان ڊاڪ ۽ بيجورا ٿي آڻي، هوءَ چلي ٿي ۽ هُو ڪائي ٿو.)

349- آٺم پِرهرءِ سَنجها سمئہ ڏَرڻ نوئي سڻِگار
پان، ڪَجل، پاڪرڪرءِ، ڦُولان ڪي گل هار.

(سنجها جي اٺين پهر، زال سينگار ٿي ڪري پان ۽ ڪجل لاتو اٿس ۽ ڳچيءَ ۾ گلن جو هار پاتو اٿس.)

350- پِرهريءِ پرهہ جئہ اُتريون" ديوَ لا ساڪ پريس
ڏرڻ جِيتي، پِروَ هاريئہ ويلها مِلڻ ڪريس.

(پهر تان پهر جيئڻ پيو لهي، اُن ۾ چا ٿو ٿئي، تنهن جي ساک ڏِيئو ٿي پري سگهندو. ڇو تہ سندن مِلڻ جي ويل اهو ڏِيئو ئي ٿو جوڙي، اهوئي ٻڌائيندو تہ استريءَ ڪتيو ڪين پتار هارايو!)

ڍولا، پندرهن ڏينهن پونگل ۾ آنند سان رهيو. سورهين ڏينهن پاڻ بہ موڪلايائين ۽ ماروِيءَ جي بہ موڪل ورتائين. راجا پنگل، گهڻئي سُندر ڳهڻا، اُچاوڳا، هاٿي، گهوڙا ۽ پالڪيون وغيره ڏاج ۾ ڏنا. مارئي کي ٻانهيون ٿي ڏنائين ۽ ڍولا کي پنهنجا نوڪر ڏنائين تہ وڃي نِرور رسائي اچن. پائُويٽ کي راجا پاڻ وٽ تِڪائي ڇڏيو.

351- پَنَرهہ دِن لَگ ساسرءِ، رهيئہ سالهہ ڪمار
پُوگل پگتان نَو نَوي، ڪِيڏِي هِرک اپار.

(ڍولا، ساهري گهر پندرهن ڏينهن رهيو. پوُنگل نواسين سندس هر طرح جي شِيوا ڪئي ۽ گهڻيون خوشيون ملهايائون.)

352- سوِن جَڙت سِنگاريهہ، ماروِڻي مُڪلاءِ
گَيہ هينوَر داسي بهت، دينهِي پنگل راءِ

(سونا جڙاءِ عُدار مٽيا ڳهٽاڏئي، مارئيءَ کي موڪل ڏنائون. هاٿي، گهوڙا، گهٽيون داسيون راجا پنگل ڏنن.)

سمورو اٽالو اُتي هليو. رستي ۾ هڪ هنڌ رات پين. سو اُتي ڏاڀو ڪيائون. رات جو سڀ ننڊ ۾ ستل هئا ته آڌي رات جو مارئيءَ جي رڙ تي ڏولو ڇرڪ ڀري اُٿيو. ڏسي ته هڪ پيئڻ بلا، مارئي جي پيرانديءَ کان سُرندي پئي وڃي. يڪدم هٿ لائي مارئيءَ کي ڏٺائين ته سندس لڱ برف جهڙا ٿڌا ٿي پيا هئا. سمجهي ويو ته اها بلا، مارئي جو ساهه پي ويئي آهي.

353۔ نِس پر سُوتي سُندري، والَنيپ ڪنٺ وِلڳ،
موهڻ ويلي مارئي، پِيڌي ناگ پُيَنگ

(رات جو پنهنجي پياري ڏولا جي پاسي ۾ هيءَ سندري ستي پئي هئي، هِن موهن لَتاول جهڙي مارئيءَ کي پيئڻ بلا پِي وئي.)

ڏولا ورلاپ ڪرڻ لڳو. مارئيءَ جي انهيءَ اوچتي موت تي سيني وٽي ماتم شروع ڪيو. صبح جو مارئيءَ جي لاش کي ساڙڻ لاءِ چڪيا ٺاهيائون. تڏهن ڏولا هوڏ ٻڌي ويٺو ته آءُ به مارئيءَ سان گڏ چکيا تي چڙهندس:

354۔ واهِي تي گُڻ ويلڙيِ، واهِي تي رس ويل،
پيٺَه پيڌي مارئي چاليا سوتي ميل

(هوءَ هئي گُڻن جي ول، هوءَ ئي هئي رس ڀري ول. پيئڻ بلا مارئيءَ کي پيتوءِ سُتي ئي جدا ٿي ويئي.)

355۔ ويسارِيان نه وِيسرءِ، چِنتاريان ناوَنت
مارو ساير لهر جِيونُ، هِوَڙي دِروَ ڪاڏَ نت

(وساريان ته نٿي وسري، ياد ڪريان ته موٽي نٿي اچي. سمنڊ جي لهرن جيان، منهنجي سرير ۾ پئي سَل ڪري.)

356۔ سوهڙ سهه پيلا ڪيا، تڻ ويلا تڻ وار،
نر ناري سهه بلبلئه، هئي هئي سرجڻهار!

(انهيءَ ويل اتي جو اتي سڀ ڳائيندڙ گڏ ٿيا. نر ۽ ناريون سيئي ٻاڏائڻ لڳا تہ هاءِ هاءِ! هي ڇا ٿيو.)

ان مهل اوچتو هڪ جوڳي، واٽ وٺي، اُتان اچي لانگهائو ٿيو. ڏسي تہ چکيا تي هڪ نئين ڪنوار جو مڙه پيو آهي ۽ سندس مڙس پيو ٻاڏائي تہ آءُ بہ هن سان گڏ چکيا تي چڙهندس.

357۔ اِڪ جوڳي آٽند مٺہ آويئہ تِهِج واٽ
جاٽو شِريپٽ پيجيا، پانجڻ سالھ اُچاٽ

(هڪ جوڳي انهي واٽ تان اچي لنگهيو جڻ تہ شيو مهراج ئي ڪيس ڍولا جي دک دور ڪرڻ لاءِ موڪليو هو.)

جوڳي وڏي اچي ڍولا کي چيو تہ:

358۔ نَر ناريِ سوُن ڪِيوُن جٺہ نَر سوُن تارجَلنت
سالھ ڪنوَر جوڳي ڪهئہ اهلئہ ڪيم مَرنت

(نر ڪيئن ٿو ناريءَ سان جلي ؟ ناري نر سان جلندي آهي. سالھ ڪمار! اهڙي نموني ڪيئن ٿو مرين !)

تڏهن ڍولا وراٽيس تہ:

359۔ جوڳي سُن، ڍولا ڪهئہ تو نوُن ڪيهي تات
تي پنتي، هئو پنٿ س مَ ڪر پرائي بات.

(جوڳي، ٻڌ ! توکي ڪهڙي تات پئي آهي ؟ واٽهڙو هُئين، ٿي واٽهڙو. پرائي بات نہ ڪر.)

اتي جوڳيءَ سان گڏ جيڪا جوڳياڻي هئي، تنهن هٿ ٻڌي جوڳيءَ کي چيو تہ: ناٿ ! آءُ هن استريءَ کي سڃاڻان. هيءَ اٿئي ست سِيل واري مارئي ٻالپڻ ۾ ڪيس هن گهوٽ سان پرڻايائون پر نہ ڪيس سُڌ ۽ نہ وري گهوٽ کي سماءُ. ورهہ وچ ۾ پئجي ويا گهوٽيتن ٻي ڪنوار ڳولي ڍولا کي پرڻائي ڇڏيو. مارئيءَ کي سپني ۾ ڍولا جو درشن ٿيو تنهن کان پوءِ ڍولا بہ نرور مان آيو ڪنوار ساڻ ڪري واپس وريو آهي. هينئر ڪِن ۾ سڀ معاملو ختم ٿي ويو.

هاٽي نرور ۾ ڪهڙو منهن ڪٽي ويندو. توکي خدا طاقت ڏني آهي. هن اپلا ڪٽي جيار نه ته آءٌ به ڪٽي تي انهن ٻنهي سان گڏ چڪيا تي چڙهان.

360ـ جوڳڻ جوڳي سؤن ڪهئه سانيل ناٿ سمٿ

ڪا جيواڙءِ مارئي، هُون پڻاٽهج سٿ

(ناٿ! تون سمرٿ آهين. تون ئي ويچار ڪر: يا ته مارئي کي جيار يا ته آءٌ به تي چڪيا تي چڙهان.)

جوڳيءَ کي سموري وارتا ٻڌي، ڍولا ۽ مارئي تي قياس آيو. تنهن جَل ڪٽي، منتر پڙهي، مارئيءَ جي نيڻن تي ڇنڪاريو. ڊيري ڊيري مارئيءَ ۾ ساهه پيو ۽ هوءَ سچيت ٿي اُٿي ويٺي.

361ـ هُئِي سُچيتِي مارئي، ڍولئه مَن آنند

جاڻ انڌاري ريڻ مين، پِر گٽيئه پوُنم چند.

(مارئي سچيت ٿي. ڍولا جي من ۾ آنند ٿيو جڻ ته انڌاريءَ ۾ پوُنم چنڊ پرگهٽيو.)

ڍولا ۽ مارو پنهنجا سمورا ڳهڻا لاهي، جوڳي ۽ جوڳياڻيءَ اڳيان پيتا رکي، پيرين پئي ڪانئن موڪلايو. ۽ هو به کين آسيسون ڏيندا راهي ٿيا.

362ـ ڍولئه مارو آپڻا، سب سِڻگار اُتار

جوڳِڻ جوڳِي، نوُن ديا، تِڻ ويلا تِڻ وار.

(ڍولا ۽ مارئي پنهنجا زيور لاهي، اُتي جو اُتي جوڳي ۽ جوڳياڻيءَ کي ڏنا.)

هاٽي ڍولا کي نرور پهچڻ جي اُتڻ تي. ڏنائين ته ساهرن کان جيڪي مال اسباب مليا آهن، انهن ڍر وڌي آهي. تنهنڪري پونگل وارا ماڻهو واپس ڪري به چار ماڻهو سامان سڙي سان جدا نرور ڏانهن روانا ڪيائين ۽ پاڻ مارئيءَ کي ٻيلهه چاڙهي اُٺ کي سنڀ لڳو.

اجا ڏکن هنن جي پچر ڪانه ڇڏي هئي. مارئيءَ جي موت وقت جيڪو گوڙ ٿيو هو ان تي "اومرايه" جا ڪي ڇاڙتا به اچي ڪنا ٿيا هئا. تن

وڃي اومرراڻي کي ٻڌايو تہ: هاٿي ٻيا سڀ هليا ويا. باقي رهيا اٽئي ڍولا ۽ مارئي ۽ ڄڻا وڃهہ سٺائو اٿئي، هاٿي ڪو هٿ پير هلاءِ.

363- هيرا گيا اُومرا ڪَنهِن، کهجئہ ايهِي بات
ڍولئہ مارو ايڪلا، لهس نہ ايهِي ڏات.

(چاڙتو اومرا وٽ ويو ۽ هيءَ ڳالهہ ڪيائينس تہ: ڍولا ۽ مارئي هاٿي اڪيلا اٿئي. اهڙو موقعو وري ڪو نہ ملندءِ)

اُومرا جو لڏو هو گهوڙن تي. ڍولا، مارئيءَ کي ٻيلهہ چاڙهيو. واٽ وٺيو پئي ويو. اُومرا پنهنجو لڏو ساڄي طرف کان جهنگ مان وٺي، ڍولا جي پويان پئي آيو. پٺيان گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ ٻڌي مارئيءَ کي ڪو سنسو پيو. سو اُٺ کي چوڻ لڳي تہ:

364- ايهي ٻلي نہ ڪرهلا، ڪلهليا ڪيڪاڻ
ڪار پرين ! راڱا پراڻ ڪر، ڪائن اچنتي هاڻ

(ڪرها ! هيءَ سُٺي ڳالهہ ڪانہ تي، جو گهوڙن جي هٽڪار پئي اچي. (وري ڍولا کي چيائين) پرين ! ڇا آهي ؟ هي اُٺ پنهنجي ساهہ جي خوف کان پيو ڀڄي، يا ڪا اوچتي هاڃي رسٽي آهي ؟)

ايتري ۾ اومرا راڻو بہ اچي پُڳو. سوداگر جي ويس ۾ هو ڪيڪاري چوين ٿو تہ:

365- ڪِئُن ٺاڪر اُلگا وهئہ، آوءُ اَمَل ڪَرانهہ
مُهي پڻ جاسيان نرورءِ، ايڪڻ ساٿ ڪڙانهہ

(چو ٺاڪر الگ پيا هلو؟ اچو تہ اَمَل پاٽي ڪريون. مون کي بہ نرور وڃڻو آهي. گڏجي هلنداسين.)

ڍولا کي دولاب جي ڪهڙي خبر ! اُٺ جهڪائي، هيٺ لهي پيا. اُٺ جي اڳين ۾ پوئين ٽنگ کي ڍلي رسي ٻڌي، مهار مارئيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي مارئيءَ کي اُٺ جي پرسان ويهاري، پاڻ ويو اومرا راڻي جي لڏي ۾ اَمَل پاٽي ڪرڻ.

اُومرا جي لڏي ۾ مارئيءَ جي ملڪ جي هڪ ٻومٽي هئي، جنهن کي اومرا جي انهي چال جي سڄي سڌ هئي. تنهن تند وڄائي پونگل وارن جي ٻوليءَ ۾ راڳ ڳائڻ شروع ڪيو تہ: ٿر جي هن اُجاڙ ديس ۾ هڪ استري اچ ڪڇندي، سندس پرين مارئو. استري جيڪڏهن چتر آهي تہ منهنجي ڳالهہ تي ڌيان ڏيندي، پر جي گنوار آهي تہ پاڻ بہ وڃائيندي ۽ پرين بہ وڃائيندي استريءَ کي جي پنهنجي ڪانڌ سان ڪم آهي تہ ڪرهي کي ڪام هڻي. ڪرهو ڀڄندو تنهن جي پويان ڀڄي استري، تنهن جري پويان ڀڄندو ڪانڌ. پوءِ ٻئي ڀڄي وڃن.

366۔ پيهر سندي ڏومڻي، اومر هُنڊءِ سَٿ
مارَوڻي نُون ٿنت مين، ڪجهہ سمجهاوءِ ڪٿ

(مارئيءَ جي راڄ جي هڪ ٻومڻي، اومرا جي سٿ ۾ هئي، اُها تند وڄائي، مارئيءَ کي راڳ ۾ سمجهائي چئي ٿي.)

367۔ ٿل مٿہ اُوجاسڙءِ، تِي اِڻ ڪيهڙ رنگ
ڌڻ لِجئہ پِري مارجِہ چانڊ وِڍاٽہ سنگ

(ٿر جي پٽن مٿي هي هڪ اُجاڙ هنڌ، اُتي هيءُ ڪهڙو رنگ ٿو ٿئي ! استري ٿي ڪڇي، ۽ پرين ٿو مارجي،راهو ڪروڌي! سنگ ڇڏ.)

368۔ مارُوڻي تون آت چتر، هِيئہ چيت گِمار
جِئہ ڪنتا سوُن ڪامڙءِ، ڪرهئہ ڪانبي مار.

(مارئي ! تون تمام سياڻي آهين. گِنوار! هِنئين سان چيتہ جي ڪانڌ سان ڪم اَٿئي تہ ڪرهي کي چڙهي هڻ.)

ماروي، ٻومڻيءَ جي واتان پنهنجي ٻولي ۾ اها ڳالهہ ٻڌي سمجهي وئي. اُن کي ڪام هنيائين تہ اُٺ اُٿي ڀڄڻ لڳو مارئي واڪا ڪندي اُن کي ورائڻ لاءِ سندس پويان ٻوڙي. ڍولا بہ اُٺ تي ورائڻ تي ويئي. آواز تي هُتان ڍولا بہ اُٿي ٻوڙيو اڳيان اٺ پويان مارئي، تنهن پٺيان ڍولا. اومرا کيس هڪل ڪئي تہ: ٺاڪر ! اٺ ٺهيو آهي، تنهن پويان اوهين ڇاڪاڻ پيا ڀڄو؟ منهنجا

هيترا ڪيڪاڻ بيٺا آهن. اجهو ٿا اٺ ورائي ڏينق اوهين پاڻ کي هئين هلاڪ ڇو ٿا ڪريو؟ مارئيءَ اونداهہ ۾ وجهہ وٺي ڍولا کي سموري حقيقت ٻڌائي. ڍولا، اومرا رايہ جو نالو ٻڌندي ئي اٺ ويٺي اُٺ تي لانگ ورائي، ٽپ ڏنو ۽ مارئيءَ کي بہ ٻانهن کان ڇڪي کڻي اُٺ تي چاڙهيو ۽ ڪرهي واهيائين ڪانبڙي ڍولا واٽ ڇڏي جهنگ ۾ ڪاهي پيو ايتري ۾ اومرا رايہ جا ڪيڪاڻ بہ تيار ٿي، سندن پويان پيا. پر انڌاري رات، سو جهنگ مان ڦري موٽي آيا. اومرا رايہ چيو تہ: نرور اچا گهٽو دور آهي سياٽي شام جو مس رسن. پنير ڪوٽئي تہ هلي رسون ويندا ڪيڏانهن!

ڍولا ڪجهہ پنڌ جهنگ مان هلي، وري اچي گس تي چڙهيو. پوءِ تہ اُٺ کي واءُ وانگر اُڏائيندو هليو. پرهہ ڦٽيءَ جو سامهون ڪو اوٺي ايندي نظر آين. اوٺي ويجهو اچي، هڪل ڪين تہ ڪهڙي قسم جا اوٺي سوار آهيو؟ جو اُٺ جا پير ڪُوٽ (توڙهي) سان ٻڌا پيا آهن ۽ اوهين ڪيس ٽپا ڏياريندا پيا وڃو! ڍولا ڏسي تہ اُٺ جي اڳئين ۽ پوئين پير کي ڪُوٽ سان ٻڌي ڇڏيو هئائين. يڄڻ مهل ڪين يادگيري ئي ڪين رهي. پوءِ تہ ڪٽاري ڪڍي، اوٺيءَ کي ڏني، جنهن پنهنجو اُٺ جهڪائي، ڪُوٽ ڪٽاري سا ڪپي ڇڏي هلڻ وارو ٿيو تہ ڍولا چيس تہ: اڳيان اومرا رايہ جو اٺالو ملندءِ، تو کان اسان بابت ضرور پڇندا تون چئجانءِ تہ ڍولا مارو ڪڏهوڪو وڃي نرور رسيا. ڍولا جو نالو ٻڌندي ئي، اوٺي کيس نمسڪار ڪري روانو ٿيو ۽ ڍولا وري ڪرهي کي واهيون ڪامُون.

هوڏانهن ڏينهن چڙهئي، واٽ تي اوٺيءَ کي اومرا رايہ جا ڪيڪاڻ گڏيا. هن کان پڇيائون: اڙي اوٺي! تو ڪا جوڙي ٻيلهہ ڏٺي؟ اوٺيءَ هائوڪار ڪئي. تڏهن اومرا رايہ پڇيو تہ: اوري هٿا ڪين پري؟ اوٺيءَ وراڻيو تہ: تمام پري، ڪڏهوڪو نرور وڃي رسيا هوندا. اومرا رايہ شڪار هٿن مان ويندو ڏسي، ڦِڪو ٿي، جتان آيو هو اوڏانهن روانو ٿيو.

ڍولا، مارئي کي وٺي نرور پهتو تہ ڏاڍا آنند ٿي ويا:

369_ ڍولئہ نرور آويئہ منگل گاوَيہ نار
اُڇوَ هُوءَ اَيئہ گهريءِ هر ڪيئہ ننگر اَپار.

(ڍولو نرور آيو تہ نارين منگل ڳايا. گهر آيو خوشيون ٿيون. ننگر ڏاڍي بود ۾ آيو.)

ڍولا، اُٺ جهڪائي، مارئيءَ کي محل ۾ اندر وٺي مالوڻيءَ وٽ ويو. خوشيءَ مان مالوڻيءَ جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. ڍولا چيس تہ: مالوڻي! منهنجي من ۾ سدائين تون سمايل آهين. توکي سُڌ آهي تہ منهنجي اندر ۾ ڇا پيو وهي! ائين چئي هن کي ڪٽي ڀرانڊي پاتائين. ڪنهن ڪنهن مهل ڍولا، مالوڻيءَ اڳيان، مارئيءَ جي واکاڻ ڪرڻ لڳو تہ:

370_ مارُو ديس اُپنيا، تهانڪا دَنت سُپيت
ڪُونجهہ بچي گورنگيا، ڪَنجر جِيِها نيت.

(جيڪي مارو ديس ۾ اُپنيون آهن. تن جا ڏند سفيد. هو ڪونج جي ٻچن وانگر رنگ برنگيون، هنن جا نيڻ خنجر جهڙا.)

371_ مارُو ديس اُپنيا، سَرَ جِيئَن پڌرياهہ
ڪوُڙا ڪَدي نہ ٻولهِي، مِيٺا بولٽياهہ

(جيڪي مارو ديس ۾ اُپنيون آهن، سي ڇڻ تہ پڌري پٽ تلاءَ آهن، ڪوڙو ڪڏهن نہ ٻولين، سدائين مِٺو ٻولين.)

372_ سُڻ سُندر، ڪيتا ڳهان، مارو ديس واکاڻ
ماروڻي مليا پچئہ، جاڻيئہ جنم پرواڻ.

(مالوڻيءَ سندري! ٻڌ جيڪي چوان ٿو مارو ديس جي واکاڻ ۾. مارئي ملي اٿم. تنهن کان پوءِ ڄڻ تہ نئون جنم پاتو اٿم.)

مارئي وري چترائي سان مالوڻيءَ جي ديس ۽ اتي جي مڙني نارين جي ساراهہ ڪري، مالوڻيءَ جي دل ڇڪي ورتي.

373_ مالوَ ديس وَکاڻيا، مارُو ڪيا وَکاڻ
مارو سُهاگڻ ٿئي، سُندر سُگڻ، سُجاڻ.

(مارئي پاڻ مالوا ديس جي واکاڻ ڪئي. ائين مارئي سهاڳڻ، سندر سُگھڙ ۽ سجاڻ ٿي.)

374- جهڳرءِ ڀاڳڻ گوريان، ڍولڻ پُوري سَک
مارو رُليات هُئِي، پامي پريه پرک.

(ڍولا اهڙو ورتاءُ ڪيو هو جو ٻنهي گورين جي وچ مان جهڳڙو پڇي ويو. ڍولي ٻنهي جي ساک پري، مارئي رليملي ويئي ۽ پرينءُ سندس پُوري پَرک ڪرائي.)

پوءِ نرور ۾ آنند ٿي ويو. مارئي توڙي مالوڻي، هڪڙي ٺي پيتار سان ساڳئي محل ۾ گهڻي پريم سان گهارڻ لڳيون.

375- مارؤڻي نڻ مالوڻ ڍولڻ ٺڻ پيرتار
ايڪڻ مندر رنگ رمڻ ڪي جوڙي ڪرتار.

(مارئي ۽ مالوڻي، ٺن جو پيتار ڍولو هڪ مندر ۾ سيئي گذارين ٿا. ڪرتار اها جوڙ جوڙي)

376- آنند اَت، اڇاهه اَت، نرور مانهه ڍول
سَنيهي سيٺان ٺان، ڪلجگ رهيا بول

(گهڻو آنند، گهڻو اتساهه آهي جو نرور ۾ ڍول ٺو رهي. سچن سَنيهين، پريتمن جي هي وارتا، ڪلجگ ۾ ٻڌائڻ لاءِ رهجي ويئي.)

# روايت [2] *

ٿر مُلڪ ۾ "پنگل گڍ" نالي هڪ سهڻو شهر هو. هن بادشاهيءَ جا رهواسي سکيا ستابا هئا. هن شهر جو حاڪم "پنگل سين" نالي هڪڙو جاڙيجو جاگيردار هو. سندس زال جو نالو "راجيا" هو ۽ کين "ماروئل" نالي هڪڙي تمام سهڻي ڌيءَ هئي. اُن وقت ڪڇ رياست جي اُپرندين ڪُنڊ ۾ "ننگر ٺيڊا" نالي شهر هو جنهن تي "نارسين" نالي هڪڙو ناليرو راجا راڄ ڪندو هو. سندس نياءَ سببان سارو شهر خوش گذاريندو هو. "نارسين" کي "ڍولو" نالي هڪڙو سهڻو پُٽ هو.

جڏهن ڍولو ٽن ورهين جي وهيءَ کي پهتو تڏهن نارسين، گرنار جبل تي "امباجي" جي تيرٿ ياترا لاءِ پنهنجي راڻيءَ راجيا ۽ ڍولي سميت روانو ٿيو. گهوڙيسوار ۽ پيادن جو لشڪر بہ سندس پٺيان آهستي آهستي پئي آيو. گرنار کان اڃا ٻارهن ميل اوريان هئا تہ هڪ ٻي سواري سيگهہ مان ايندي ڏٺائون. سهي ڪيائون تہ اها سواري بہ ڪنهن راجا جي ٿي ڏسجي. سو راجا نارسين پنهنجو رٿ اڳيان ڪري، هنن کان پڇڻ لڳو تہ: توهين ڪٿان ٿا اچو؟ جواب مليو تہ: پنگل گڍ مان، ۽ آءٌ پنگل سين جاريجو اُتي جو راجا آهيان. پر اوهين ٻڌايو تہ ڪير آهيو ۽ هيڏي ڪٿڪ سان ڪيڏانهن پيا وڃو؟ نارسين وراڻيو تہ: ڪڇ ۾ ننگر ٺيڏا رياست جو راجا آهيان. پنهنجي پُٽ ڍولي کي تيرٿ ياترا ڪرائڻ لاءِ گرنار پيو وڃان. ٻنهي جي خوشيءَ جي حد نہ رهي، چاڪاڻ تہ ٻئي ڄڻا، ساڳئي هندُ ۽ ساڳئي ارادي سان پئي ويا. پوءِ تہ ڏاڍي سک ۽ محبت سان هڪڙي ٿي رٿ ۾ گڏجي ويٺا ۽ کلندا خوشيون ڪندا، سج لٿي مهل هڪڙي بستي ۾ اچي

---

* هيءَ روايت منگهارام "اوجها" (تعلقو ننگر پارڪر) کان پهتي، جا هن ڪنهن گجراتي ڪتابڙي تان ترجمو ڪئي.

پهتا. رات اتي گذاري، پنڌ جو ٽڪ پيچي، صبح سوير گرنار جي تيرٿ تي وڃي پهتا.

گرنار ۾ سيني تيرٿن جي ياترا ڪري، ٽي- چار ڏينهن گهمي ڦري، خوب رهاڻيون ڪيائون. آخرڪار پنهنجي مُلڪ ڏانهن موٽيا. وچ واٽ تي، جتان ننگر ٺيڏا ۽ پنگل گڏ جو رستو جدا ٿيو اتي موڪلائڻ مهل نارسين، پنگل سين کي پنهنجي ملڪ هلڻ جي دعوت ڏنائين. پنگل چيو ته هڪڙو وچن ڏي ته پوءِ هلنداسين. نارسين وچن ڏنو. پنگل چيو ته: ڍولي ۽ ماروئل جي شادي قبول هجنئي ته هلون. نارسين چيو ته: ٻالڪ اڃا ننڍڙا آهن، پر وچن ڏيئي ويٺو آهيان، سو ڳالهه قبول اٿم. راڻين کي به جڏهن انهيءَ صلاح جي خبر پئي، سي پڻ ڏاڍيون خوش ٿيون. پوءِ ته سيئي گڏجي ننگر ٺيڏا ۾ آيا، جتي ٻنهي راجائن ڌام ڌوم سان "ڍولي" ۽ "ماروئل" جي شادي ڪئي.

ننگر ٺيڏا ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ کان پوءِ پنگل پنهنجي وطن وريو. ماروئل ننڍڙي هئڻ سبب پنهنجي پيءُ سان گڏ پنگل گڏ رواني ٿي. ٻه سال گذرڻ بعد ڍولي جو پيءُ نارسين مري ويو سندس راڻي راجيا. ڍولي جي ٻانهن پنهنجي سڳي ڀيڻ چندرا ولي جي حوالي ڪري، چوڻ لڳي ته: ڍولي کي پُٽ ڪري پالجانءِ، وڏو ٿئي ته گاديءَ تي ويهار جانءِ ۽ پنگل جي ڌيءَ ماروئل کي گهرائي ونجانءِ ائين چئي، راڻي پنهنجي مُڙس سان گڏ وڃي چکيا تي چڙهي. ڍولي جي ماءُ پيءُ مرڻ کان پوءِ سندس پاران راجائي، سندس ماسي چندرا وليءَ جي مُڙس جالم سين جي حوالي ٿي. جنهن نارسين جي مرڻ جو احوال پنگل سين کي قاصد هٿان موڪليو.

ڏينهن گذرندي ويرم ٿي ڪانه ٿي لڳي. ماروئل جڏهن سورهن ورهين جي وهيءَ ۾ پير پاتو ۽ سندس حسن چنڊ جيان ڀڪڻ لڳو. تڏهن پنگل سين هڪ اوٺيسوار هٿان ڍولي ڏانهن خط لکي موڪليو ته: ماروئل جي شادي توسان ٿيل آهي، تنهنڪري پنهنجي ڪنوار کي وٺي وڃ. پر جالم سين ۽ چندرا ولي، ڍولي سان ڍونگ ڪري، ڪيس انهيءَ ڳالهه کان اڻ واقف

رکيو ۽ وچ ۾ ئي واٽ تان اوٺيسوار کان خط کسي ورتو ۽ پنگل سين کي جڙتو جواب ڍولي جي صحيح سان ڏياري موڪليو تہ: مون کي مالوڻي کان سواءِ ٻي ڪابہ عورت نہ گهرجي. پنگل سين کي جو اهو جواب مليو سو ارمان ۾ پئجي ويو. ڇو تہ ماروئل ڍولي سان پرڻيل هئي، تنهنڪري هاڻي سڄي عمر ڪيس ويهي گذارڻي هئي. سو پنهنجي زال سان صلاح ڪيائين تہ اها خبر ماروئل کي اصل نہ ٻڌائجي. ڇو تہ خبر ٻڌڻ سان سندس خوشيون سڄي عمر لاءِ ختم ٿي وينديون. سو دل جو سور دل ۾ رکي، ماروئل کي بيخبر رکيائون.

چندرا ولي چاهيو ٿي تہ ڍولو پلي تہ غافل رهي. جي سُرت ۾ آيو تہ پوءِ راڄ اسان کان کسي پنهنجي هٿ ڪندو ۽ وري جي مارئي آئي تہ پوءِ هيڪاري رهڻ جي بہ جاءِ ڪا نہ ملنديسين. تنهنڪر اجا ڍولي جوانيءَ ۾ پير ئي مس پاتو تہ چندرا ولي چترائي ڪري، مالوڻي نالي هڪ ويشا، ڍولي جي حاضريءَ ۾ رکي ڇڏي، مالوڻي پنهنجي موهہ جي ڄار ۾ ڍولي کي اهڙو تہ ڦاسايو جو مالوڻي کان جدا هڪ گهڙي بہ گهاري نہ سگهندو هو.

نارسين جي مرڻ کان پوءِ پَرجا پيڙجڻ لڳي. جالم سين راڄ جي نشي ۾ الوٽ ٿي انڌير سان حڪومت ڪرڻ لڳو. مڙيئي ماڻهو انڌير نگري چرپٽ راجا وارو لقاءُ ڏسي، ڍولي وٽ دانهن کڻي ويا. چيائونس تہ: هاڻي تون پاڻ ساماڻو آهين. راڄ ڀاڳ سنڀال. پر ڍولي ڪين جواب ڏنو تہ: جالم سين ۽ چندرا ولي جيڪي ڪري سو ٺيڪ آهي.

هاڻي ماروئل جو مُکڙو گلاب جيان ٽِڙڻ لڳو. سندس ڦوهہ جواني گهٽن کي گهائل ڪرڻ لڳي. تڏهن وري پنگل سين ڍولي ڏانهن چٺي موڪلي تہ:

ارُتيڪا مُنهن پتلا، ڏند ٻٽيهہ ٻاڻ
ڍولا! تاري ماروئل، جاڻي ڪِسوڙو ڳاڻ

(ماروئل جو مُنهن مخمل جهڙو نرم ۽ پتلو سندس ڇاتي چؤنري جي چوٽيءَ وانگر تِکي ۽ ڏند ٻنيهہ موتي جيان چمڪندڙ آهن. اي ڍولا ! تنهنجي ماروئل جا انگ ائين ورن ٿا، جيئن ڪمان ڪشيل هجي.)

اُرتيڪا مُنهن پتلا، نيڻ تہ ونگڻ ونگ
ڍولا! تماري ماروئل، هٽي ہاڻ نِهنگہ

--

اُرتيڪا مُنهن پتلا، ڏند ٻنيهہ ہاڻ
ڍولا! تاري ماروئل، جاٽي ڪيڪاريون ڪيڪاڻ

(ماروئل جي ڇاتي ڇهنبياري، ڇَپ سنها ۽ ڏند تيرن وانگر گهائيندڙ آهن. اي ڍولا ! تنهنجي ماروئل گهونگهٽ ڪري ائين هلي ٿي، جيئن گهوڙي ناچ ڪندي هلندي آهي.)

اُرتيڪا، مُنهن پتلا، ڏند ٻنيهہ ہاڻ
ڍولا! تاري ماروئل، جاٽي هِل مِل اوگو ياڻ

(ماروئل جو مُنهن سهڻو ڇاتي آنار جهڙي، ڏند چانهہ جي قُل جهڙا اڇا آهن. اي ڍولا ! تنهنجي ماروئل اهڙي حَسين آهي، جو صبح جو آسمان ۾ سج تجلا ڪندو آهي.)

ڪٽ ڪيهر، بال ٻوينگہ ڪُونج بدنِ ڪنٺ لَنڪ
هيرا دَسن يُود رَڪَ بهن، مارو مُکهٽ مهنِڪَ

(چيلهہ چيتي جهڙي، وار واسينگ جهڙا، ڳچي ڪونج جهڙي، ڏند هيرن جهڙا چلڪندڙ اتس ۽ پڻ ماروئل جو موڙ (منهن تي ٻڌل)مڙني ڪان مٽيادار آهي.)

اک ڪاجل، نَڪ سِلَ، خنجر نيڻ خَتنگہ
مارو تيِرَانوڙي مِرگهہ جِيون، اوپي موڙي انگہ

(سندس اکيون ڪجليون، نَڪ سنهي سوراخ وارو ۽ اکيون تلوار مثل آهن ۽ مارُو چرڪندڙ هرڻيءَ وانگر ڪر موڙي پئي نهاري.)

گهمَ گهمَ پائي گهُوگهرا، جاڻ اُلٽيو گهُمنڊ
راءِ آنگڻ مارو رَمي، پيني واڌَرَ چنڊ.

(مارو پيرن ۾ جڏهن پازيب پائي گهمي ٿي، تڏهن سمجهجي ٿو تہ چڻ ڪڪرن ۾ گوڙ ٿي رهي آهي. اهڙي سهڻي مارو راءَ جي رنگ محل اڳيان نِرمل روشن چنڊ جهڙي مُنهن سان راند ڪري رهي آهي.)

جَوَ جِڏِي پرٽيو تِرَ جِڏِي ٿٽِي
اُرَ نہ سمائي ڪانچوُئو ڍولا وَهيلي وَرَڻ ڪري

(اي ڍولا! جڏهن تون پرٽيون هئين، تڏهن آءٌ جَوَ جيڏي هيس، ۽ ٿَڻَ تِرِ جيڏا هئا. پر هينئر ڪنجري ۾ اُرهَہ ئي نٽا سمائجن. تنهنڪري اي ڍولا! تون جلدي اچ.)

اُرَ تِيڪا، مُنهن پتلا، ڏند ٻٽيهہ ٻاڻ
ڍولا ! تارِي ماروئَل، جيئَن سا هنج نِياڻ

(اُرهہ نڪتل، مُنهن ويڪرو، ڏند ٻٽيهہ ٻاڻ. اي ڍولا ! تنهنجي ماروئل اهڙي ملوڪ آهي جهڙو پاڻي جو هَنجهہ.)

اُرَتِيڪا منهن پتلا، نيڻ تہ منجهو منجهہ
ڍولا! تاري ماروئَل، هٽي ڪَرَندا هنج.

(اُرهہ نڪتل، منهن ويڪرو اکيون اکين منجهہ پيون پون. اي ڍولا ! تنهنجي ماروئل اکين جي تيرن سان هنجهن کي بہ ڪيرايو ڇڏي.)

آمان پڪا آميان، وڻ پَڪا وٽيان
گوري گرجن سپ پَڪا، رس وهي نيٽان.

(انبن جي وٽن ۾ انب پچي پيا ۽ پيا بہ انيڪ وڻ پچي پيا. ماروئل جا بہ سڀ عضوا ٿهي راس ٿيا آهن ۽ اکين مان عشق جو رس پيو ٽپڪي.)

راتي ڪُونجان ٻوليان، ٿولي ٿولي ٻِيسَ
سُتي ڍولو سنيِريو، اُرهہ دي يَنگِي اِيسَ.

(رات ويهن ويهن جي ٿولين ۾ ڪونجن پئي ٻوليو. مون کي سُتي اچي ڍولو ياد پيو ۽ اُرهه سان ايس ڀچي وڌم.)

هاڻي ماروئڙل جي من ۾ نه ماني لاءِ محبت، نه پاڻي سان پريم، نه ڪاڏي جي خواهش. ويهڻ وهڻ اُٿي ته آرام نه اچي. مطلب ته خواب ۾ به ڍولي کان سواءِ ٻي ڳالهه نه هجيس.

جويَو نتِي جوتِي ڳرِتِي اَنَتر اُچاٽ
ڏرتي ڏيان پرٽياٽو بالم نِي جوتِي واٽ.

(ماروئڙل پُور جوبن ۾ اُداس ڦِرندي هئي ۽ سدائين پئي پنهنجي محبوب جي اچڻ جي واٽ نهاريندي هئي.)

ٽَروٽي ٽَرسِي پريم نِي، چَتر چاٽڪ جات
ڪڏهن مِلسي صاحبو ساچي هيئين ساٿ.

(ماروئڙل چاتڪ پکي جهڙي چتر ۽ چالاڪ سدائين پريم جي بُکي هئي، ۽ سدائين پئي چاهيندي هئي ته منهنجو پريمي سچي دل سان مون سان الائجي ڪڏهن ملندو!)

ماروئڙل جي ماءُ سمجهي وئي ته اها اُڪير ڍولي جي اٿس. تڏهن ماروئڙل جي هڪڙي ساهيڙيءَ کي سمجهائي ماروئڙل ڏانهن موڪليائين ته: تون ڍولي جي ڳالهه وجي ماروئڙل جي ڪن تي وجهه ته تون پنهنجي هٿ سان ڍولي ڏانهن خط لک ته من ڪا ڍولي کي ڪهل پوي. ساهيڙي، ماروئڙل وٽ آئي، ڏسي ته هوءَ پکين کي پئي چئي ته:

پکِي ايڪ سَنڌيسڙو جائي ڍِولي نان ڏي
مارُو جوبن ايڙي وَهي، خبر ڪائين نه لي.

(اي پکي! تون هي منهنجو نياپو ڍولي ڏانهن کڻي وڃ ته ماروئڙل پُور جوبن ۾ آهي، مگر تون ان جي خبر نٿو لهين.)

پکِي ايڪ سَنڌيسڙو ڍولي نان پوتاڙَ
جوبن بَنَ ڪِلي رهيو ڀُونڌا سِڌَ اُجاڙ.

(اي پکي! منهنجو نياپو ڏولي کي پهچاءِ، تہ ماروئل جي جوبن جو باغ ٽڙيو آهي، تنهن کي تو اُجڙ ڪري ڇڏيو آهي.)

ماروئل ٽڪو سَنڌيسڙو ڳهي جو ڪوُنجڙيان
جائي ڏولي ري آنگڻي، وانچيا چُونچڙيان.

(اي ڪونجون! منهنجو هي نياپو ڪٽي وڃ ۽ وڃي ڏولي جي محل وٽ چئجو.)

ماڻس هوئون تو مُک سين ڳهُون، مين تو ڪونجڙيان
مارو تارو سَنڌيسڙو لِک ڏي پنکڙيان.

(اي ماروئل ! اسين جيڪڏهن ماڻهو هجون ها تہ تنهنجو نياپو ڪٽي وڃون ها. پر اسين تہ جهنگ جون ڪونجون آهيون، تنهنڪري نياپو اسان جي پرن تي لکي ڇڏي.)

ڏولا! تجهہ سي ڏور پلا، چري جهنگل ڪو گهاس
سانج پڙي، دِن آٿمي، ڪري گهران ڊِي آس.

( اي ڏولا ! تو کان اِهي ڏور پلا آهن، جي صرف جهنگ جو گاهہ کائين ٿا، پر سج لٿي هو بہ گهرن جي آس رکيو اچن ٿا.)

ماروئل جي سهيلي جڏهن اهو ٻڌو تڏهن ماروئل کي چيائين تہ: ڪونجون ڏولي کي نياپو ڪو نہ رسائينديون.

ٽَرڻ سَو تيوِيَس، ماروئل ڪاغذ موڪليا
ايڪ پاڇو نہ آوِيو، جاڻي هماليہ ڳريا.

(ڏولي جي اچڻ خاطر ٽي سؤ ۽ تيويهہ خط روانا ڪيا آهن، مگر انهن مان هڪ جو بہ جواب واپس نہ آيو آهي. شايد هماليہ جبل جي برف ۾ پگهرجي ويا آهن.)

پر تون پنهنجي هٿ سان خط لکي ڏي، ڏولي تائين ڪنهن ڍنگ سان پڄائڻ منهنجو ڪم. ماروئل ڏاڍي خوش ٿي. خط لکي سهيليءَ هٿان ماءُ کي ڏنائين ۽ چيائين تہ:

ماڙيءَ مَ ميلَ ٻانيڻو جا ڪِي سِيتَل جات
ميل گهر رو مانگڻو گائي گرَتِي رات.

(اي امڙ! هي خط ٻانيڻ کي نہ ڏج، جو اُن جي ذات تڏي آهي. گهر جو مڱڻهار موڪلج، جيڪو ڍولي کي ڀنيءَ رات وچي ڳائي ٻڌائي.)

ماروئل جو خط "سانگو" نالي مڱڻهار کڻي تي ويو. تنهن کي ماروئل چيو تہ:

سانگا! ميرو سَنڏيسڙو ڍولي نان پوتاڙ
مارو پَڪِي انب جِيان، رَس گهوٽڻ گهري آءَ

(اي سانگا، منهنجو هي نياپو وچي ڍولي کي ڏي تہ ماروئل انب وانگر پچي راس ٿي آهي. تون اُن جو رس چکڻ لاءِ گهر اچ.)

سانگا! ميرو سَنڏيسڙو سانوڻ پهلي تيج
آنکِيئي ڪاجل چوڙيئو ياوي ڪائين نہ چيج.

(اي سانگا ! ڍولي کي وچي ٻڌاءِ تہ هي سانوڻ جي پهرين تيج آهي. تنهنجي وچوڙي ۾ اکين ڪجل چڏي ڏنو آهي ۽ ڪنهن بہ چيز تي دل نٿي ٿئي.)

سانگا! ميرو سَنڏيسڙو ڍولي نان پوتاڙ
ڪڻَ رَس پَڪِي ڪيَڪِي، رس گهوٽڻ گهري آءِ.

(اي سانگا ! ڍولي کي منهنجو نياپو وچي ڏي تہ ڪيتڪي جو گل پڪو بيٺو آهي، رس چکڻ لاءِ جلدي اچ.)

جا پِتَرَ پريم تَي، جيان پِراڻ آڌار
هِئين راکي ميتَ تِي، جها جها ڏي جُهار.

(اي پريمي پتر، جلدي اوڏانهن وڃ جيڏانهن منهنجو پراڻ آڌار آهي ۽ منهنجي محبوب کي پيار سان وچي نياز چئجان.)

مينڊِي رَگڙون پِيت پر، ڏِيان هار اُتار
بالم بِن معلوم پڙي، سبَ ڦِڪو سِڱار.

--

ٽِيڪِي ناڪُون آنڱٺي ڪاجل ڏالون ڏوءِ
نيڻ نِرسيون اُوجهلي، ڪِڻَ وَڏ روڪسي ڏوءِ

--

ساجن مين ٿنان جووِيو ٻارَهي تيرهي ماس
اڪئين ڪاجل چوڙيو هيئين چوڙي نہ آس.

--

چندڻ ڪاٺ چِيرا ڪر، رڻ ۾ ڏيجو داڳ
ڍولو اجان نہ آوِيو ماروئل ٻڙي اَياڳ

(چندڻ جون ڪاٺيون چيرائي اُنهن ۾ مون کي ساڙجو. اجا ڍولو نہ آيو آهي، تنهنڪري ماروئل وڏي اَياڳڻ آهي.)

سانگو مڱڻهار اُٺ تي چڙهي، خط کڻي، جادوگرن وارو ويس ڪري، واگڙ جي واٽ تي واهي ٿيو. ننگر ۾ گهڙيو تہ سپاهين روڪيس. جن کي چيائين تہ: جادوگر آهيان. ڍولي کي جادوءَ جا ڪرتب ڏيکاري پيٽ گذر ڪندس. سپاهين اعتبار آڻي ڪيس ڇڏي ڏنو. سانگو بہ ڍولي جي محل جي پڇا ڪري اُن ۾ گهڙي ويو. ڍولي ڏاريي ملڪ جو ماڻهو ڏسي ڪانئس پڇيو تہ: ڪهڙي شهر جو آهين؟ سانگوءَ چيو تہ: پنگل گڏ ڍولو ويچار ۾ پئجي ويو ۽ پڇيائينس تہ اهو شهر ڪهڙي ملڪ ۾ آهي؟ سانگو مڱڻهار چيو تہ: ترپارڪر ۾ جتي

پَرٿوي پهلا پرمار، پرٿوي پرمار اٺي
ايڪ اُجين ڌار، ٻيجو آبُو بيسڻو.

(هن پرٿوي تي پهرين پر مار (ڍولي جي ذات) اُتپن ٿيا ۽ هي پرٿوي پڻ پرمارن جي قبضي هيٺ آهي. سندس گادي اُجين ۽ ٻيو آبُو آهي.)

ڄِيان راج ڪري راڄوِي، پنگل پوڄ پرمارڻ
جا کي سَتيي سِياڻي راڻي، هڻ سيِت سمان.

(جتي پونگل راجا راڄ ڪري رهيو آهي. جنهن جي راڻي سيتا سمان سَتِي ۽ پتورتا آهي.)

ڪُماري رُو پَوَنتي ماروئل، وِشِوَ تاءِ وَڪاڻ
ٻنيھ لکڻ، چوسٺ ڳلا، سَڌڳڻ ڪيري کاڻ.

(جتي پونگل راجا راڄ ڪري رهيو آهي. جنهن جي راڻي ستي ۽ پتورتا آهي. جنهن جي سهڻي ڌيءَ ماروئل آهي، جنهن جا لڇڻ سڄي ملڪ ۾ ڳائجن ٿا.)

سولَهہ وَرَس نِي سُندري، جهلڪي جوبن تَن
سولَهہ ڪلا ۾ ڪِلتون، جندر سَرکو بدن.

(اها ناري سُڪماري پياري، سورهن سالن جي آهي ۽ سندس چنڊ جهڙو سهڻو بدن، سورهن ڪلائن وانگر کِلي رهيو آهي.)

پاتِرَ پيِنڊِي پينگهُہ ڏُن، ون واسينگان وَٽ
ڍولا! تاري ماروئل، پلي گهوڙي ڪانٺَہ

(سنهڙو جسم، پينگهي جهڙي لوڏ، رفتار ۾ واسينگ جهڙا وٽ اي ڍولا! تنهنجي ماروئل ڪي پلي گهوڙيءَ جهڙو نخرو آهي.)

پاتر پهرڻ، پل چڙهڻ، پوم ٿُريان، اُتم ڪُلَ
لالچ ڪيئي نہ لَيٽا، ڍولا، لِکيا لاويا ول.

(نفيس ڪپڙا پهرڻ، پليڻ گهوڙين تي چڙهڻ، جنهن جو بنياد اُتم هجي، ڍولا! هي بخت لالچ ڪندي نٿو ملي، البت لکيئي نصيب ٿو ٿئي.)

ڍولا! مارُو ايسِي پاتَلِي، ڏوبو ڏان نَہ کاءِ
ڏيکي ڌڻ ڍولو ڏهڪيو هاٿ لڳي ڪُرماءِ

(مارُو اهڙي پتلي آهي جو اناج جو وڏو گرانهہ بہ نٿي کائي. ڍولو ڏسي ڏڪي ويو تہ هي هٿ لڳائڻ سان شرم ٻوٽي وانگر ڪومائجي ويندي!)

سامهين ڏسي آجو الوَن، ڪِوي بيِجليان
مارو پاسو ڦيريو جَهبڪي پاسَريان.

(اي ڍولا! سامهين ڏِس تي جيڪو چمڪاٽ ٿي رهيو آهي، اها ڪنوڻ نہ آهي. اهو تہ مارُو رڳو پاسو ورايو آهي، تنهنڪري ان جي چيلهہ جو چمڪاٽ آهي.)

اَڄُوٽي اُتر آڌ ۾، اُنڏِي ڪِوي نيَهل
ڪاپُونگل ري پاگَتي، ڪا مارو ري مَحل.

(اڄ اُتر جي اڌ ۾ اونهي ڪِنوڻ ڪِوي رهي آهي. هيءَ وڄ يا تہ پونگل جي مارڳ تي ٿي ڪِوي يا ماروءَ جي محل ۾.)

ماروئل جي سونهن جو بيان ٻڌي ڍولو حيران ٿي ويو ۽ چيائين تہ جنهن ماروئل جو تون بيان ٿو ڪرين، اُها ڪنهن سان پرڻيل آهي؟ تڏهن سانگوءَ جواب ڏنو تہ:

مِلي سَرَوَگ سُندريہ سُوامِي ۾ نِتي ساچ
پارس مٺي پَرکي نهين، ماني بيٺو ڪاچ.

(جنهن پتار ڪي سهڻي عورت ملي آهي، تنهن ۾ ڪا بہ سچائي سمايل ڪانهي. سندس بيوقوف ڪانڌ ههڙي املهہ هيري کي ڪچ سمجهي ويٺو آهي.)

ڍولو ٻُڌتيءَ ۾ پئجي ويو. آخر سانگوءَ کان پڇيائين تہ: تون ڪهڙي ڪم سان مون وٽ آيوَ آهين؟ تڏهن سانگوءَ کيس ماروئل جو خط ڪڍي ڏنو.

نَر پِنگل چوپت رَمي، پارس پپر هيٺ
تڏڪا ٻوليا ٻولڙا، ڍولو مارئل پيٺ

(راجا نَر ۽ پنگل راءِ ٻنهي دوستن، جي وڻ هيٺ چُوپڙ راند ڪندي هڪٻئي کان قَول قرار ورتا هئا.)

ٿِمي هَتان ٿرڻُ وَرس نا، هُون ٻي وَرس نِي ٻال
ننگر نيڏا ۾ پرڻيا، سنياورتي ڪال.

(تون ٽن ورهين جو هئين ۽ آءُ ٻن ورهين جي، تڏهن پاڻ ننگر نيڏا ۾ پرڻيا هئاسين.)

(ماروئل جو نَڪ ڪُنڊيو ۽ اک عجيب ۽ ڪَڪري آهي. مُنهڙو ڏسڻ جهڙو ڏند اڇا آهن.)

ڏوڪَ سرس ڪنڪ ڪَلَش، ڇاتيئَ ڇپائِي
اُڏر اوپر عجب ناپِي، نِرکي قير آوي

(سندس ڏِگهي ڳِڇي، ۽ ترڻ جونئري جي چوٽي جهڙا آهن ۽ وري من موهيندڙ چيلهه ڏسي چڪر اچي وڃي ٿو.)

هَسَتَ چَرڻ ڪَرڻ تِٽِي، ڪَرَتي پِرم لاڳي
هنستِي گهمنِي، رَسِيڪَ رَمٽِي، جوئي پريم جاڳي.

(هٿ ۽ پير سهڻا ڏسي ڏاڍي سُٺي پيئي لڳي، هنس جهڙي هلٽي ۽ رُوپُونَت رهٽي کي ڏسي اندر ۾ پريم پيدا ٿئي ٿو.)

مارو چالي مالَيتِي، چُوٽا ميلِي ڪيسَ
جاٽي چَتَر پَتِي چاليو ڪوئي نِماوڻ ڏيسَ.

(ماروئل پنهنجا سهڻا ۽ ڊگها وار چوٽي ائين هلي ٿي، ڄڻ ته راجا ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ چڙهيو آهي.)

تيل قُليل مِهڪتان، وار رهيا وِکراءِ
جاٽي چندن وَرَڪَش تي، پُجَنگا رهيو پيڙاءِ

(ماروئل تيل قُليل ڪري وارن کي چوٽي ٻيهي ٿي، تڏهن ڄڻ ته چندن جي وڻ تي ڪاريهر نانگ لٽڪي رهيو آهي.)

اڌ چندر ڪِرشڻ پَکَش، اَولوڪِي آوي خيال
اڌ ٽُڪڙو آوني مان، مارُو نو ڪپالَ

(مارُوَ جو چمڪندڙ ڪپار ڄڻ ته چنڊ جو اڌ ٽُڪر آهي.)

وِڪَر پِرگُوٽِي ڏيکَتان، پُولي باٽا وَلِي يانَ
ڪَر لَنباوي ڪارَمو سمجهي تِير سمان.

(مارُو جو نراڙ ڏسي تير هڻندڙ حيران ٿي ويا ۽ هوءَ جڏهن ڪر موڙي ٿي تڏهن تير ڪمان وانگر ڏسڻ ۾ اچي ٿي.)

وچن مٺڙو، چڪپل چتُون، پتورتا سگُوڻي
پورو جنم نان پُنيه هوءِ، اي مِلي سلوڻي.

ماروئڙ جا ٻول مِٺا، گفتگو ۾ چالاڪ ۽ پتورتا آهي، اهڙي حسين حور جنهن جا ڀاڳ سُٺا هجن تنهن کي ئي نصيب ٿئي.)

چوٽو چاري هاٿ، گوٿيو گوري ماٿسي
تي گُڻ ني وارِيلَ گانٺَ، ڍِري نٿي ڍولا !

(ماروئڙ گوري جي مٿي جي چوٽي ۾ ڏنل ڳنڍ پريم جي آهي، اي ڍولا ! ائين نه سمجهه ته ڪا اِها يڪدم ڍِري ٿيندي.)

ٻار ٻيجاڻي چال، ڏِگ تان ڏُگلا پَري
هنسلا جهڙي هال، مَتڪالي مارُو تٺي.

(ٻين استرين جي هلڻي کي ساڙي ڇڏجو، ڪهڙي نه خراب نموني سان هلن ٿيون. پر مارُوءَ جي لوڏ هنس سمان آهي.)

ٻارَ ٻيجانا وارَ اُرَ تِي اُونچا رَهيا
چوٽو چوسرِيال، ڪڙيئي هيٺو مارُو تٺو.

(ٻين استرين جا وار اُرهه کان پڻ مٿي هوندا آهن. پر هن ماروئڙ جا ڊگها ڪيس، چيلهه کان به گهڻو هيٺ لٽڪي رهيا آهن.)

شُڪ ڪنچُو سمَ ناسِڪا، نيڻ مرگهه مان
اُدَر لال پڙ والَ شا، ڪنٺ هنسِلي سمان.

(جنهن جو نَڪ طوطي جهڙو، مرگهه جهڙا نيڻ، مُخ جهڙا ڳاڙها چپ، ۽ هنس جهڙي ڳچي آهي.

ڏَنتَ پڪيتَ ڏِيپتي، هيرا ڪٺي هوءِ
گاتَرَ پر ڦُل گلاب سمَ اُرَ نارنگي سوءِ

(جنهن جا ڏند هيري جهڙا چمڪندڙ ۽ گلاب جي گل جهڙا ڳل ۽ نارنگين جهڙو اُرهه آهي.)

هيم بَرن ٻالڪ بدن، جهيڻ لَڪَ مِرگهه چَڪَ
سو سُندر ڪب وِسريءِ، جيرو ايڪ جِيوَ گُڻ لَکَه

(سندس سون جهڙو رنگ، ٻار جهڙو نازڪ بدن، سنهڙي چيلهه ۽ مِرگهه جهڙيون اکيون آهن اُها ڪيئن وسري جنهن جي جان هڪ ۽ گُڻ لک آهن.)

ڍولا! تاري ڏيس ۾، ڏيکتا تِينَ رَتَنَ
هيڪ ڍولو ٻيجي ماروئل، تِيجو ڪسُونبو رنگ

(اي ڍولا ! تنهنجي ديس ۾ ٽي هيرا آهن. هڪڙو ڍولو ٻي ماروئل ۽ ٽيون ڪنهنبو رنگ)

ٻينس مُکِي ڏيڏر لَڪِي، جاڈا چپ ڈپ چڪ
سو ڏائڻ ڪم سنيري، هيڪ جِيوَ ڏک لک

(تنهنجي مالوَني جو مُنهن مينهن جهڙو چيلهه ڏيڏر جهڙي، چپ ٿلها ۽ اکيون تمام سنهڙيون آهن. اها ڏائڻ ڪيئن ياد پوي جا هڪ جان ۾ لک ڏک آهن.)

هَڙَ وَڙَ هالي ٻڙَ ٻڙَ ٻولي، کِيچَ گهٽيرو ڪاءِ
ڍولا! تاري مالوَڻي، آنو ٻهر اُونگهاءِ

( اي ڍولا ! تنهنجي مالوَني جو هلڻ ڍور ۽ ڳالهائڻ ڪانوَ جهڙو تِکو ۽ ڪڙو آهي، ۽ سارو ڏينهن کائڻ ۾ ٽي وجائي ۽ اَٺ ٽي ٻهر ننڊ ۾ ستل آهي.)

ٻينڊِي جيرِي ٻتَلِي، ڪَرَ ڪيهر ڪٽو
اي ڏَڻَ ڍولا ڈاريئِي، ماٽي رَکي رَٽو

( اي ڍولا ! جنهن جو جسم سنهڙو ۽ چيلهه شينهن جهڙي سنهي هجي، اهڙو حسين هيرو سِرُ قرض ۾ رکي به هٿ ڪجي.)

ٻينڊِي جيرِي ڏُڳُ ڏگي، جهاجهي لَمٽي ليڪ
سوڌَڻَ ڍولا نه ڈارِيئِي، تيسِين ٻَليري ٻِيڪ

(اي ڍولا! مالوڻي جو جسم تلهو آهي ۽ نراڙ ۾ گهڻا گنج اٿس. اهڙي زال ڪڏهن به ڏاڻ نہ ڪپي، انهيءَ ڪان پنڻ ڀلو آهي.)

ماروئل ايسي پاتلِي، جيسِي ريڻَ ڪَجور
تورَّ ٻولِي گهڻَ سهو تو ڪيم ميلِي دُور.

(ماروئل ڪجيءَ جي وڻ جهڙي سنهڙي ۽ تور ڳالهائو آهي. اهڙي پدمڻي تو ڏور ڇو ڇڏي آهي.)

ماروئل ايسِي پتَلِي، ڏوٻو ڏان نہ کاءِ
ڏيکي ڏڻَ ڍولو ڏهڪِيو هاٿ ليڳي ڪَر ماءِ

(ماروئل اهڙي سنهي آهي، جو اَنَ جو گرانهہ بہ مس ٿي کائي، ۽ هٿ لڳائڻ سان ڪومائجو وڃي.)

سانگوءَ جيئن جيئن ماروئل جي ساراهہ ڪرڻ لڳو تيئن تيئن ڍولي کي اندر ۾ عشق جا تير کپندا ويا ۽ سانگوءَ کي منٿون ڪرڻ لڳو تہ ماروئل جا اجا وڌيڪ ڳُڻ ڳاءِ. سانگوءَ چارڻ جي واتان ماروئل جي سونهن ۽ محبت جو داستان سڻي ڍولو غش کائي ڪِري پيو ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو تہ حيف اٿم جو مارُوءَ جهڙي پدمڻيءَ کان پاسو ڪري مالوَڻي تي موهت ٿيو آهيان.

ڍمَر ڍُولِي پُشپَ ني، ڀينو ڀاول جائِي
مالوڻي ني موهہ مُن مارُو ڀولاڻِي گَئِي.

(ڍوٽر گل کي ڇڏي وڃي ٻير تي وينو. تڏهن مالوڻي جي ڪوڙي موهہ ۾ مون ماروئل کي وساري ڇڏيو.)

جُوتا نيڻ ڪَتا ڪَش ني، جُوتا وچن وَڏ نار
جُوتا هاوَ ڀاوَ سبِ، جُوتا تينا پيار.

(مالوڻيءَ جون اکيون اُبتيون، وچن ڪوڙا. پيار ڪُوڙو هر گفتار ڏنگي، رفتار ڏنگي ۽ هر ڪار بہ ڏنگي هئي.)

ڍولو من وياڪل ٿيو مارُو مِلَوا آج
هوت پانکُون اُڏ مِلتَ. سُلچڻي ني آج.

(ڏيولي جو من وياڪل ٿيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته پر هجن ته هڪ گهڙي به دير نه ڪريان، اُڏامي وڃي ماروءَ کي ملان.)

ڏيولي هڪ گهڙي به ترسڻ مناسب نه سمجهي، سانگوءَ کي تيار ڪيو ته مون سان گڏجي مارو وٽ هل، ۽ پاڻ ماروئل ڏانهن هلڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

پرنهين پانوَ نهين، پهچ نهين پيوُ دوُر
اُڏ نه سگهان سهيليان، مرون سُور به سُور.

--

پرهوءِ تو اُڏ ملون، مجهه نِت نِت مارَتَ پيڙَ
جِيوُن جِيوُن ساجن سنيري، تِيوُن تِيوُن لاگت تيرَ

--

هَر هَر ٽاڪس ماريو مهي وِلور تي هٿ
تڏڪِي وچڙي گورل، رهي گئِي ٿَر وَٿ

ڏيولي جي بي آرامي ۽ ماروءَ سان ملڻ لاءِ بيقراري جي خبر چند راولي ۽ مالوڻيءَ کي پئجي ويئي، تن ڏيولي کي ڊوهي وجهڻ لاءِ هڪ نئون گهاٽ گهڙيو. مالوڻي هار سينگار ڪري، ڏاڍي ناز نخري سان ڏيولي جي اڳيان وڃي وٺي چوڻ لڳي ته:

پراڻَ پِياري پرهَرِي، جاسو ڪيئا جِيوَنَ
ڪهي جادو گري جِيتيو موهن ٿُمارو من ؟

(اي پراڻ پيارا ! مون کي ڇڏي ڪيڏانهن تو وڃين " ۽ ٻڌاءِ ته ڪهڙي جادو گرڻ تنهنجو من جيتي ڇڏيو آهي.)

ڏيولي جواب ڏنو ته:

هَوي گمي نهين مُجهه نين، مالوني مُک تارُون
ڪَر مارُو مُوک نين، سانيِري مارو.

(اي مالوٽي! هاڻي تنهنجو منهن مون کي نٿو وڻي. منهنجي لاءِ ماروئڙل کان سواءِ سڀ اونداهه آهي.)

تڏهن مالوٽي چيو ته:

جُوڻي پَرَهَرِي پِريت، نئين ڪَرَ سونهين ناٿ جي
ٿَسو ڏکيا ڪَچيتَ، مالوٽي نِي پَرَ هَرِي

(اي ڍولا! پراڻي پريت ڇڏي نئين نه ڪر جو ته مون کي ڇڏي ڏکيو ٿيندين.)

ڍولي جواب ڏنو ته:

مارو ماري ڍيلڙي، هُون تينو مور
پَرٽيا تي ڏينهن پوڍِ تان، چت ٿيا چڪچور.

(اي مالوٽي! ماروئڙل منهنجي ڍيلڙي آهي، ۽ آءٌ اُن جو ٿي مور آهيان. شادي واري ڏينهن کان وٺي اسان جو من هڪ آهي.)

تنهن تي مالوٽي چيس ته:

پوڍو پلنگ ساهِبا، چرڻ سيوون هاٿ
رات نِي رات پوڍي رهو سُکي جاوَ جو پرڀات.

(ڍولا! هينئر تون پلنگ تي سمهي رهه ۽ صبح جو سک سان هليو وڃج.)

تڏهن ڍولو چوڻ لڳو ته مون سانگوءَ سان انجام ڪيو آهي ته هينئر ئي هلندا سين جيئن سج اُيرڻ کان اڳ هلي مارو سان ملون.

هوُن پريمي مارو ٿَڪو مارو ڪليجي نِي ڪور
نِشَچِيه جائي ني پيٿوُن، رَوي اُگمتي پور.

(آءٌ هاڻي مارو جو ٿي آهيان ۽ مارو منهنجي آهي. مون اهو ارادو ڪيو آهي ته سج اُيرڻ کان اڳ ۾ وڃي مارو سان ملندس.)

تڏهن مالوني چوڻ لڳيس ته:

ڪاري انڌاري راتڙي، واٽَلَڙي وِڪَٽَ اپار
راجوي اڪيلا جَوائي نهين، اٽڪو پِراڻ آڌار.
(اي ڏولا ! اڄ اونداهي رات آهي، تنهنڪري واٽ ڀلجي ويندين.
اڪيلو وڃڻ جان جوکي ۾ وجهڻ برابر آهي.)
پر ڏولو چئي ته:
چوڙ چاڪرَ ني ڀلو راتڙلي پنٿَ
ايڪ رات ۾ جائي مِلون، جو هَوئان ساچو ڪنٿَ.
(چوڙ چاڪر ۽ رات جو پنڌ ٺيڪ ڀلا آهن. جيڪڏهن سچو ڪانڌ
آهيان ته رات وچ ۾ ئي وڃي ماروئڙ سان ملندس.)
مالوڻي سمجهي وئي ته هاڻي ڏولو نه ترسندو سو اُٺ کي چوڻ لڳي ته:
ڪوڙو ٿا نان ڪرَ هيليا ! ڪَرو رَهي جاءِ
مارونِي مِلوا جا تو اٽڪي ڏولو راءِ
(اي اٺ ! تون منڌو ٿي وڃ. اهڙيءَ طرح جيئن مارو سان ملڻ وارو ڏولو
وچ رستي ۾ رهجي وڃي.)
ڪوڙو ٿا نان ڪرَ هيليا ! نَريئي سِيچا وَيَس ٿيل
ٻنڌا وِيَس اونڌي پونٺري، نِيرا وِيس ناگَر ويل.
(اي اٺ ! جيڪڏهن تون منڌو ٿي هلندين ته توکي ججهو تيل
ڏينديس ۽ انڌاري ٻيري ۾ ٻڌي ناگر ويل چارينديس.)
وري مالوڻيءَ جي ساهيڙين اچي اٺ کي منٿ ڪئي ته:
ڏولو ڏوئي ڏوتيا، مالوني ڏان نه ڪاءِ
ڪوڙو ٿي تون ڪر هيليا، ڏولو گام مَ جاءِ
(ڏولو اڄ گام وڃڻ لاءِ سنبري پيو آهي ۽ مالوڻي اناج ڪاڻڻ ڇڏي ڏنو
آهي، تنهنڪري اي اُٺ ! تون منڌو ٿي جيئن ڏولو پرديس وڃي نه سگهي.)
مالوڻيءَ جي ڳالهه ٻڌي اُٺ چوڻ لڳو ته:

ڪوڙو ٿائُون تو ڏام ڪائون، ٻانڏيو ٻُک مرون
جائُون ڍولي ري ساسري، هَريا مُگ چرون.

(اي مالوڻي ! جي منبو تو تيان تہ ڏنييندم يا تہ هڪڙي هنڌ ٻڌو بک مرندس، پر ڍولي جي ساهرن ۾ ويندس تہ ساوا مگ چرندس، تنهنڪري منبو نہ تيندس.)

اُن جي انهيءَ جواب تي مالوڻي، اُن جي پيرن ۾ لوهہ جا ٽڪرا هڻائي ڪيس هلڻ ڪان رد ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ بہ نااميد ٿي ماٺ ڪري ويهي رهي. ڍولو بہ سهي سنبري توڏن وٽ اچي پڇڻ لڳو تہ:

ڳُوڻَ ڳلَ پانڏا گهُوگهرا، ڪَرُڻ پِيٺ پانڏاڻ ساج
اهڙو ڪِيئو ڪر هيليو جو مارو مِلائي آج.

(ڪهڙي اُن جي ڳچيءَ ۾ گهنگهرا ٻڌان ۽ ڪنهن جي پٺيءَ تي سنج رکان؟ اهو ڪهڙو اُٺ آهي جو مون کي راتو رات مارو سان ملائيندو؟)

تڏهن اُنن سان پهريندڙ ربازي چوي ٿو تہ:

آڳلَ ٻانڏو گهُوگهرا، پِيٺي لاڏو ساج
آپَوَنَ ويگ ڪرهيليو مارو ملائي آج.

(ربازي چوي ٿو تہ: هي واءُ ڪان وڌ تيز وارو توڏو آهي، هن کي سينگاري ڪاهي وڃ تہ توکي اج رات ئي مارو سان ملائي.)

مالوڻيءَ کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن توڏي کي چوڻ لڳي تہ:

پيجا ڪم نہ ٻوليا، تون ڪم ٻولي توڏ
پيڙي يانگا پاسڙي ماتو ڪاسي ڏر روڏ

(اي توڏا ! ٻيا ڪُڇيائي ڪونہ تو ڇو ٻوليو ؟ تنهنجا هڏ ڳُڏ جدا ڪنديس ۽ مٿو ڪانوَن کي اڇلائينديس.)

پر اٺ مالوڻيءَ جي دڙڪي ڪان ڊنوئي ڪونہ. ڍولو بہ مٿس پلاڻ پاکڙو رکي ڍٽ ڏانهن ڍري پيو.

ڪاڇي ڪَرهو پلاڻيو ڪونئَر ٻارا ويسَ
ڍولي منڙو هيريو جاءِ مارو ري ڏيس.

(ڍولي ڪاڇي اٺ پلاڻيو ۽ ان کي سنجيو ڍولي جي من چڪ ڏني آهي، هاڻي هو مارو جي ملڪ ڏي تو وڃي.)

اونيڙا اوناڙ جائو ون پونگل پُوچتان
تون مارگ وَتاڙ چڙهي جائون جهپتي.

(اي اُتن ۾ پهريندڙ اوناڙ! پونگل جو رستو ڏيکار ته ڪٿان واٽ وڃي ٿي.)

سامهين نوڙُ ري جوڙ ڪوُنئر ڪَسُنو نبَل ڪپڙي
ڏائو مارگ چوڙ جَيٺو پونگل جاوسي.

(سامهين وڏي ڏَهرِ وڃي ٿي. ان جي موڙ وٽ وچڻ سان ٻه رستا ايندا، ڏائي رستي کي ڇڏي مارگ وٺندين ته اهو پونگل ويندو.)

سائِي پانک را سُونويتا، پيٺو ڏاوي هٿ
ڪاپونگل ري مارگي ڪا چال هماري سَٿَ

(ساون کنين وارا ڇتوُن! تون ڏائي هٿ تي ڇو ويٺو آهين؟ يا ته مون سان گڏ پونگل جي مارڳ تائين، يا نيٺ مون سان گڏ هلندين.)

سج لهي ويو پر ڪرهي اجا تر نه ڇڏيو هو. تڏهن ڍولو چوڻ لڳو ته:

ڏينهن گيو ڏَرَ ڏونگري، وَهَيا گِيا وَري
ڪارِي ڪاڏي ڪرهي ني، راکيو رَڻ ٿري

(اي اٺ! هاڻي سج لهي ويو آهي ۽ وهيا پکي به پنهنجن آکيرن ۾ وڃن ٿا. توکي نانگ کائي جو مون کي رڻ ۾ اچي روليو اٿئي.)

تڏهن اٺ چوڻ لڳو ته:

ڪَڏَ پَڳان راتَڪڙا، ڍيلي ڇڏ مُهار
هلان ڍولي ري ساهري، گهر گهر ڏيان جهار.

اي ڍولا مالوڻي منهنجي پيرن ۾ لوهہ جا ڪِير هٽائي ڇڏيا آهن، اهي ڇڪي ٻاهر ڪڍ ۽ پوءِ مهار ڍري ڪر تہ ترت ئي تنهنجي ساهرن ۾ پهچي ويندا سين.)

ڍولي اٺ جي پيرن مان لوهہ جا ڪلا ڇڪي ٻاهر ڪڍيا ۽ مهار کي ڍرو ڇڏي ڏنو تہ ترت ئي پونگل گڍ پهچي ويا. پونگل گڍ جي ٻاهران هڪڙو کوهہ هو ماروئل پنهنجي سهيلين سان گڏ انهيءَ کوهہ تان پاڻي پئي ڀريو تہ ڍولو بہ اُٺ تي چڙهي اُتي اچي پهتو. اُٺ سڃي واٽ جو اڃايل هو سو پاڻي پيڻ لاءِ آواڙي ۾ گهڙيو تہ ماروئل اُٺ کي زور سان سونٽي وهائي ڪڍي تڏهن اُٺ چوي ٿو تہ:

هون ڍولي رو ڪرهو تون ڍولي رِي نار،
ڪُتا ڪَنَڻَ رِي ڪانبڙِي، ڪرهي ني مت مار.

(اي مارو! تون ڍولي جي نار آهين، ۽ آءٌ ڍولي جو اُٺ آهيان. مگر تو منهنجو قدر نہ ڪيو جو ڪُتي کي مارڻ واري سونٽي مون کي هنئي اٿئي!)

ان جي جواب ۾ ماروئل چوي ٿي تہ:

مين جاڻيو پاڻيان رو ڪرهو جاسي جيسلمير،
جي هوئين ڍولي رو ڪرهو تو وري آئي گهير.

(مون ڄاتيو هي اُٺ پاڻين جو آهي، جو جيسلمير ڏانهن وڃي رهيو آهي. جيڪڏهن ڍولي جو اُٺ آهين تہ وري آواڙي ۾ گهڙي پاڻي پيءُ ڍؤ ڪر.)

تون ڍولي رو ڪرهو هُون ڍولي ري نار،
هُون آنگڻ ري ڏاسڙِي مارؤُ راجڪمار.

(تون ڍولي جو ڪرهو آهين تہ آءٌ ماروئل ان جي اڱڻ جي ٻانهي آهيان.)

اُٺ کي مارؤُ جي سونٽي سيني ۾ سخت گهاءُ ڪيو هو سو وري ڪاوڙ مان هيئن ڪُرڪڻ لڳو تہ:

پاڻي مَني نہ ياوَسي، پونگل ري کُوئي،
آوَسَر وائِي ڪانيڙي، وسِرَ سي مُوئي.

(اي ماروئل ! هاڻ پونگل جي کوهہ جو پاڻي پيئڻ حرام آهي. اها تنهنجي سونٽي مون کي مري وڃڻ کان پوءِ وسرندي)

مارُو ڏَڻ مُرڪو ڪيو ڏيکي ڍولو ڪَنت،
ڇُهُون ڏَس چمڪو پيو ڏاڙَمَ لکيا ڏَنت.

(مارو پنهنجي ڪانڌ ڍولي کي ڏسي جڏهن کلڻ لڳي، تڏهن ان جي ڏاڙهون جهڙن ڏندن چئني ڍِسين ڏانهن بجلي جهڙو چمڪاٽ ڪيو.)

ٿَر ٿُوهَرَ ڪيجڙ گهٽا، اونڏو جَل آتاهہ
ڍولو پُوڇي ماروئل، اِتنو روپ ڪتا.

(ٿر ملڪ ۾ ٿوهرن جا ڪيجڙ وڻ گهٽا، جتي کوهن جو پاڻي بلڪل هيٺ (کوهہ اونها) ڍولو ٿو ماروئل کان پڇي تہ تون ههڙو حسن ڪٿان آندو؟)

ڍولي ۽ ماروئل سڄي رات محلات ۾ ويٺي رهاڻ ڪئي ۽ اُٺ جي ڪابہ سار ڪانہ لڌائون. جيڪو هڪ رات ۾ سؤ ميل پنڌ ڪري آيو هو. جڏهن صبح جو اچي ڍولو اُٺ کي ڏسي تہ اُٺ ڪاوڙيو ويٺو آهي. اُٺ ڍولي کي ڏسي چيو تہ:

ڪاري مٿي رومانوِي، ڌوري مٿي رو اُنٺَ،
نِگٽان سي گڻ ڪريا، تاٽي ٻڌِيو ٺُونٺَ.

(ڪاري مٿي وارو ماڻهو ۽ اڇي رنگ وارو اُٺ. بيگٽي سان گڻ ڪيم، جنهن وري ٻنڌ سان ٻڌي ڇڏيو.)

ائين چئي اُٺ اُتي جو اُتي ڪِري پيو ۽ مري ويو. چون ٿا تہ ڍولو جڏهن ننگر ٺيڏا کان نڪري ٿر ڏانهن سانباهو ڪيو تڏهن ظالم جالمِ سين اگ ۾ ٿي هڪ اوٺيسوار کي عمر ڪوٽ ڏانهن امري سومري ڏي قاصد ڪري

موڪليو هو ته تر مان ماروئڙل کي ڪيئن به ڪري ڪڍي اچ. ان وقت عمر ڪوٽ ۾ "امري سومري" جو زور هو. قاصد پهچڻ تي امرو سومرو ماروئڙل کي راتو رات ڪڍي اچا عمر ڪوٽ پهتو ئي ڪونه ته واٽ تي ڍولو اچي رسيو ۽ امري کي سخت شڪست ڏيئي ماروئڙل کي واپس مائٽن ۾ وٺي آيو ۽ اتي ڪيترا ڏينهن رهڻ بعد ٻئي ڄڻا سک سلامتيءَ سان پنهنجي راڄڌاني ۾ ديس ننگر نيڏا ۾ اچي پهتا. چندراولي، جالم سين ۽ مالوڻي جي منهن ۾ ڌوڙ پيئي. ڍولي، مالوڻيءَ کي پنهنجي راڄڌاني مان هڪالي ڪڍيو ۽ پنهنجي ماروئڙل سان ملي محبت جون گهڙيون گهارڻ لڳو.

✿

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK - XXXV

# POPULAR FOLK STORIES

## (THE ROMANTIC STORY DHOL-MARU)

**Compiled & Edited**
**By**

**Dr. N.A.Baloch**

M.A., L.L.B. (Aligarh)
M.A., Ed.D. (Columbia, N.Y)
Director Sindhi Folklore & Literature Project.

**Sindhi Adabi Board**

**Jamshoro, Sindh**

**2020**

[All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board]

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1st Edition | August | 1969 | 1000 Copies |
| **2nd Edition** | **February** | **2020** | **1000 Copies** |

No part of this book may be reproduced in any form or by any electronic mechanical means, including storage and retrieval system, without express permission in writing from the publishers.

**[Price: Rs 400 – 00]**

**Available at**

SINDHI ADABI BOARD'S KITAB GHAR

Tilak Incline, Hyderabad, Sindh

**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)**

email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

**Printied by Khizer Khan Wighio, Manager Sindhi Adabi Board's Printing Press Jamshoro, Sindh & Published by Mr. Syed Sikander Ali Shah Secretary Sindhi Adabi Board Jamshoro, Sindh.**

# PREFACE

This is the thirty-fifth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on the Project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, 22 volumes have been published and this is the twenty-third of the forty volumes proposed to be published under this project.

A series of ten volumes (No. 28-No. 37)[1] under the project is planned to codify the more popular and time honoured 'Folk Stories'.2[2] This volume containing the story of 'Dhol-and-Maru' is one of the seven volumes (No. 29-No. 35) of this series covering specifically the most popular stories with love and romance as their central theme. This is one of the romantic stories which gained popularity and came to be narrated by the professional bards and minstrels during the course of centuries. Some of its versions indicate the more developed form of 'artistic narration' wherein the prose style is vitalized with the introduction of *gahun* (rhymed verses)[3] and the narration is raised to the musical form of recitation-cum-singing.

In substance, the story of Dhol-Maru runs as follows: 'The famine having stricken his lands, the king migrates to another country where he is received most cordially by the local ruler. Both then become friends, and when a son (Dhol) is born to the one and a daughter (Maru) to the other, they marry them when they are still children under the care of their parents. The guest king eventually returns to his own country, years roll by, the parents die, and the children (Dhol and Maru) grow up separately in their own countries. As Dhol attains youth, he is captivated by a crafty girl of his country who knows about his early marriage with Maru, and contrives to keep him absorbed so that he forgets all about her. But Maru does not forget Dhol and she sends him messages which apparently do not reach him. When Dhol fails to respond and Maru knows the reason, she Sends him most affectionate messages telling him that she was no more the little

---

[1] With the discovery and accumulation of more information at a later stage, the earlier plan of seven volumes (No. 28 to No. 34), referred to in the'Preface'to'Vol. 34', was revised and extended to ten volumes.

[2] As differentiated from 'Folk Tales' (see prefaces to Vols. 27 and 29).

3. For *gahun*, see preface to Vol. 27.

girl he had Seen long ago; now she was in the prime of her youth and a paragon of beauty.

These messages finally reach Dhol, and being moved by them, he decides to leave for Maru. A young swift-footed camel plays the important role of carrying him to her. The villain girl pierces iron nails into the camel's feet to prevent Dhol from reaching his destination; but on the way, Dhol discovers the camel's plight, takes out the nails and finally meets Maru.

Maru and Dhol pass some days together there, and when Dhol intends to return to his own country, a local chief attempts to snatch away Maru from him. This trial is but short-lived, and Dhol and Maru join together and return safely to Dhol's country. The design of the villain girl stands defeated and the two live together a happy life.'

Eleven differing versions of this story have been recorded, nine from the oral tradition current in the Hyderabad, Sanghar and Tharparkar districts of Sindh region (W. Pakistan) and two from the printed sources which represent the tradition of the adjacent lands of Marwar and Gujrat. The 'story' is known in the southern and central parts of West Pakistan, and also in the adjacent Indian territories of Rajputana, Bikaner, Jesalmer, Jodhpur, Kachh and Gujrat. Its epicentre, as determined by the different versions, lies in the Southwestern part of the Lower Indus Valley of Sindh and the adjacent territories of Marwar.

The substance of the story (the early engagement and separation of Dhol and Maru and their later reunion after trials and tribulations) remains the same in all the versions, but they differ in subisdiary details, such as the nomenclature of personal and place names, the original home lands of the parents of Dhol and Maru and the circumstances bringing them together, the name and position of the crafty girl who ensnares Dhol, the way Maru succeeds in getting her messages across to Dhol, the way Dhol plans to leave by riding the swift-footed camel to meet Maru, and the name, position and plans of the local chief who tries to snatch away Maru from Dhol.

The appeal of the story lies, mainly, in the circumstances attending the initial marriage and the long separation between Dhol and Maru, the romantic messages of Maru depicting the details of her physical beauty and charm, and the role of the swift-footed camel who carries Dhol but suffers from the iron-nails pierced into its feet.

'Dhol-&-Maru' is predominantly a 'story' but it also contains some features of 'tale' whereby the animals (camel, donkey) and the birds (flamingo, swan) also speak. This indicates that as compared to the other 'Romantic Stories' this story is of an earlier origin.

University of Sindh,
Hyderabad, Pakistan.
December 12, 1960.

**N. A. BALOACH**
*Director*
*Folklore project*

